# ڀُٽي کان ضياء تائين



شيخ عزيز

سياسي منظر نامو ـ ②

# پُٺي ڪان ضياء تائين

شيخ عزيز

*Bakh Publications*
*E-24, Naveed Bungalows,*
*Block-17, Gulstan-e-Johar, Karachi*

حق ۽ واسطا محفوظ ©

ڪتاب: سياسي منظر نامو_ 2

ڏٺي ڪان ضياء تائين

مصنف: شيخ عزيز

موضوع: سياسي اپياس

پهريون ڇاپو: فيبروري 2011ع

ڪمپوزنگ: سليم اختر پيرزادو

ڇپائيندڙ: طارق عزيز شيخ، باڪ پبليڪيشنز

E_24 نويد بنگلوز بلاڪ_17،

گلستان جوهر، ڪراچي

قيمت: 400/= رپيا

I.S.B.N: 978-969-9562-10-5

ملڻ جا هنڌ

ٿامس اينڊ ٿامس، ريگل چوڪ، صدر ڪراچي: فون: 35682200

ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، اردو بازار ڪراچي، فون: 32638025

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 23 ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد

نيشنل بوڪ ڊپو بندر روڊ لاڙڪاڻو فون: 4042574

ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر

اظهار سنز اردو بازار لاهور، فون: 7220761

مسٽر بڪس، سپر مارڪيٽ، اسلام آباد فون: 2278843

# فهرست


| | |
|---|---|
| ٻه اکر | 01 |
| • ڪال ڪونڙي مان لکيل خط • حالتن جو تسلسل | 05 |
| • هڪ مغالطو | 10 |
| • اوير پاڪستان تي بحث • حمود رپورٽ ڪيڏانهن ويئي؟ | 15 |
| • هم آهنگيءَ جي ڪوٺ • قوم سان عهد | 24 |
| • پوليس جي هڙتال • اڳتي جي ايجنڊا | |
| • زرعي سڌارا • انتظامي ڪلين اپ • قومي ملڪيت ۾ وٺڻ | 28 |
| • سياسي فضا • پيئي جي ايجنڊا | 33 |
| • عبوري آئين جي تياري • نعپ جي يو آءِ سان ناهه | |
| • بنيادي حق • دفاع پاڪستان قوانين • شملہ ناهہ • سرخرو پيئو | 39 |
| • قصوري جي عليحدگي • ٽہ ڌريو ناهہ • خان قيوم جو ڪردار | 49 |
| • عبوري آئين نيون ڳالهيون • صوبائي خودمختاري | 54 |
| • هڪ سال ڏکيو زمانو • غفار جي واپسي • مايوسي | 61 |
| • پيئي جو سياسي ڪلچر • مستقل آئين جي تياري | 66 |
| • بي اعتمادي جي فضا • نين چونڊن جي گهر | |
| • ڪهڙي حڪومت، ڪهڙو آئين؟ • آئين ناهڻ جا خطرا ۽ تنڻ جا انجام | 72 |
| • پاڪستان جو پهريون متفقہ آئين | 80 |
| • آئين سازي ۾ مشڪلاتون • بعد جون حالتون | |
| • باقي رهيل معاملا • حمودالرحمان ڪميشن • قاديانين تي پابندي | 88 |
| • اسلامي سربراهي ڪانفرنس | 94 |
| • نعپ تي پابندي • ولي خان تي ڪيس مزاري ميدان ۾ | 99 |
| • يونائيٽيڊ فرنٽ جو قيام • ايمرجنسيءَ بابت اعلان | 103 |
| • سرحد، بلوچستان جي صورت • سينيٽ ۾ وڏيڪ سيٽون | |
| • آئين جو نفاذ • تاريخ ساز ڏينهن | 112 |
| • جنگي قيدين جي واپسي جو ناهہ • بلوچستان ۽ سرحد ۾ ڪارروايون | |
| • آپريشن نائيٽ جيڪال • هندستان جو ايٽمي ڌماڪو • شير پائو جو قتل | 116 |
| • وچ مدتي چونڊن جي ڳالهہ • پارٽي ورڪرن جون شڪايتون | 121 |
| • چونڊن جو اعلان • خوشامدين جي فوج | 125 |

- ڪامورا شاهي ۽ عوامي رابطو 130
- چونڊون ٿيون، ڌانڌلي جا الزام •اتحاد جي ليڊرن جي گرفتاري 133
- ڌانڌليءَ جو تاثر •ڀُٽي جي ڳِٽِي •ائين چو ٿيو؟ 141
- جزوي مارشل لا • ڳالهين تي رضامندي 147
- غير ملڪي هٿ جي ڳولا •لاڳاپن جو نئون دروازو 152
- ايٽمي پلانٽ •ڊاڪٽر قدير 157
- ڳالهين جو انتظار •شاهه جي طرف سفر •ڪر جي مقرري 162
- آخري فيصلو • اصغر خان جي هوڏ 172
- ريفرنڊم جي تجويز 'آپريشن فيئر پلي' •معزولي ۽ گرفتاري 179
- ڀُٽي خلاف ڪيسن جي تياري •غير سياسي بلدياتي چونڊون 185
- اسلامي نظام آڻڻ جو وعدو •هٿ ڪپڻ ۽ ڦٽڪن جون سزائون 191
- ائين چو ٿيو؟ • گهٽيون راهون 197
- ضمانت تي رهائي •مقدمو فيصلو •ڦاسي 202
- آخري گهڙيون 210
- هڪ پر آشوب دور • مستقبل لاءِ اميد افزا ماحول 223
- ڀُٽي کي مارڻ جو فيصلو ڪڏهن ٿيو؟ •سياستدانن جون منٿون 230
- ڀُٽي دور جا چند چهرا 239

حنيف رامي 240
ڊاڪٽر مبشر حسن 242
جي اي رحيم 243
اجمل خٽڪ 244
سردار عطاءُ الله مينگل 246
غلام مصطفيٰ جتوئي 248
خان غفار خان 250
خان عبدالولي خان 252
پير پاڳارو 253
نواب اڪبر بگٽي 256
اصغر خان 260
مولانا شاهه احمد نوراني 262
حيات محمد شير پاؤ 263
حفيظ پيرزادو 264
ممتاز علي ڀٽو 265
مولوي مشتاق حسين 267

# ٻه اکر

سال 2008ع ۾ منظر عام تي آيل منهنجي ڪتاب 'تقسيم کان تقسيم تائين' ۾ اهو ٻڌايو هئم تہ پاڪستان جي سياسي تاريخ لکڻ وقت اهو خيال هئو تہ ان وقت تائين جا واقعا هڪ هنڌ جمع ٿي سگهن. پر جڏهن پنهنجون گڏ ڪيل هزارين ڪلپنگس، تبصرن، اداريہ ۽ نوٽس ڪٺي ان کي لکڻ جي ڪوشش ڪيم تہ (1947ع) کان بنگلاديش (ڊسمبر 1971ع) تهڻ تائين جا واقعا هڪڙي ضخيم جلد ۾ اچي سگهيا. هڪ اخبار واري لکندڙ جي حيثيت ۾ اها منهنجي ڀرپور ڪوشش رهي تہ اختصار کام ڪم وٺان پر اهو اختصار ڪهڙي ڪم جو جنهن ۾ بنيادي حقيقتون بيان نہ ڪري سگهجن. تنهنڪري اهو فيصلو ڪيو هئم تہ تاريخ جي باقي رهيل حصي کي ٻہ ٻئي جلد ۾ آڻي ۽ شايع ڪجي. تنهنڪري هيءَ ڪتاب 'ڀٽي کان ضياء تائين' اوهان جي هٿن ۾ آهي. مون کي اندازو هئو تہ اهي سمورا واقعا ٻئي جلد ۾ بہ ڪونہ اچي سگهندا تنهنڪري ٽيون جلد بہ آڻو پوندو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ان جلد ۾ واقعن بيان ڪرڻ جي Cut off line ڪٺي هجي.

تاريخ نويسي سان جيڪا جٽ پوري دنيا ۾ ٿي آهي تهڙي ڪنهن ٻئي موضوع سان ڪانہ ٿي آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ تہ وري اهو ويل ڪجهہ گهڻو ئي وهايل آهي تہ هر ماڻهو واقعات کي پنهنجي زاويي ۽ رنگين شيشن سان ڏٺو آهي ۽ هر اهو واقعو جنهن ۾ سندس (مورخ) پسند شامل ناهي انهيءَ کي يا تہ بنهہ گم ڪيو ويو يا وري اهڙيءَ طرح مسخ ڪيو جو خبر نٿي پئي تہ هن واقعي جا

محرڪات ڇا هئا. پردي پويان ڪهڙا ڪردار هئا يا وري هن واقعي جو مطلب ڪهڙو هئو. انهيءَ سلسلي ۾ ايوب خان جي مارشل لا ۽ پوءِ زوري مڙهيل بنيادي جمهوريت واري حڪومت (اڪتوبر 1958ع - مارچ 1969ع) دوران سنڌ ۾ هڪ فوجي ايڊمنسٽريٽر طور آيل ڪمانڊر برگيڊيئر (ان وقت) ٽڪا خان جي چئن سٽن جي هڪ حڪم سان اسڪولي نصاب مان سنڌي ٻولي پڙهڻ ڪڍيو ويو ۽ ظلم ته اهو آهي ته انهيءَ هاڃي تي ٿيندڙ ردعمل کي نه ڇاپڻ جي اجازت هئي نه وري ڪنهن ان کي ڊبيل لفظن ۾ منظرعام تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهيءَ صورتحال لاءِ ڪير ذميوار آهي، تاريخ ساز يا تاريخدان. اهو فيصلو به انهيءَ مورخ کي ڪرڻو آهي، جيڪو بعد ۾ تاريخ رقم ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃي ٿو. هن ويچاري لاءِ اها گهڙي ڏاڍي اذيت ناڪ ٿئي ٿي جڏهن هو گوڏا ڪوڙي لکڻ شروع ڪري ٿو. اذيت ناڪ هن ڪري جو واقعن کي هو معروضي طور بيان نٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ صاحب اقتدار جا اهڙا قدم به هوندا آهن جن ۾ اجتماعي مفاد بدران ذاتي مقاصد مطلوب هوندا آهن. شاعر ته تمثيلون استعمال ڪري پنهنجي ڳالهه چئي وڃي ٿو پر ان ۾ وري اهو ظلم آهي ته اهي سمجهڻ لاءِ ان وقت جي تاريخ ۽ واقعات جي تسلسل ۾ ويهڻو پئي ٿو پر تاريخ نويس کي اهو پس منظر ئي ته بيان ڪرڻو هوندو آهي، جيڪو هر صاحب اقتدار انفرادي طور يا اجتماعي طور عام ڪرڻ نه ٿو گهري. هن سلسلي ۾ تاريخ مظهرشاهجهاني جو مثال ڏئي سگهجي ٿو پر هن لکندڙ کي خبر هئي ته هو ان تحرير ۾ بيان ڪندو ته بادشاه/گورنر جي ظلم کان بچي نه سگهندو. اها ئي ڳالهه آهي ته تمام گهٽي عرصي کانپوءِ اها تحرير حاصل ٿي ۽ گذريل صدي ۾ ان کي منظر عام تي آندو ويو. ويجهڙ واري عرصي ۾ صدام حسين ۽ شهنشاهه ايران جا مثال ڏيئي سگهجن ٿا جن هر طرح عوامي ردعمل دٻايو. ايستائين جو هڪ ڏينهن انهيءَ ردعمل انقلاب جي صورت اختيار ڪري ورتي.[×] صدام حسين به اهو ئي ڪندو هو.

پاڪستان ۾ به حالتون انهيءَ کان ڪي مختلف ڪونه رهيون آهن. عام آواز

---

[×] شهنشاهه ايران ته هڪ فورس 'ساوڪ' جي نالي قائم ڪري رکيو هئو جيڪو اَٽ ئي پهر پنهنجن مخالفن جي نشاندهي ڪرڻ، اغوا ڪري انهن کي ماٺ ڪرائڻ ۾ رڌل رهندو هو. اغوا ڪرڻ، کين معذور ڪرڻ يا قتل ڪرڻ عام سزائون هونديون هيون. موجوده اسلامي حڪومت انهن اقدام جي ردعمل طور وجود ۾ آئي.

کي دٻائڻ لاءِ مختلف حڪومتن ڪهڙا ڪهڙا ظلم نہ ڪيا. ون يونٽ جي آڙ ۾ اخبارن تي پابنديون عائد ڪيون ويون. انهيءَ حد تائين جو اخبارن جي پيشاني تان سنڌ جو نقشو راتو رات هٽرايو ويو. سچ رپورٽ ڪندڙ اخبار وارن کي جيل جون هوائون کارايون ويون. اخبارن کان نقد ضمانتون طلب ڪيون ويون. هنن تي اشتهارن جي ذريعي مالي دٻاءُ وڌا ويا. جن اخبار وارن اديبن ۽ شاعرن کي آزاد خيال سمجهيو ويو تن جي سرڪاري ادارن ۾ داخلا ۽ نالو وٺڻ تي پابندي عائد ڪئي، انهيءَ حد تائين تہ شيخ اياز جي ڪلام کي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان نشر ڪرڻ تي پابندي هئي.

ڳالهہ ايستائين نہ ٿي کُٽي، گهٽن جي آواز بلند ڪرڻ لاءِ ڪين زندگيءَ تان هٿ ڌوئڻو پيو. انهيءَ سلسلي ۾ حسن ناصر، نذير عباسي، حميد بلوچ جا مثال سياسي ڪارڪنن جي دلين ۾ اڃا تازا آهن.

اهي ئي تاريخ جون حقيقتون آهن، جن راقم کي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ راغب ڪيو هن ڪري نہ تہ انهن ۾ بادشاهن، حڪمرانن، ٻين اقتدار جي صاحبن جي تعريف جا گيت ڳايا ويجن پر هيءَ تہ حقيقتون اڳيان اچن ۽ رڪارڊ درست رهي. راقم کي معلوم آهي تہ تاريخ جا ڪيئي اهم شاهد گم ٿي چڪا آهن، ڪجهہ ميسارجي چڪا آهن ۽ جيڪڏهن باقي بچيل رڪارڊ کي محفوظ نہ ڪيو ويو تہ ايندڙ نسلن کي اسان ڪجهہ پيش نہ ڪري سگهنداسين.

هيءَ تہ آءٌ اڳ بہ چئي چڪو آهيان تہ هڪ اخبار واري ۽ هڪ پروگريسو اديب جي حيثيت ۾ مون گهڻا ئي واقعا پنهنجي زماني ۾ ڏٺا يا وري انهن کي ڇاپڻ دوران نظر آيا. ۽ انهن کي معروضي طريقي ۾ رڪارڊ ڪرڻ دوران بہ حقيقت جو دامن هٿان ڪونہ ڇڏيو آهي.

حتي الوسع ڪوشش ڪئي آهي تہ واقعا جيئن رونما ٿيا آهن انهن کي ائين ئي بيان ڪجي پر حقيقتن جي اظهار ۾ ڪا سهو رهجي ويئي هجي تہ ان جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ راقم شڪر گذار رهندو.

هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ راقم جا پنهنجا نوٽس، هزارين اخباري ڪلپنگس ۽ ذاتي يادون مددگار ثابت ٿيون پر انهيءَ سان گڏ هنن تحريرن بہ مدد ڪئي: صاحبزاده فاروق علي خان – جمهوريت صبر طلب، ڪرنل رفيع الدين – *بھٹو کے آخری 323 دن*، روئيداد خان – *پاکستان انقلاب کے دہانے پر*، ڪوثر نيازي – *اور لائین کٹ گئی*، ستيش ڪمار – دي نيو پاڪستان، سيد شبير حسين- ايوب، ضيا اينڊ ڀٽو

رشيد بٽ – کال کوٹھڑی سے ذوالفقار علی بھٹو کی آخری تحریر.

هي ڳالهه راقم اڳ بہ چئي چڪو آهي تہ موضوع جي لحاظ کان پاڪستان ۾ هي ڪا آخري تحرير نہ هوندي البتہ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪوئي ڪتاب منظر عام تي ڪونہ آيو آهي. ڳوڙهي اڀياس ۽ بهتر کان بهتر جي تلاش هميشہ رهي ٿي، تنهن لحاظ کان هن ۾ ڪا خامي رهجي ويئي آهي تہ ان جي نشاندهي جي آجيان ڪئي ويندي.

ڪراچي،
پهرين فيبروري، 2011ع

شيخ عزيز

# ١

## •ڪال ڪوٺڙي مان لکيل خط
## •حالتن جو تسلسل

پنجين جولاءِ 1977ع جي صبح ويل جڏهن پيءُ صاحب کي سهالا نيو پئي ويا تہ پي اين اي جي ليڊرن کي خبر هئي تہ ڇا ٿيڻ وارو آهي. پيءُ کي ڪجهہ وڏيڪ ئي اندازو هو. هن جي اکين آڏو اهي سمورا منظر اچي چڪا هئا جيڪي ان ڪانسواءِ ماڻهن کي نظر آيا يا مولوي مشتاق حسين پيءُ صاحب کي موت جي سزا ٻڌائي يا 4 اپريل 1979ع تي هڪ جعلي ڪيس ۾ ڦاسائي ڦاسي گهاٽ تي هڪ عظيم ليڊر جي سر کي سجائي رکيو ويو.

وقت جي اها ڏارا وهڻي هئي. سال 1978ع ۾ جڏهن هو ڪال ڪوٺڙيءَ جي هڪ سرد رات گذاري رهيو هئو تہ هن پنهنجي پياري ڌيءَ بينظير ڀٽو کي خفيہ طريقي ۾ هڪ خط لکيو جنهن ۾ ڪجهہ هن طرح چيل هئو:

"آءٌ توکي پنهنجي جذبات جو هڪ تحفو پيش ڪريان ٿو. جهڙيءَ طرح مون جدوجهد ڪئي آهي، تون ان کان وڌيڪ ڪندينءَ. تنهنجون تقريرون منهنجين تقريرن کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ هونديون. تنهنجي ڪمٽمينٽ بہ اهڙي ئي هوندي، هن ساري جنگ ۾ نوجوان عنصر ۽ عزم مون کان وڌيڪ هوندو. تنهنجا فيصلا مون کان وڌيڪ بهادرانہ هوندا. آءٌ پنهنجن انهن سمورين تمنائن کان وڌيڪ ئي تنهنجي سپرد ڪريان ٿو."

ڪال ڪونڙيءَ مان لکيل هيءَ مختصر خط بہ پنهنجي طور تي اها ئي پيشن گوئي واري اهميت رکي ٿو جهڙيءَ طرح هن پنهنجي لاءِ 5 جولاءِ واري صبح ڪئي هئي.

تاريخ جي هيءَ هڪ ڏارا آهي، جنهن ۾ ڀٽو صاحب، مس بينظير ڀٽو ۽ اسان مان هر هڪ وهي رهيا آهيون. ليڪن هڪ ڳالهہ بنهہ عيان آهي تہ اسان واري هن دؤر ۾ سياست جو رخ ڪجهہ ٻيو آهي. اسان پاڪستان جي اوائلي تاريخ ۾ ڏٺو تہ ليڊر عوام جي پويان هلندا آهن پر هتي ٻهريون گهمرو ليڊر عوام جي اڳيان آهي. ڀٽو عوام کي اوڏانهن وٺي ويو جتي هن سمجهيو تہ هنن غريب ۽ ڏتڙيل ماڻهن جي ڀلائي آهي. سلامتي ڪائونسل ۾ پنهنجي ڪيل هن تقرير ۾ ظاهر ڪري ٿو:

> "هيءَ ڪو قدرت جو اڻ ٽر فيصلو ڪونهي تہ ايشيا ۽ افريڪا جو عوام هميشہ غربت، افلاس، بک ۽ بيروزگاري ۾ ڪاٽي."

سال 1972ع ۾ جڏهن هو اقتدار جون واڳون سنڀالي ٿو تہ هن جي آڏو اهي ئي منظر هئا. هن جو خيال هئو تہ جڏهن 27 سالن جي عرصي ۾ هڪ آفيم کائيندڙ سست قوم پنهنجي تقدير اهڙيءَ طرح بدلائي سگهي جو دنيا جا سمورا ترقي يافتہ ملڪ هن تي رشڪ ڪن ٿا تہ پوءِ ڪهڙو ڪارڻ آهي جو پاڪستان ۾ سڀ ڪجهہ هوندي بہ ماڻهو ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان هجن، يا جتي پوڻا بہ سيڪڙو ماڻهو ملڪ جي باقي 98 سيڪڙو ماڻهن جي تقدير جا مالڪ هجن. ڀٽي مرحوم جا ڪئين فيصلا هئا جن تي تجزيہ نگار، جيڪي تاريخ جي تسلسل جي جاڻ نٿا رکن، سي تبصرا ڪندي هن کي طرح طرح جي خطابن سان ياد ڪن ٿا. هو انهيءَ عزم جي اونهائي کي ماپي نٿا سگهن، جيڪو هن جي من ۾ ڇوليون هڻي رهيو هئو. هو ڀٽي جي هر فيصلي پويان خودغرضي جو عنصر ڏسن ٿا پر تاريخ ثابت ڪيو تہ ڀٽو صحيح هئو ۽ تجزيہ نگار غلط. ڀٽو خود غرض ڪونہ هئو صرف پر عزم هئو. ملڪن جي ترقي جي راهہ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اڻوٽندڙ فيصلا بہ ڪرڻا پوندا آهن، پوءِ ڪائنن ڪجهہ سيڪڙو ماڻهو متاثر ٿيندا هجن تہ اهو تسليم ڪرڻ ۾ ڪو عذر نہ هئڻ گهرجي تہ باقي کي فائدو ٿيندو.




وزير خارجہ ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستاني حڪومت جون واڳون سنڀالڻ ڪان ٿورو عرصو اڳ اقوام متحده جي سلامتي
ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڀٽو 1970ع وارين چونڊن ۾ مجيب الرحمان ڪانپوءِ اولهہ پاڪستان ۾ اڪثريت کڻي آيو هئو ۽ جڏهن عاقبت ناانديش ليڊرشپ جي فيصلن جي ڪري باقي بچيل پاڪستان کي بچائڻو هئو ان وقت ڀٽو چاهي ها تہ پنهنجي اڪثريت جي آڌار تي ٻين پارٽين کي نظرانداز ڪري آئين پاس ڪرائي ها تہ ان جو ڪيس پورو حق هئو. پر ڀٽو قومي سطح جو ليڊر هئو. هن چاهيو تہ چئني صوبن ۾ سمورين سياسي پارٽين جي مرضي سان آئين پاس ٿئي، پوءِ ڀلي ان لاءِ مخالف پارٽين کي سمجهائڻ ۾ ان وقت جي ضرورت مطابق، ڪنهن وٺ هلي وڃڻو پئي تہ ان ۾ ڪو نقصان ڪونهي. ۽ هن ائين ڪيو جنهن سان اهڙو سياسي ماحول پيدا ٿيو جو 1973ع وارو آئيني دستاويز اتفاق راءِ سان منظور ٿي ويو. اهو قدم پاڪستان جي تاريخ ۾ سنگ ميل جو درجو رکي ٿو.

ڀٽو جا هئو ۽ هن جا ٿي ڪرڻ گهريو تنهن جو جواب ڏيڻ جيڪڏهن ناممڪن ناهي پر مشڪل ڏاڍو آهي. هو عجيب شخصيت جو مالڪ هئو جنهن پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي 25 سالن ۾ بہ آئين نہ ٺهي سگهيو ۽ ڪا جٽادار حڪومت وجود ۾ نہ اچي سگهي، اهڙو ملڪ جنهن وٽ قدرت جا سمورا وسيلا هوندي بہ انهن کي استعمال نہ ڪري سگهي، جتي وڏيرو چوڌري، خان، ملڪ ۽ سردار ڪروڙين ماڻهن جي تقدير جو مالڪ بڻيل هجي، جتي اقتدار جو مطلب اهو هئو تہ قومي خزاني کي لٽيو وڃي، اتي ڀٽو مسيحا ٿي اڀري ٿو. ڀهريون گهمرو مزدور جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت مقرر ڪرڻ، هاريءَ جي ٻارن لاءِ تعليم جو بندوبست ڪرڻ، غريب پوڙهن جي لاءِ وظيفا مقرر ڪرڻ اهڙا قدم هئا، جن ماڻهن کي ڀهريون گهمرو اهو ٻڌايو تہ حڪمران، حڪومت نہ ڪندو آهي، پر انهيءَ کي هڪ امانت سمجهي فيصلا ڪندو هجي، جيڪو مزدور کي پيداوار ۾ حصيدار بڻائي، جيڪو هاري کي زميندار جي ظلم کان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ ايندڙ نسل جي قسمت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ جتن ڪندو هجي، ان جو نالو ذوالفقار علي ڀٽو هئو.

سندس موت تي بحث ٿيندا رهندا پر ائين چوڻ ۾ ڪا هٻڪ نہ هئڻ گهرجي تہ هو ماڻهن سان سچو هئو ۽ اها ئي هن جي خامي ٿي آڏو آئي. پر هن عزم ۽ ذميداري جو جيڪو ٻج پوکيو. تنهن کي سندس پونيرن ئي اچي وڏائي وڻ ڪيو.

◈ ◈ ◈



ڀٽو تعميراتي سائيٽ جو معائنو ڪرڻ وقت مزدورن سان ڳالهائي رهيو آهي

# ٢ • هڪ مغالطو

دنيا جي هڪ وڏي فوجي جرنيل بسمارڪ لاءِ عموماً چيو ويندو هو تہ هن چيو هو: "صرف احمق ئي پنهنجين غلطين مان سبق پرائين ٿا. آءٌ تہ ٻين جي غلطين مان لاڀ پرايان ٿو."

هو ڪيتري حد تائين صحيح هئو تنهن جو اندازو هر باشعور شخص لڳائي سگهي ٿو پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ٻين جي غلطين مان سبق پرائيندڙ انهيءَ انتظار ۾ رهندا آهن تہ "اهو ڪڏهن اچي ٿو ۽ ڪيترو نازڪ ٿئي ٿو." انهيءَ حالت ۾ اها ڳالهہ اجا بہ درست آهي تہ پنهنجين غلطين مان سبق حاصل ڪرڻ وڏي دانشمندي آهي.

اسان وٽ نام نهاد دانشمندن ۽ سياسي بصيرت رکندڙن جو هڪ وڏو ٽولو آهي، جيڪو اهو چئي ڳالهہ ٽاري ڇڏيندو آهي تہ قومن جي تارخ ۾ اهڙا ڏکندڙ واقعا تہ ٿيندا ئي رهندا آهن. جيتوڻيڪ اهو دليل ڏاڍو غير منطقي ۽ اڻ سهائيندڙ ٿئي ٿو. مثلاً اسان اهو چئي سابق اوير پاڪستان جي عليحدگي ۽ ان جا ڪارڻ ويچارڻ کان انڪاري ٿي وڃون ٿا تہ اهو بنگالين پهرين ئي چاهيو ٿي. حالانڪ شيخ مجيب الرحمان آخر تائين چوندو رهيو تہ بنگالي ڏار ٿيڻ نٿا گهرن ڇاڪاڻ تہ هاڻي تہ هنن کي راڄ ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، بلڪ سچ هيءُ آهي تہ هي اهڙو موقعو ڪونہ هئو. هي موقعو اڪثريت جي فيصلي کي تسليم ڪرڻ جي جمهوري طريقي آزمائڻ جو هو.



21۔ فيبروري 1974ع تي عالمي سربراهہ ڪانفرنس ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽو بنگلہ ديش جي شيخ مجيب الرحمان ۽ صدر فضل الاهي چوڌري سان گڏ

دراصل اها ئي غلطي آهي جنهن کي تسليم ڪرڻ لاءِ ڪو تيار ڪونہ هئو. ايوب خان 1954ع ۾ اهو سوچيو هئو تہ جيڪڏهن بنگالين جي اڪثريت تسليم ڪجي تہ اولهہ پاڪستان جي انهيءَ ٽولي جو ڇا ٿيندو جيڪو محلاتي سازشن جي نتيجي ۾ هميشہ اقتدار جي ايوانن ۾ رهندو ٿي آيو. انهيءَ ۾ شڪ ناهي تہ ايوب خان پنهنجي حيثيت جو فائدو وٺندي اولهہ پاڪستان جي چند لالچي ڪامورن ۽ سياستدانن سان گڏجي ون يونٽ اسڪيم انهيءَ ڪري ٺاهي تہ هو اقتدار ۾ رهن ۽ پاڪستان جي سمورن وسيلن کي پنهنجي مفاد وٽان استعمال ڪندا رهن. پر انهيءَ اسڪيم جي پاڙن کي لوهہ جي پٽين سان محفوظ ڪرڻ ۾ مفاد پرست سياستدانن ۽ ڪامورن جو بہ ساڳيو هٿ هئو.

آگسٽ 1969ع ۾ صدر جنرل يحيٰ خان جڏهن ڪائونسل آف منسٽرز بنائي تڏنهن انهن ۾ هڪ رٽائرڊ جنرل شير علي خان بہ هئو. هُن جي باري ۾ سيني کي اها ڳالهہ معلوم آهي تہ هن جو لاڙو ساڄي هٿ جي پارٽين ڏانهن هئو ۽ هو مجيب ۽ پٽي ۽ ڀنهي جا نالا وٺڻ پسند ڪونہ ڪندو هئو. بلڪ هو پٽي کي غنڊو ۽ مجيب کي شاونسٽ ڪري سڏيندو هئو. هڪ گهمري تہ چيائين تہ صدر صاحب کي ڇوٽو پوندو تہ ڀنهي کي بند ڪري ورنہ ڏاڍي گڙٻڙ ٿي پوندي.

هتي هي ڳالهہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ حڪومتن جي اندر ڪهڙي قسم جون قوتون پيدا ٿينديون آهن. مثلاً يحيٰ خان اڃا صدر هئو. هن اوپر پاڪستان جي تعطل دُور ڪرڻ لاءِ هڪ آئين جو خاڪو بہ تيار ڪيو. انهيءَ آئين ۾ هڪ صدر (جيڪو غالباً پنهنجي لاءِ سوچيو هئائين) ۽ ٻہ نائب صدر يعني هڪ مجيب الرحمان ۽ ٻيو ذوالفقار علي ڀٽو هجي. هن سوچيو تہ ائين ڪرڻ سان بنگالين جي اڪثريت وارو معاملو ٽري ويندو ۽ پٽي کي راضي ڪري پنهنجو اقتدار وڌيڪ جاري رکندو. ائين سوچڻ ۾ هو ڀليل هئو. ڪيس شايد اهو وسري ويو هئو تہ عوامي آيار ڇا ٿيندو آهي ۽ ان کي دنيا جي ڪا بہ ڇاپ روڪي نٿي سگهي. ۽ اها بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪونہ آيس تہ دورن خانہ بہ ڪجهہ ٿي سگهي ٿو.

بهرحال، ٿيو هيئن تہ يحيٰ خان 18-ڊسمبر 1971ع تي پنهنجي مجوزه آئين جو خاڪو اخبارن کي هن مشوري سان جاري ڪري ڇڏيو جيڪو سٽين

بجي شام کان اڳ ۾ ڇاپيو نہ وڃي ۽ نہ وري ان کي نشر ڪيو وڃي. [†] اهي ايمبارگو ٽيل خبرون سرڪاري ۽ غير سرڪاري نيوز ايجنسين کي بہ جاري ٿي ويون. شام جو پوري ست لڳي پنجن منٽن تي شروعاتي انائونسمينٽ ۾ ان کان پوءِ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان اوچتو اهو بيان واپس ورتو ويو. اهو ڪنهن جي حڪم تي واپس ورتو ويو سو گهڻو عرصو راز ڪونہ رهيو پر تاريخ جي اٽل پٽل، خاص ڪري پاڪستان جي سياسي مورخن موجب اهو هڪ ننڍي انقلاب کان گهٽ ڪونہ هئو. ڇاڪاڻ تہ يحيٰ خان ان وقت ڪمانڊر انچيف بہ هئو. اهڙي ڪمانڊر انچيف ۽ صدر جي حڪم هوندي اهو اعلان واپس ٿئي تنهن جو مطلب هر ڪو سمجهي سگهي ٿو.

هن واقعي بابت برگيڊيئر اي آر صديقي جيڪو ان وقت باوردي فوجي آفيسر هئو تنهن هڪ طريقي ۾ ذڪر ڪيو آهي:

". . . جڏهن هيءَ سمورو ڪم پورو ٿي ويو. تڏهن مون جنرل گل حسن (جيڪو ان وقت منهنجي ويجهو ئي پشاور روڊ تي سي جي ايس هائوس ۾ ترسيل هئو) تنهن کي فون ڪيو تہ هن چيو تہ جلدي هليو آءُ. تنهن ڪري آءٌ پنڌ ئي نڪري پيس. آءٌ جڏهن سي جي ايس هائوس جي ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿيس تہ ان وقت گهر جي مالڪ سان گڏ سمورو ڊرائنگ روم مهمانن سان پريل هئو. ايئر مارشل رحيم خان، ان وقت جي پي آءِ اي جو سربراهہ جناب شاڪر الله دراني هئو ۽ ان وقت هڪ رٽائرڊ ليفٽيننٽ ڪرنل نصرالله خان (جيڪو ان وقت هوٽل انٽر ڪانٽينينٽل جي راولپنڊي جو مئنيجر هئو) بہ موجود هئو. انهيءَ ڪانسواءِ چند جونيئر آفيسر بہ موجود هئا. دراني صاحب ڪانسواءِ باقي سمورن حضرات کان آءٌ ۽ هو مون کان چڱيءَ طرح واقف هئا. انهيءَ ڪري مزيد تعارف جي ضرورت ڪانہ هئي. البتہ دراني صاحب سان منهنجو تعارف خود ڪرايو ويو. منهنجي اوچتو پهچڻ ۽ سلام دعا جي ڪري ڳالهہ ٻولهہ ۾ جيڪو تعطل آيو سو ختم ٿيو ۽ ڳالهيون وري شروع ٿي ويون.

"موضوع يحيٰ کي اقتدار ۾ آڻڻ جو هئو ۽ دراني وڏي واڪي انهيءَ جي مخالفت ڪري رهيو هئو. منهنجي سامهون جيڪا ڳالهہ هن ڇئي سان ڪجهہ هن ريت هئي:

---

[†] اخباري ٻولي ۾ هن کي Embargo چيو ويندو آهي.

گل توکي خبر ناهي تہ ڪهڙي ماڻهو سان تنهنجو ناتو
پيو آهي، هيءُ ماڻهو جنهن جو نالو پٽو آهي سو اقتدار
۾ ايندي ئي پهرين توکي Fixup ڪندو. انهيءَ
کانپوءِ فوج کي. تون ٺيڪ ڄاڻين ٿو. نيٺ تون ڇا ٿو
چاهين ۽ ڪرين ڇا پيو؟"

دراني جي مشوري جو جواب دراني پنهنجي خاص ادا سان اهو ئي ڏنو جيڪو هو ايئر مارشل ايم کي ڏيئي چڪو هئو. هن چيو: شاڪر، انهيءَ کانسواءِ واهہ بہ ڪهڙي آهي؟"

ايتري ۾ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي ۽ جنرل گل حسن جي اسٽاف آفيسر رسيور تي هٿ رکي جنرل گل حسن کي چيو، "سر اوهان کي صدر صاحب ياد ڪري رهيو آهي. اوهان هاڻي ئي هليا وڃو." ۽ ان کانپوءِ جنرل گل حسن هليو ويو ۽ پويان قصو اڌ ۾ رهجي ويو.*

ڇيو وڃي ٿو تہ جڏهن بہ پراڻا جنرل پاڻ ۾ ملندا هئا تہ اها ڳالهہ ضرور زير بحث ايندي هئي تہ ڀٽي کي آخرڪار ڪنهن اقتدار جي گاديءَ تي ويهاريو. اها ڳالهہ گهڻو عرصو راز نہ رهي.

◈ ◈ ◈

* برگيڊيئر اي آر صديقي، جنگ ڪراچي، 5- اپريل 1984ع

# ٣

## •اوڀر پاڪستان تي بحث
## •حمود رپورٽ ڪيڏانهن ويئي؟

جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو رهيل کهيل پاڪستان کي بيهر منظم ۽ فعال ڪرڻ ۾ رڌل هئو تڏهن ڪان ملڪ ۾ هڪ نئون بحث شروع ٿي ويو. نيٺ اوڀر پاڪستان جو ڏار ٿيو؟ ڇا اهو صرف بنگالين جو فيصلو هئو يا ان ۾ اولهه پاڪستان جي سياستدانن جي ناڪامي ۽ ڪوتاهي بہ شامل هئي؟ آيا هيءَ سياسي شڪست هئي يا فوجي، يا ٻئي ڌرين هڪ جيترين ذميدار هيون؟

سياستدان ۽ بيورو ڪريٽ انهيءَ بحث ۾ رڌل رهيا تہ چند ڏينهن ۾ (22 ڊسمبر 1972ع) ان وقت جي شهري مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ۽ صدر ذوالفقار علي ڀٽي ان وقت جي چيف جسٽس حمود الرحمان جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ ڪميشن جوڙي ڇڏي جنهن جو مقصد اهو هئو تہ 14-ڊسمبر 1971ع جي شڪست جي تحقيقات ڪري ان جي ذميواري جو تعين ڪري. بهرحال، انهيءَ حڪم سان ماڻهن جو چوٻول ختم نہ ٿيو البتہ هڪ حقيقت جيڪا ماڻهن جي چهرن مان ظاهر پئي ٿي سان هئي نااميدي. هڪ اهڙي قسم جي نراسائي ڏسجڻ ۾ پئي آئي تہ آخر تاريخ جي سڀ کان وڏي سرينڊر جي لاءِ ڪو تہ ذميدار آهي.

انهيءَ خيال کان (سابق) اوڀر پاڪستان جي انهيءَ سموري روداد تي هڪ سرسري نظر وجهڻ ضروري سمجهجي ٿو.

اها ڳالهہ 64 سالن جي تاريخ مان ظاهر ٿي چڪي آهي تہ اولهہ پاڪستان ۾

لالچي ڪامورا شاهي ۽ اقتدار جي بکين سياستدانن جو هميشه هيءَ نظريو رهيو آهي تہ هو حڪومت ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيا آهن ۽ بنگالين جي اڪثريت ڪا معنيٰ ڪانہ ٿي رکي. اها ئي اقتدار جي هوس هئي جنهن جي ڪري اولهہ پاڪستان جي ننڍين صوبن جي مرضيءَ جي ابتڙ اولهہ پاڪستان کي ون يونٽ ۾ بدلايو ويو ۽ اوڀر پاڪستان جي عددي اڪثريت کي اقليت ۾ بدلائڻ لاءِ نام نهاد Parity وارو فارمولو وضع ڪيو ويو. بهرحال، انهن سمورين شين گڏجي بنگالين جي دلين ۾ عجيب احساس محرومي پيدا ڪري وڌو جنهن اڳتي هلي بنگلاديش جي صورت ۾ عملي شڪل ورتي، پر انهيءَ ۾ فوجي ڪارروائي بہ برابر ڪردار ادا ڪيو. هن ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ لاءِ هڪ سرسري جائزو غير مناسب نہ ٿيندو.

اوڀر پاڪستان ۾ فوجي ايڪشن* 25 مارچ 1971ع تي شروع ڪيو ويو تہ جيئن اوڀر پاڪستان ۾ حڪومت جو اقتدار بحال ٿي سگهي ۽ اهي عوامي ليگ جا ليڊر گرفتار ڪري سگهجن جيڪي اتي متوازي حڪومت هلائي رهيا هئا. هن قدم ۾ اهو بہ ضروري هئو تہ بنگال جي ريگيولر فوجين ۽ پوليس وارن کي غير مسلح ڪيو وڃي، جيڪي عوامي ليگ جي چوڻ تي "سياسي ماحول کي خراب ڪري رهيا هئا".

بنگال ۾ ان وقت فوج جو تعداد هڪ پيدل ڊوزن هئو جنهن ۾ چار پيدل برگيڊس هيون. هي برگيڊس ڊاڪا، جيسور، رنگپور ۽ ڪوميلا ۾ ترسيل هيون. هن جو مطلب هيءَ هئو تہ هنن برگيڊس ۾ پندرهن پيدل بٽالين هيون جن مان پنج ايسٽ بنگال جون هيون. هنن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ 27 فيبروري ۽ پهرين مارچ 1971ع جي درميان بہ وڌيڪ پيدل بٽالين اولهہ پاڪستان مان روانيون ڪيون ويون.

جيئن فوجي ايڪشن شروع ٿيو، تيئن اوڀر پاڪستان جي ماڻهن ۽ ملازمن، پوليس وارن ۽ فوجين سخت مزاحمت شروع ڪري ڏني. انهيءَ ۾ گهٽائي فوجي مارجي ويا پر پوءِ اپريل جي وچ ڌاري گهڻا "آزاد" ڪرايا ويا. انهيءَ جي دوران اوڀر پاڪستان ۽ هندستان جي سرحد تي پارتي سرحدي پوليس جي چرپر نظر اچڻ لڳي.

انهيءَ دوران 31 مارچ 1971ع تي پارتي لوڪ سڀا هڪ نهراءُ پاس ڪري

* 1971ع انڊو پاڪ واران دي ايسٽ ونگ، سردار ايف اي ٽودي، دي نيشن، لاهور 14 ڊسمبر 1994ع

اوڀر پاڪستان جي ماڻهن کي يقين ڏياريو تہ هنن جي جدوجهد ۽ قربانين جي ازاليءَ لاءِ هندستان جو عوام پوري همدردي رکي ٿو ۽ سندن مقصد جي حصول ۾ سندن پوري مدد ڪندو. ڀارتي ڪابينا 28_اپريل تي هندستاني فوج جي سربراهہ جنرل مانڪ شا کي چيو تہ هو اوڀر پاڪستان تي مڪمل حملي جي رٿا تيار ڪري ۽ ان تي عمل ڪري. جنرل مانڪ شا ڪابينہ کان مهلت گهري تہ جيئن هو ان لاءِ نئين حڪمت عملي تيار ڪري ۽ صورتحال مطابق نئين formations جي مشق ڪري سگهي. انهيءَ گذارش کي ڪابينہ قبول ڪري ورتو.

ميٽنگ کان پوءِ ڀارتي فوج اوڀر پاڪستان تي مڪمل حملي جون تياريون شروع ڪري ڏنيون ۽ هن حملي لاءِ اهو طئي ڪيو ويو تہ اهو چوماسي وارين برساتن کانپوءِ خشڪ موسم ۾ ڪيو وڃي. مڪتي باهني شهرن کان وٺي ڳوٺن ۽ واهڻن تائين شروع ٿي ويئي هئي. هيءَ ڪم ڀارتي فوج پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. ان وقت تائين ايسٽ پاڪستان رائيفلس ۽ ايسٽ پاڪستان ريجمينٽ جن کي حڪومت ملڪ دشمن قرار ڏيئي ڇڏيو هئو. تن کي نئين مقصد لاءِ سکيا ڏني پئي ويئي. انهيءَ کان سواءِ اسي هزار اهڙا گوريلا تيار ڪرڻا هئا جيڪي ايسٽ پاڪستان رائيفلز مان نڪري چڪا هئا. انصارن جي بہ صرف مدد ئي نہ ڪرڻي هئي پر انهن جي جانبازن جي فوج تيار ڪرڻي هئي. انهن سيني اقدام کان علاوه اوڀر پاڪستان جي چوڌاري جيڪي رستا هندستان سان ڳنڍين ٿا تن کي بہ بيهر قابل عمل بنائڻ جي ڪم کي هٿ ۾ ڪنيو ويو. انهيءَ حد تائين جو چوماسي برساتن ۾ بہ اهو ڪم جاري رهيو.

اولهہ پاڪستان جي حڪمرانن کي اهي سڀ ڳالهيون معلوم هيون ۽ اهو بہ معلوم هئو تہ انهن سمورن ڪمن جي وچ ۾ هندستاني فوج پنهنجين رزرو فوجين کي گهرائي ورتو جيڪي برساتن کان اڳ ۾ پهچي ويا. انهيءَ وقت هندستاني سرحدي فوج مڪتي باهني جي رضاڪارن کي تربيت ڏيئي رهي هئي جيڪا ڀارتي رزرو فوجين جي ايندي ئي انهن جي حوالي ڪئي ويئي ۽ اها سندن ذميواري ڍاڪا جي شڪست کانپوءِ بہ جاري رهي. هن سموري جدوجهد ۾ مسلح فوجن (پوليس سميت) جون سوڪلون بند ڪيون ويون. دهلي کان وٺي ڍاڪا تائين فوجين جي فارميشن تربيت جاري رهي جيڪا نومبر تائين جاري رهي. انهيءَ وچ ۾ خبر ناهي تہ فوجين ۽ رضاڪارن کي ڪيتري مالي ڪشش ڏني ويئي تہ جيئن فوجين ۽ آفيسرن جو حوصلو بلند رهي. هنن ۾ اها ڳالهہ بہ شامل هئي تہ

جيڪڏهن ڪنهن رضاڪار يا فوجي جو 'جنگ' جي دوران موت ٿي وڃي ته هن جي زير ڪفيل خاندان يا ٻارن جو ڇا ٿيندو. ائين پئي لڳو ڄڻڪ هندستان هڪ مڪمل جنگ ڏانهن وڃي رهيو هئو ۽ هن سموري مسئلي جي ڪنهن سياسي حل جي ڳولا واري ڪنهن ڪي به ڪوشش کي ٻڌڻ ۽ ان ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ تيار ڪونه هئو.

هندستان کي به خطرو هئو. ڪتان: چين جي ممڪنه حملي کان بچڻ لاءِ حفظ ما تقدم جي طور هن 9_آگسٽ 1971ع تي روس سان "دوستي ۽ تعاون جو معاهدو" ڪري ڇڏيو. هن ناهه جا لفظ ڪجهه هيئن هئا ته هن ناهه ۾ شريڪ ڌرين مان ڪنهن به هڪ کي جارحيت جو خطرو ٿيو ته ٻئي ملڪ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا. اهو معاهدو اڃا ٿيو ته پارٽي وزيراعظم اندرا گانڌي به تڪڙا بين الاقوامي دورا ڪري ورتا. هندستان جي نڪته نظر کان اهي ٻيئي دورا ڏاڍا اهم هئا. پهريون دورو سيپٽمبر ۾ روس جو ڪيائين ۽ اڪتوبر_نومبر ۾ بيلجيم، آسٽريليا، اولهه جرمني، فرانس، برطانيا ۽ امريڪا جو ڪري آئي. هي دورا 13_نومبر تائين جاري رهيا. هنن دؤرن کان پوءِ هندستان کي پڪ ٿي ويئي ته جنگ جي صورت ۾ پاڪستان کي ڪا امداد نه پهچندي. هن وقت تائين پاڪستان جي جاسوسي کاتن کي به خبرون پهچنديون رهيون ته هندستان ڇا پيو ڪري، پر وڏي ڏکي ڳالهه اها هئي ته پاڪستان اهڙي چوڪنيي ۾ ڦاٿل هئو جو نه اندروني طور ۽ نه وري بين الاقوامي سطح تي ڪجهه ڪري پئي سگهيو.

اولهه پاڪستان ۾ ماڻهو ڏاڍا مايوس ٿي ويا هئا ڇاڪاڻ ته هنن تائين صحيح خبرن پهچڻ جو ڪو ذريعو ڪونه رهيو هئو جيڪي ڪجهه هئو سو بي بي سي هئو. هتي هيءَ ڳالهه ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته بي بي سي يا اهڙن ملڪن يا معاشرن جا ابلاغي ذريعا پنهنجا مفاد رکن ٿا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ان وقت تائين پاڪستان جا ننڍا صوبا، ڏاڍي ڏکئي دور مان لنگهي رهيا هئا پر انهيءَ جو اهو مطلب ڪونهي ته هنن ۾ ڪا 'بيداري' ڪونه هئي. هو انهيءَ وقت به ايترا سجاڳ هئا جيترا اوير پاڪستان جي آزاديءَ کان پوءِ.

مارچ ۾ مڪتي باهني، هندستاني فوج جي مدد سان ڏاڍو اڳتي وڌي ويئي. هاڻي اها ڳالهه ڪا راز ڪانه رهي هئي ته مڪتي جا رضاڪار کهڙي ٽيڪنيڪ استعمال ڪري رهيا هئا. پارٽي فوجي، شهري ڪپڙن ۾ مڪتي جي ورڪرن سان گڏ پاڪستاني فوج ۽ رضاڪارن سان وڙهي رهيا هئا جنهن ڪري پهريون نتيجو

اهو نڪتو تہ پاڪستاني فوجن ۾ مرڻ وارن جو انگ وڌڻ لڳو.

نومبر شروع ٿيندي ئي خشڪ موسم جي ابتدا ٿي ۽ اها ئي موسم هندستاني فوج جي سربراهہ پنهنجي حملي لاءِ منتخب ڪئي هئي. هن سرحدي پٽي سان ڪجهہ علائقن تي قبضو ڪري ورتو ۽ اتي پنهنجون سرگرميون تيز ڪرڻ لڳو تہ جيئن پاڪستاني فوج کي اهو شڪ رهي تہ اها سرگرمي ڪٿان ٿي رهي آهي.

ايڪيهين نومبر تي هندستاني فوج ڏکڻ-اوڀر علائقي جي شهر غريب پور تي قبضو ڪري ورتو جيڪو علائقو اوڀر پاڪستان ۾ ڇهہ ڪلوميٽر اندر هئو. 24 نومبر تي ڀارتي وزيراعظم اندرا گانڌي لوڪ سڀا کي ٻڌايو تہ هندستاني فوج پنهنجي بچاءُ ۾ اوڀر پاڪستان اندر داخل ٿي وئي آهي. هنن جي حملي ۾ اٺاهہ فوج ۽ هوائي فوج جا 11 اسڪواڊرن استعمال ڪيا پئي ويا. جيڪي روز 12 حملا ڪرڻ لڳا. ڇهين ڊسمبر تائين هنن ڍاڪا هوائي اڏي کي تباهہ ڪري مڪمل بالادستي اختيار ڪري ورتي، جنهن ڪري پاڪستان ايئرفورس پهچي ڪا ڪارروائي نہ ڪري سگهي. پاڪستاني فوج جي گرائونڊ فائر ۽ هوائي لڙائي ۾ هندستان جا 24 جهاز ڪم آيا. ٻيو سمورو آرماڙ سلامت رهيو.

ان ڪانپوءِ کليل عام جنگ شروع ٿي ويئي. هڪ طرف هندستان جي فوج، مڪتي باهني جا رضاڪار ۽ پاڪستاني پوليس جا باغي سپاهي هئا ۽ ٻئي طرف پاڪستاني فوج جا سپاهي هئا. ڇتي جنگ هلي رهي هئي جنهن ۾ پاڪستان جو وڏو جاني ۽ سامان جو نقصان ٿي رهيو هو. ٻارهن ڏينهن اهڙي جنگ هلي جنهن جو ذڪر نٿو ڪري سگهجي. ڏينهن جو پاڪستاني فوجي ٻاهر نڪري نہ سگهندا هئا جڏهن تہ رات جو مڪتي باهني ۽ هندستاني فوجي پوئين پوزيشن تان حملا ڪندا هئا. جاني نقصان هن ڪري بہ وڌندو ويو جو عام طور تي زخمين کي طبي امداد لاءِ ٻاهر بہ نہ ڪيڏي سگهبو هئو.

اهڙين حالتن ۾ ڪيئن اوڀر پاڪستان ۽ پاڪستاني فوج کي بچائي سگهجي ها تنهن لاءِ اتي جي فوجي قيادت کي ڇيو ويو تہ هو پاڻ اتي جي حالتن کي ڏسي فيصلو ڪري. بهرحال، جلدي دنيا ڏٺو تہ چوٿائي صدي ۾ پاڪستان گڏيل ملڪ رهڻ وارو اڀرنديون حصو ڌار ٿي بنگلاديش بڻجي ويو.

پاڪستان جي هارائڻ ۽ هٿيار ڦٽي ڪرڻ تي تحقيق ڪرڻ لاءِ فوري طور هڪ ڪميشن جوڙي ويئي جنهن جو نالو حمودالرحمان ڪميشن رکيو ويو. اها ڪميشن ان وقت جي شهري چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ۽ صدر ذوالفقار علي

يٽي چيف جسٽس حمودالرحمان جي سربراهي ۾ قائم ڪئي. هن ڪميشن جي حوالي اهو ڪم ڪيو ويو تہ هن شرمناڪ هار جي ذميواري جو تعين ڪري ۽ انهن حالتن کي ڳولي حقيقتون آڏيون آڻي تہ آخر اهي ڪهڙا ڪارڻ هئا جن پاڪستاني فوجين کي پلٽڻ ميدان ۾ افسوسناڪ طريقي ۾ هٿيار ڦٽي ڪرڻ ۽ فاتح فوج جي آفيسرن پهچڻ تي کين گارڊ آف آنر پيش ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

انهيءَ ڪميشن تمام تندهي سان اهو ڪم شروع ڪيو ۽ ٿوري مدت ۾ اهو پورو ڪري ورتو. هن اها رپورٽ بہ صدر يٽي کي سندس وزارت اعظميٰ واري دور ۾ پيش ڪئي پر اها ڪڏهن منظرعام تي ڪانہ آئي. ان ۾ اهي ڪهڙيون ڳالهيون بيان ڪيل هيون جو برسر اقتدار طبقي جا ڪي فرد رپورٽ کي پبلڪ ۾ آڻڻ کان ڪيٻائي رهيا هجن. بهرحال، اهو ڊگهو بحث آهي، في الوقت اها ڳالهہ قابل ذڪر آهي تہ جنهن رات جنرل ضياء الحق جي حڪم تي فوج يٽي صاحب جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو تنهن رات (5 جولاءِ 1977ع) تي فوجي يٽي مرحوم جي ڪمري واري الماڙي مان سڀ سامان ڪڍي ويا. جنهن ۾ حمودالرحمان ڪميشن جي رپورٽ بہ شامل هئي. ٿيهہ سال پوءِ جنرل مشرف جي صدارت واري دؤر ۾ (2006ع) اها رپورٽ ڪنهن طريقي سان منظر عام تي آئي تہ اندازو ٿيو تہ رپورٽ ۾ جنهن طرح جا نتيجا ڪڍيا ويا هئا تن جو منطقي نتيجو اهو هئو تہ ضياء الحق پاڻ کي ۽ پنهنجن ساٿين کي بچائڻ لاءِ اها رپورٽ بہ بند ڪرائي ڇڏي.

## انڪوائري جا نتيجا:

رپورٽ ڪيئن ظار ٿي تنهن تي في الوقت بحث ناهي. هن وقت اهو ڏسون ٿا تہ ٿلهي ليکي جسٽس حمودالرحمان ڪميشن هن شرمناڪ شڪست جي لاءِ ذميواري ڪنهن تي وڌي آهي.

> **"هن نڪتي تي اتفاق راءِ پاتي وڃي ٿي تہ پاڪستاني افواج جا اهي سينيئر فوجي ڪمانڊر جن آئين سان بغاوت ڪري ۽ هڪ مجرمانہ سازش ذريعي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ پيشہ ورانہ نااهليت، قابل گرفت نااهلي ۽ پنهنجن فرضن ۾ غفلت ۽ اخلاقي توڙي عملي گيدي پڻي جو مظاهرو ڪري وڙهڻ کي ترڪ ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح پاڪستان کي شڪست ۽ شرمناڪ ذلت ڳچي ۾**

وڏي، انهن آفيسرن کي بچائي لاءِ انصاف جي
ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي. صرف سخت ۽ مناسب
ڪارروائي ئي قوم جي انهيءَ مطالبي کي پورو ڪري
سگهندي، جيڪا اهڙي سزا جي گهر ڪري رهيا
آهن. اهڙي ڪارروائي آئيندي به ڪنهن اهڙي
شرمناڪ رويي کان بچائي سگهندي جيڪو
1971ع جي جنگ ۾ مظاهرو ڪيو."

هي حمودالرحمان ڪميشن جي انهيءَ باب جا ٽڪرا آهن، جيڪي ڪميشن، جنگ جي سببن ۽ ذميواري تعين ڪرڻ لاءِ پنهنجي نتيجن ۾ لکيو. هن ڪميشن جي اڳيان جيڪي سوال رکيا ويا هئا تن ۾ هين ڳالهين سان گڏ ڄاڻڻ به ضروري هئو ته "اهي ڪهڙيون حالتون هيون جن هيٺ ايرندي پاڱي جي ڪمانڊر هٿيار ڦٽي ڪيا ۽ هن جي ڪمانڊ هيٺ پاڪستان جي مسلح فوجن دشمن فوجن آڏو هٿيار ڦٽي ڪيا. جڏهن ته الهندي پاڪستان ۽ جمون و ڪشمير رياست جي سرحدي علائقن ۾ جنگبندي ڪئي."

هٿيار ڦٽي ڪرڻ ۽ شڪست تسليم ڪرڻ واري واقعي بابت ڪميشن پنهنجي نتيجه خيز رپورٽ ۾ ڄاڻايو:

"اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته شڪست تسليم
ڪرڻ جو ڪو حڪم ڪونه ڏنو ويو هئو پر، ايسٽرن
ونگ جي ڪمانڊر جيڪا تصوير چٽي، تنهن جي
پيش نظر انهيءَ ڪمانڊر کي اجازت ڏني وئي ته
جيڪڏهن هن جي ججمينٽ مطابق هن اهو ضروري
سمجهيو ته اهو ڪري پئي سگهيو. پر جنرل نيازي
اهڙي حڪم جي عدولي ڪري پئي سگهيو ڇاڪاڻ
ته هن وٽ ڍاڪا جي دفاع ڪرڻ جي اهليت موجود
هئي. هن جي پنهنجي ڇوڙ مطابق 26400 يونيفارم
۾ ماڻهو صرف ڍاڪا ۾ موجود هئا ۽ هو گهٽ ۾ گهٽ
به هفتا اوير پاڪستان جي گادي کي بچائي پئي
سگهيو ڇاڪاڻ ته هندستان کي ڍاڪا ۾ پنهنجي
فوج کي منظم ڪرڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو لڳي

ها ۽ هڪ هفتو وڏيڪ ڍاڪا کي زير ڪرڻ ۾."

ڪمال آهي تہ جنرل نيازي جهڙيءَ طرح اوير پاڪستان ۾ هندستان جي حملي ۽ مڪتي باهني جي ڪارروائيءَ جو نوٽيس ورتو ان تي اهڙي ناراضگي جو اظهار ڪيو جو عام ماڻهو بہ انهيءَ کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي. مثلاً هڪ ڪمانڊر کي جنگ جي صورت ۾ ڪيئن هلڻ گهرجي ها. تنهن بابت جسٽس حمود هڪ آبزرويشن ۾ لکي ٿو:

"جيڪڏهن جنرل نيازي کي سرزمين جي بچائي پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي ها، تہ هو تاريخ بنجي وڃي ها ۽ ايندڙ نسلن ۾ هڪ وڏي سورمي جي طور ياد ڪيو وڃي ها ۽ هڪ شهيد جو درجو ماڻي ها، پر واقعات ٻڌائين ٿا تہ ستين ڊسمبر 1971ع کانپوءِ هن وڙهڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو هئو. هي فيصلو عين انهيءَ وقت ڪيو ويو جڏهن جيسور ۽ برهمن باريا جا مورچا هٿن مان نڪري ويا. تنهنڪري تارخ ٺاهڻ جو خيال ڪڏهن بہ هُن جي دماغ ۾ ڪونہ آيو."

حمود ڪميشن پنهنجي ڳالهہ انهيءَ نڪتي تي ختم نٿي ڪري پر هن آڏو سڀ کان تڪليف ده ڳالهہ اها آهي تہ جنهن طريقي هندستان جي فوج اڳيان پاڪستان جي فوج، فوجي قيادت ۽ شهري ملازم هٿيار ڦٽي ڪن ٿا. ڪميشن لکي ٿي:

"جنرل نيازي جي فوجي ناڪامين کان بہ وڌيڪ ڏکائيندڙ واقعو اهو ٺاهہ صحيح ڪرڻ وارو آهي جنهن ۾ جنرل نيازي پيش پوڻ جي لاءِ اهڙو ٺاهہ صحيح ڪرڻ قبول ڪيو جنهن ۾ پارت ۽ مڪتي باهني جي مشترڪ ڪمانڊ جي آڏو هٿيار لٽا ڪرڻ قبول ڪيو ويو ايئرپورٽ تي موجود رهي هندستان جي 'فتحمند' ڪمانڊر، جنرل اروڙا جي پهچڻ تي ڪيس گارڊ آف آنر پيش ڪرڻو هو ۽ پاڪستان جي لاءِ سموري زندگيءَ لاءِ پاڪستان ۽ پاڪستاني مسلح افواج جي تذليل لاءِ ريس ڪورس گرائونڊ تي 'پبلڪ سرينڊر سيريمني' ۾ شرڪت ڪرڻ هئو.

"... ۽ جيڪڏهن حالتن کيس اهڙو مجبور ڪري وڌو هو پر هن کي اهڙي شرمناڪ طريقي ۾ هر قدم تي سرينڊر جي طريقہ ڪار جو ٿيڻ ضروري نہ هئو."

پنهنجي طويل رپورٽ جي آخر ۾ حمودالرحمان ڪميشن سفارش ڪئي تہ جنرل يحيٰ خان، جنرل عبدالحميد خان، ليفٽيننٽ جنرل ارشاد احمد خان، ميجر جنرل محمد جمشيد، ميجر جنرل عابد زاهد، ميجر جنرل بي ايم مصطفيٰ، ليفٽيننٽ جنرل اي اي ڪي نيازي، ميجر جنرل محمد رحيم، برگيڊيئر جي ايم باقر صديقي، برگيڊيئر محمد حيات ۽ برگيڊيئر محمد اسلم نيازي، هنن کان علاوه ٻين بہ ڪيترن ئي معاملن بابت سوال ڪميشن آڏو انڪوائري دوران ڪڙا ٿيا.

ڪميشن جي رپورٽ جڏهن عام منظر تي آندي وئي تہ هڪ تجزيہ نگار* رمارڪ ڏنا تہ ڪيترن سالن گذارڻ دوران جيڪي ماڻهو هن وڏي ٽريجڊي سان سڌي يا اڻ سڌي طرح ڳنڍيل هئا تن مان ڪيترائي فوج مان رٽائر ٿي ويا. ڪيترا راهہ رباني اختيار ڪري ويا. ٻيا اڃا زندهہ آهن. پر افسوس تہ انهيءَ دوران انهن مان ڪنهن کي بہ پاڪستان جي ٽوڙڻ واري الزام هيٺ سزا نہ ڏني ويئي آهي، جيتوڻيڪ ان عرصي دوران ڪئين شهري حڪومتون ۽ ڪيترائي آمر آيا ۽ ويا. گهٽ سالن کانپوءِ جڏهن رپورٽ 2006ع ۾ منظرعام تي آئي تہ تجزيي نگارن لکيو تہ جيڪڏهن انهيءَ رپورٽ تي عمل نہ ئي ڪرڻو هئو تہ پوءِ هيڏي ساري ڪميشن مقرر ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي.

◈ ◈ ◈

---

* None guilty، ڪنور زاهد، روزنامہ دي نيشن، لاهور، 16 ڊسمبر 2006ع

# ۴

- هم آهنگيءَ جي ڪوٺ
- قومر سان عهد
- پوليس جي هڙتال
- اڳتي جي ايجنڊا

پنهنجي 20هين ڊسمبر 1971ع واري تقرير ۾ ڀٽي هن ڳالھ سان ابتدا ڪئي هئي، "اَڄ پاڪستان جي فيصلي ڪن گهڙي ۾ آيو آهيان. اسان پنهنجي ملڪ جي بدترين بحران مان گذري رهيا آهيون. هيءُ هڪ مارينڌڙ بحران آهي. اسان کي هنن ٽڪرن کي، موتمار ننڍن ٽڪرن کي گڏ ڪرڻو آهي، اسان هڪ نئون پاڪستان ٺاهينداسين."

اوير پاڪستان جي ڏار ٿيڻ ۽ ڀٽي جي اقتدار تي ويهڻ واري گهڙي کي جڏهن اڄ 40 سال بعد نظر ڦيرائي ڏسجي ٿو ته ائين ٿو لڳي ته اهو ڪو ننڍڙو عهد ڪونه هئو. اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم هئو جنهن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻين شين جي گهرج هئي. دراصل انهيءَ ۾ جيڪي رڪاوٽون هيون تن تي ڀُٽي جي وڏي نظر هئي پر هن وٽ عزم هئو انهن رڪاوٽن ۾ جيڪا سڀ کان وڏي هئي سا هئي صوبن ۽ مختلف لساني طبقن جي وچ ۾ هم آهنگي جي کوٽ ـــ معاشي، سياسي ۽ اخلاقي ٽئي. پر ڀٽي کي خبر هئي ته پيپلز پارٽي چئني صوبن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي، انهيءَ ڪري هن کي يقين هئو ته هڪ گهمرو جمهوري ۽ پارليماني نظام قائم ٿي وڃي ته پوءِ باقي سموريون ضرورتون پوريون ٿي وينديون.

ڀٽي پهرين شهري مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ۽ صدر طور حلف کنيو هئو.

ابتدائي انتظامي ردوبدل ڪرڻ بعد هن جي آڏو سڀ کان پهريون ڪم مارشل لا ختم ڪرڻ هئو. مارشل لا هڪ فوجي آمر آندو هئو ۽ اهو پٽي جي حلف برداري جي ڇهن هفتن بعد بہ ملڪ ۾ نافذ هئو. هاڻي اپوزيشن پارٽين ۾ چرپر شروع ٿي. هنن جي درميان اهي آواز اٿڻ لڳا تہ مارشل لا هٽايو وڃي.

فيبروري مهيني انهيءَ جي ابتدا ڏٺي. ڏهين فيبروري 1972ع تي ڀٽي وڏنڊڙ دٻاءُ هيٺ ۽ پارٽي منشور جي مطابق اعلان ڪيو تہ 15 ـ مارچ تي لوڪل باڊيز جون چونڊون ڪرايون وينديون. اهو بہ اعلان ڪيو ويو تہ صوبائي اسيمبلين جا اجلاس 23 مارچ تي ٿيندا. پر هن اعلان مخالف پارٽين جي هانوَ تي ڪو چنڊو ڪونہ وڌو.

هاڻي آئين ٺاهڻ جي ڳالهہ سياسي حلقن ۾ ٿيڻ لڳي. پيپلز پارٽي ۾ گهڻا قانوني مشير آئيني امور جا ماهور موجود هئا پر هڪ مسئلو هي هئو تہ هو سڀ جا سڀ ڳالهہ جي ڳاٽي چڙهيووينا هئا. اهو هئو تہ بنگلہ ديش کان ڪيئن جان ڇڏائجي ۽ اهو بہ هن طرح تہ آئين مان ان جو ذڪر ڪيجي ڇاڪاڻ تہ هن ابتدائي مرحلي تي بچي ويل پاڪلستان ۽ بنگلہ ديش جي وچ ۾ آزاد رياستن وارا لاڳاپا ڪونہ هئا.

بهرحال، انهيءَ سان ڪم هلڻ وارو ڪونہ هئو ۽ نہ وري هليو. هو انهيءَ نڪتي تي ڪامن ويلٿ مان نڪري ويو. انهيءَ جو بہ پاڪستان جي معيشت تي اثر پيو. تنهن هوندي بہ ڀٽو چوندو رهيو تہ انهيءَ جو حل هيءَ آهي تہ شيخ مجيب الرحمان سان ڳالهيون ٿين. هن اعلان ڪيو تہ شيخ مجيب سان جتي بہ ۽ جڏهن بہ ڳالهيون ٿيون ان سان پاڪستان کي فائدو رسندو يا خود اهو بہ تاثر ڏنو تہ بنگلہ ديش ۽ پاڪستان هڪ گهمرو وري بنهہ نالي ماتر ڪنفيڊريشن جي صورت ۾ گڏجي وڃي. اهل دانش وٽ اهو ممڪن نظر ڪونہ پئي آيو پر ڪن ماڻهن جو خيال هئو تہ سياست ۾ ائين بہ ٿيندو. تاريخ ثابت ڪيو تہ اهو هڪ وهم هئو.

هاڻي آئين سازي تي سنجيدگيءَ سان غور ٿيڻ لڳو. پر انهيءَ ۾ ڪهڙا مسئلا آڏو هئا جيڪي بلڪل منطقي ۽ قانوني هئا. اهي مسئلا زير غور آڻڻ ضروري هئو ڇاڪاڻ تہ پاڪستان پيپلز پارٽي بهرحال هڪ سياسي پارٽي هئي ۽ سڀ کان وڏي سياسي پارٽي هئي. تنهنڪري پنهنجي نڪتہ نظر سان گڏ ٻين پارٽين جي نظرين جو بہ خيال ڪرڻو هئو. مثال طور پٽي جا 88 ميمبر هئا ۽ اَيوان ۾ باقي 56 ميمبر ٻين سياسي نظرين جا حامي هئا. انهيءَ حالت ۾ هو سوشلزم جو نظريو ڪيئن سمائيندا. آئين ۾ ملڪ جو اسلامي تشخص بہ برقرار رکڻو هئو. پارٽي جي

اندر جيڪي ڪنفرمسٽ هئا تن جي خيالن کي بہ ائڊجسٽ ڪرڻ ضروري هئو.

سڀ کان اهم ڳالهہ هيءَ هئي تہ جيڪڏهن اسيمبليءَ جو اجلاس گهرايو وڃي ۽ ان ۾ ڪنهن ميمبر اوپر پاڪستان جي ٽُٽڻ جو مسئلو کڙو ڪري وڌو تہ ان سان پئنڊورا باڪس کلي پوندو. بهرحال، ماڻهن جي سوالن ۽ خود پارٽي اندر ڪجهہ سخت گير ماڻهن جي ڳالهين جو جواب تہ ڏيڻو هئو. تنهنڪري اهو ضروري سمجهيو ويو تہ پٺو اهڙا قدم کڻي جن سان بحيثيت پيپلز پارٽي سربراهہ ۽ حڪومتي سربراهہ هن جي ڳالهين جو ڀرم بہ رهجي تہ اعلانن جي بہ ساک  جي بچي وڃي.

خبر ناهي ڇو بهرحال فيبروري جو مهينو پيپلز پارٽي ۽ ان جي ليڊر شپ لاءِ ڏکاين جو مهينو هئو. پاڪستان ۾ پهريون گهمرو پوليس هڙتال ڪري وڌي. پنجاب جي گادي لاهور، صنعتي شهرن لائلپور (فيصل آباد) سرحد جي گادي پشاور ۾ پوليس هڙتال ڪري وڌي. هيءَ هڙتال پگهار وڌائڻ لاءِ هئي. ان وقت پيپلز پارٽي جي ورڪرن، همدردن ۽ ماڻهن ۾ پيپلز پارٽي لاءِ همدردي ۽جوش تہ هئو پر اميدون بہ هيون. سو رستن تي نڪري آيا. ڏاڍو عجيب و غريب تجربو هئو تہ هڪ نئين صورتحال ۾ چا ڪجي. غلام مصطفيٰ ؎ _ ان وقت پنجاب جو گورنر هئو. هن پارٽي ورڪرن کي هدايت ڪئي تہ هو هڪدم محرڪ ٿين ۽ ٿاڻن کان وٺي رستن جي چوراهن تائين پوليس جي ڪمي سنڀالي وٺن. ائين ئي ٿيو. اک ڇنڀ ۾ پي پي جا ڪارڪن رستن، ٿاڻن ۽ سرڪاري آفيسن تي پهچي پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻ لڳا. ان وقت پيپلز پارٽي ايڏي فعال لڳي رهي هئي جو ٻيون پارٽيون رشڪ ڪرڻ لڳيون. سڀ کان وڏو مظاهرو ٽريفڪ ڪنٽرول ڪرڻ جو هئو. جيستائين ليڊر شپ سان رابطو هئي تيستائين ڪارڪنن اهڙي جذبي جو مظاهرو ڪيو جو ڪنهن کي يقين نہ پيو اچي. نيٺ پارٽي جي ليڊرن ۽ ڪامورن پوليس عملي کي يقين ڏياريو تہ هنن کي انصاف ملندو.

پوليس جي هڙتال وڏي ڳالهہ هئي. پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو اهڙي هڙتال ٿي هئي سا بہ اهڙي پارٽي جي زماني ۾ جيڪا هاري ۽ مزدور جي ڀلائي واري وعدي تي اقتدار ۾ آئي هئي.

ڀٽي جي آڏو هيءَ اهم موقعو هو. هو انهيءَ هڙتال کي نظرانداز بہ نٿي ڪري سگهيو. ٽين مارچ 1972ع تي ڀٽي کي قوم کي خطاب ڪرڻو هئو ۽ هن ٻين ڳالهين سان گڏ هڙتال جو بہ ذڪر ڪيو. هن انهيءَ ذڪر ۾ هڙتال کي "اڻوڻندڙ

ڳالهہ“ ضرور چئي ۽ ان کي ”ذري گهٽ بغاوت“ سڏيو. سمورن نان گزيٽيڊ ملازمن جي پگهار ۾ واڌاري جو اعلان ڪري وڌائين، جنهن ۾ پوليس جو عملو بہ شامل هئو. هن سان گڏ سوا لک ماڻهن کي فائدو رسيو.

هتي ڪٽي چئجي تہ هاڻي پيئي کي اصل مسئلن جي ڄاڻ ٿي. ايجنڊا مقرر ڪانہ هئي پر هر سلجهيل ۽ ترقي پسند ليڊر وانگيان پيئي کي خبر هئي تہ هن جو سياسي نظريو معاشي ۽ اقتصادي ايجنڊا ۽ ماڻهن جون ضرورتون هيون. هن کي اها بہ ڄاڻ هئي تہ ڪٿان مخالفت ٿيندي ۽ ڪٿان حمايت ايندي، مزدور، هاري، صنعت، تعليم سمورا شعبا هئا جن تي هن جي نظر هئي پر مٿئين سطح تي پاڪستان کي جيڪي مسئلا درپيش هئا تن کي ڪيس ئي منهن ڏيڻو هئو. مثلاً دشمن جي هٿ ۾ پاڪستاني علاقا، پاڪستاني جنگي قيدي، دفاع، غير ملڪي زرمبادلہ واپار ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ ماڻهن جي دلين ۾ بہ خوداعتمادي بحال ڪرڻ هئو. ڀٽي کي ڄاڻ هئي ۽ تاريخ ثابت ڪيو تہ هن اهو ڪري ڏيکاريو.

# ۵

# •زرعي سڌارا
# •انتظامي ڪلين اپ
# •قومي ملڪيت ۾ ونڻ

هاڻي ڀٽي آڏو نوس قدم کڻڻ واري ايجنڊا هئي جنهن ۾ هو ڏاڍو يقين رکندو هئو. هن ۾ سڀ کان پهرين معاشي مسئلن جي ڳالهه هئي. هن صنعتي ۽ مزدور قانونن ۾ سڌارن جو اڳ ۾ اعلان ڪري ڇڏيو هئو. هن ڪانپوءِ زرعي سڌارن جو نڪتو ايجنڊا تي هئو. پنهنجي 3 مارچ واري قوم کي خطاب کان اڳ ئي هن زرعي سڌارن جو اعلان ڪري ڇڏيو هئو جنهن ۾ هن وڏ ۾ وڏ زمين جي حد پنج سو ايڪڙن مان گهٽائي ڏيڍ سو ايڪڙ ڪري ڇڏي هئي ۽ باراني زمين جي حد هڪ هزار ايڪڙن مان گهٽائي ٻي سو ايڪڙ ڪري ڇڏي هئي.

هن اعلان ۾ زمينن جون حدون ضرور گهٽايون ويون پر هڪ ڳالهه جيڪا قابل ذڪر آهي سا اها تہ جن سرڪاري ملازمن ملازمت دوران هڪ سو ايڪڙن کان وڌيڪ زرعي زمين حاصل ڪئي هئي تن کان واڌو زمين واپس ورتي ويندي. البتہ فوجي آفيسرن/ملازمن کي انهيءَ حڪم کان آجو قرار ڏنو ويو. هن حڪم جي نتيجي ۾ ساڍا ڇهہ لک ايڪڙ زمين حاصل ڪئي ويئي جيڪا سرڙين هارين ۾ ورهائي ويئي. هن سان گڏوگڏ چوٿين پنج سالا رٿا ۾ زراعت جي ترقيءَ لاءِ هڪ ارب رپيا مخصوص ڪيا ويا.

صنعت ۽ تجارت ۾ وڏي بي يقيني پيدا ٿي چڪي هئي ڇاڪاڻ تہ پيپلز پارٽي ميدان ۾ ڪونہ هئي. ٻيون پارٽيون بہ هيون جيڪي طرح طرح جا افواهہ

پکيڙي رهيون هيون. پر پيپلز پارٽي ۾ بہ هر شعبي جا ماهر موجود هئا جيڪي پنهنجن بيانن ۽ وضاحتن سان اهڙن خدشن ۽ خطرن کي ڏوئيندا رهيا. هنن ۾ هڪ اهو هئو تہ حڪومت سون کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ واري آهي يا تہ بزنيس مين ۽ صنعتڪار ملڪ ڇڏي ڀڄي وڃڻ وارا آهن. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پيپلز پارٽي بزنيس مين ۽ صنعتڪارن جا پاسپورٽ اقتدار ۾ اچڻ تي انهيءَ خدشي جي پيش نظر ضبط ڪري ڇڏيا هئا تہ هنن قومي خزاني کي لٽيو آهي.

اوير پاڪستان ۾ جنگ ۽ پارٽي اقدام جي ڪري هڪ سال اندر پاڪستان کي گهڻيون معاشي مشڪلاتون پيدا ٿي پيون هيون. فوري طور هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اهو ضروري هئو تہ پٺو غير ملڪي قرض ري شيڊول ڪرائي. گڏوگڏ اهو بہ هئو تہ انهيءَ عرصي دوران جيڪا غير يقيني ڪيفيت پيدا ٿي هئي تنهن کان بيزار ٿي ماڻهن ٿي ارب ڊالر ٻاهرين ملڪن ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيا هئا. اهي پئسا ڪيئن واپس اچن. انهيءَ مسئلي تي بہ هنن مالياتي مشيرن سان صلاح مشورو شروع ڪري ڏنو.

بهرحال، پٺي جو سڀ کان وڏو مسئلو چونڊيون ڪرائڻ ۽ ملڪي دفاع کي وڏيڪ مضبوط بنائڻو هئو انهيءَ ۾ پهرين گهرج عسڪري انتظام ۾ بهتري آڻڻ هئو. انهيءَ سلسلي ۾ ٽين مارچ 1972ع تي ٽنهي فوجن ۾ تبديليون آنديون ويون پر اهو سوال بار بار زير بحث اچڻ لڳو تہ جنرل ٽڪا خان کي وري ڇو آرمي جو سربراهہ بنايو ويو. تجزيہ نگارن جو خيال هئو تہ اهو سياسي/جمهوري ۽ فوجي ليڊر شپ کي برقرار رکڻ لاءِ ڪيو ويو. ائين لڳي رهيو هئو تہ فوجي ليڊر شپ، سياسي ليڊر شپ سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ انهيءَ قسم جا اهڃاڻ پڌرا ٿي رهيا هئا.

ڇهين مارچ تي پٺي جي جميعت علماءِ اسلام ۽ نيشنل عوامي پارٽي جي سربراهن سان ملاقات ٿي. رات جو فيصلي جو اعلان ڪيو ويو جنهن مطابق قومي اسيمبليءَ جو اجلاس 14-اپريل تي گهرايو ويو جڏهن تہ مارشل لا 14- آگسٽ 1972ع تي هٽايو ويندو. قومي اسيمبليءَ جي اجلاس سڏائڻ واري فيصلي جو سموري ماحول تي ڏاڍو سٺو اثر ٿيو. اعلان مطابق پهريون اجلاس ٽن ڏينهن لاءِ جاري رهڻو هئو ۽ ان لاءِ چار نڪاتي ايجنڊا تيار ڪئي وئي جيڪا هئي:

- صدر لاءِ اعتماد جو ووٽ
- 14- آگسٽ تائين مارشل لا جاري رکڻ

- عبوري آئين منظور ڪرڻ ۽
- اسيمبلي جي هڪ ڪميٽي تشڪيل ڏيڻ جيڪا 1۔ آگسٽ تائين آئيني مسودو تيار ڪري.

قومي اسيمبلي جي هن اجلاس جا نوٽيس اولهہ پاڪستان جي ميمبرن کي جاري ڪيا ويا جنهن جي معنيٰ اها هئي تہ اڻ سڌيءَ طرح بنگلہ ديش کي تسليم ڪيو ويو آهي. هن نوٽيس ٻين سمورين پارٽين جا ڪن ڪڙا ڪري وڌا.

ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ جي فوراً بعد اهڙو چوبول اٿيو تہ ڀٽو صاحب تحريڪ دوران پنهنجن سياسي مخالفن کان بدلا چڪائيندو. اها ڳالهہ تہ صحيح ثابت ڪانہ ٿي البتہ هن هڪ اهڙو قدم کنيو جيڪو اڳتي هلي متضاد بنجي ويو. اهو هئو 1300 آفيسرن جي جبري رٽائرمينٽ. ٻارهين مارچ تي مارشل لا ريگيوليشن 114 جاري ڪيو ويو جنهن هيٺ 11 پي سي ايس ۽ پنج فارين سروس جا آفيسر فارغ ڪيا ويا. هن کان سواءِ صوبائي حڪومتن بہ ائين ئي ڪيو جنهن جو وچور هن ريت آهي: سنڌ 75 آفيسر، سرحد 65 ۽ پنجاب 281. انهيءَ قدم بابت اهو اعلان ڪيو ويو تہ اجا بہ گهڻئي پراڻا ڪاٺ پيا آهن جيڪي پنهنجي آمدني کان وڌيڪ خرچ ڪن ٿا. حڪومت کي هيءَ تبديليون ’انتظامي تطهير‘ طور ڪرڻيون پيون. بهرحال، انهيءَ اعلان سان گڏ اهو بہ چيو ويو تہ ايماندار آفيسرن کي ڊڄڻ ۽ گهبرائڻ جي ضرورت ڪانهي ۽ پڪ ڏياري ويئي تہ هاڻي وڌيڪ صفائي ڪانہ ٿيندي.

هن فيصلي تي سياسي ليڊرن مختلف قسم جو ردعمل ڏيکاريو. مثلاً ولي خان چيو تہ متاثر ملازمن کي حقن ۽ سهولتن کان محروم نہ ڪيو وڃي ۽ هي تہ هنن کي اپيل جو حق ڏنو وڃي. ساڳيءَ طرح جي يو آءِ جي مفتي محمود چيو تہ ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي جج جي نگراني ۾ ٽربيونل ٺاهيو وڃي تہ جيئن ملازمن جو بہ نڪتہ نظر ٻڌو وڃي. گهڻي ڏي وٺ بعد اهو فيصلو ڪيو ويو تہ حڪومتي فيصلو ايمانداريءَ تي ٻڌل آهي تنهنڪري ڪنهن ٽربيونل جي گهرج ڪانهي.

مهيني جي وچ ڌاري حڪومت قومي ويمي کي قومي تحويل ۾ ورتو. هڪ صدارتي حڪم سان ٽرسٽيز کي مقرر ڪيو ويو جن سمورو ڪم سنڀالي ورتو. انگن اکرن مطابق ڪل 43 ڪمپنيون هن بزنيس ۾ رڌل هيون. جڏهن اڪائونٽس ڪيڙايا ويا تہ خبر پئي تہ هن بزنيس ۾ هڪ ارب 40 ملين رپيا سيڙيل هئا ۽ هن ڪاروبار مان 240 ملين رپين جو سالانہ فائدو ٿي رهيو هئو. هن فيصلي تي بہ ڌاڍي

وٺ تي.

هاڻي اسڪولن ۽ ڪاليجن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو اهم فيصلو ڪرڻو هئو. هنن ادارن جو فوري طور ڪو معاوضو ڏنو ويو پر وعدو ڪيو ويو تہ 1 ـ آڪٽوبر 1972ع کان معاوضو ڏنو ويندو. هن فيصلي تي سڀ کان دلچسپ تبصرو خان عبدالولي خان ڪيو تہ ”ڀٽي صدر صاحب سمورا سڌارا آٽي چڙيا آهن تنهنڪري هاڻي بدامني بند ٿيڻ گهرجي تہ جيئن ماڻهو ملڪ ۾ استحڪام ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪم ڪري سگهن.“

اسڪولن ۽ ٻين تعليمي ادارن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ واري فيصلي تي سڀ کان وڌيڪ ممڻ متو. انهيءَ جو ڪارڻ هيءُ هئو تہ خانگي ادارن ڳچ سرمايو ۽ گهڻي محنت ڪري هنن تعليمي ادارن جي ساک قائم هئي. تعليمي ادارن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جا ڪهڙا سبب آهن تن ۾ سڀ کان مکيہ سياسي هئو. حڪومت قائم ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي پارٽي جي رڪن سازي دوران ڀٽي صاحب ۽ ٻين ليڊرن سوشلسٽ نظرين جي تمام گهڻي تشهير ڪئي. دراصل، اهو هندستان جي اندرا گانڌي جي نعري ”غريبي هٽائو“ واري نعري جو جواب هئو جنهن ۾ ڀٽي صاحب جو نعرو روٽي، ڪپڙا اور مڪان هئو جنهن ڪيس ۽ سندس پارٽي کي مسند اقتدار تائين پهچايو.

تعليمي ادارن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ ۾ هڪ وڏو نقصان اهو ٿيو جو جيڪي ادارا ورهين جي محنت ۽ ڪروڙن جي سرمايي سان ٺهيا هئا ۽ جن ملڪ جي اعليٰ ليڊر شپ پيدا ڪئي سي بہ قومي ملڪيت ۾ هليا ويا.

دراصل قومي ملڪيت ۾ وٺڻ وارو فيصلو ٻن مرحلن ۾ ٿيو. پهرين مرحلي ۾ ويمي، ڳرين صنعتن، بئنڪن ۽ ٻين اهڙن تجارتي شعبن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو جيڪي تقريباً ڪارپوريٽ ڪلچر وانگيا هلي رهيا هئا. پر انهيءَ ۾ ڀٽي غلطي اها ڪئي تہ اهي سمورا يونٽ ڪامورن جي حوالي ڪري ڇڏيا جن کي هنن ادارن هلائڻ جو ڪو تجربو ڪونہ هئو بلڪ هنن انهن ادارن کي سرڪاري دفترن وانگيان بابو لوڪن جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو ۽ خود صرف صحيحون ڪرڻ لاءِ ويٺا رهيا. هنن مان ڪجهہ ڪمرشل يونٽ تہ اهڙا فعال هئا جو انهن ۾ ڪيتري بہ سستي کان ڪم ورتو ويو تنهن هوندي بہ هلندا رهيا جهڙوڪر بئنڪون ۽ ويمي ڪمپنيون.

بهرحال، اهو تجربو اسڪولن ۽ ڪاليجن جي معاملي ۾ تمام ابتڙ ثابت ٿي.

هنن تجربي ۾ مشهور ۽ معروف تعليمي ادارا شامل هئا جن لائق ماهرن جي نظرداري هيٺ قوم جي ايندڙ ليڊرن ۽ ذهين ماڻهن جي نہ صرف تربيت ڪئي پر هنن جي اهڙي ڪردار سازي ڪئي جيڪا هنن ادارن جي ليڊر شپ کانسواءِ ناممڪن هئي. هن ڳالهہ ڪندي هي حقيقت نظرانداز ڪرڻ نہ گهرجي تہ ٽيچر ٽريننگ جو پروگرام جيڪو بهتر شاگرد جي تياري لاءِ بنيادي ضرورت هوندو آهي اهو ختم ٿي ويو. گهڻا استاد جيڪي هي ڪم رضاڪارانہ طور ڪندا هئا سي ڪناره ڪش ٿي ويا ۽ جڏهن هنن کي وري پرائيويٽائيز ڪيو ويو تہ پراڻي انتظاميہ فيون ۽ اخراجات ايترا وڌائي ڇڏيا جو هڪ وچولي طبقي جي ٻار لاءِ پڙهڻ بہ محال ٿي ويو.

تعليمي ادارن کي اج کان 40 سال اڳ قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو. آڪٽوبر 2010ع يعني هن فيصلي جي هڪ پيڙهي کانپوءِ وزيراعظم يوسف رضا گيلاني انهيءَ فيصلي کي وڏي غلطي تسليم ڪيو. پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ عملي زندگيءَ جي پهلو کي سياست جي نظر سان نہ ڏسجي. جيتريقدر ويمي جي ڪاروبار کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو تعلق آهي تنهن عوام ۾ ڪو گهڻو ڇوٻول نہ پيدا ڪيو پر اسڪولن ۽ ڪاليجن ضرور هڪ قسم جي بيچيني جي لهر پکيڙي. هن ردعمل ۾ ڪئين افواهہ بہ گهمڻ لڳا. بهرحال، اهي سموريون ڳالهيون افواهہ ئي ثابت ٿيون.

# ٦

- سياسي فضا
- ڀٽي جي ايجنڊا
- عبوري آئين جي تياري
- نعپ جي يوآءِ سان ناهه

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڀٽي وٽ هڪ سياسي ايجنڊا هئي ۽ هن پارٽي جي ذريعي انهيءَ تي عمل ڪرڻ پئي چاهيو. انهيءَ ضمن ۾ هن جا فيصلا ڪي ناقابل تغير ڪونہ هئا. البتہ ڪي اهڙا بہ فيصلا هئا جن تي ڪن قريبي پارٽي ليڊرن کي رزرويشنس هيون.

هاڻي ڀٽو اهڙو قدم کڻڻ وارو هئو جنهن سان سياسي فضا ٺهي سگهي ۽ انهن مان ڪي اهڙا بہ هئا جن بعد ۾ سواليہ نشان چڙيا. مثلاً ڪئين فيصلا اهڙا هئا جيڪي ڀٽي مارشل لا ريگيوليشنز جي ڇٽي هيٺ ڪيا. جيتوڻيڪ پيپلز پارٽي کي قومي اسيمبلي ۾ ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ واضح اڪثريت حاصل هئي. قومي اسيمبلي جي 144 سيٽن مان پيپلز پارٽي کي 88 سيٽون واڌو فاٽا مان 7, پنجاب اسيمبليءَ مان 186 سيٽن مان 119, سنڌ جي 62 مان 36 سيٽن جي حمايت حاصل هئي.

مخالف سياسي پارٽيون ۽ اخبارون انهيءَ تي زور ڀري رهيون هيون تہ ويمي ڪاروبار کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ يا زرعي سڌارا مارشل لا ريگيوليشن هيٺ آندا ويا پر پگهارن جا نوان اسڪيل, مزدور سڌارا, آفيسرن کي جبري رٽائر ڪرڻ يا تعليمي ادارن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ لاءِ اسيمبلي اجلاسن جو انتظار ڪرڻ

گھرجي. ان طرح انهن فيصلن کي عوامي مقبوليت جو درجو حاصل ٿي ويجي ها. انهيءَ ٽڪڙ جو بظاهر ڪو سبب ڪونہ هئو پر ائين ٿي لڳو تہ ٻئي ٽڪڙا نتيجا ڏسڻ ٿي گھريا.

هاڻي هن جو سمورو توجہ جنگي قيدين جي آزادي ۽ انهيءَ سان ڳانڍاپيل مسئلن جو هئو. ٻيو مسئلو هئو بنگلہ ديش ۾ بهارين جو. جماعت اسلامي جو سمورو زور انهيءَ ڳالھہ تي هئو تہ ڇاڪاڻ تہ هو پاڪستاني آهن تنهنڪري هنن کي گھرايو وڃي. دراصل ائين ڪونہ هئو. اهي ئي ادائي لک ماڻهو هئا جن جماعت اسلامي جي ٺاهيل "الشمس ۽ البدر" جهڙن گروپن جي ذريعي بنگالين سان ظلم ڪيا. اها ٻي ڳالھہ آهي تہ بنگالي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ هاڻي هو جوابي ڪارروائي کان خائف هئا, انهيءَ ڪري ڊار تي ويهي رهيا. جماعت هنن جي پاران گھوڙا گھوڙا ڪري رهي هئي. ٻئي طرف ٻين پارٽين جو موقف هئو تہ هو ڇاڪاڻ تہ 1947ع کان وٺي بنگال ۾ ئي ترسيل هئا ۽ اڻ ورهايل ملڪ جي شڪل ۾ اوير پاڪستان اندر ترسيل هئا تنهنڪري هنن کي اتان جو شهري ٿي رهڻ گھرجي. اڌ صدي گذرڻ بعد بہ هي مسئلو جماعت اسلامي زنده رکيو اچي. پر جنگي قيدين جي واپسي ۽ هندستان جي قبضي ۾ پاڪستان جي هارايل زمين وڌيڪ اهم هئو.

ڇهين مارچ 1972ع تي هن ٻن پارٽين جميعت علماءِ پاڪستان ۽ نيشنل عوامي پارٽي سان هڪ تہ ڏريو ٺاهہ ڪيو جنهن جو اعلان صدر ڀٽي پاڻ ريڊيو ۽ ٽي وي تان ڪيو. هن ٺاهہ جا نڪتا هيءُ هئا:

الف) پاڪستان جي قومي اسيمبلي 14 آگسٽ 1972ع تي تن ڏينهن لاءِ گھرائي ويندي.

ب) ملڪ جي حڪومت عبوري آئين ٺاهيندي جڏهن تہ اسيمبلي هڪ مستقل آئين ٺاهيندي رهندي.

ت) مارشل لا 14 آگسٽ تي کنيو ويندو. انهيءَ ڏينهن قومي اسيمبلي آئيني مسودي تي غور ڪندي.

ٿ) 14۔ اپريل تي گھرايل محدود مدت لاءِ اسيمبلي اجلاس آڏو ايجنڊا تي ٽي اسم هوندا:

1. اسيمبلي ميمبر صدر ڀٽي جي لاءِ اعتماد جو ووٽ ڏيندا.
2. انهيءَ تجويز تي غور ڪندا تہ عبوري آئين گورنمينٽ

آف انڊيا ائڪٽ، 1935ع ۽ دي انڊيا انڊيپينڊنس ائڪٽ، 1947ع جي بنياد تي هوندو ۽ عروضي حالتن سان نهڪندي سمورين ضروري ترميمن سان هوندو.

3. مارشل لا 14 آگسٽ 1972ع تائين جاري رکڻ لاءِ ووٽ ڏنو ويجي.

ٿ) جيڪي ميمبر هڪ ڪان وڌيڪ ايوانن ۾ ڪتي آيا آهن سي اها اپوزيشن جاري رکندا جيستائين مستقل آئين منظور ٿي وڃي.

ٽ) صدر، نائب صدر، گورنر/وزير يا مشير خواهه اهي مرڪز ۾ يا صوبن ۾ چونڊيا هجن. اهي سمورين اسيمبلين جا ميمبر رهندا جن جي لاءِ هو چونڊجي آيا آهن.

ٺ) جيستائين قومي اسيمبلي مستقل آئين منظور ڪري، تيستائين مرڪزي حڪومت کي اختيار هوندو تہ هو صوبن ۾ گورنر مقرر ڪري، بهرحال، مفاهمت جي طور/خير سگالي جي جذبي تحت مرڪز سرحد ۽ بلوچستان اسيمبلين ۾ اڪثريتي پارٽين سان مشورو ڪندي.

ڀ) مرڪز يا صوبن ۾ حڪومتون اڪثريت جي بنياد تي ٺاهيون وينديون. مرڪز پنجاب ۽ سنڌ ۾ پيپلز پارٽي حڪومتون ٺاهيندي. جڏهن تہ سرحد ۽ بلوچستان ۾ جميعت علماءِ اسلام ۽ نيشنل عوامي پارٽي ٺاهيندي.

پ) صوبائي اسيمبليون، قومي اسيمبلي جي اجلاس کان هڪ هفتو پوءِ يعني 21 - اپريل تي گهرايون وينديون ۽

ت) آئين ساز ڪميٽي پنهنجي رپورٽ 1 - آگسٽ 1972ع تي پيش ڪندي ۽ قومي اسيملي 14 - آگسٽ 1972ع تي سڏائي ويندي ۽ انهيءَ ئي ڏينهن مارشل لا کنيو ويندو.

هن معاهدي دنيا تي اهو عيان ڪري ڇڏيو تہ ڀٽو جمهوري روايتن جي پاسداري ڪري ٿو تنهنڪري سيني کي ائين سوچڻ گهرجي. معاهدي کانپوءِ جميعت ۽ نيشنل عوامي پارٽي هاڻي پاڻ کي برابر جي حصيدار طور سمجهڻ لڳا ۽ هئو بہ ائين، ٻنهي پارٽين کي آسرو هئو تہ کين مرڪز ۽ صوبن ۾ پنهنجي ڀاڱي جو حصو ملندو. خان عبدالولي خان پشاور ۾ اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو:

”صدر طرفان آنڌل سڏارن مان اهو صاف ظاهر آهي تہ هن مختلف طبقن جي حقن کي واضح ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ پرامن حالتون پيدا ڪيون وڃن.“ مفتي محمود بہ ڪجهہ انهيءَ قسم جا رمارڪ ڏنا.

مفتي محمود  ائين چيو: ”صورتحال جي نوعيت کي سمجهندي هاڻي صدر بين پارٽين ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ شروع ڪري ڏنو آهي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن هڪ قابل عمل فارمولا تي اتفاق ڪري سگهجي، جنهن سان سياسي استحڪام ايندو.“

ٽنهي پارٽين انهيءَ تي اتفاق ڪيو تہ اهو نظريہ پاڪستان جي عين مطابق آهي.

بهرحال بلوچستان ۽ سرحد ۾ اختيارن جي ورهاست اڃا زير بحث هئي.

چوڏهين اپريل 1972ع جي تاريخ جيئن ويجهو ايندي تي ويئي تيئن سياسي صفن ۾ اهو بحث زور وٺندو ويو تہ قومي اسيمبلي جو اختتامي اجلاس تہ ڏري ناهہ مطابق خير سان منعقد ٿيندو. دراصل ڇئن مهينن جي عرصي دوران پارٽين پيپلز پارٽي تي الزام لڳايو تہ هو ناهہ تان ڦري ويئي جڏهن تہ پيپلز پارٽي جا ليڊر چئي رهيا هئا تہ ناهہ تان ڦرڻ قوم ۽ ملڪ لاءِ خطرناڪ ٿيندو.

ڇهين مارچ 1972ع تي، سيني قومي اسيمبلي جي پهرين مجوزه اجلاس کان سوا مهينو اڳ گورنر مقرر ڪرڻ ۾ دير تي ويئي. هن تہ ڏري ناهہ ۾ گورنرن جي مقرري جي ڪا تاريخ مقرر ڪانہ هئي پر تاخير گهڻن قسمن جا وسوسا پيدا ڪري ڇڏيا. سياسي پارٽين، جن جو ڪو ڪردار ڪونہ رهيو هئو تن انهيءَ قسم جون ڳالهيون پکيڙڻ شروع ڪيون تہ پيپلز پارٽي ناهہ جي پيچڪڙي ڪري رهي هئي، جيتوڻيڪ انهيءَ قسم جي ڪا ڳالهہ ڪانہ هئي.

خان عبدالولي خان بہ هڪ عدد بيان جاري ڪري ڇڏيو تہ نوان گورنر جڏهن ۽ جيڪي بہ مقرر ٿيا سي اڳين گورنرن جي قدمن ۽ فيصلن تي نظرثاني ڪندا. هن بيان بہ گورنرن جي مقرري ۾ دير ڪئي پر اندروني طور ائين لڳي رهيو هو تہ ڪا طاقت گورنر جي مقرري ۾ دير ڪرائي رهي هئي. انهيءَ سان گڏ جيڪا خطرناڪ صورت ايري رهي هئي تہ هنن ٻن صوبن جي اڪثريتي پارٽين کي اقتدار جي منتقلي ۾ دير ٿي رهي هئي.

هاڻي پيپلز پارٽي لاءِ، خاص ڪري پنهنجي لاءِ نوان مسئلا پيدا ٿي رهيا هئا جن جي باري ۾ پنهنجي کي اهم ۽ ترت فيصلا ڪرڻا پئي پيا. مثلاً احمد رضا قصوري

جنهن ڪجهہ وقت پارٽي کان ڌار ٿي پنهنجي نالي سان پيپلز پارٽي جي ونگ ٺاهي ورتي هئي، سو پارٽي جي مک ڌڙي ۾ اچڻ تي گهريو. پر انهيءَ ۾ دير ٿيڻ بہ ضروري هئو هن ڪري جو نئين گروهہ لاءِ هن وٽ ڪا حمايت ڪانہ هئي. هن گهٽو ڪري بہ چار ميمبرن ۽ فاٽا جي ميمبرن تي ڀاڙيو هئو پر ٿيو هيئن تہ فاٽا جا ست ئي ميمبر هن کان ڦري ويا. پر ڀٽي کي ياد رهجي ويو تہ قصوري هن جي اعتماد کي ڌڪ پهچايو.

اهو فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ ڏري ناهہ ۾ گهاري چو پئي ۽ ڪنهن وڏي چاڪاڻ جو نيشنل عوامي پارٽي ۽ جميعت العلماء اسلام حڪمران پيپلز پارٽي تي الزام ڌري رهيون هيون جڏهن ڀٽي جون ترجيحات ٻيون هيون جنهن ڪري ممڪن آهي تہ ڀٽو هنن پارٽين جي نڪتہ نظر کي سمجهي نہ سگهيو هجي ۽ اها ئي ڳالهہ ناهہ وارين پارٽين جي دلسوزي جو ڪارڻ بني. پر هڪ غير جانبدار تجزيو اهو ئي چئي ٿو تہ ڀٽو صاحب پنهنجي رويي ۽ فيصلي ۾ صحيح هئو.

اها تہ مڪي جنگ ٿيڻ واري هئي پر ڀٽي اها ڳالهہ سمجهي ورتي تہ ان وقت اندرون خانہ عدم استحڪام واري صورت پيدا نہ ٿي. ڪيس هندستان ۾ قيد هڪ لک جنگي قيدي واپس وڻا هئا. مقبوضہ سرحدي علائقا واپس ڪرائڻا هئا ۽ هندستان مان ڪنهن ناهہ تي پهچڻو هئو تہ جيئن پاڪستان معاشي ۽ سماجي استحڪام تي توجہ ڏئي سگهي. انهيءَ معاملي ۾ سڀ کان اهم واقعا عالمي حالتون، هندستان سان ناتن کي نارمل آڻڻ ۽ ٻيون سياسي حالتون هيون تنهنڪري ڀٽي اهڙو رويو اختيار ڪيو جو انهن سمورن سياسي پارٽين کي پنهنجو ڪري ورتائين. ڪن پارٽين کي مرڪز ۾ ڪن کي صوبن ۾ 'ڪپائي' هڪ تمام نازڪ ۽ اهم قومي مسئلي کي حل ڪري ڇڏيائين.

هن ضمن ۾ پهريون اعلان جنهن ۾ هن سڀني سياسي پارٽين کي پنهنجو حامي ڪري ڇڏيو هئو تہ جيڪڏهن 14 ـ اپريل واري قومي اسيمبلي جي اجلاس عبوري آئين منظور ڪري ڇڏيو تہ هو مارشل لا 14 ـ آگسٽ 1972ع بدران 21ـ اپريل تي هٽائي ڇڏيندو. هن اعلان سياسي ليڊرن، جماعت اسلامي سميت، تن ۾ اهو اعتماد وهاري ڇڏيو تہ ڀٽو جمهوري اصولن جو علمبردار آهي، حالت هيءَ ٿي جو جي يو آءِ جي مفتي محمود، نعپ جي خان عبدالولي خان، سردار شوڪت حيات، ميان ممتاز دولتانہ، غوث بخش بزنجي ۽ جماعت اسلامي جي پروفيسر غفور احمد سميت سڀني سياسي پارٽين جي ليڊرن حمايت جا بيان جاري ڪري ڇڏيا ۽

پيٽي کي جمهوريت جو وڏو ليڊر تسليم ڪري ورتو.

هاڻي پيٽي جي آڏو اها ايجنڊا هئي تہ ڪيئن مخالفن کي حامي بنائجي. انهيءَ ۾ سڀ کان اهم ڪم اهو هئو تہ خان عبدالقيوم جيڪو سياسي طور پيٽي جو سدائين مخالف رهيو ۽ جيڪو انتخابي مهم ۾ سدائين پيٽي جي تنقيد جو نشانو بنيو تنهن کي هن مرڪز ۾ قبائلي ۽ گهرو معاملن جو وزير بنائي سموري محاذ کي موافق بنائي ڇڏيو. خان عبدالقيوم کي ٻيو ڇا گهربو هئو. خان قيوم کي بہ ساڃي لڳي تہ خبر ناهي هن کانپوءِ اقتدار جي ڪرسي ملي يا نہ. تنهن هڪدم ها ڪري حلف کنيو ڇڙڪ پيٽي جي مٿي جي هڪ جونءِ مارجي ويئي.

پيٽي هڪ ٻيو قدم بہ کنيو جنهن سندس حمايت ۾ اضافي سان گڏ سندس قد ۾ بہ اضافو ڪيو. اهو هي تہ هن ننڍين پارٽين کي ڪابينہ ۾ هڪ هڪ سيٽ ڏني. خان ولي ۽ مفتي محمود کيڏاري هئا تن کي خبر ناهي ڪهڙي ڳالهہ آئڙي، تن اها آڇ ڪانہ مڃي. بهرحال، پيٽو اڳي کان طاقتور ٿي ايريو پر اها صورت گهڻو عرصو هلي نہ سگهي. ٿوري وقت کانپوءِ نعپ ۽ جميعت صدر پيٽي جي سياسي بہ انتظامي فيصلن جي تعريف ڪرڻ لڳا. هنن پنهنجي اسٽائيل ۾ ماڻهن کي اهو چوڻ شروع ڪيو تہ هن اتحاد جو هڪ نئون دروازو کوليو آهي.

◈ ◈ ◈

# ۷

- بنيادي حق
- دفاع پاڪستان قوانين
- شملہ ٺاهہ
- سرخرو ٿيو
- ٻوليءَ جا افسوسناڪ فساد

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڀٽي ڪي ماڻهن جو اونو هئو. هي اهو ئي ڪارڻ هئو جو هو جتي ويهندو هئو ماڻهن جي ڳالهہ ڪندو هئو. هن ڪي خبر هئي تہ ماڻهو ڪهڙي حالت ۾ آهن ۽ هو انهن ڪي ڪيئن ڪڍي سگهي ٿو. هن سوشلزم ڪي انهيءَ ڪري پنهنجي سياسي مسلڪ طور آڏو آندو ۽ انهيءَ ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ انهيءَ نعري ماڻهن جي اکين ۾ هڪ قسم جي چمڪ پيدا ڪئي ۽ ڪين اها اميد ڏياري تہ هو هنن جي اميدن تي پورو لهڻ جي ڪوشش ڪندو. اڄ قدرت ڪيس اهو موقعو ڏياريو پر اڃا بہ منزل حاصل ڪرڻ ۾ گهڻيئي مشڪلاتون هيون.

ماڻهن جا بنيادي حق اڃا معطل هئا، ملڪ ۾ هنگامي حالتون لاڳو هيون. دفاع پاڪستان جا قانون عمل ۾ هئا جن جي باري ۾ پيپلز پارٽي جي مخالفين کي شڪايت هئي تہ اهي سياسي مخالفت نپائڻ لاءِ استعمال ڪيا پئي ويا. ڀٽي جي پاليسي جي عملي صورت اها هئي تہ هن سياسي مخالفت پنهنجي حڪمت عملي سان ختم ڪري ڇڏي هئي. ڀٽي کي سياسي ميدان ۾ اهڙي ليڊر جي حيثيت حاصل هئي جو هو جيڪي بہ قومي ۽ بين الاقوامي معاملا هندستان سميت اڻ نبريل مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ ڳالهائڻ جي پوزيشن ۾ هئو پر هو ڪنهن ٻي ڳالهہ جي انتظار ۾ هئو.



ذوالفقار علي ڀٽو هندستان جي وزيراعظم اندرا گانڌي سان گڏ، شملہ ۾ قيدين جي واپسي جي ٺاهہ ٿيڻ کان اڳ اسٽيٽ گيسٽ هائوس جي ڇپر تي چهل قدمي ڪري رهيا آهن

بين الاقوامي سطح تي سڀ کان اهم مسئلو پاڪستان جا جنگي قيدي واپس ڪرائڻ، مقبوضہ علاقا آزاد ڪرائڻ ۽ هندستان سان ناتا معمول تي آڻڻ هئو جيڪي اجا ڪونہ تي سگهيا هئا.

گهريلو سطح تي اسلامي سوشلزم جو نعرو پيپلز پارٽي کي ايوان تائين پهچائڻ ۾ تہ ڪامياب ذريعو هئو پر هاڻي جاگيرداري بہ آڏي اچي رهي هئي. ائين لڳي رهيو هئو تہ ڀٽي کي سڌارا آڻڻ ۽ نظام کي بهتر بنائڻ لاءِ انهن جاگيردارن جي حمايت بہ گهربي هئي. اپوزيشن ۾ ساڄي ڌر جون جماعتون ڀٽي جي آزاد خيالي جو فائدو وٺي سوشلزم تي تنقيد ڪرڻ ۾ سڀ کان اڳريون هيون. هاڻي ڀٽي وٽ انهيءَ ڪانسواءِ ڪو حل ڪونہ هئو تہ هو پنهنجي اتحاد ۾ اهڙو ماڻهو ڳولي جيڪو سندس نظريي ۽ نڪتہ نظر کي تحفظ ڏيئي سگهي. اهو ڪم خان عبدالقيوم کان ٻيو بهتر ماڻهو ڪونہ پئي ڪري سگهيو. تنهنڪري کيس ترجمان بنائي اڳتي وڌائي چڏيائين ۽ پاڻ ٻين اهم ڪمن ۾ لڳي ويو.

هن جو پهريون مقصد جنگي قيدين جي واپسي، هندستان جي طرفان مقبوضہ علائقن جي آزادي ۽ تعلقات کي معمول تي آڻڻ هئو اڻ ڏٺل چينلس يا بيڪ ڊور چينلس جي ذريعي هندستان سان ڳالهيون شروع ٿيون ۽ نيٺ وزيراعظم اندرا گانڌي ڳالهين جي لاءِ راضپو ڏيکاريو. سيڪريٽري سطح تي اڳ ۾ تياريون تي چڪيون هيون. قطعي طور تي ڀٽي صاحب کي ۽ اندرا گانڌي کي ڳالهائڻو هئو ۽ هي ملاقات شملہ ۾ رکي ويئي. جون 1972ع جي آخري تاريخن تي ڳالهيون شروع ٿيون، ڳالهيون شروع ٿينديء ئي هندستاني ليڊر شپ هڪ فاتح وانگيان ڳالهائڻ شروع ڪيو پر اڳيان بہ ڀٽو هئو. اندرا گانڌي جو خيال هئو تہ هڪ ڪمپوزٽ ناهہ ڪيو وڃي جنهن ۾ ڪشمير جو بنيادي مسئلو طئي سمجهيو وڃي. ڀٽي جو سمورو زور انهيءَ تي هئو تہ ايجنڊا جي هڪ هڪ نڪتي تي ڌار فيصلو ڪيو وڃي ۽ ڪنهن بہ ذيلي مسئلي کي بنيادي مسئلي سان منسلڪ نہ ڪيو وڃي.

ڀٽو وفد ۾ سرڪاري آفيسرن سان گڏ سياسي ليڊر ۽ پنهنجي ڌيءَ مس بينظير ڀٽو (پنڪي) بہ وٺي ويو هئو. ڳالهين جي سموري پروسيس دوران هندستاني ليڊر شپ پنهنجي موقف تان هٽڻ لاءِ تيار نہ هئي پر ڀٽو بہ پنهنجي سموري تدبر سان انهن کي جواب ڏيندو آيو.



ٻين جولاءِ، 1972ع تي ذوالفقار علي ڀٽو ۽ مس بينظير ڀٽو ڀارتي وزيراعظم اندرا گانڌي سان گڏ، شمله ۾

اٿين محسوس ٿي رهيو هئو تہ شملہ ڳالهيون ناڪام ٿي وينديون پر عين 2 جولاءِ 1972ع جي رات مس اندرا گانڌي جي طرفان ڏنل ڊنر کانپوءِ ڇهہ ٽي ڇهل قدمي دوران ٻنهي ليڊرن کلي دل سان ڳالهيون ڪيون ۽ اوچتو خبر پئي تہ ٻنهي ملڪن جي خارجہ سيڪريٽرين کي سڏايو ويو ۽ طئہ ٿيل مشترڪہ ٺاهہ جو اعلان ڪيو ويو. هن ٺاهہ جو روح هئو تہ ٻئي ملڪ هڪٻئي جي مقبوضہ علائقن تان قبضو هٽائيندا، فوجي قيادت واپس ڪندا ۽ هندستان سان لاڳاپا معمول تي آڻيندا. هن ٺاهہ ۾ هڪ سٽ اها وڌي ويئي تہ ڪشمير جي بنيادي مسئلي تي ٻنهي ملڪن پنهنجو نڪتہ نظر پيش ڪيو ۽ طئہ ڪيو تہ اهو ڳالهين جي ذريعي حل ڪيو ويندو.*

هڪدم سيڪريٽرين کي سڏيو ويو. ٻنهي وزراء اعظم جا نائب ۽ آفيسر اچي ويا. ٺاهہ ڊرافٽ ڪيو ويو ۽ رات جو دستخط ڪيا ويا. هن ٺاهہ ۾ ڪشمير جي مقبوضہ علائقن تان هندستان قبضو ڇڏڻ، جنگي قيدي غير مشروط طور ڇڏڻ ۽ هندستان سان لاڳاپا معمول تي آڻڻ جو عهد ڪيل هئو.

شملہ معاهدي جو ترجمو هن ريت هيو:

پاڪستان ۽ ڀارت جي حڪومتن اهو طئہ ڪيو تہ ٻنهي ملڪن جي درميان جيڪا اختلاف ۽ ڇڪتاڻ واري ڪيفيت آهي تنهن کي ختم ڪيو وڃي ۽ دوستانہ تعلقات کي هٿي ڏني وڃي تاڪ برصغير ۾ ديرپا امن قائم ٿئي ۽ ٻئي ملڪ پنهنجي عوام جي سک ۽ ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري سگهن.

هن مقصد جي حصول لاءِ ٻنهي حڪومتن هيٺين نڪتن تي اتفاق ڪيو:

i) ٻنهي ملڪن جا تعلقات اقوام متحده جي چارٽر جي تابع هوندا.

ii) ٻئي پنهنجا تنازعا ٻہ طرفہ ڳالهين جي ذريعي پرامن طريقي حل ڪندا ۽ جيستائين اهي حل ٿين تيستائين ڪا بہ ڌر اهڙو قدم نہ کڻندي جنهن سان پرامن ماحول کي نقصان رسي.

iii) ٺاهہ جي پيشگي شرط طور سٺا پاڙيسري وارا تعلقات، پرامن بقاءِ باهمي، هڪٻئي جي علائقائي سالميت کي تسليم ڪرڻ ۽

* بعد جا اطلاع آهن تہ آخري رات واري ڊنر کانپوءِ پٽو ۽ اندرا گانڌي شملہ ۾ لان تي ڇهل قدمي ڪري رهيا هئا تہ ڪشمير جي مسئلي تي هڪ عمومي قسم جو ٺاهہ ٿي ويو تہ ٻئي ڌريون ڳالهين جي ذريعي اهو مسئلو حل ڪنديون (مصنف).

هڪٻئي جي معاملن ۾ عدم مداخلت هوندي.

iv) اهي مسئلا ۽ تنازعا جن ٻنهي ملڪن کي 25 سالن کان هڪٻئي جي خلاف رکيو آهي تن کي پرامن طريقي حل ڪيو ويندو.

v) ٻنهي طرفن کان هڪ ٻئي جي علاقائي سالميت، آزادي ۽ سياسي آزادي جي عزت ڪئي ويندي.

vi) اقوام متحده جي چارٽر مطابق ٻئي ملڪ هڪٻئي جي علاقائي سالميت يا سياسي آزاديءَ برقرار رکڻ خاطر طاقت جو استعمال نہ ڪندا.

2۔ ٻئي حڪومتون هڪ ٻئي جي خلاف معاندانہ پروپيگنڊا کان پاسو ڪنديون ۽ اهڙي معلومات جي فراهمي ۾ مدد فراهم ڪنديون جنهن سان دوستانہ تعلقات وڌڻ ۾ مدد ملي.

3۔ ٻنهي ملڪن جي درميان قدم بقدم تعلقات معمول تي آڻڻ لاءِ هي طئي ڪيو ويو:

i) مواصلات، ٽپال، تار بحري ۽ زميني چوڪين جي ذريعي اچ وڃ ۽ فضائي رابطا بحال ڪرڻ بشمول زمين جي مٿان پرواز ڪرڻ جي سهولتن کي بحال ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا.

ii) هڪ ٻئي جي شهرين کي سفر جي سهولتن ڏيڻ ۽ وڌائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا.

iii) واپار، اقتصادي ۽ ٻين شعبن ۾ جيستائين ممڪن ٿئي تعاون وڌايو ويندو.

iv) سائنس ۽ ثقافت ۾ تعاون وڌايو ويندو.

هن سلسلي ۾ ٻنهي ملڪن جا وفد ملندا رهندا تہ جيئن ضروري تفصيلات طئہ ڪري سگهجن.

4۔ ٻنهي ملڪن جي درميان ديرپا امن قائم ڪرڻ لاءِ اهو طئہ ڪيو ويو:

i) ڀارتي ۽ پاڪستاني فوجون پنهنجي بين الاقوامي سرحد تائين واپس هلي وينديون.

(ii جمون ۽ ڪشمير ۾ 17 ڊسمبر 1971ع واري جنگبندي جي نتيجي طور لائين آف ڪنٽرول جو احترام ٻئي ڌريون بنا ڪنهن حساب جي ڪنديون. ٻئي ڌريون وڏيڪ طئہ ڪن ٿيون تہ لائين آف ڪنٽرول تي طاقت جي استعمال کان پاسو ڪنديون.

(iii فوجن جي واپسي هن معاهدي جي عمل ۾ اچڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر مڪمل ٿيندي.

5۔ هي معاهدو ٻنهي حڪومتن جي سندن آئيني ادارن جي توثيق جي ماتحت جنهن ڏينهن توثيق ٿيندي ان ڏينهن کان نافذالعمل هوندو.

6۔ ٻنهي حڪومتن جا سربراهہ انهيءَ ڳالهہ تي اتفاق ڪن ٿا تہ هو ٻنهي جي طرفان متفقہ طور طئي ٿيل ڪنهن تاريخ تي ملندا رهندا. انهيءَ اثناء دوران ٻنهي طرفن جا نمائندا, هڪ ديرپا امن ۽ تعلقات جي بحاليءَ لاءِ ملندا رهندا تہ جيئن هو انهيءَ پروسيس جو طريقہ ڪار طئہ ڪن جنهن ۾ جنگي قيدين ۽ شهري قيدين جي واپسي انهيءَ ۾ شامل آهي. جمون ۽ ڪشمير جي تنازعي جو قطعي فيصلو سفارتي تعلقات جي بحالي تائين ڳالهيون هلنديون.

| | |
|---|---|
| (اندرا گانڌي) | (ذوالفقار علي ڀٽو) |
| وزيراعظم | صدر |
| جمهوريہ هندستان | اسلامي جمهوريہ پاڪستان |

شملہ 2 جولاءِ 1972ع



2ـ جولاءِ 1972 تي صدر ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ڀارتي وزيراعظم مسز اندرا گانڌي شملہ ٺاهہ تي صحيحون ڪري رهيا آهن.

پٽي جي اها ڪاميابي هئي بلڪ ائين چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ ميدان جنگ ۾ جتي پاڪستان کي زميني جنگ ۾ ڪجھہ علاقا ڇڏڻا پيا اتي پٽي شملہ جي لان تي سڀ ڪجھہ ابتڙ ڪري ڇڏيو.

اها خبر پوري دنيا ۾ باھہ وانگيان پکڙجي ويئي ۽ ڀٽي ڏينهن پٽو هڪ ڪامياب مدبر وانگيان موتي آيو تہ هڪ مطمئن قوم هن جو زبردست آجيان ڪيو.

هن ناھہ پٽي کي جهڙوڪر نئين سر ليز ڏني. هاڻي هن ٻين مسئلن تي توجہ ڏيڻ شروع ڪيو. انهن ۾ سڀ کان پهريائين سمورين سياسي پارٽين سان مفاهمت ڪري ملڪ جي معاشي ۽ سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ونيون.

## ٻوليءَ جو بل ۽ هنگاما

ٽين جولاءِ 1972ع تي سنڌ اسيمبلي هڪ بل پاس ڪيو. هيءُ بل اهو هئو تہ سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو حاصل هوندو. اسيمبليءَ ۾ تقريرون ٿيون. موافقت ۽ مخالفت ٻنهي ڌرين طرفان جوشيليون تقريرون ڪيون ويون. نيٺ اسپيڪر ايوان ۾ بل تي ووٽنگ جو حڪم ڏنو اسيمبليءَ جي 62 ميمبرن مان 50 جي اڪثريت سان بل پاس ڪيو ويو.

بل چا پاس ٿيو ڪراچي جي اردو اخبار جنگ پهرين صفحي تي ڪارا بارڊر ڏيئي اهو شعر ڏهرايو تہ "اردو کا جنازہ ہے ذرا دھوم سے نکلے" ٻين اخبارن ايترو وزن ڪونہ ڏنو البتہ سرخي طور ان خبر کي ڏنو. خبر چا ڇپي، سڄي سنڌ ۾ باھہ لڳي ويئي. هر هنڌ مهاجر سنڌي جهيڙا ٿيا. ڪئين بي گناھہ مارجي ويا جن ۾ بنا تخصيص جي استاد، شاگرد، سياسي ورڪر، خاموش شهري ماريا ويا. مارڻ جا عجيب عجيب فسطائي نمونا عمل ۾ آندا ويا. ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ ڪرفيو لڳايو ويو. ماڻهو محفوظ جاين تي منتقل ٿيڻ لڳا. ايستائين جو لطيف آباد ۾ سنڌي ماڻهو لڏي قاسم آباد جي نئين اڏيل شهرن ۾ آباد ٿيڻ لڳا. نين آبادين ۾ جاين ۽ زمينن جا اگهہ چڙهڻ لڳا. هونئن سياسي ماحول ناٻرجي وڃي ها پر هڪ مخصوص عوام دشمن لابي سنڌ جي مختلف آبادين جي وچ ۾ ڏڦيڙ ڦهلائڻ ۾ مصروف هئي. بهرحال، غير سنجيده عوام، سنجيده طبقي جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئو ۽ تمام گهڻو جاني نقصان ٿيو.

حڪومت جو چوڻ هئو تہ آئين جي آرٽيڪل 267 هيٺ انهيءَ بل جي ذريعي

سنڌ اسيمبلي، سنڌي ٻوليءَ کي تحفظ فراهم ڪيو آهي، جڏهن تہ اردو کي اڳ ۾ ئي قومي ٻولي جو درجو حاصل هئو پر عوام دشمن لابي انهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئي.

هاڻي پيٽي سڄو معاملو پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو. سڄي صوبي جو دورو ڪيو. سياسي ڪارڪنن، مذهبي اسڪالرس ۽ سمورن طبقن جي نمائندن سان ملاقات ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ ترميمي بل آندو ۽ اردو ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين کي سرڪاري ٻولين جو درجو ڏنو تڏهن وڃي باهہ ٺري. پر تنهن هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن عوام دشمن لابي پنهنجو ڪم ڏيکاري وٺندي هئي. هن دؤر سنڌ ۾ هڪ ناممڪن ڳالهہ کي منظر عام تي آندو جنهن جو اثر سياسي طبقن، سماجي گهاڙيٽي ۽ معاشي انفراسٽرڪچر تي ڏاڍو پيو. بهرحال، انهيءَ کان اڳ جو وڏيڪ نقصان ٿئي ها، حالتون گهٽين ڪوشش ڪانپوءِ ضابطي ۾ اچي ويون.

◈ ◈ ◈

# ٨

# • قصوري جي عليحدگي
# • ٽه ڏريو ٿاهه
# • خان قيوم جو ڪردار

پيٽي جي سياست جو پنهنجو انداز هئو. هو عوامي سياستدان هئو هڪ ئي وقت گهڻن رٿن تي عمل شروع ڪري ڏيندو هئو. پنهنجين گوناگون مصروفيتن جي باوجود انهن تي عمل جو جائزو وٺندو رهندو هئو سندس انهيءَ ورڪنگ اسٽائيل تي پارٽي جي اندر ڪن ورڪرن ۽ ليڊرن کي اختلاف به ٿي پوندو هئو. پيٽو ڪين ٿاهڻ ۽ گڏ رکڻ جي ڪوشش ڪندو هئو پر ڪي اهڙا به هئا جن کي مفاهمت واري پاليسي سان سخت چڙ هوندي هئي. ميان محمد احمد رضا قصوري انهن مان هڪ هئو.

نواب محمد احمد قصوري، پيٽي جو وڏو حامي هئو انهيءَ ڪري وفاق ۾ قانون ۽ پارلياماني امور جو وزير بنايو ويو. جيتوڻيڪ بظاهر اهڙي ڪا ڳالهه ڪانه هئي جنهن مان خبر پئي ته قصوري ڪهڙي ڳالهه تان پيٽي سان ناراض ٿي ويو هئو.* هن وزارت تان استعيفا ڏئي ڇڏي جنهن جو مطلب ته پيٽي سان اختلاف کلي سامهون اچي ويا. پيٽي ان ڪانپوءِ هن کي واپس اچڻ جي ڪوشش ڪئي پر قصوري ڏاڍو

---

* ڪن حلقن جو خيال آهي ته پيٽو صاحب جهڙيءَ طرح پارٽي ۽ حڪومت کي هلائي رهيو هئو. قصوري صاحب کي انهيءَ تي اعتراض هئو. قصوري جو خيال هئو ته پيٽو پارٽي جي اصل پايو وجهندڙن کي ڇڏي هاڻي موقع پرست ۽ مفاد پرستن کي اوليت ڏيئي رهيو هئو.

سخت جان نڪتو اڳتي هلي انهيءَ تي بحث ڪنداسين.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ڀٽي جي پرڪشش شخصيت ۽ ماڻهن ۾ مقبوليت جو وڏو سبب سوشلزم هئو. ڪهڙي قسم جي سوشلزم تنهن لاءِ هو پاڻ چوندو هئو تہ اسلام اسان جو دين آهي ۽ گڏوگڏ 'اسلامي سوشلزم' جو بہ نعرو هڻندو هو. انهيءَ نعري ڀٽي کي اقتدار جي ايوان ۾ تہ آندو پر ملڪ جا وڏيرا، سرمايدار ۽ جاگيردار پريشان ٿي ويا. ڇاڪاڻ تہ عوام کين ٽئلٽ جي پرچي تي رد ڪري چڪو هئو. تنهنڪري هاڻي هنن فيصلو ڪيو تہ هو بہ ڀٽي جي پارٽيءَ ۾ هليا وڃن. نہ نہ ڪندي سفارشون ڪرائيندي نيٺ هو پارٽي جي صفن ۾ بہ اچي ويا. انهيءَ کان وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهہ هيءَ آهي تہ اهي سرمايدار هر حڪمران پارٽي ۾ شامل رهندا هئا تن اهڙو چڪر هلايو جو عبوري آئين ۾ بہ اهڙيون شقون رکايون، جن سان جاگيردارن ۽ سرمايدارن جي مفادن ۾ فائدو پئي ٿيو. اها سياسي ڀل هئي جنهن جو اعتراف ڀٽي گهڻو پوءِ ڪيو.

ميان قصوري جي سوچ هئي تہ ڀٽو پارٽي جو اصل گهاڙيٽو بحال ڪري ۽ ڪيس ڪيئن بہ پرچائي پارٽي ۾ اندر وٺي اچي. ڀٽي پنهنجي پر ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر قصوري مڃڻ لاءِ تيار نہ هئو. انهيءَ وچ ۾ غلام مصطفيٰ کر، پنجاب جي گورنر ڏاڍو خراب بيان ڏنو تہ قصوري کي سبق سيکاريو ويندو.

ڀٽو خاموشي سان ساري منظرنامي کي ڏسي رهيو هئو. ڪن ماڻهن کيس اطلاع ڏنو تہ قصوري قومي اسيمبليءَ جا 35 ميمبر ۽ پنجاب اسيمبليءَ جا 50 ميمبر ڪٽي ويندو پر اهي اطلاع غلط ثابت ٿيا هن ڪري تہ هو مشڪل سان ڇهہ ميمبر ڪٽي ڀٽي سان ساهي پئي هڻڻ چاهي. اهي اطلاع بہ غلط ثابت ٿيا تہ هو نعپ ۾ هليو ويندو ڇاڪاڻ تہ ٿورن ڏينهن کان پوءِ هو اصغر خان جي تحريڪ استقلال ۾ شامل ٿي ويو.

بهرحال، پيپلز پارٽي ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿيون جيڪي پارٽي جي ڇهري خراب ڪرڻ لاءِ ڪافي هيون پر انهيءَ ڪري بچاءُ تي ويو جو پيپلز پارٽي کي مرڪز ۽ صوبن ۾ اڪثريت حاصل هئي. هاڻي ڀٽي کي وسيع تر اتحاد جي ضرورت محسوس ٿي. اپوزيشن وارا تہ اڳ ۾ ئي آتا وينا هئا سو 02_آڪٽوبر 1972ع تي آئيني ناهہ ڪري ورتائون.

اهڙي ناهہ ڪرڻ جي ضرورت ڇو پيش آئي، تنهن جا گهڻيئي ڪارڻ آهن، مثال طور سرمايدارن جو پارٽي ۾ اچڻ، پارٽي جي بنيادي اسٽرڪچر کي بدلائي

ڇڏيو. وري پارٽي جي ليڊرن تنقيد ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهنڪري قصوري ۽ مختار رانا جهڙا ماڻهو ليڊر شپ تي کلئي عام تنقيد ڪرڻ لڳا. مشڪل اها هئي تہ کر جهڙا ماڻهو بہ پارٽي ۾ هئا. قصوري حزب اقتدار جو ليڊر هئو پر هو ڊار نہ ٿئي ها جيڪڏهن کر پنهنجو بيان وٺي ڇڏي ها، پر ائين ڪونہ ٿيو.

جيئن ئي هن استعيفا ڏني هيءَ خبر عام ٿي ويئي تہ قصوري هڪ ڪرمنل ڪيس ۾ ملوث رهيو آهي. غلام مصطفيٰ کر پنهنجون جلهون جاري رکيون جنهن کي پٺي نہ روڪيو بلڪ پٽو ائين چوندو رهيو تہ "قصوري اڳ ۾ ئي استعيفا ڏيڻ جو چئي چڪو هئو ڇاڪاڻ تہ هن جي خلاف گهڻو انڪم ٽيڪس جمع ٿي ويو هئو."

انهيءَ جي وچ ۾ شيخ رشيد جيڪو پارٽي جو هڪ وڏو اهم ۽ نظرياتي رڪن هئو تنهن بہ هڪ بيان جاري ڪري اهڙو اشارو ڏيئي ڇڏيو تہ هو بہ پارٽي کان بدظن ٿي ويو آهي ۽ سچ تہ هڪ ڏينهن پوءِ هن استعيفا ڏئي ڇڏي جنهن جو ڪارڻ اهو ڏنو ويو تہ سندس پروگريسو بل اسيمبليءَ مان پاس نہ ڪرايو ويو هو تنهنڪري هو پارٽي صفن کان ڌار ٿيڻ گهري ٿو. انهيءَ دوران ٻيو هڪ پارٽي رڪن ۽ پبلڪ افيئرس جي وزير معراج محمد خان بہ استعيفا ڏئي ڇڏي جيڪا ڀُٽي بنا ڪنهن دير جي منظور ڪري ورتي.

پيپلز پارٽي جا اندروني اختلاف ڪي نظرياتي ڪونہ هئا پر سچ هيءَ آهي تہ مختلف ليڊرن چاهيو ٿي تہ هنن جو نڪتہ نظر ٻُڌو وڃي. انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ گهڻي تحمل ۽ سمجهداري جي گهرج هئي پر پارٽيءَ ۾ تجربي جي خامي ڪري ائين نہ ٿي سگهيو. ڀٽو پاڻ تمام مصروف هئو تنهنڪري ليڊر شپ جي سيڪنڊ لائين ۽ ٽرڊ لائين انهن تنظيمي مسئلن کي بروقت سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ ۾ ناڪام ويئي.

پارٽي ۾ جيڪا تنظيمي خرابي سامهون آئي ان جو هڪ ڪارڻ اهو بہ هئو تہ پيپلز پارٽي سٺي طريقي جو ورتاءُ نہ ڪيو مثلاً ٻين پارٽين سان تعلقات ۾ برابري جي اصول کي نظرانداز ڪيو ويو. ان جو مثال اهو هو تہ پيپلز پارٽي سرحد ۽ بلوچستان ۾ جميعت علماءِ اسلام ۽ نيشنل عوامي پارٽي سان ٺاهہ ڪري رکيو هئو جنهن هيٺ ٻنهي صوبن ۾ هنن ٻن پارٽين جي حڪومت ٺهڻي هئي. پر ٻنهي پارٽين کي تنگ ڪرڻ لاءِ خان عبدالقيوم خان کي ڪتب آندو ويو. خان قيوم بيان جاري رکڻ ۾ دير ئي نہ ڪندو هو جنهن ذريعي هو ٻنهي پارٽين ۽ سندن ليڊرن

تي نڪتہ چيني ڪندو هئو جنهن ڪري هرويرو تعلقات ۾ ويڇو پيدا ٿيندو ويو.

بلوچستان ۽ سرحد جا ليڊر ڪڏهن خاموش رهندا هئا تہ ڪڏهن وري جوابي حملا ڪندا هئا. جنهن ڪري سياسي ماحول تي اثر پئجي رهيو هئو. آڪٽوبر 1972ع جي وچ ڌاري بلوچستان جي وزيراعليٰ عطاءُ الله مينگل مرڪزي حڪومت تي الزام هنيو تہ اها بلوچستان ۾ امن امان جو مسئلو پيدا ڪري نعپ کي ايترو تنگ ڪري رهي آهي جو هو حڪومت تان هٿ کڻي. غوث بخش بزنجو گورنر هئو ۽ هن کي مرڪزي حڪومت جي نمائندگي ڪرڻي هئي تنهن جواب طور پنهنجن پيپلز پارٽي جي گهڻ گهرن کي صلاح ڏني تہ هو 'ڪن شرانگيزن کان پري رهن جيڪي صوبي ۾ ڏڦيڙ پکيڙي رهيا آهن'.

ساڳئي هفتي ۾ راولپنڊي ۾ آئيني ڪانفرنس ٿي رهي هئي. عين انهيءَ موقعي تي ملڪ جي سيني وڏين اخبارن جي پهرين صفحي تي هڪ اشتهار نعپ ليڊر ولي خان جي خلاف ڇپيو جنهن جي جواب ۾ پارٽي ليڊر اجمل خٽڪ هڪ بيان جاري ڪيو:

> "ٻن صوبن جا گورنر ۽ وزير پنهنجون اکيون کوليندا ۽ ڏسندا تہ ولي خان خلاف ڪهڙي زهر ڦهلائيندڙ پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي. اسان کي يقين آهي تہ خير سگالي ۽ مفاهمت جي فضا کي خراب ڪرڻ جو اهتمام ڪيو پيو وڃي. چئني طرف هنگامہ آرائي ۽ تصادم نظر اچي رهيو آهي. خبر پوڻ گهرجي تہ ڪهڙي راند کيڏي پئي وڃي. نيٺ اها ڇو پئي کيڏي وڃي. ڇا اها راند اها ئي آهي جيڪا اوير پاڪستان ۾ کيڏي ويئي هئي."

انهيءَ دوران نعپ وارن ڪجهہ سياسي اڪثريت حاصل ڪري ورتي. سرحد ۾ اسلم خٽڪ جي يونائيٽيڊ فرنٽ، نعپ، جي يو آءِ اڪثريت کي 22 مان وڌائي 31 ڪري ڇڏيو جڏهن تہ ايوان ۾ باقي صرف هڪ ميمبر بچيو هئو. بلوچستان ۾ مفتي محمود بہ راند کيڏي ۽ نعپ، جي يو آءِ درميان جهڳڙا حل ڪري تہ ڊري ناهہ لاءِ خطرو پيدا ڪري وڌو. بهرحال، سنڌ ۽ پنجاب ۾ حالتون ساڳيون رهيون.

ساڇي ڌر وارا بہ پنهنجين صفن کي نيڪ ڪرڻ ۾ لڳي ويا جنهن جو وڏو سبب هي هئو تہ کابي ڌر وار پنهنجو دائره اثر وڌائي رهيا هئا. بيو تہ شملہ ناهہ ٿيڻ بعد ساڇي ڌر وارن کر هو امڪان نظر پئي آيو تہ حالتون نارمل ٿي وينديون تہ

انهيءَ حالت ۾ سندن مستقبل ڪو چڱو ڪونہ رهندو. انهيءَ ڪري هو آهستي آهستي قريب ٿيڻ لڳيون.

اڪتوبر 1972ع جي پهرين هفتي ۾ سنڌ جي سطح تي قيوم ليگ ۽ ڪائونسل مسلم ليگ گڏجي هڪ ٿي ويون. گڏوگڏ ڪائونسل مسلم ليگ ۽ ڪنوينشن ليگ بہ قومي سطح تي گڏجي ويون جنهن جو نالو رکيو ويو پاڪستان مسلم ليگ. هڪ ڪميٽي حسن اي شيخ جي رهبري ۾ ٺاهي ويئي جنهن جي ذمي هيءَ ڪم ڪيو ويو تہ پنهي مسلم ليگ جي ڌڙن کي هڪ ڪري فعال ڪيو وڃي.

هتي اصغر خان اخباري سرخين ۾ نمايان ٿيڻ لڳو.

هن جي تحريڪ استقلال جو منشور تہ متنازعہ رهيو هئو پر خود پارٽي سربراهہ بہ سياسي مخالفن جي تنقيد جو نشانو ٿيڻ لڳو. هو ساڄي ڌر جي پارٽين جي آواز کي وڌائڻ لڳو. هن کي بہ اهو انديشو هئو تہ ڪٿي پيپلز پارٽي، خاص ڪري ڀٽي جي پرڪشش شخصيت هندستان ۽ بنگلہ ديش سان تعلقات نارمل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ وڃي بلڪ هو تہ مطالبو ڪري رهيو هئو تہ نيون چونڊون ڪرايون وڃن.

خان عبدالقيوم جو رول ڪو چڱو ڪونہ هئو. هو رجعت پرست تہ هئو پر ڀٽي جي هر پاليسي جي حمايت بہ ڪندو رهيو تنهنڪري ڀٽي، ساڄي ڌر جي پارٽين تي ڀروسو ڪرڻ ڇڏي ڏنو. خان قيوم جو خيال هئو تہ ڀٽو ساڄي ڌر وارن کي بہ گڏ ڪٽي هلي جيڪو هڪ پروگريسو پارٽي لاءِ ممڪن ڪونہ هئو. ڀٽي ۽ پيپلز پارٽي کي پنهنجو پروگرام هئو. بهرحال ڀٽي انهيءَ سموري صورتحال کي پاڻ چڱيءَ طرح منهن ڏنو.

# ٩

# • عبوري آئين
# • نيون ڳالهيون
# • صوبائي خودمختاري

14- اپريل 1972ع واري اجلاس ۾ آئين ساز اسيمبلي آڏو هڪ 12 صفحن جو هڪ عبوري آئيني مسودو پيش ڪيو هو جنهن ۾ ست شيڊيول ۽ 290 شقون هيون. هن ۾ اهم ڳالهه هيءَ تجويز هئي تہ مرڪز ۾ صدارتي نظام هجي ۽ صوبن ۾ پارليماني نظام هجي. هن مسودي ۾ وزيراعظم جي عهدي ۽ ذميوارين جو ڪو ذڪر ڪونہ هئو ۽ نہ وري وزيراعظم جي گنجائش هئي. صوبن ۾ وزيراعليٰ کي چيف ايگزيڪيوٽو بنايو ويو هئو جڏهن تہ وفاق ۾ صدر کي حڪومت ۽ مملڪن جو سربراهہ بنايو ويو هئو.

هن مسودي تي بحث هليو تہ مسلم ليگ(ڪائونسل) جي سربراهہ سردار شوڪت حيات تجويز ڏني تہ صدارتي وزيرن کي قومي اسيمبلي ۽ صوبن ۾ صوبائي وزير، اسيمبلين آڏو ذميوار بنايو وڃي.

بحث جي آخر ۾ حڪومت اهو نڪتہ نظر پيش ڪيو تہ هن آئيني مسودي ۾ ڪا خامي ڪانهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن آئيني روايت موجب ڪميٽي هن مسودي کي پاس نہ ڪيو تہ 75 ميمبرن جي حمايت سان آئيني مسودو پاس ڪري سگهجي ٿو.

انهيءَ کان علاوه جيڪي بيون ترميمون تجويز ڪيون ويون تن ۾ هي بہ هئو تہ صدر جيڪڏهن ڪو غير آئيني ڪم ڪري تہ سندس خلاف بہ مواخذه پيش

ڪري سگهجي ٿو. بهرحال وزيراعظم جي عهدي جي عدم موجودگي هڪ معمو رهيو ۽ انهيءَ جي وضاحت وزير قانون هن طرح ڪئي ته 1947ع ۽ 1955ع وارن آئينن ۾، جنهن هيٺ حڪومت هلي رهي هئي، تن ۾ وزيراعظم جو ذڪر هئو پر ان ۾ ڪي واضح Parameters بيان ڪيل ڪونه هئا. جيڪڏهن اسيمبلي چاهي ته 21 اپريل کانپوءِ وزيراعظم جي نارمل حيثيت بحال ڪري سگهي ٿي.

انفرادي طور تي ان ۾ ڪا خرابي يا خامي ڪانه هئي بهرحال اها شق ڇو شامل ڪئي ويئي تنهن بابت ڪو واضح ثبوت ڪونهي. البته اها ڳالهه واضح هئي ته ڀتي کي تاريخ جو سبق معلوم هئو ته پاڪستان ۾ اڃا پارلياماني نظام ۽ جمهوريت اها پختگي پڪڙي نه سگهي آهي جنهن ۾ وزيراعظم ۽ صدر به ڏارار شخصيتون ۽ عهدا هجن ۽ اختيارن جو ٽڪراءُ ٿي وڃي.

عبوري آئين جي مسودي گهڻيئي ڳالهيون اهڙيون منظر عام تي آنديون جيڪي هن کان اڳ پاڪستان جي سياسي نظام ۾ نه ٻڌيون ويون هيون. مثلاً هيءَ ته ڪنهن به صوبائي وڏي وزير خلاف بي اعتماي جي تحريڪ ان وقت تائين نٿي اچي سگهي جيستائين هن جي جاءِ تي ڪنهن نئين اميدوار جو نالو نٿو اچي. هن جي پس پرده ڪهڙو مقصد هئو تنهن جو اندازو ته ڪونه ٿي سگهيو بهرحال ائين ٿي لڳو ڄڻڪ حڪمرانن ائين ٿي چاهيو ته نئون اميدوار اهڙو هجي جنهن کي اعليٰ ترين ليڊرشپ جي حمايت حاصل هجي.

هاڻي جيڪو ڏکيو مسئلو ڪميٽي ۽ آئين ساز اسيمبلي آڏو اڀريو هئو سو هئو سياست ۽ دين جو تعلق. اڳوڻي آئين مطابق پاڪستان کي "اسلامي جمهوريه پاڪستان" سڏيو هئو. هن شق هيٺ اها ڳالهه به طئي هئي ته ڪو به قانون اسلامي تعليمات جي خلاف نه هوندو ۽ موجوده سمورا اقوانين قرآن حڪيم ۽ سنت جي مطابق ڪيا ويندا. آئين ۾ هيءَ به تجويز ڪيل هئو ته هڪ اسلامي نظرياتي ڪائونسل ٺاهي ويندي جنهن جو ڪم سمورن قانونن جو جائزو وٺي حڪومت کي صلاح ڏيندي. اهي شقون پهرين آئيني مسودي ۾ به رکيون ويون ۽ هاڻي جيتوڻيڪ (سابق) اوڀر پاڪستان ڌار ٿي ويا هئا ۽ ان جي ڪا به ضرورت ڪانه هئي، تنهن هوندي به ان کي مسودي ۾ شامل ڪيو ويو.

اهي سموريون شقون ڀتي ڇو شامل ڪيون تن بابت گهڻا تجزيه نگار جواب ته نه ڏيئي سگهيا بهرحال هڪ عام تاثر آهي ته هن ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو ته هو مسلمان آهي ۽ اسلامي احڪامات کي آئين جو بنيادي عنصر بنائڻ ٿي گهريائين.

اها ڳالهہ پاڪستان کي هڪ جديد رياست بنائڻ واري مقصد ۾ ڪيتريقدر معاون ثابت ٿئي ها تنهن بابت ان وقت ڪو بہ ڪجهہ چئي نٿي سگهيو.

انهيءَ فضا ۾ پيپلز پارٽي جي هڪ قومي اسيمبلي ميمبر مجيد ملڪ تجويز ڏني تہ پاڪستان کي سوشلسٽ ريپبلڪ آف پاڪستان قرار ڏنو وڃي جنهن تي جي يو آءِ جي ليڊر مولانا غلام غوث هزاروي هڪدم ردعمل طور چيو تہ لفظ 'اسلامڪ' اچڻ ضروري آهي.

هاڻي صوبائي خودمختاري جو معاملو آڏو آيو. عبوري آئين ۾ صوبائي خودمختاري کي اڪتوبر 1955ع واري اپوزيشن تي رکيو ويو جيڪا هئي تہ گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ 1935ع کي بنياد بنايو وڃي. هي ائڪٽ پنهي مسودن ۾ موجود هئو جنهن هيٺ پاڪستان ۾ مضبوط مرڪز جي سفارش ڪيل هئي. انهيءَ صورت ۾ بيو معاملو مرڪز ۽ صوبن جي درميان Subjects جي ورهاست جو هئو جيڪو مشڪل تي رهيو هئو. هن مسئلي کي منهن ڏيڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ وڏي تدبر جي ضرورت هئي.

اجا بہ هڪ قابل ذڪر شوق ٻولين جو هئو. مسودي ۾ شق رکي ويئي جنهن هيٺ صوبائي حڪومتن کي اختيار ڏنو ويو تہ هو پنهنجي علائقي ۾ صوبائي زبانن کي صوبائي زبانن طور استعمال ڪن. جيتوڻيڪ اهو لازمي بنايو ويو تہ صوبائي قانون سازي، صوبائي زبان ۽ قومي زبان ٻنهي ۾ جاري ڪئي وڃي.

* * *

چوڏهين جولاءِ 1972ع تي قومي اسيمبلي مختصر وقفي لاءِ گڏ ٿي. جنهن ۾ شملہ ناهہ کي پاس ڪيو ويو. قومي اسيمبلي وري 14 – آگسٽ 1972ع تي ڪٺي ٿي. اصل تجويز هيءَ هئي تہ هن اجلاس ۾ قومي اسيمبلي هڪ مستقل آئين تي بحث ڪندي ۽ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي تہ ان کي پاس بہ ڪري. آخري نڪتو ٿيڻ ممڪن ڪونہ هئو ڇاڪاڻ تہ اجا آئين ساز ڪميٽي جي رپورٽ ڪانہ آئي هئي.

انهيءَ ڪانسواءِ بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ وارو مسئلو اڳ ۾ اچڻو هئو ڇاڪاڻ تہ سيپٽمبر ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي درميان سربراهہ ڪانفرنس ۾ اهو پيش ڪرڻو هئو. انهيءَ ڪانسواءِ ويهہ آرڊيننس زير بحث اچڻا هئا جيڪي حڪومت جاري ڪري چڪي هئي.

جيستائين بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ جو سوال آهي تہ ان ۾ دير ٿي. اها دير ڇو ٿي، انهيءَ جو هڪ نہ ڪئين ڪارڻ آهن. مثلاً سڀ کان اهم تہ جيستائين پاڪستان، بنگلہ ديش کي تسليم نٿو ڪري تيستائين جنگي قيدين جي واپسي جو مسئلو اڻاري نٿي سگهيو. هي مسئلو ڪيئن حل ٿئي تنهن لاءِ وزيرا اطلاعات مولانا ڪوثر نيازي کي ذمو ڏنو ويو. مولانا نيازي وڏو سياسي ڪيڏاري هئو جنهن فوراً اعلان ڪيو تہ هي مسئلو قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويندو.

انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ جا ٻہ طريقا هئا: "هڪ هيءَ تہ نفرت جو رويو اختيار ڪجي ۽ ٻيو اهو تہ مسلم بنگال سان تعلقات بحال ڪرڻ لاءِ رفتہ رفتہ بدگمانين کي دور ڪجي." مولانا نيازي جو چوڻ حقيقت جي قريب هئو. هن چيو تہ "ائين نہ ٿئي جو اسان جذبات ۾ وهي وڃون."

قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ نيشنل عوامي پارٽي ۽ جميعت علماءِ اسلام اهو اشارو ڏيئي ڇڏيو هئو تہ بنگلہ ديش کي تسليم ڪيو وڃي. پر مسلم ليگ ڪائونسل، جماعت اسلامي ۽ اهڙن خيالن جي ٻين پارٽين انهيءَ جي مخالفت ڪري ڇڏي. اخباري تبصرن تي انهيءَ بحث کي ٻنهہ زندهہ ڪري ڇڏيو. عام ماڻهن جو اهو تاثر هئو تہ بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ گهرجي ۽ قومي اسيمبلي ۾ ٻہ اهو خيال اڀري رهيو هئو تہ بنگلہ ديش کي بنا ڪنهن مخالفت جي تسليم ڪرڻ گهرجي.

قومي اسيمبلي کي آئين سازي ٻہ ڪرٽي هئي پر پيپلز پارٽي، نيشنل عوامي پارٽي ۽ جميعت علماءِ اسلام ۾ راءِ جو اختلاف ٻہ هئو ۽ گهٽيون غلط فهميون پيدا ٿي ويون هيون. بلڪ جي يو آءِ جي مفتي محمود ايستائين اڳتي وڌي ويو جو چيائين تہ حڪومت آئين سازي ۾ انهيءَ ڪري دير ڪري رهي آهي جو هو عبوري آئين کي مستقل بنائڻ گهري ٿي. انهيءَ جي جواب ۾ وزير قانون پارلياماماني امور محمود علي قصوري بيان ڏنو تہ نئين آئين جو مسودو قومي اسيمبليءَ ۾ 14- آگسٽ کان اڳ تيار نٿو ڪري سگهجي ۽ اڪتوبر کان اڳ نٿو پيش ڪري سگهجي. هن وضاحت جي باوجود آپوزيشن وارا حڪومت جي مخالفت ڪندا رهيا.

وزير قانون جيڪو آئين ساز ڪميٽي جو چيئرمين پڻ هو تنهن اشارو ڏنو تہ ممڪن آهي تہ آئين ۾ اها گنجائش رکي وڃي تہ مرڪز ۾ صدر چونڊيل هجي جڏهن تہ ڪابينہ قومي اسيمبليءَ ڏانهن جوابده هوندي، جيئن ان جو ڪردار

پارليماني ٿئي. چيو ويو تہ قومي اسيمبلي کي ڪابينہ تي پورو اختيار هوندو اها وزيرن جون پگهارون بہ مقرر ڪندي.

نيشنل عوامي پارٽي جي جنرل سيڪريٽري محمود الحق عثماني فوراً ان تي ردعمل ظاهر ڪندي چيو تہ ائين ڪرڻ پارلياماني طرف حڪومت جي روح خلاف آهي. خان عبدالولي خان بہ پيپلز پارٽي کي ياد ڏياريو تہ هن وفاقي پارلياماني نظام جو معاهدو ڪيو آهي.

اها ڳالهہ وسهڻ ۾ اچڻ جهڙي ڪانهي تہ يٽي جهڙو جمهوري ماڻهو ڪيئن ان طرح سوچيو پر انهيءَ گهڙيءَ تائين اها ڳالهہ پڌري ٿي پئي تہ يٽي مرڪز ۾ صدارتي نظام چاهيو ٿي.

صوبائي خودمختاري بہ خاصو متنازعہ معاملو رهيو. هن ۾ آمدني جي وسيلن کان وٺي سياسي معاملات ۾ آزادي سمورا مسئلا شامل هئا. مثلاً سرحد جي وزيراعليٰ مفتي محمود انهيءَ تي زور پريو تہ صوبن کي آمدني جي سمورن وسيلن تي مڪمل ڪنٽرول هئڻ گهرجي. ڳالهہ وزنائتي هئي پر انهيءَ جي مخالفت ڪرڻ وارا بہ هئا. خاص ڪري مضبوط مرڪز جا حامي گهڻو زور پري رهيا هئا.

قومي اسيمبلي جو اجلاس 14_آگسٽ تي سڏايو ويو. پر ان کي سال جي آخر تائين وڌايو ويو تاڪ آئين ساز ڪميٽي کي وقت ملي سگهي. بهرحال ٿئي ڪم ڪار ۾ اهي 22 آرڊيننس منظور ڪيا ويا جيڪي اجلاس کان اڳ جاري ڪيا ويا هئا.

پنجويهين آگسٽ وارو اجلاس خاصو گرما گرم هئو. هن ۾ ڪجهہ پيپلز پارٽي ميمبرن پنهنجي ئي رپورٽ تي ڏاڍا ڇوهہ چنڊيا جنهن مان ظاهر هئو تہ هنن جي درميان ڪي اندروني اختلاف هئا. هيءَ گوڙ انهيءَ وقت وڌي ويو جڏهن وزير قانون اها تحريڪ پيش ڪئي تہ عبوري آئين ۾ ترميم ڪري عبوري آئين جي مدت ۾ اضافو ڪيو وڃي، عدليہ جي اختيارن کي گهٽايو وڃي، صدر جي مواخذي واري طريقہ ڪار کي وڌيڪ ڏکيو بنايو وڃي ۽ حڪومت قومي اسيمبلي ميمبرن کي نااهل قرار ڏئي سگهي ٿي.

هن تحريڪ تي اسيمبلي ۾ گوڙ ٿي پيو. آپوزيشن ۽ پيپلز پارٽي وارامتحد ٿي بيٺا ۽ سخت مخالفت ڪيائون. مخالفت جي هيءَ لهر اهڙي زوردار هئي جو وزير قانون تحريڪ واپس وٺڻ تي مجبور ٿي پيو. اسپيڪر ڏٺو تہ اجلاس ۾ حالتون وري بہ خراب ٿي سگهن ٿيون تنهن اجلاس مزيد ڪارروائي هلائڻ بدران ملتوي

ڪري ڇڏيو.

آئين سازي ۾ ڪهڙيون رڪاوٽون آڏو آيون تن ۾ هڪ وزير قانون ۽ پارلياماني امور محمود علي قصوري جي استعيفا به هئي. صدر ڀٽو هيءَ استعيفا قبول ڪندي ڪجهه هيڪ محسوس ڪري رهيو هئو. ڇاڪاڻ ته هن نٿي چاهيو ته آئين سازي ۾ هڪ ڏينهن به دير ٿئي. آئين سازي جي لاءِ جيڪو مدو مقرر ڪيو ويو هئو سو 23 مارچ کان 21 اپريل 1973ع هئو پر ان ۾ دير به ٿي رهي هئي. انهيءَ جو ڪارڻ وزير قانون جي تبديلي ۽ صدارتي يا پارليماني نظام جي درميان پسنديدگي هئي.

گهڻو ڪري سموريون سياسي پارٽيون پارليماني نظام جي حمايت ۾ هيون. هنن جو چوڻ هئو ته 1970ع وارين چونڊن ۾ سمورين پارٽين صدارتي نظام کي رد ڪري ڇڏيو هئو. انهيءَ کان علاوه عوامي ليگ جيڪا هاڻي بنگلہ ديش ۾ برسر اقتدار پارٽي هئي تنهن به پارليماني نظام تي ٻڌل آئين ٺاهيو هئو تنهنڪري پاڪستان جي سياسي پارٽين چاهيو ٿي ته هتي پارليماني نظام رائج ڪيو وڃي.

صدارتي نظام رائج ڪرڻ واري تجويز تي هڪ گهمرو وري خبرن ۾ جاءِ والاري جڏهن ڀٽي لاهور ۾ هڪ عام جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته ويسٽ منسٽر اسٽائيل جي جمهوريت پاڪستان ۾ نٿي هلي سگهي. ساڄي ڌر وارا خاموش رهيا. خبر ناهي ته هو ڪهڙي خيال جا هئا البته خان قيوم چوندو رهيو ته ڀٽو نظام متعلق صحيح ٿو چئي. بهرحال، نعپ ۽ جي يو آءِ پارليماني جمهوري نظام جي حمايت ڪندا رهيا. هن مطالبي جي حامين جو چوڻ هئو ته آئين ۾ اها ڳالهه غير مشروط چوڻ گهرجي ته پارليامينٽ بااختيار هجي ۽ ايگزيڪيوٽو جي لامحدود اختيارن کي ڪنٽرول ڪيو وڃي.

هڪ ٻيو مسئلو جنهن ڀٽي جي مخالفت کي هڪ ڪري ڇڏيو هئو سو هئو ته صوبائي مختاري ڪيئن هئڻ گهرجي. نيشنل عوامي پارٽي ۽ جميعت علماءِ اسلام مضبوط مرڪز واري نظريي کي رد ڪري ڇڏيو ۽ واضح اعلان ڪيو ته مرڪز وٽ صرف دفاع، خارجه امور، ڪرنسي ۽ مواصلات هئڻ گهرجن.

هن معاملي تي ڀٽي کي ساڄي ڌر جي حمايت حاصل هئي بلڪ هڪ کان وڌيڪ گهمري هن اظهار ڪيو: "اوير پاڪستان جي ڌار ٿيڻ کانپوءِ اسان کي صوبائي خودمختاري جي معاملي تي وڌيڪ سوچڻ گهرجي ته مرڪز کي ڪهڙا اختيار هئڻ گهرجن."

انهيءَ تي ولي خان تمام واشگاف لفظن ۾ اعلان ڪيو تہ صوبائي خودمختاري کي علحدگي پسندي سان تعبير نہ ڪيو وڃي. هنن ٻنهي نڪتن جي فوري طور حل نہ ٿيڻ ڪري پيپلز پارٽي جميعت علماء اسلام ۽ نيشنل عوامي پارٽي درميان حائل ويڇا دور نہ ٿي سگهيا.

◈ ◈ ◈

# ۱۰ ◆

- هڪ سال، ڏکيو زمانو
- غفار جي واپسي
- مايوسي

هاڻي پٺي ۽ پيپلز پارٽي کي حڪومت ناهيندي اٽڪل هڪ سال ٿيڻ وارو هئو. جنوري کان وٺي اڪتوبر جو عرصو تمام ڏکيو زمانو هئو پر هن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هو ڏکين ڏينهن مان لنگهي سگهي ٿو. زميني حقيقت هيءَ آهي تہ ملڪ بہ حصا ٿيڻ بعد پاڪستان ۾ هڪ شهري حڪومت قائم ٿيڻ هڪ تمام اهم ڳالهہ هئي.

پٺي، سياسي ميدان ۾ پنهنجي سياسي بصيرت ثابت ڪري ڇڏي. اپوزيشن جي نعپ ۽ جي يوءِ سان ورڪنگ رليشن شپ رکي جنهن ڪري زندگي جي ٻين شعبن ۾ هن کي تڪليف ڪانہ پئي ٿي. عبوري آئين ناهي ورتو ۽ هاڻي هن جي آڏو هڪ مقصد هئو: ملڪ کي هڪ مستقل آئين ڏئي.

انهيءَ دوران ملڪي سطح تي گهٽيئي نيون ڳالهيون رونما ٿيون پر اهم ڳالهہ هندستاني فوجن جو پاڪستاني سرزمين تان واپسي جي سلسلي ۾ پيش رفت هئي. اجا فوجن جي واپسي شروع ڪانہ ٿي هئي پر صرف معاملو اهو بہ ڪونہ هئو. اقتصادي ۽ معاشي معاملو بہ هئو.

پاڪستان کي واپس ڪاميابيءَ جي راهہ تي وجهڻ لاءِ گهڻا مسئلا هئا جن طرف توجهہ ڏيڻ ضروري هئو. سياسي سطح تي بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ، ساڄي ڌر واريون پارٽيون انهيءَ خيال جون هيون تہ تسليم نہ ڪجي. نہ صرف

ايترو پر هنن مظاهرا شروع ڪري ڏنا. جڏهن ته پيپلز پارٽي، نعپ ۽ جميعت علماء انهيءَ خيال جا هئا ته تسليم ڪرڻ وڏيڪ مناسب ٿيندو. سرڪاري ذرائع ابلاغ به انهيءَ خيال کي هوا ڏئي رهيا هئا ته تسليم ڪرڻ گهرجي. هاڻي ساڄي ڌر وارا رستن تي نڪري آيا. لاهور، راولپنڊي، جهلم، گجرات ۽ ٻين هنڌن جلسا ۽ جلوس ڪڍيائون، جن مان ڪيترين ريلين مشتعل ٿي ويون جنهن ڪري پوليس سان ڇڪريون ٿيون. هنن جو خيال هئو ته بنگله ديش کي تسليم نه ڪرڻ سان هندستان تي دٻاءُ پوندو ۽ هو پاڪستان جي جنگي قيدين کي آزاد ڪرڻ لاءِ سوديبازي ڪندو. پر حقيقت اها آهي ته عالمي سياست ۾ اهو مسئلو به طرفه تعلقات جو آهي تنهنڪري ائين سوچڻ اجايو هئو بلڪ حقيقت هيءَ آهي ته هندستان بنگله ديش جي مدد هڪ دفاعي معاهدي هيٺ ڪئي هئي تنهنڪري هندستان جو دٻاءُ ۾ اچڻ جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو.

گهريلو سطح تي سڀ کان اهم مسئلو هڪ مستقل آئين ڏيڻ هئو. آئين سازي جو اهو مرحلو پٽي جو خواب هئو ۽ هن چاهيو ٿي ته اهو ڪم سندس دؤر ۾ ٿئي. ڪيس قدرت هيءُ موقعو فراهم ڪيو هو ۽ هن عبوري آئين ناهي مستقل آئين جو هڪ خاڪو قوم کي ڏئي ڇڏيو هو. گهڻي متاڪٽ کانپوءِ ۽ سمورين سياسي پارٽين سان ڳالهين کانپوءِ هڪ خاڪي تي اتفاق ٿيو جنهن کي پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ وڏو ڪارنامو سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ وچ ۾ نعپ جو اڳواڻ ولي خان لنڊن مان موٽي آيو ۽ هن جي اعتراضن وري سڄي پروسيس ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري وڌي. نيشنل عوامي پارٽي جي قومي ڪائونسل اجلاس ڪري جن نڪتن تي اعتراض ڪيو تن ۾ وزيراعظم ۽ وزراءِ اعليٰ جي خلاف عدم اعتماد واري تحريڪ جو طريقه ڪار ۽ سينيٽ جا اختيار شامل هئا.

هاڻي بلوچستان به اک پٽي. غوث بخش بزنجو پٽي جو معتمد هو ۽ ڪوئيٽا ۾ مرڪز پاران گورنر هئو. آئين ساز ڪميٽي جو رڪن به هئو. ولي خان کانپوءِ هن ڪميٽي تان استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ انهيءَ لاءِ جيڪي سبب ڏنا تن ۾ هيءُ مک هئو:

> ”هنن حالتن ۾ منهنجو ڪميٽي تي رهڻ نه ته منهنجي پارٽي جي ڪا خدمت ڪري سگهندو نه وري آئين ساز ڪميٽي جي ۽ نه وري آئين سازي جي سموري طريقه ڪار جو.“

بزنجي جي انهيءَ قدم کانپوءِ نعپ پوريءَ طرح پيپلز پارٽي جي حمايت ڪونه ڪري رهي هئي بلڪ هاڻي صرف زباني ڪلامي ناهه ۾ گڏ هلي رهي هئي.

پيپلز پارٽي جي ليڊر شپ کي اتي ئي ڪجھ ڪرڻ گھرجي ها پر ائين نہ ٿيو. مٿان وري پيپلز پارٽيءَ جا ڪجھ ليڊر نعپ جي پنيرائي ڪري رهيا هئا. انهن ۾ ميان احمد رضا قصوري بہ شامل هئو.

آئين ساز ڪميٽي پنهنجو ڪم جاري رکيو پر ولي خان جي اعتراضن بعد ضرورت انهيءَ جي هئي تہ نئين سر آئيني فارمولي تي اتفاق راءِ ڪيو وڃي ۽ انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ليڊرن سان ٻيهر ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وڃي. اندروني گھاڙيٽي بہ گھڻا مسئلا پيدا ڪري وڌا. مثلاً جيڪي ٻنهہ ڪابي ڏر وارا ليڊر هئا تن جو خيال هئو تہ پارٽي کي ڪميونسٽ پارٽي جي لائين مطابق هلايو وڃي. پارٽي جي غير جانبدار عناصر جو خيال هئو تہ پارٽي کي اهڙن ماڻهن کي برداشت ڪرڻ گھرجي. هنن جو خيال هئو تہ پارٽي اندر اختلاف رکندڙن کي برداشت نہ ڪيو ويو تہ جمهوريت اڳتي نہ وڌندي اها ڳالهہ ڪنهن حد تائين صحيح بہ هئي، پر انهيءَ جي ابتڙ حڪومت گھڻيئي زيادتيون ڪيون. مثال طور پهرئين سال ايترا ماڻهو نظربند ڪيا ويا جيترا ايوب خان پوري عرصي ۾ نہ ڪيا. اخبارن خلاف قدم کنيو ويو. خاص ڪري "ڊان" ڪراچي جي خلاف جنهن جي ايڊيٽر سچ گوئي جي پاداش ۾ گھٽو ئي سنو. الطاف گوهر ڊان جو چيف ايڊيٽر هئو. هو ايوب خان جي ڏينهن ۾ اطلاعات جو سيڪريٽري هئو. کيس نظربند ڪيو ويو ۽ ڏهن مهينن کانپوءِ کيس 7 ڊسمبر، 1972ع تي آزاد ڪيو ويو. آزاديءَ کانپوءِ سنڌ /بلوچستان هاءِ ڪورٽ الطاف گوهر جي زال جي پٽيشن کي قبول ڪندي کيس آزاد ڪيو بلڪہ 269 صفحن جي فيصلي ۾ چيف جسٽس ان کي Political hostility قرار ڏنو.

غير جانبدار مبصر ائين خدشا ظاهر ڪري رهيا هئا تہ جيڪڏهن پارٽي ليڊر شپ 'غير ذميوارانہ' رويو نہ بدلايو تہ جمهوريت هلي نہ سگھنديءَ پوءِ پلي مستقل آئين تي ناھہ بہ ٿي وڃي.

سياسي دٻاءَ سان گڏ معاشي ۽ اقتصادي مسئلا پنهنجي جاءِ تي هئا. جن جو سرچشمو ڪو هڪ ڪونہ هئو. هنن مسئلن پيدا ٿيڻ جا ڪئين ذريعا هئا، مثلاً 1971ع وري جنگ، اڌ ملڪ جو ڌار ٿيڻ، ماڻهن ۾ بي اعتمادي. هنن سمورن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تمام گھڻي توجہ جي گھرج هئي. انهيءَ ڪوشش ۾ پٽي ڊسمبر 1972ع جي وچ ڌاري هڪ ميٽنگ گھرائي جنهن ۾ ضروري شين جهڙوڪ ڪڻڪ، گيهہ، کنڊ جي فراهمي جي صورتحال معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. کنڊ جي

صورت بابت معلوم ٿيو تہ سخت کوٽ آهي. البتہ پيداوار ۾ ڪمي ڪانہ هئي. هئو هيئن تہ ڪڻڪ جي ورهاست کي غير ذميوارانہ طريقي ۾ هئنڊل ڪيو پئي ويو. ٺنهنڪري ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ هاڻي اسي سيڪڙو ڪڻڪ سرڪار پاڻ خريد ڪرڻ بدران سموري ڪڻڪ خريد ڪندي ۽ راشن بندي ذريعي ڪنٽرول اگهہ تي ماڻهن کي فراهم ڪندي. ٻيو اهم فيصلو ڪيو ويو تہ ملڪي صنعت کي هٿي وٺرائڻ جي مقصد سان ڪڻڪ جي درآمد بنهہ بند ڪئي ويندي. ساڳيءَ طرح ڪڻڪ جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ فوري طور پنج لک ٽن ٻاهران گهرائڻ جو بہ فيصلو ڪيو ويو.

اهي فيصلا مسئلن جو فوري حل ضرور هئو پر اهو سموري مسئلي جو صرف هڪ پهلو هئو. بهرحال، يٿي کي سمجهہ ۾ اچي ويو هئو تہ مسئلن جو حل ڪٿي لڪل آهي. ميٽنگ ۾ اهو بنهہ واضح ڪري ڇڏيائين تہ مسئلو سياسي يا اقتصادي، هو پاڻ ان کي منهن ڏيندو. ظاهر آهي تہ نئون سال متان هئو ۽ اهو ئي مسئلن جي حل جي ڪا اميد ڪٺي ايندو.

جيستائين نئون سال اچي، تيستائين ڪجهہ مثبت ڳالهيون ٿيون جن سان اها اميد پيدا ٿي تہ حالتون صحيح رخ ۾ وڃي رهيون آهن. سرخ پوش ليڊر، سرحدي گانڌي، خان عبدالغفار خان جي واپسي انهن سمورن واقعن ۾ اهم واقعو هئو. هو اٺ سال پاڻمرادو ڪابل ۾ جلاوطن رهڻ کانپوءِ 24 ڊسمبر 1972ع واپس اچي ويو. خان غفار جي واپسي سرحد جي سياست ۾ ڪا اهم ڪانہ هئي. پشتو ليڊرن لاءِ افغانستان اچڻ وڃڻ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي پر خان عبدالغفار خان جي جلاوطني کان واپسي تاريخي واقعو هئو. انهيءَ کان وڌيڪ تاريخ ساز واقعو يٿي جي لاءِ اهم هئو: اهو هيءَ تہ خان غفار پاڪستان جي سرزمين تي پير رکڻ شرط اعلان ڪيو تہ هو يٿي جي ليڊر شپ ۽ سنڌس پارٽيءَ جي حڪومت ۾ اعتماد رکي ٿو. هو يٿي کي غير مشروط تعاون جي آڇ ڪري ٿو. هيءَ اعلان يٿي جي لاءِ وڏي ڪاميابي هئي.

سڀ کان اهم نڪتو هيءَ هئو تہ بادشاہ خان اعلان ڪيو تہ يٿي جي پارٽي اچڻ کانپوءِ پختونستان وارو سندس پراڻو مطالبو بي معنيٰ ٿي ويو آهي. هن جي بيان مان صاف ظاهر هئو تہ سرحد ۽ بلوچستان ۾ نعپ حڪومت ۾ حصيدار هئڻ سان نعپ جو اهو مطالبو بي معنيٰ ٿي ويو آهي.

نعپ ليڊرن اهي بيان ڏنا تہ پختونستان واري مطالبي جو مقصد اهو ڪونہ هئو تہ هو پاڪستان کان ڌار ٿي هڪ آزاد رياست بنائين. جميعت علماءِ اسلام

جي سربراهه مفتي محمود بيان ڏنو تہ ”هاڻي پختونن جي پنهنجي حڪومت قائم آهي انهيءَ صورت ۾ پختونستان بابت خان غفار جو نظريو عملي شڪل اختيار ڪري ويو آهي. پختونن کي پنهنجا حق ملي ويا آهن.“

هتي عصري سياسي مورخ ڪڏهن مونجهاري ڪڏهن وري بہ اڪيائي جو شڪار ٿين ٿا چاڪاڻ تہ ڪن جو خيال آهي تہ پختونن جي انهيءَ اعلان کان پوءِ پيپلز پارٽي کي ڳوڙهي سياسي بصيرت جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ها. بادشاهه خان اعلان ڪيو:

”پٺتي واري نئين پاڪستان واري نظريي جي آءُ ڀرپور حمايت جو اعلان ڪريان ٿو پوءِ ڀلي ڪو ٻيو ڪري يا نہ ڪري.“

نہ صرف ايترو پر هن ڪجهہ مثبت تجويزون بہ ڏنيون جنهن سان نہ صرف ملڪي امن پر علاقي ۾ امن مضبوط ٿي پئي سگهيو. مثلاً هن چيو تہ هندستان، پاڪستان، ايران ۽ افغانستان جي هڪ Peace corps ٺاهي وڃي.

سياسي مبصرن جو ان وقت ۽ پوءِ جي تجزيہ نگارن جو بہ خيال آهي تہ بادشاهه خان جي غير جانبدارانہ آڇ مان وڏ ۾ وڏ فائدو وٺڻ گهرجي ها پر ائين نہ ٿيو. پٺتي طرفان انهيءَ اعلان جو ردعمل بادشاه کي دل شڪستہ ڪري وڌو ۽ ٻين جي دل ۾ اها ڳالهہ گهر ڪري ويئي: ”پٺتو آزاديءَ جي اظهار ڏيڻ ۾ ايتري عدم دلچسپي رکي ٿو جيترو ايوب خان رکندو هئو.“

سياسي مبصر چا چئي رهيا هئا تنهن کان قطعہ نظر. بادشاه خان هڪ کان وڌيڪ موقعن تي کليل لفظن ۾ انهيءَ ڳالهہ جو اظهار ڪيو تہ پٺتو آزاد طبع انسان هئو 'انهيءَ ڪري حالتن جي هٿان مجبور هئو.' بهرحال. پٺتي جي خوشامدڙين جي حلقي ۾ اهي ماڻهو غالب اچي ويا جڏهن 1973ع جي ابتدا ۾ بادشاه خان کي ڪوئيٽا وڃڻ کان روڪيو ويو. سرخ پوش ليڊر کي ڪوئيٽا ۾ هڪ ريلي کي خطاب ڪرڻو هئو جتي هو بلوچ ماڻهن جي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ وارو هئو. اها ڳالهہ ايستائين محدود ڪانہ رهي. نيٺ بادشاهه خان جي چرپر چارسده تائين محدود رکي ويئي.

اهي ڪهڙيون ڳالهيون هيون. اهي ڪهڙا عناصر هئا جن بادشاهه خان کي پيپلز پارٽي جي ڀڄهو اچڻ کان روڪيو يا هڪ ٽيڻ ۾ ديوار بنجي ويون. تنهن راز تي گهڻو عرصو تہ پردو ڪونہ رهيو پر اهي سموريون اميدون ختم ٿي ويون جيڪي بادشاه خان ڪابل کان اچڻ کانپوءِ پاڪستان ۾ غير مشروط تعاون جي سلسلي ۾ اعلان ڪيون.

◈ ◈ ◈

# ١١

## • ٻئي جو سياسي ڪلچر
## • مستقل آئين جي تياري
## • بي اعتماديءَ جي فضا • نين چونڊن جي گهر

هر ليڊر جو پنهنجو سياسي ڪلچر ٿئي ٿو پوءِ ڀلي ان ۾ ڪيترين ئي اوڻايون هجن. ڀٽي جو پنهنجو هڪ سياسي ڪلچر هئو جنهن بابت اڳ ۾ نہ ڪنهن ڏٺو ۽ نہ وري ڪو اهڙو تصور موجود هئو. بهرحال، انهيءَ ڪلچر جي صورت ان وقت بدلجڻ لڳي جڏهن 1972ع جي آخر ڌاري لاقانونيت وڌڻ لڳي. انهيءَ جو هڪ ڪارڻ اهو بہ هئو تہ اپوزيشن پارٽين کي ڀٽي جي سياست ڪانہ وڻندي هئي، يا ائين بہ هئو تہ ايوان ۾ ڀٽي کي فيصلہ ڪن اڪثريت حاصل هئي.

انهيءَ وچ ۾ پنجاب جو هڪ سياسي ليڊر خواجہ رفيق 20 ڊسمبر 1972ع تي اسيمبلي ڀرسان قتل ٿي ويو. هو پاڪستان اتحاد پارٽي جو صدر ۽ پاڪستان جمهوري پارٽي جو اڳوڻو ليڊر هئو. هو تحريڪ استقلال واري ليڊر اصغر خان جي جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي گهر موٽي رهيو هئو تہ مٿس قاتلانہ حملو ٿيو جنهن ۾ هو بچي نہ سگهيو. اصغر خان پنهنجي ردعمل ۾ انهيءَ ڏينهن کي ڪارو ڏينهن قرار ڏنو.*

انهيءَ ماحول کي گهڻن سياسي مبصرن مختلف طريقن سان ڏٺو. هڪ غير

---

* 20 ڊسمبر 1971ع تي ڀٽي اقتدار سنڀاليو.

جانبدار ذريعي ان کي مخالف انتظاميہ ۽ ظالم پوليس جو ڪارنامو قرار ڏنو. انهيءَ جو ڪارڻ اهي قتل بہ هئا جيڪي سياسي بنيادن تي قرار ڏيئي سگهجن ٿا. مثال طور ڪوئيٽا پرسان بلوچستان اسيمبلي جي رڪن مير احمد نواز بگٽي تي قاتلانہ حملو ٿيو. اپوزيشن جي ميمبر قومي اسيمبلي ڊاڪٽر نذير احمد کي قتل ڪيو ويو. لاهور ۾ وڪيلن جي جلسي تي حملو ٿيو.

سياسي مبصرن هن سلسلي جون مختلف تاويلون ڪيون. ڪن چيو تہ هي سياسي مخالفت هئي يا وري عدم برداشت وارو رويو هئو جڏهن تہ ڪن جو خيال هئو تہ هي جاگيردارانہ نظام جو اولڙو هئو.

واقعن جي انهيءَ تسلسل جي دوران 1973ع جو سال شروع ٿيو ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هئو ڄڻڪ پاڪستان جي سياسي زندگي کي ڪي گهٽيئي سنگين مسئلا آڏو آهن. انهيءَ حد تائين جو حڪمران پارٽين کي بہ هڪٻئي تي شڪ ٿيڻ لڳو. نيشنل عوامي پارٽي کي شڪايت هئي تہ هو ٻن صوبن ۾ حڪومتون ڏاهيو ويني آهي پر هو ڪم نٿي ڪري سگهي. اپوزيشن بہ گذريل هڪ سال دوران پنهنجون سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون پر انهيءَ مان ڪو فائدو حاصل نہ ڪري سگهي.

هن مرحلي تي جيڪا شيءِ قوم کي ڪجهہ ماٺو ڪري سگهي ٿي تنهن ۾ سڀ کان اهم سبب هڪ مستقل آئين جي غير موجودگي هئو. ويهين اڪتوبر 1672ع تي آئين جي مسودي تي سمورن ليڊرن صحيحون ڪري پٺي جي حوالي ڪري ڇڏيو. آئين تي متفقہ ڪرڻ پٺي جو وڏو ڪارنامو هئو. مسودي اچڻ کان اڳ ولي خان جهڙو ليڊر بہ اتفاق ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو پر پٺي مسلسل ملاقاتون ڪري سمورن ليڊرن کي انهيءَ تي آماده ڪيو تہ في الحال مسودي تي صحيحون ڪن پوءِ اسيمبلي ۾ جيڪي اوٺايون آڏو اچن تن تي بحث ڪري اهي دور ڪيون وڃن. هاڻي هي مسودو آئين ساز ڪميٽي جي حوالي ڪيو ويو جنهن 31 ڊسمبر 1972ع تي قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو جنهن جي حيثيت ان وقت آئين ساز اسيمبلي واري بہ هئي.

هاڻي انهيءَ مسودي تي اعتراض ۽ تبصرا شروع ٿيا. تقريباً هر پارٽي پنهنجا اختلافي نوٽ هنيا. ڪنهن کي صوبائي خودمختاري تي اعتراض هئو تہ ڪنهن کي مرڪز جي اختيارن تي. هڪ ڏکهي لانڊ شروع ٿي ويئي، خاص ڪري اليڪشن جي طريقہ ڪار، وزيراعظم جي انتخاب جي طريقي تي خاصي ڏي وٺ

تي.

پٽي جي لاءِ ڏاڍي ڏکي صورت هئي. پارليماني امور جي وزير عبدالحفيظ پيرزادي سان لاڳيتو مشورن کانپوءِ، نيٺ پٽي پنهنجي پارٽي جو ڪارڊ استعمال ڪيو. هن سينٽ کي ٻڌايو تہ اپوزيشن وارا مسودي تي اڳيئي صحيحون ڪري چڪا آهن تنهنڪري جيڪڏهن ڪو معاهدي تان ڦري ويو تہ پيپلز پارٽي قومي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي اڪثريت واري ڪارڊ کي استعمال ڪري آئين منظور ڪري وٺندي. انهيءَ بيان تي بہ چڱي ڏي وٺ ٿي، خاص ڪري اپوزيشن ليڊرن طرفان. خان عبدالولي خان چيو تہ اهڙو آئين قوم جو نہ پر پيپلز پارٽي جو آئين هوندو. مفتي محمود بہ انهيءَ قسم جو ردعمل ظاهر ڪيو. پنهي جو خيال هئو تہ پيپلز پارٽي کي چاڪاڻ تہ ٻن صوبن ۾ اڪثريت حاصل آهي تنهنڪري هن اهم قومي دستاويز تي ڪلئي بحث کانپوءِ ڪا مفاهمت پيدا ڪرڻ گهرجي.

چڱو موچارو سياسي وڳوڙ تي ويو بلڪ هڪ قسم جي بحراني ڪيفيت پيدا ٿي ويئي. بي اعتمادي جي فضا سموري ماحول کي خراب ڪري ڇڏيو هئو ۽ ائين پئي لڳو تہ آئين ڪڏهن بہ پاس نہ ٿي سگهندو. انهيءَ دوران هڪ اڻ وڻندڙ واقعو ٿيو. ولي خان پارليامينٽ جي اندر تقرير دوران وڳوڙ ڪيو جنهن تي عبدالحفيظ پيرزادي ڪيس دڙڪو ڏنو تہ هو ڪيس گولي هڻندو. هاڻي تہ گوڙ هيڪاندو وڌي ويو. هن واقعي جا راوي گهڻا هئا پر انهيءَ کان وڌيڪ خطرناڪ اهي نتيجا هئا جيڪي اپوزيشن بيان ڪري رهي هئي. انهيءَ بيان تي اپوزيشن اسيمبليءَ جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ چيو تہ جيستائين پيپلز پارٽي ساڻن تعاون ڪرڻ ۽ قانون جي حڪمراني جي يقين دهاني نہ ڪرائيندي تيستائين هو شريڪ نہ ٿيندا.

ڳالهہ اجا مذاڪرات جي مرحلي ۾ داخل ڪانہ ٿي هئي تہ ولي خان بيان ڏنو تہ هن وٽ ناقابل ترديد ثبوت آهي تہ پٽي، خان قيوم کي حڪم ڪيو آهي تہ ڪيس ۽ 31 ٻين ليڊرن کي قتل ڪرائي ڇڏي. هتي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ خان قيوم ان وقت وزير داخلہ هئو. ڳالهين کانپوءِ جڏهن ڪيس يقين ڏياريو ويو تہ انهيءَ ڳالهہ جي عدالتي جاچ ڪرائي ويندي تڏهن هن انهيءَ الزام جي پچر ڦٽي ڪئي.

هي هڪ وڏو مونجهارو هئو ۽ ان کي حل ٿيڻ جو فوري طور ڪو امڪان نظر ڪونہ ٿي آيو پر هڪ ڳالهہ جيڪا عام فهم هئي سا هيءَ تہ سموريون پارٽيون برابر جون ذميوار هيون. پيپلز پارٽي اڪثريتي پارٽي ضرور هئي ۽ پٽو چاهي ها تہ

پارليمينٽ کي بلڊوز ڪري آئين پاس ڪرائي ڇڏي ها پر هن ائين ڪرڻ کي غير جمهوري عمل سمجهيو ۽ متفقہ فيصلو چاهيو ٿي. اڃا ملڪ انهيءَ مرحلي ۾ هئو تہ ولي خان ڇوڻ شروع ڪري ڏنو تہ آئين جي تياري کانپوءِ نئين سر چونڊون ڪرايون وڃن. سچ هيءَ آهي تہ جمهوري اصولن مطابق اهو مطالبو جائز هئو. ولي خان شروع ٿيو تہ پوءِ سيپٽي نين چونڊن جو مطالبو ڪرڻ لڳا. هنن جو چوڻ هئو تہ اڳوڻيون چونڊون، جن جي نتيجي ۾ موجوده حڪومت وجود ۾ آئي آهي، تنهن وقت حالتون ٻيون هيون. انهيءَ کانسواءِ ان وقت اولهہ پاڪستان (نئين پاڪستان) لاءِ 144 سيٽون رکيون ويون هيون جڏهن تہ نئين آئين ۾ 200 سيٽون رکيون ويون آهن. نين چونڊن لاءِ ٻيو جيڪو دليل ڏنو ويو تہ بنگلہ ديش وجود ۾ اچڻ کانپوءِ اتي بہ نيون چونڊون ڪرايون ويون آهن.

پٽي کھڙي ڳڻ ڳوٺ ڪئي هئي تنهن جو اندازو ڪرڻ ڪو مشڪل ڪانهي تنهنڪري هن اهو مطالبو فوري طور رد ڪري ڇڏيو ۽ اسيمبلي جي مدت ۾ مارچ 1977ع تائين واڌارو ڪري ڇڏيو. ظاهر آهي تہ اپوزيشن انهيءَ فيصلي تي ردعمل ظاهر ڪيو پر چاڪاڻ تہ اسيمبلي ۾ پيپلز پارٽي جي اڪثريت هئي انهيءَ ڪري ٻيون پارٽيون ڪجهہ نٿي ڪري سگهيون. البتہ انهيءَ وقت اپوزيشن ۾ جيڪي دوست هئا تن کان مشوري جي ضرورت هئي، جيڪو نہ ڪيو ويو.

انهيءَ ۾ پٽي صاحب جي مشيرن جو وڏو ڪردار هئو.

نئون ملڪ، وسيلن جي ڪمي، هر نئون سج نوان مسئلا پيدا ڪري رهيو هئو. شملہ معاهدي جي ڪري سياسي ماحول تي بہ چنبو ضرور پيو هئو پر مسئلا هئا جيڪي اپرڻ کان بس نٿي ٿيا. پٽي مارچ 1977ع تائين اسيمبلي جو مدو تہ وڌائي ڇڏيو هئو پر هنگامي حالتون اڃا جاري هيون. عين انهيءَ وقت هڪ نئين مسئلي ڪر کنئي. اهو هئو مبشر حسن جو اعلان. مبشر حسن اقتصادي مسئلن جو ماهر هئو تنهنڪري کيس وزير خزانہ مقرر ڪيو ويو هئو. هڪ ڏينهن هن اعلان ڪيو تہ هنگامي حالتون، نئين آئين جي منظوري کان اڳ کنيون ويندڀون تہ جيئن جمهوريت ۽ استحڪام بحال ٿي سگهي. مبشر جو چوڻ هئو تہ اهو مطالبو انهن سرمايدارن ڪيو آهي جن جا ڪارخانا قومي ملڪيت ۾ ورتا ويا آهن تہ جيئن هو ڪورٽن ۾ وڃي سگهن نہ تہ ايمرجنسي جي موجودگي ۾ هو ائين نٿي ڪري سگهيا.

مبشر حسن جي بيان ممڻ مچائي ڇڏيو. اخبارون ۾ اپوزيشن ليڊر شروع ٿي

ويا. سيئي مطالبو ڪري رهيا هئا تہ ايمرجنسي هٽائڻ سان آئين سازي جو ڪم ۽ سياست آزادانہ ماحول ۾ ٿي سگهندو. ٿورن ڏينهن ۾ استادن، شاگرد، وڪيل سمورا هن مطالبي ۾ شامل ٿي ويا. جماعت اسلامي جو ميان طفيل تہ روزانو اهڙو مطالبو ڪرڻ لڳو پر پوءِ ستت ئي مبشر حسن هن باهہ تي ڇنڊو وڌو ۽ هي بيان ڏنو تہ جيستائين آئين منظور نٿو ٿئي تيستائين هنگامي حالتون نٽيون ڪٽي سگهجن. بهرحال، اها ڳالهہ سياسي حلقن ۾ بحث هيٺ هئي تہ ايمرجنسي جي ضرورت هئي يا حڪومت پنهنجي اختيار ڪي ڊيگهہ ڏيڻ لاءِ اهي بهانا ڏئي رهي هئي.

آئين اجا منظور نہ ٿيو هو پر انهيءَ کان اڳ مختلف پارٽين هڪٻئي تي ٺاهہ جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جا الزام هڻڻ شروع ڪري ڏنا. انهيءَ الزام تراشي ۾ پيپلز پارٽي، نيشنل عوامي پارٽي ۽ اپوزيشن جون ٻيون پارٽيون شامل هيون. سردار شوڪت حيات بيان ڏنو تہ پيپلز پارٽي پاڻ معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪري رهي آهي. هن جو چوڻ هئو تہ پيپلز پارٽي، پارٽيز ائڪٽ برقرار رکڻ گهري ٿي ۽ آئيني مسودي ۾ عدم اعتماد تحريڪ لاءِ ٻہ ڀاڱي ٽي اڪثريت رکڻ گهري ٿي. هن جو چوڻ هئو تہ پارٽيز ائڪٽ، وفادارين تبديل ڪرڻ کان روڪي ٿو پر آڪٽوبر معاهدي کانپوءِ پوليٽيڪل پارٽيز ائڪٽ کي ختم ڪرڻو پوندو.

اپوزيشن پارٽين تہ مورڳو هڪ کلڻ جهڙو دليل پيش ڪيو تہ آئيني مسودي وارو ٺاهہ هر هڪ تي لاڳو نٿو ٿئي ڇاڪاڻ تہ آئين کي پارٽين کي منظور ڪرڻو هئو پر ڪيئي ليڊرن پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ صحيحون ڪيون.

ڳالهہ انهيءَ حد تائين وڌي ويئي جو نعپ، جيڪا حڪومت سازي ۾ پيپلز پارٽيءَ سان شامل هئي تنهن شملہ ٺاهہ کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ ان کي قومي اسيمبلي بحال ڪري چڪي هئي. نيٺ اپوزيشن وارا بائيڪاٽ تي لهي آيا ۽ ڪيترن ئي هفتن تائين قومي اسيمبلي مان غير حاضر رهيا.

انهيءَ وچ ۾ گهٽيئي مخالف آواز ٻڌڻ ۾ آيا پر گهڻو زور انهيءَ ڳالهہ تي هئو تہ پيپلز پارٽي ۽ اپوزيشن وارا آئين سازي تي ٺاهہ ڪن. پر سڀ کان سنو بيان سابق وزير قانون ايس ايم ظفر جو هئو جنهن جو چوڻ هئو تہ جيڪڏهن پيپلز پارٽي وارا ٻہ ڀاڱي ٽي اڪثريت واري شرط تان هٿ ڪڍي وڃن تہ جميعت العلماءِ اسلام ۽ نيشنل عوامي پارٽي پنهنجا اختلافي نوٽ واپس وٺي سگهن ٿا. بهرحال انهيءَ وقت ٻين ڪيترين پارٽين بہ نين چونڊن جو مطالبو ڪري وڌو جيڪو پيپلز پارٽي بنا

ڪنهن دير جي مسترد ڪري ڇڏيو. ڀٽي پنهنجو پاليسي بيان ڏنو. 'اسان نين چونڊن کان ڪونه ٿا ڊڄون ڇاڪاڻ تہ اسان چونڊن جي پيداوار آهيون. هارايل سياستدانن کي پنجن سالن تائين انتظار ڪرڻو پوندو'.

هاڻي آڪٽوبر 1972ع واروآئيني بحث شروع ٿي ويو جنهن ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ ايمرجنسي کڻڻ واري هئي. انهيءَ تان اختلاف بہ شروع ٿي ويا. بلڪ اهي آواز سندت اختيار ڪري ويا تہ نيون چونڊون ڪرايون وڃن.

ڀٽي جي سياسي ڪلچر سان ڪنهن کي اختلاف ٿي سگهي ٿو. بهرحال ڪن حالتن ۾ سياسي مبصرن کي پسند ڪونہ ٿي آيو. سرحد ۽ بلوچستان ۾ بہ بيون پارٽيون اقتدار ۾ هيون. چوڏهين فيبروري 1973ع تي ڀٽي ٻنهي صوبائي حڪومتن کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ٻنهي صوبن جا گورنر تبديل ڪري ڇڏيا.

هن جو هڪ سبب هي هئو تہ صوبن ۾ ٻنهي پارٽين جون پنهنجون حڪومتون هجن. گويا هنن اهو شرط وجهي ڇڏيو تہ آئين جي منظوريءَ لاءِ پنهنجي پسند جون حڪومتون ضروري هيون. گهڻن مبصرن جو خيال هئو تہ وزير داخلہ خان قيوم کي ٽڪا خان جي واپسي تي اعتراض هئو. دراصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ ڀٽي کي خان قيوم استعمال ڪري رهيو هئو. پر هاڻي گمان وڌيڪ مضبوط ٿي رهيو هئو تہ جيئن ئي خان قيوم مان ڪم نڪرندو تہ ڪيس فارغ ڪيو ويندو.

هڪ اهو بہ خيال هئو تہ ڀٽو سرحد ۽ بلوچستان صوبن کي بہ بنگلہ ديش سمجهيو هئو بهرحال انهيءَ نڪتہ نظر جا ڪي وڌيڪ حمايتي ڪونہ هئا.

جيستائين ڀٽي جي سياسي رويي جو تعلق آهي تہ هن کي عوامي مقبوليت حاصل هئي. هن سمورين اسيمبلين کي سلامت رکيو جيتوڻيڪ سرحد ۽ بلوچستان اسيمبلين ۾ پيپلز پارٽي جي اڪثريت ڪانہ هئي.

سرحد اسيمبلي کي ڪجهہ ڪونہ ٿيو جيتوڻيڪ مفتي محمود استعيفا ڏني پر ڀٽي ڪيس چيو تہ هو جاري رکي، جيڪا مفتي محمود نہ مڃي.

بهرحال هي سٽ منجهندو رهيو. بلوچستان ۾ ڀٽي پنهنجين ڪوشش سان اڳٽي عبدالصمد اچڪزئي، اڪبر بگٽي، مير نبي بخش زهري ۽ ڄام صاحب لسٻيلہ کي پنهنجو ڪري ڇڏيو هئو. هاڻي اتي ڪا گهڻي مخالفت ڪانہ رهي هئي البتہ سرحد ۾ اڃا ڪجهہ سياسي معاملا حل ڪرڻا هئا.

◈ ◈ ◈

# ١٢

## • ڪهڙي حڪومت، ڪهڙو آئين؟
## • آئين ناهڻ جا خطرا ۽ ٽٽڻ جا انجام

فوجي حڪومتن جي تاريخ، جمهوريت جي بيخ ڪني ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان جي تاريخ جو جيڪو ڪارو باب آهي سو آئين سازي جي لاءِ جستجو آهي. حيرت انهيءَ تي آهي تہ آزادي کان وٺي اسان ڏهہ سال صرف انهيءَ بحث ۾ گذاري ڇڏيا تہ اسان جو آئين ڪهڙو هئڻ گهرجي ۽ ملڪ جو چرخو ڪيئن هلڻ گهرجي. جڏهن 1956ع ڌاري اسان مس وڃي هڪ آئيني خاڪو تيار ڪيو ۽ هندستان اسان کان ڇهہ سال اڳ جنوري 1950ع ۾ آئين ناهي لاڳو ڪري ڇڏيو ۽ اسان اهڙين سازشن جو شڪار رهياسين جن جو مقصد صرف اهو هو تہ ڪيئن هڪ طبقي کي اقتدار ۾ رکجي ۽ ان ۾ ڪو بہ پيو ياڳي پائيوار نہ هجي.

هتي هيءَ ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ 11 سيپٽمبر 1948ع تي پنهنجي انتقال تائين بانيءَ پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ذريعي اهو واضح ڪري ڇڏيو هئو تہ پاڪستان جو سياسي نظام ڪهڙو هئڻ گهرجي، بلڪ هيئن چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو تہ هو پاڪستان لاءِ هڪ سيڪيولر جمهوري نظام چاهيو ٿي، پر اها ڳالهہ ڪو مڃڻ لاءِ بہ تيار نہ هئو.

پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو سڌي ووٽ سان چونڊيل قومي اسيمبلي 1970ع جي چونڊن جي نتيجي ۾ آئي ۽ جڏهن بنگلہ ديش جي جدائي کانپوءِ انهيءَ اسيمبلي جو پهريون اجلاس 14 ـ اپريل 1972ع تي ٿيو تہ هن اسيمبلي کي ٻي قانون سازي سان گڏ هڪ آئين بہ ناهڻو هئو. اسيمبلي هڪ مستقل آئين ناهڻ کان

اڳ هڪ عبوري آئين بہ پاس ڪيو هو. 14۔اپريل واري اجلاس جي ايجنڊا تي ٽي نڪتا هئا. هي اجلاس ٽن ڏينهن تائين هوندو ان ۾ پٽي کي اعتماد جو ووٽ بہ ڏيڻو هئو. عبوري آئين جي منظوري ڏيڻي هئي ۽ هڪ ڪل جماعتي ڪميٽي ٺاهڻي هئي جيڪا هڪ مستقل آئين ٺاهي, ارادو هئو تہ هن ڪميٽي جي سمورين پارٽين جا ميمبر نامزد ڪجن ۽ ان اڳيان هڪ وڏو مقصد اهو هئو تہ فوج کي سياست ۾ اچڻ جو رستو بند ڪيو وڃي. آيا اها ڳالهہ ممڪن هئي يا نہ تنهن تي تبصرو اينڊڙ سٽن ۾ ڪنداسين.

هڪ ڳالهہ جيڪا خوش آئيند هئي تہ انهيءَ ساري عمل دوران اها يقين دهاني ڪرائي ويئي تہ 21۔اپريل تي مارشل لا هٽائي ويندي. بهرحال, انهيءَ حقيقت جو تعين ڪرڻو هئو تہ اجا ڇا ڇا ڪرڻو آهي پر هيءَ هڪ سوال وڏيڪ اهم هئو تہ اڳتي ڇا ٿيندو؟

اڳتي ڏسڻ لاءِ اسان کي سرسري طور ڏسڻو پوندو تہ پاڪستان ۾ جمهوري سياست, آئين سازي ۾ فوجي اختلاف جي تاريخ ڇا رهي آهي؟*

1969ع ۾ جڏهن بستر مرگ تي پيل ايوب خان اقتدار منتقل ڪيو تہ اهو ڪنهن چونڊيل عيوضي يا پارليامينٽ يا چيف جسٽس جي حوالي نہ ڪيو پر وري بہ فوج جي ڪمانڊر انچيف کي سونپي ويو جنهن وري اڍائي سالن لاءِ مارشل لا نافذ ڪري ڇڏيو. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هن پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي آڌار تي ۽ ديانتدار طريقي ۾ چونڊون ڪرايون پر ان کان اڳ جيڪي غلطيون ڪيون ٿن جو نتيجو ڪيس نہ بلڪ قوم کي ضرور ڀوڳڻو پيو.

پاڪستان ۾ آئين سازي جو مختصر جائزو هن ريت آهي:

قائداعظم جي وفات کانپوءِ لياقت علي خان اقتدار جون واڳيون سنڀاليون پر هن شخص کي اها ڳڻتي هئي تہ پنجاب ڪيئن باقي ملڪ تي حڪومت ڪري پيو تہ ڪو فوري, اهڙو طريقو ڪونہ هئو پر راولپنڊي سازش ڪيس ۽ ختم نبوت تحريڪ کانپوءِ هي مسئلو ڪجهہ دير دٻيل رهيو ايستائين جو لياقت علي خان لياقت باغ ۾ هڪ قاتل جو نشانو بڻيو.

* هن موضوع تي اسان پهرين حصي 'تقسيم کان تقسيم تائين' تفصيلي ذڪر ڪري چڪا آهيون. مصنف.

پئي گھمري ڪوشش ڪئي ويئي. اوڏيءَ مهل ناظم الدين کي گورنر جنرل جي عهدي تان هٽائي وزيراعظم بنايو ويو. غلام محمد خود گورنر جنرل ٿي ويهي رهيو ۽ هو پنهنجي طريقي سان راند ڪيڏندو رهيو جنهن ڪري آئين جو مسئلو هڪ گهمرو وري سرد خاني ۾ هليو ويو انهيءَ وقت تائين قومي اسيمبلي، جيڪا آئين ساز اسيمبلي ۾ به هئي تنهن کي گورنر جنرل ٽوڙي اسيمبلي کي تالو هڻائي ڇڏيو. هيءُ اهو ئي مولوي تميزالدين ڪيس هو جنهن کي سنڌ جي هاءِ ڪورٽ ته غلط قرار ڏنو پر سپريم ڪورٽ اسيمبلي جي ٽوڙڻ کي درست قرار ڏنو.

هاڻي هڪ نئين ساز اسيمبلي چونڊي ويئي جنهن گورنر جنرل ۽ وزيراعظم کي اجازت ڏيئي ڇڏي ته هو جيئن ڪن سندن مرضي آهي. نتيجي ۾ هڪ بنگالي محمد علي بوگره کي وزيراعظم مقرر ڪيو هيو.

بوگره ۽ چوڌري محمد علي ۽ بوگره هڪ پئي پنبان ته وزيراعظم بنيا پر پوءِ حسين شهيد سهروردي جو به وارو اچي ويو. ٿوري ٿوري وقفي کانپوءِ آءِ آءِ چندريگر ۽ فيروز خان نون وزيراعظم بنيا جيڪا ڳالهه عجيب آهي ۽ جنرل ايوب خان جيڪو ان وقت جي ڪمانڊر انچيف هئو تنهن کي به وزير دفاع مقرر ڪيو ويو. اهو پهريون گهمرو هئو ته ڪنهن حاضر سروس فوجي کي سياسي عهدو ڏنو ويو هجي.

هن ڳالهه جو مطلب اهو ٿيو ته فوج هاڻي کلم کلا سياست جي بساط تي نمودار ٿيڻ لڳي هئي. غلام محمد ايترو ويچارو ۽ بي فهم ٿي چڪو هُئو جو هن کي هٽائڻو پيو. اسڪندر مرزا کي پوڳڻو پيو جيڪو ان وقت دفاع جو سيڪريٽري هئو ۽ پاڻ ئي پاڻ کي ميجر جنرل جي عهدي تي ترقي ڏيئي ڇڏي هئي.

هن هڪ ڏينهن چند ماڻهو موڪليا جن غلام محمد کي کنيو ۽ گورنر جنرل هائوس مان ٻاهر ڦٽي ڪيو. هن سموري پروسيس کي آئين سازي ۾ کهڙو درجو ڏجي سو اندازو ڪرڻ مشڪل ناهي. آئين ساز اسيمبلي هن سموري معاملي کي نارمل قرار ڏيئي ڇڏيو.

انهيءَ دوران سياستدان 1956ع واري آئين تي ڪم ڪندا رهيا ۽ هڪ اهڙو مسودو تيار ڪيو جنهن ۾ 'هڪ ماڻهو هڪ ووٽ' پر اوير ۽ اولهه پاڪستان جي لاءِ برابر سيٽون تسليم ڪيون ويون. هاڻي ڪوششون ڪيون ويون ته 1956ع واري نئين مسودي تي عمل ڪيو وڃي پر ان جي بدران نين چونڊن جي لاءِ مطالبا وڌڻ لڳا.

نيٺ 7_اڪٽوبر 1958ع تي ايوب خان ۽ سندس ساٿين سياستدانن تي

چوهه چندبندي فوج سموريون سياسي سرگرميون بند ڪري ڇڏيون، سياسي پارٽين تي بندش هڻي ڇڏي ۽ جيڪو انڊو منڊو آئين ملڪ ۾ لاڳو تي چڪو هئو تنهن کي منسوخ ڪري مارشل لا هڻي ڇڏيو. انهيءَ رات اسڪندر مرزا کي ڪوئيٽا موڪليو ويو ۽ ٽن هفتن کان پوءِ کيس هڪ خاص جهاز ۾ وهاري سندس سامان گڏ رکيو ۽ سئس بئنڪ اڪائونٽ سميت جلاوطن ڪري ڇڏيو.

سياستدانن کي ناڪام قرار ڏيڻ، هنن جي هر طرح هتڪ ڪرڻ ۽ ٻيا طريقا استعمال ڪرڻ کانپوءِ ايوب خان کي ٻه ڳالهيون وڏيڪ اهم لڳيون: هڪ ته ڪراچي جا ماڻهو سست آهن تنهنڪري گاديءَ جو هنڌ ڪراچيءَ مان منتقل ڪري اسلام آباد نالي نئون شهر ٺاهي اتي آباد ڪجي، ٻيو اهم مسئلو اهو هو ته اسڪريننگ جي نالي ۾ جيڪي ٻه اڻ وڻندڙ آفيسر حڪومت ۾ موجود هئا تن کي ٻاهر ڪڍيو وڃي.

جيڪي اڻ وڻندڙ آفيسر ايوب خان ڪڍي ڇڏيا تن جي جاءِ تي ٻيا خوشامدي اچي ويا. پر انهن جي "ساٿين" جيڪو حشر ايوب خان جو ڪيو تنهن جي خبر ايوب خان کي انهيءَ وقت پيئي جڏهن هو پاڻ ئي بستر علالت تي پئجي رهيو. 1969ع جي هڪ شام کيس انهيءَ جو سبق مليو ۽ هن کي اقتدار واري فرمان تي صحيح ڪري سمورو نظام ۽ ملڪ جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪري ڇڏيو.*

يحيٰ خان جي شخصيت ۽ ڪردار متان گهڻو لکڻ مناسب ناهي پر حقيقت هيءَ آهي ته ٻه وڏا ڪارناما هن جي حصي ۾ اچن ٿا: ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي بنياد تي عام چونڊون ڪرائڻ. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته 1970ع کان اڳ ٻه عام چونڊون ٿيون پر جيتريون آزادي بغير مداخلت جي يحيٰ خان ڪرايون سي پاڪستان جي تاريخ ۾ بي مثال آهن.

يٽي صاحب جي حڪومت ڇا ڪيو تنهن تي هينئر تبصرو ڪرڻ عبث آهي. في الوقت حقيقت هيءَ آهي ته يحيٰ خان ٻه فوجي مداخلت ڪئي.

---

* ايوب خان هري پور هزاره ۾ پيدا ٿيو ۽ اتان ڳوناٽي حياتي کان فوج ۾ آيو. اقتدار ذريعي هن خوب ڪمايو. امپورٽ ايڪسپورٽ ۾ خاص ڪري اهڙيون شيون شامل ڪيون جنهن مان هن کي ٻه حصو ملي. _ مصنف



فوجي سربراهه جنرل يحيٰ 20 ڊسمبر 1971ع تي پيپلز پارٽيءَ جي سربراهه ۽ نامزد صدر ذوالفقار علي ڀٽي کي حڪومت جون واڳون ڏيڻ جي دستاويزن تي صحيحون ڪري رهيا آهن. غلام اسحاق خان مٿان نهاري رهيو آهي

غير ملڪي مورخ ڇا چوندا تنهن جي قطع نظر، هيءَ حقيقت وساري نٿي سگهجي تہ يحيٰ خان هڪ آمر ڪان اقتدار جون واڳون وٺي ڀٽي صاحب جي حوالي ڪيون، پر ڇا اها تبديلي فوجي بيورو ڪريسي ڪي آئڙي؟ يقيناً نہ.

ڀٽي صاحب جي سنڀالڻ ڪانپوءِ سول انتظاميہ ڪيئن ڀءِ هلي تنهن جي معيار ۽ مقدار تي اسان اڄا فيصلو نٿا ڪريون پر حقيقت هيءَ آهي تہ ڀٽي هڪ آئيني جمهوري حڪومت جو بنياد ضرور رکيو. اهو ڀتو ئي هئو جيڪو 93 هزار فوجي ۽ قبايل پاڪستاني علاقو هندستان ڪان ڇڏائي آيو جيڪڏهن تاريخ جي پس منظر ۾ ڏسجي تہ هن جو اصل ڪارڻ سول انتظاميہ جي ناڪامي ناهي پر ڪجھ ٻيا بہ آهن جن جي وضاحت ڪرڻ لاءِ اسان چند صفحا حمودالرحمان ڪميشن جي رپورٽ مان ضرور ڏسنداسين.

آئين سازي ڏاڍو مشڪل ڪم آهي، خاص ڪري پاڪستان جي سياسي پس منظر ۾، جتي حڪومتن اندر حڪومتون ڪم ڪن ٿيون. ڀٽي صاحب جي حڪومت، هر ٻي حڪومت وانگيان غلطين ۽ ڪارنامن ڀنهي سان ڀريل آهي پر جيڪي بنيادي ڪم چوٿائي صدي ڪان مٿي نہ ٿيا سي ڀٽي ڪري ڏيکاريا. هو جذباتي هئو پر حقيتت پسند ۽ جلد باز بہ هئو. هو سياستدان ضرور هئو پر هن وٽ اها چالاڪي، منافقي ۽ بدديانتي ڪانہ هئي جيڪا عام طور تي سياستدان پنهنجي ڪشڪولن ۾ لڪائي رکندا آهن.

جولاءِ 1977ع ۾ ڀٽي صاحب چونڊن جي مسئلي تي ساڄي ڏر جي پارٽين سان سياسي چرپر ۾ اڃي ويو پر ان جو مطلب اهو ڪونهي تہ آئين خطري ۾ هئو ڀٽي صاحب جي مقرر ڪيل هڪ فوجي جنهن کي ڀٽي صاحب ئي ترقي ڏيئي فوج جو سربراه بنايو تنهن آئين کي برسر طاق رکي مارشل لا نافذ ڪري ڇڏيو ۽ نوي ڏينهن جي عرصي ۾ چونڊن جي وعدي ڪرڻ تي نوي مهينا حڪومت ڪئي. تنهن 5 جولاءِ تي اهو سڀ ڪجھ ڪيو جنهن کان بچڻ لاءِ ڀٽي صاحب 1973ع واري آئين ۾ آئين ٽوڙڻ واري لاءِ موت جي سزا مقرر ڪئي هئي.

اسان هڪ بار وري آئين کان سواءِ هئاسين.

1985ع ۾ جنرل ضياء الحق پنهنجي تصور جي هڪ جمهوريت بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اها جمهوريت حقيقت جي ڪيترو قريب هئي تنهن جو اندازو ڪرڻ ڪو مشڪل ڪونهي. هڪ بوگس رفرنڊم جي ذريعي ضياء الحق کي خالي پولنگ اسٽيشنن جي ڳٽپ سان صدر چونڊيو ويو. ان کي غير پارٽي

چوندڻ جو نالو ڏنو ويو جنهن محمد خان جوڻيجي جهڙي ساده لوح شخص کي وزيراعظم چونڊيو. هو تہ ايترو سادو هئو جو هن سمجهيو تہ شايد جمهوريت، واقعي موٽي آئي آهي ۽ هو سمورن ملڪي معاملن جو سربراهہ آهي. اها ڳالهہ هن جي خلاف آڏي آئي. هو ڪوريا جي دوري تي ويو ۽ جڏهن اجا هوا ۾ هئو تہ معطل ڪيو ويو ۽ کيس مشورو ڏنو ويو تہ ايترو تيزي سان ڊڪڻ جي ضرورت ناهي، ظاهر آهي اها جوڻيجي جي غلطي هئي.

17_اگسٽ 1988ع تي هڪ حادثي جنرل ضياء الحق ۽ سندس ساٿين کي ٻيءَ دنيا پهچائي ڇڏيو ۽ ان سان گڏ سندن سياسي نظريات بہ اتي دفن ٿي ويا.

پر آئين سازي جي ڳالهہ اتي پوري ڪانہ ٿي ٿئي. 17_اڪتوبر 1988ع کان وٺي 12_ اڪتوبر تائين اسان سيني چار شهري حڪومتون پوڳيون، هنن چئني حڪومتن هڪ جيتري چڱائي سان يا اوڻاين سان حڪومت ڪئي. پر اها ڳالهہ سمجهڻ ڏکي آهي تہ آخر ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ هڪ فوجي سربراهہ ملڪ جي صدر ۽ وزيراعظم کي مجبور ڪري تہ هو پنهنجي منصبي اعزاز تان صرف انهيءَ ڪري الڳ ٿي وڃي جو کيس وزيراعظم پسند ڪونہ هئو.

12_اڪتوبر 1999ع تي ڪمانڊر انچيف جنرل پرويز مشرف ڪولمبو (سري لنڪا) کان جهاز ۾ واپس ڪراچي اچي رهيو آهي تہ هڪ ڊرامائي انداز ۾ هن جو جهاز اتڪلن سان ڪراچي هوائي اڏي تي لاٿو وڃي ٿو ۽ رات جو هو سموري سياسي نظام کي معطل ڪري پاڻ کي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مقرر ڪري ٿو.

پي سي او (پرووينل ڪنٽينوئيشن آرڊر) ذريعي هو حڪومت جون واڳون سنڀالي ٿو. (معزول) وزيراعظم نواز شريف نظربند ٿئي ٿو ۽ هن تي هڪ عدالت مقدمو هلائي جيل جي سزا ڏئي ٿي پر چند ڏينهن اندر سعودي عرب ۾ پناهہ ۽ سياست ۾ حصو نہ وٺڻ جي وعدي تي کيس جلاوطن ڪيو ويو هن جنرل پنهنجي 10 سالہ اقتدار ۾ آئين کي منسوخ ڪرڻ بدران، ان کي معطل رکيو ۽ جيڪي ڪجهہ ڪرٽو هئس تنهن کي پي سي او PCO هيٺ جائز ڪري رکيو. اهڙيءَ طرح هن آئين ۾ اهڙيون تبديليون ڪيون جن جو تصور نٿو ڪري سگهجي. مثال طور 58_2B سيڪشن هيٺ هن کي اختيار هو تہ هو اسيمبلين کي ٽوڙي سگهيو ٿي.

پرويز مشرف ڪيئن صدارت جي منصب تان سبڪدوش ٿيو يا هن کي ووٽ جي پرچي ڪيئن هٽايو ويو سو ڪو لڪل داستان ڪونهي، البتہ ايترو چوڻ

ضروري آهي تہ عوام، پنهنجي جي ووٽ ۽ جمهوريت جي چاهہ رکندڙ عوام هن کي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

ڇا ائين ٿيڻ وري ممڪن آهي تنهن سوال جو جواب ڏيڻ ناممڪن نہ تہ ڪم از ڪم مشڪل آهي، اڄوڪي جمهوريت بحال ٿيڻ جي فوراً بعد ڪجهہ عناصر وري اهو هل مچائڻ شروع ڪيو تہ پاڪستان جي آزادي ۽ جمهوريت ٻئي خطري جي حد ۾ داخل ٿي چڪا آهن. پر هن گهُمري صورتحال ٻي آهي، هن ڪان اڳي محلاتي سازشون، جمهوريت کي يرغمال بنائيندڙيون هيون. اڄ جمهوريت ۾ ان جو شعور ايترو مضبوط آهي جو ائين ٿيڻ ممڪن نظر نٿو اچي.

◈ ◈ ◈

# ١٣

# • پاڪستان جو پھريون متفقہ آئين
# • آئين سازي ۾ مشڪلاتون
# • بعد جون حالتون

هڪ متفقہ آئين ناهڻ ۾ جيڪي رڪاوٽون آڏيون اچي رهيون هيون تن ۾ نظام حڪومت ۽ صوبائي خودمختاري بہ وڏا نڪتا هئا. ويهين اڪتوبر 1972ع تي ڏهن سياسي ليڊرن ڪجهہ نڪتن تي اتفاق ڪيو جن جا تفصيل فوري طور تي آڏو ڪونہ اچي سگهيا پر پهرين نومبر تي اهي ظاهر ڪيا ويا. هنن ليڊرن آئيني تجويزن جي جن ڳالهين تي اعتراض ڪيو تن ۾ ڪيئي اهڙيون شامل هيون:

- وزيراعظم جي اعتماد جو ووٽ وٺڻ وقت مجوزه وزيراعظم جو نالو بہ پيش ڪرڻو پوندو؛
- بجيٽ اجلاس ۾ اهڙي تجويز نئي ڪري سگهجي؛
- هڪ دفعو اعتماد جي ووٽ کي شڪست ملي تہ ڇهن مهينن اندر اهڙي ٻي تحريڪ پيش نہ ٿي ڪري سگهجي؛
- ٽن عام چوندن يا 15 سالن تائين جيڪو بہ عرصو ڊگهو هجي، تنهن دوران اهڙي تحريڪ پيش ڪئي ويئي تہ اها بہ ياڱي ٽي اڪثريت سان پاس ٿي سگهي ٿي.

اختيارن جي ورهاست تي نظر ڦيرائيندي ڏسڻ ۾ آيو تہ وفاقي حڪومت وٽ سٺ معاملا هئا جڏهن تہ Concurrent لسٽ ۾ 47 معاملا هئا جڏهن تہ باقي

اختيار صوبن وٽ هئا. وفاقي لسٽ ڏاڍي حيرت انگيز هئي. انهن ۾ دفاع، خارجه امور، ڪرنسي ۽ مواصلات هئا. ڇاڪاڻ جو اتحادي پارٽين جا مطالبا هئا ته انهن چئن معاملن کانسواءِ مرڪز وٽ اختيار نه هئڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته اهي Subsidiary subjects ناهن.

آئيني فارمولا ڪوشش چڱي هئي پر هڪ خاص نڪتي تي خاموش هئو جهڙوڪ هيءَ ته جيڪڏهن ڪنهن تنازعي ڪري صوبائي ۽ مرڪزي قوانين جي درميان اختلاف پيدا ٿي پئي ته ڪهڙو قانون ان جو حل ڪيندو. جيڪڏهن مرڪزي قانون کي بالادستي حاصل هوندي ته اها مرڪز کي وڌيڪ مضبوط ڪندي، جڏهن ته صوبن کي اطمينان هئو ته هنن وٽ Residual powers هئا. انهيءَ کانسواءِ اهو به هئو ته هن جي مالي ضرورتن پورين ڪرڻ جي لاءِ ايڪسائيز ڊيوٽي، قدرتي وسيلن ۾ well head تان تيل آمدني هنن کي ملندي يا وفاقي حڪومت طرفان وصول ڪيل آمدني يا واپڊا جي منافعي مان حصو انهن صوبن کي ملندو جتي اهي پروجيڪٽ موجود آهن. تنهن هوندي به اهو خيال پيدا ٿي ويو ته مرڪز وري به مضبوط رهندو. جيڪڏهن ان وقت جي سياسي تناظر ۾ ڏسجي ته نعپ ۽ جميعت هن اسڪيم کي قبولين ها ته اها سندن ڪاميابي هئي.

هڪ ٻيو مسئلو جيڪو آئيني فارمولا جي حل طلب هئو سو هئو سينيٽ جي اختيارن جو. هي ايوان، ايوان بالا هئو پر هن کي ڪي به اختيار ڪونه هئا. هن کي مالي بلن سان ڪو واسطو ڪونه هئو. گويا هي ادارو اهڙو هئو جنهن کي صرف مشاورتي ڪردار ادا ڪرڻو هئو. يا وڌ ۾ وڌ قومي اسيمبلي مان پاس ڪيل ڪنهن بل کي ڪجهه دير لاءِ روڪي سگهڻ هئو. فارمولا ۾ صاف ڄاڻايل هئو ته ڪنهن مالي مسئلي تي جيڪڏهن ٻنهي ايوانن ۾ اختلاف پيدا ٿئي ته گڏيل اجلاس ۾ طئه ڪيو ويندو. لهاذا خود سينيٽ صوبن جي حقن جي حفاظت نه ٿي ڪري سگهي.

آئيني ناهه ۾ اها خاطري ڏنل هئي ته بنيادي حقن کي تحفظ ڏنو ويندو پر اهو ناهه انهيءَ نڪتي تي خاموش هئو ته انهيءَ تي ڪيئن عمل ڪيو ويندو. انهيءَ کانسواءِ آزاد عدليه جي گنجائش رکيل هئي پر اهو به اجا يقيني بڻائڻو هئو ته اها بنيادي حقن جي محافظ ڪيئن ٿي سگهندي.

هاڻي سڀ کان اهم مسئلو اُڀري آڏو آيو. اهو هئو فارمولي ۾ پاڪستان جو نالو ڪيئن ڄاڻائجي؟ اڳوڻي آئين ۾ پاڪستان جو نالو اسلامي جمهوريه پاڪستان ڄاڻايل هئو ۽ اهو به لکيل هئو ته ڪو به قانون قرآن ۽ سنت جي حدن

ڪان ٻاهر ڪونہ هوندو. هڪ اسلامي مشاورتي ڪائونسل هوندي جيڪا سمورن قانونن تي نظرثاني ڪندي ۽ انهن جو موازنو ڪندي, ملڪ جو سرڪاري مذهب اسلام هوندو ۽ سربراهہ مملڪت کي اعلان ڪرڻو پوندو تہ هو مسلمان آهي.

جيستائين باقي شقن جو تعلق آهي انهن تي ڪو اختلاف ڪونہ هئو پر سربراهہ مملڪت جي مسلمان هئڻ واري اعلان تي اقليتن کي پريشاني ٿيڻ لازمي ردعمل هئو ڇيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ احساس ڪمتري پيدا ٿيڻ لازمي امر هئو. هن شق جي ضرورت فارمولا ۾ ڪانہ هئي پر بظاهر ائين ٿي لڳو تہ انهيءَ جو مقصد ساڄي ڌر جي پارٽين کي خوش ڪرڻ هئو.

آئيني ناهہ انهيءَ حقيقت جو مظهر هئو تہ اهو قومي اتحاد کي برقرار رکڻ لاءِ قبول ڪيو ويو هئو ۽ ان وقت تائين برقرار رهندو جيستائين آئيني بل پاس نٿو ٿئي.

آئين ٺاهڻ وڏو ڪم هئو. هن ڪم کي اُڪلائڻ لاءِ ڪميٽي کي 48 اجلاس ڪرڻا پيا ۽ انهيءَ ساري ڪم ۾ آئيني ٺاهہ کي آڏو رکيو ويو. نتيجي طور 1972ع تي مسودو تيار ڪري آئين ساز اسيمبلي آڏو پيش ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ هيءُ ڪم مقرر ڏيڍ لائين کان اڳتي نڪرڻو هئو تنهنڪري اها تاريخ وڌرائي ويئي. بهرحال, جيترو وڏو ڪم هئو تنهن لحاظ کان اهو ڪم تمام خوش اسلوبي سان ٿي ويو.

جڏهن آئين جو مسودو آڏو آيو تڏهن معلوم ٿيو تہ ان تي ڪميٽي جي ڪجھ ميمبرن پنهنجي طرفان اختلافي نوٽ هنيا. هنن نوٽن ۾ انهن شقن تي وڌيڪ بحث لاءِ چيو ويو هئو جن بابت اڳ ۾ تحفظات ظاهر ڪيا ويا, مثلاً وزيراعظم جي چونڊ, وزيراعظم خلاف بي اعتمادي جي رٿ بابت طريقہ ڪار ۽ سينيٽ جا اختيار. هتي هي ڳالھ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ جيتوڻيڪ پيپلز پارٽي کي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت حاصل هئي پر هن اتفاق راءِ سان ملڪ جي اهم ترين دستاويز کي پاس ڪرڻ گهريو ٿي.

ائين بہ ناهي تہ آئين سازي جو هر مرحلو خوش اسلوبي سان پورو ٿيندو ويو. مير غوث بخش بزنجي (نيشنل عوامي پارٽي) آئيني ڪميٽي تان استعيفا ڏيئي ڇڏي ۽ ڪن خود پيپلز پارٽي جي ليڊرن آئيني فارمولا ۽ تجويزن تي تنقيد ڪئي پر هي مرحلو بخوبي طئي ٿي ويو.

آئيني مسودو صحيح ٿي ويو ان جي ڇهن هفتن کان پوءِ هڪ بحران پيدا

ٿي ويو جيڪو سنجيده ٿي پئي سگهيو. ويهين اڪٽوبر واري آئيني ناهہ تي صحيحون ڪرڻ ڪانپوءِ اپوزيشن هاڻي ان تي ڪئين بنيادي اعتراض اٿاري وڌا جن ڪيترائي سوال نئين سر پيدا ڪري ڇڏيا.

هي اعتراض ان وقت ظاهر ٿيا جڏهن نعپ جي ولي خان لنڊن مان اچڻ ڪانپوءِ آئيني ناهہ تي ٻيهر غور ڪيو. هن ناهہ جي ڪيترين شقن تي اعتراض ڪيو خاص ڪري وزيراعظم جي چونڊ جو طريقہ ڪار هن جي مدت ۽ اختيارن تي.

هاڻي ٻنهي ٻہ سخت لهجي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ جيڪڏهن اپوزيشن وارا ناهہ تان ڦرن ٿا يا هو ڪنهن ٻہ شق جي ٻيهر ڪرڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا تہ هو پيپلز پارٽي جي اڪثريت سان آئين پاس ڪري ويندو. هن ناهہ تي جميعت جو مفتي محمود ۽ نعپ جو ولي خان صحيحون ڪري چڪا هئا. ظاهر آهي تہ هي هڪ Non_issue هئو جنهن تي ڪليو بحث ڪرڻ بدران تصادم جي صورت پيدا ڪرڻ نٿي گهري.

هن سموري ماحول ۾ هڪ واقعو ٿيو جنهن سموري فضا کي خراب ڪري ڇڏيو. چيو وڃي ٿو تہ ولي خان اسيمبلي ۾ چيو تہ وزير قانون ۽ پارليماني امور حفيظ پيرزادي کيس ڌمڪي ڏني آهي تہ هو کيس گولي هڻندو. هن تي قومي اسيمبليءَ ۾ اپوزيشن بائيڪاٽ ڪيو ۽ چيو تہ جيستائين حڪمران پارٽي جمهوريت عمل کي شفاف بنائڻ کي يقيني نہ بنائيندي تيستائين بائيڪاٽ جاري رهندو. جنوري 1973ع ۾ ولي خان قومي اسيمبلي ۾ اعلان ڪيو تہ ڀٽي، خان قيوم کي حڪم ڪيو آهي تہ کيس (ولي خان) ۽ 31 ٻين سياسي ليڊرن کي مارائي ڇڏي.

هن بيان هڪ ممڻ مچائي ڇڏيو. هڪ طرف پيپلز پارٽي، اپوزيشن تي الزام هڻي رهي هئي تہ هو ناهہ تان ڦري ويا آهن. ٻئي طرف سردار شوڪت حيات ٻہ پيپلز پارٽي وارن کي سياسي ناهہ جي خلاف ورزي ڪرڻ جا الزام هڻي ڇڏيا. اپوزيشن مستقل چئي رهي هئي تہ پيپلز پارٽي، پوليٽيڪل پارٽيز ائڪٽ ۾ آئيني مسودي ۾ ٻہ ٽياڱي ٿي اڪثريت وارين شقون برقرار رکيون آهن جيڪو جمهوري

اصولن جي خلاف آهي.*

اپوزيشن پارٽيون بہ عجيب طرح وضاحت ڪرڻ لڳيون تہ ٺاهہ تي ان وقت تائين عمل نٿو ٿي سگهي جيستائين پارٽين ان کي پاس نہ ڪيو آهي ۽ ليڊرن ان تي صحيحون نہ ڪيون آهن. اپوزيشن پارٽيون ميٽنگون ڪنديون رهيون. ايستائين جو 1973ع جو فبروري اچي ويو ۽ اهو سمورو وقت انهيءَ بحث ۾ گذري ويو تہ آيا اجلاس ۾ شرڪت ڪجي يا نہ ڪجي جنهن جو هنن جنوري ۾ بائيڪاٽ ڪيو هو. ضرورت انهيءَ جي هئي تہ ٻنهي ڌرين ۾ ڪو ٺاهہ هجي.

هن مونجهاري حل ڪرڻ لاءِ قانوندان اڳوڻي وزير قانون ايس ايم ظفر جي مدد حاصل ڪئي ويئي جنهن تجويز ڏني تہ پيپلز پارٽي بہ ياڳي تي اڪثريت وارو شرط ختم ڪري ۽ موٽ ۾ نعپ ۽ جي يو آءِ ٻيا پنهنجا اختلافي نوٽ واپس وٺن، جن ۾ سينيٽ جا اختيار صوبائي اختيار بنيادي حق وغيره شامل هئا.

هاڻي وقت ويجهو اچي رهيو هئو تہ برسر اقتدار پارٽين ۽ مخالف پارٽين جي وچ ۾ ڪو ٺاهہ ٿئي نہ تہ آئيني معاهده هڪ خواب نظر اچي رهيو هئو بهرحال هڪ چڱي ڳالهہ ٿي تہ ولي خان ۽ ڀٽي جي درميان ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ نيٺ 10۔اپريل 1973ع تي هن نہ صرف آئين قبول ڪري ورتو پر ڀٽي کي اختيار ڏيئي ڇڏيا تہ هو 12۔اپريل کان پوءِ ان تاريخ کان آئين کي عمل ۾ سمجهيو وڃي جنهن تاريخ تي حڪومت کي مناسب لڳي. بهرحال اها تاريخ 14۔آگسٽ کان دير سان نہ هوندي

اهڙيءَ طرح ڀٽي جي دانشمندي هڪ ڏکئي آئيني مسئلي جو حل ڪڍي ورتو جيڪو اڳتي هلي پاڪستان جي تاريخ ۾ تاريخي دستاويز بڻيو ۽ ننڍي کنڊ ۾ سياسي استحڪام جو ذريعو بڻيو.

جڏهن آئين جو بل پيش ٿيو تہ اسيمبليءَ ۾ ڏاڍي سرگرمي نظر آئي. پيپلز پارٽي پنهنجي طرفان ترميمون پيش ڪرڻ لڳي تہ اپوزيشن وارا وري بائيڪاٽ جا دڙڪا ڏيندا رهيا. بهرحال، ڪنهن وڏي اختلاف کانسواءِ آئين 144 ميمبرن جي ايوان مان موجود 128 اسيمبلي ميمبرن مان 125 ووٽن جي اڪثريت سان پاس ڪري ڇڏيو. آئين جو متفقہ پاس ٿيڻ جمهوريت ۽ عوام ٻنهي جي ڪاميابي هئي.

---

* پوليٽيڪل پارٽيز ائڪٽ، 1962ع، ايوب خان لاڳو ڪيو هئو جنهن ۾ عوامي راءِ کي محدود ڪيو ويو هئو.

هيءَ هڪ اهڙو آئين هئو جنهن ۾ ملڪ جي سمورين پارٽين ۽ليڊرن حصو ورتو ۽ ان کي تسليم ڪيو. اها ٻي ڳالهه آهي تہ پوءِ آمرن ان ۾ اهڙيون ترميمون ڪيون جو ان جو بنيادي روح ختم ٿي ويو.

اصل ۾ آئين سازي ۾ ڀٽي وڏو ڪردار ادا ڪيو. مثلاً جيڪڏهن اپوزيشن سان ٺاهہ نہ ڪري ها تہ آئين سازي مشڪل ٿي پئي ها. هڪ ترميم جيڪا هن قبول ڪئي تہ ججن کي سپريم جوڊيشل ڪائونسل بدران پارليامينٽ هڪ مقرره طريقہ ڪار هيٺ هٽائي سگهندي. ٻي ترميم هيءَ هئي تہ وزيراعظم بدران صدر مسلح فوجن جو سربراهہ هوندو ۽ انهيءَ کي برقرار رکندو. انهيءَ کان علاوه هن جي ذميوارين ۾ اها بہ شامل هئي تہ چيف آف آرمي اسٽاف مقرر ڪندو ۽ انهن جا پگهار ۽ الائونس مقرر ڪندو. هڪ اهم ترميم هيءَ هئي تہ صدر وزيراعظم جي مشوري سان قومي اسيمبلي کي ٽوڙي سگهندو. جيڪڏهن اسيمبليءَ ۾ عدم اعتماد جي رٿ پيش ڪيل هجي تہ اسيمبلي کي ٽوڙي نہ سگهبو. هڪ اهم گنجائش هيءَ بہ رکي ويئي تہ هٿياربند فوجن جا سربراهہ قسم کڻندا تہ هو آئين جي حفاظت ڪندا ۽ ڪنهن بہ قسم جي سياست ۾ حصو نہ وٺندا.

اپوزيشن جو هڪ وڏو مطالبو هئو تہ آئين تي عمل شروع ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر نيون چونڊون ڪرايون وڃن. جيتوڻيڪ ڀُٽي هيءَ ڇئي ان مطالبي کي رد ڪري ڇڏيو تہ انهيءَ مطالبي جو آئين سان ڪو واسطو ڪونهي پر انهيءَ قسم جو اشارو ضرور ڏنو تہ جيڪڏهن اهڙي صورتحال پيدا ٿي تہ نين چونڊن ڪرائڻ کان منهن نہ موڙيندو.

آئين پاس ٿي ويو پر ٿورن ڏينهن ۾ بي اعتمادي جي فضا وري ڪر کنيو. يونائيٽيڊ ڊماڪريٽڪ فرنٽ (UDF) آئين جي حق ۾ ووٽ ڏنو پرَ ان جي پاس ٿيڻ واري جشن ۾ شرڪت ڪانہ ڪئي. ڪن تہ مورڳو ائين چيو تہ جشن ملهائڻ جي ضرورت ڪانهي.

ڪن ليڊرن کي اجا آئين تي ڪي تحفظات هئا تنهنڪري پارٽي کان ٻاهر ٿي مختلف بيان ڏئي رهيا هئا. انهن ۾ ايس ايم ظفر اڳيرو هئو. مير علي احمد ٽالپر، جيڪو ٿورو وقت اڳ پيپلز پارٽي کان ڌار ٿيو هئو تنهن يو ڊي ايف جي فيصلي کي قبول نہ ڪيو.

هاڻي ڀُٽي کي پنهنجي پارٽيءَ جي فيصلي بابت عوامي راءِ معلوم ڪرڻي هئي، هن چئني صوبن جو دورو ڪيو.

فوراً يو ڊي ايف پنهنجي ايجنڊا تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. هن مطالبو ڪيو تہ نيون چونڊون ڪرايون وڃن ۽ نئون آئين فوراً نافذ ڪيو وڃي. دٻاءُ وجهڻ لاءِ هن پشاور ۾ عام جلسو ڪيو جنهن ۾ اپوزيشن جا سمورا وڏا ليڊر هئا. جلسي ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ ٻارهن نهراءُ پاس ڪيا ويا جن ۾ ڪجهہ گهرون هي هيون: ايمرجنسي ڪنئي وڃي، نئون آئين فوراً نافذ ڪيو وڃي، نعپ – جميعت حڪومتون بحال ڪيون وڃن، سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي، حمودالرحمان ڪميشن شايع ڪئي وڃي ۽ جبري رٽائر ڪيل ملازمن کي بحال ڪيو وڃي.

هي وڏا مطالبا هئا جن کي في الوقت قبول ڪرڻ ممڪن ڪونہ هئو نہ وري انهيءَ جو امڪان نظر پئي آيو. يٽي پنهنجي ردعمل ۾ چيو تہ هو خود جمهوريت جي پيداوار آهي تنهنڪري کيس ٻڌائڻ ضروري ناهي تہ جمهوريت ڇا آهي. البتہ ايمرجنسي لاءِ هن چيو تہ هو هٽائڻ چاهي ٿو پر جڏهن هو مناسب سمجهندو.

◈ ◈ ◈



چيف جسٽس آف پاڪستان، جسٽس حمود الرحمان، ذوالفقار علي ڀٽو کان 21۔ اپريل 1972ع تي صدر طور حلف کڻائي رهيو آهي، سندس پارٽي اڳواڻ به موجود آهن.

# ١۴

- باقي رهيل معاملا
- حمودالرحمان ڪميشن
- قاديانين تي پابندي

آئين پاس ٿي ويو پر اجا صدارتي فرمان جاري نہ ٿيو هئو. بهرحال اهو هڪ وڏو مرحلو هئو. آئين جو پاس ٿيڻ هڪ وڏو تاريخي قدم هئو پر سياسي مؤرخن کي خبر هئي تہ ايندڙ ڏينهن ڪيترا اهم هوندا. پيپلز پارٽي انهيءَ لاءِ تيار هئي ڇاڪاڻ تہ کيس خبر هئي تہ هن کهڙا مرحلا طئي ڪيا آهن ۽ ڪيترا مرحلا اجا باقي آهن.

آئين جي پاس ٿيڻ بعد هاڻي مسئلا اڀرڻ لڳا. معاملن ۾ ترجيح پهريون مسئلو بلوچستان جو هئو. ائين ٿي لڳو ڇڻڪ خانہ جنگي هئي هڪ طرف قوم پرست جماعتون هيون ٻئي طرف سردار هئا ۽ ٽئين طرف صوبائي ۽ مرڪزي حڪومتون هيون. حڪومتي پارٽيون ۽ اپوزيشن سڀ انهيءَ حقيقت کان واقف هيون. سمورا قبائلي سردار تبديلي کي مچڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. اهي الزام بہ لڳي رهيا هئا تہ ترقياتي ڪم لاءِ رکيل ڪروڙين رپيا انهن ڪمن تي استعمال ڪونہ ٿيا. نعپ ۽ جميعت ٻنهي گڏجي سرداري نظام ختم ڪرڻ جو نعراءُ پاس ڪيو پر اهو ٿيڻ ممڪن نظر ڪونہ پئي آيو. البتہ کلئي عام پختونستان جو نعرو پهريون ڀيرو ٻڌڻ ۾ آيو جنهن کي ڪن حلقن هي ڇئي رد ڪري ڇڏيو تہ ان جي پويان عليحدگي پسندي جو ارادو ڪار فرما آهي جنهن کي ان جي داعين رد ڪري

ڇڏيو. بهرحال انهيءَ کي بهانو بنائي حڪومت چار ڊويزن فورج بلوچستان ۾ لڳائي ڇڏي. صوبو وڏو هئو تنهنڪري چار ڊويزن ڇا ٿي ڪري سگهيون. فوج رستا بہ ناهڻ لڳي تہ پيا ڪم بہ ڪري رهي هئي.

هاڻي اظهار آزادي جو مسئلو اپري رهيو هئو. مرڪز جو چوڻ هئو تہ اهي ڊپيل جذبا آهن جيڪي ڊگهي آمرانہ نظام ۽ مارشل لاءَ جو نتيجو آهن. صوبائي حڪومتن تہ انهيءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو البتہ مرڪز ڪڏهن ڪڏهن لب ڪشائي ڪندو هئو. اخبارون ڊگهي عرصي کان پوءِ آزاديءَ سان لکي رهيون هيون پر نيشنل پريس ٽرسٽ اڃا موجود هئو.

مارچ 1974ع ۾ پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس سڏايو ويو انهيءَ خيال کان تہ ٻن اهم آئٽمن تي غور ڪيو وڃي: هڪ تہ ايمرجنسي کي ڇهن مهينن لاءِ وڌايو وڃي ۽ ٻيو تہ بنيادي حقن کي وڌيڪ ڇهن مهينن تائين معطل رهڻ ڏنو وڃي. انهيءَ لاءِ جيڪي سبب ڏنا پئي ويا اهي هي هئا تہ هندستان بہ اڃا ايمرجنسي ڪانہ هٽائي آهي ۽ حالتون اڃا نارمل ناهن ٿيون. ڳالهيون ٻئي صحيح هيون پر عالمي راءِ عامہ انهيءَ جي مخالف هئي.

انهيءَ دوران پاڪستان ۾ هڪ جيورسٽ ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو تہ ايمرجنسي ڪنهي وڃي ۽ دفاعي قوانين Defence of Pakistan Rules جو استعمال گهٽايو وڃي، خاص ڪري ڪن آفيسرن جا اختيار ختم ڪيا وڃن. اهو بہ الزام لڳايو پئي ويو تہ سانگهڙ، ملتان ۽ لاهور ۾ ان جو بي دريغ استعمال ٿي رهيو هئو. انهيءَ ڪانفرنس جي صدارت چيف جسٽس حمودالرحمان ڪئي جنهن چيو تہ اسان کي آئين تي هلڻو پوندو پر خود وزيراعظم جا ڪيترائي حق ايمرجنسي هيٺ معطل آهن تنهنڪري اسان کي آئين تي هلڻو پوندو. انهن ڳالهين جو جواب وزيراعظم ۽ وزير قانون اڻ پورو ڏنو.

ڪجھہ عرصو ملڪ ۾ ٺاپر رهي پر مارچ جي وچ ڌاري وري سياسي سرگرمي وڌيل نظر آئي. ان وقت پنجاب جو وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ کر هئو جنهن کي هٽائي حنيف رامي کي وزيراعليٰ بنايو ويو. انهيءَ اثناءَ دوران بلوچستان اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر مولوي شمس الدين کي قتل ڪيو ويو. کر پٽي جو ساٿو هٿ هئو ۽ نومبر 1973ع تائين پنجاب جو گورنر رهيو. لامحدود اختيارن جو مالڪ هئو ۽ پارٽي توڙي عوام ۾ بيحد مقبول هئو پر جڏهن وزيراعليٰ بنايو ويو تہ سخت گير رويو اختيار ڪيائين جنهنڪري نہ صرف اپوزيشن ۾ پر پنهنجي پارٽيءَ ۾ بہ

مخالف بنائي رکيائين انهيءَ حد تائين جو خورشيد حسن مير، شيخ رشيد ۽ حنيف رامي جهڙا ماڻهو بہ سندس مخالف بنجي ويا.

سياسي ماحول ۾ گرمي اچي رهي هئي. غلام مصطفيٰ کر اسلامي سربراهہ ڪانفرنس کان اڳ استعيفا پيش ڪئي جيڪا ڀٽي هي چئي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هئو تہ ڪانفرنس کان اڳ ڪا تبديلي قبول ناهي. ممتاز ڀٽي بہ استعيفا ڏني پر هن جي استعيفا فوراً قبول ڪئي ويئي جيتوڻيڪ هن چاهيو پئي تہ هن سان کر وارو رويو اختيار ڪيو وڃي. کر جي باري ۾ اهي خبرون بہ گشت ڪري رهيون هيون تہ کيس بنگلہ ديش ۾ پهرين سفير ڪري موڪليو ويندو پر ائين نظر ڪونہ پئي آيو.

انهيءَ دوران پنجاب اسيمبلي ۾ کر جي خلاف آواز بلند ٿيڻ لڳا. ميمبر هن تي الزام هڻي رهيا هئا تہ هن خلاف رشوت ۽ بدعنواني جا ڪيس هلڻ گهرجن. هنن جو چوڻ هئو تہ هن هڪ سينيئرليڊر کي مارايو چاڪاڻ تہ هن وزيراعليٰ حنيف رامي خلاف هنگاما ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

هاڻي کر پاڻ کي پنجابين جي حقن جو چئمپين ظاهر ڪرڻ لڳو. انهيءَ ڪم ۾ کيس ڪن ماڻهن جي حمايت بہ حاصل هئي. هڪ مکيہ ڪارڻ هي هئو تہ جيڪي ڪارخانا قومي ملڪيت ۾ ورتا ويا هئا تن ۾ گهڻا جا 22 ڪارخانا هئا جن مان 18 ڪارخانا پنجابين جا هئا. انهيءَ کانسواءِ ڪجهہ جي واپار کي بہ قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو. انهيءَ سموري ڪوشش ۾ ڪي ساجي ڌر جون پارٽيون بہ کر جون حمايتي ٿي ويون. ڪي رٺل ماڻهو بہ کر سان لاڳاپا وري بحال ڪرڻ ۾ لڳي ويا.

سنڌ ۾ بہ صورتحال ڪا خاموش ڪونہ هئي. ڊسمبر 1973ع ۾ پنهنجي سؤٽ ممتاز ڀٽي کي هٽائي غلام مصطفيٰ جتوئي کي سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو. ممتاز کي آسرو هئو تہ کيس ڪو اهم عهدو ڏنو ويندو پر ائين نہ ٿيو تنهنڪري هن جتوئي خلاف مهم شروع ڪري ڏني جنهن ۾ هن ڏکايل بيورو ڪريسي کي بہ شامل ڪري ڇڏيو.

سرحد ۾ اسلم خٽڪ کي گورنر بنايو ويو. وزيراعليٰ حيات محمد شير پائو چاهيو ٿي تہ گورنر کي رستو ڏيکاري پر ائين نہ ڪري سگهيو مجبوراً ماٺ ڪري ويهي رهيو.

چويهين ڊسمبر 1971ع تي ڀٽي جسٽس حمودالرحمان کي هڪ ڪميشن

ٺاهڻ لاءِ مقرر ڪيو هو تہ اها ڪميشن اوير پاڪستان ۾ شڪست جا ڪارڻ معلوم ڪري، هڪ رپورٽ پيش ڪري. اهي خبرون وري اخبارن ۾ اچڻ لڳيون چاڪاڻ تہ ان ۾ ڀُٽي جي شخصيت کي بہ هڪ مسئلو بڻايو ويو تنهنڪري ان کي ظاهر نہ پئي ڪيو ويو.

جولاءِ 1972ع ۾ ڪميشن پنهنجي ابتدائي رپورٽ پيش ڪئي جنهن ۾ هٿيار ڦٽي ڪرڻ جا اسباب بيان ڪيل هئا. ان ۾ چيو ويو تہ سينيئر آفيسر جيڪي ان وقت سندستان ۾ هئا ۽ هاڻي واپس هندستان مان اچي ويا آهن تن کان حالتون معلوم ڪري ٻن مهينن اندر رپورٽ پيش ڪري سگهجي ٿي. ماڻهن جو خيال هئو تہ فوجي اسباب معلوم ڪرڻ سان گڏوگڏ سياسي ڪارڻ بہ معلوم ڪيا وڃن. انهيءَ سموري ماحول ۾ گهٽيئي آواز اڀري رهيا هئا بلڪ هڪ ڪتاب بنهہ ڪليل طريقي ۾ اهو واضح ڪيو تہ اوير پاڪستان جي شڪست خالص فوجي شڪست آهي. هيءُ ڪتاب ميجر جنرل (رٽائرڊ) فضل مقيم جو هئو جنهن Pakistan's crisis in leadership ۾ انهيءَ جو تفصيلي جائزو ورتو. جنرل فضل مقيم 1973ع ۾ سيڪريٽري دفاع جو عهدو سنڀاليو. گڏوگڏ اهي مطالبا بہ زور وٺڻ لڳا تہ انڪوائريءَ جو دائرو وسيع ڪيو وڃي.

1974ع جي منڍ ۾ ٿي قاديانين جي مسئلي ڪر کڻڻ شروع ڪيو 1974ع ۾ قاديانين خلاف سڄي ملڪ ۾ مظاهرا ٿيا. هنن احتجاجن ۾ ايتري شدت هئي جو ڀٽي روس وارو دؤرو ٽن مهينن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو هي مظاهرا ڇو شدت اختيار ڪري ويا تنهن بابت مبصرن جو چوڻ هئو تہ اهي ساڄي ڌر وارا ڪرائي رهيا هئا. ٻيا چئي رهيا هئا تہ پيپلز پارٽي وارا پاڻ ڪرائي رهيا هئا. ڀٽي اپوزيشن تي الزام هنيو تہ هو ڪرائي رهيا آهن.

مجلس تحفظ ختم نبوت مطالبو ڪيو تہ سمورن اهم عهدن تان قادياني هٽايا وڃن ۽ 29 مئي 1974ع واري ربوهہ واري واقعي جي تحقيقات ڪرائي وڃي ۽ سمورن اهم عهدن تان قادياني هٽايا وڃن. ڀُٽي انهيءَ تي هڪ انڪوائري ٽربيونل مقرر ڪيو آزاد ڪشمير اسيمبلي 1973ع ۾ قاديانين کي غير مسلم قرار ڏنو سرحد اسيمبلي 1974ع ۾ غير مسلم قرار ڏنو ۽ نيٺ 7 سيپٽمبر 1974ع تي آئيني ترميم ڪري قاديانين کي غير قانوني قرار ڏنو.

قاديانين کي غير مسلم قرار ڏيڻ وارو فيصلو ڪيتري حد تائين اهم هئو تنهن بابت ڪجهہ چئي نٿو سگهجي پر اهو ضرور آهي تہ ان ملڪ جي سياسي ۽

معاشي حالتن تي وڏو اثر وڌو. اهي اثرات مثبت به هئا ۽ منفي به. اهو اجا به ڪنهن معاشي ماهر جي راءِ جي ضرورت پوندي ته انهيءَ فيصلي هيٺ ڪو گهڻو اثر ڪونه پيو.

◈ ◈ ◈



ذوالفقار علي ڀٽو اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ اچي رهيو آهي

# ١٥ • اسلامي سربراهي ڪانفرنس

اوڻيهه سو چوهتر جو سال هن ڪري پاڪستان لاءِ اهم آهي تہ انهيءَ سال پٽي اسلامي سربراهہ ڪانفرنس ڪوٺرائي اهو ثابت ڪري ڇڏيو تہ هو صرف پاڪستان نہ پر اسلامي بلاڪ جو بہ ليڊر آهي. ڪن تجزيہ نگارن جو خيال آهي تہ ڀٽي صاحب بنگلہ ديش تي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ اها ڪانفرنس سوچي هئي، ڇاڪاڻ تہ هن جو خيال هئو تہ انهيءَ سان بنگلہ ديش قيدين کي آزاد ڪرڻ ۾ ڪا پس و پيش نہ ڪندو.

هن ڪانفرنس جي تياري ڀٽي صدارتي حلف کڻڻ جي ٻئي ڏينهن کان شروع ڪري ڏني هئي پر جنهن پيماني هن ڪرڻ پئي چاهي ۽ جنهن پيماني تي ٿي گذري تنهن لاءِ وقت گهربل هئو. انهيءَ تياريءَ جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ مهمانن جي اچڻ کانپوءِ صرف پروٽوڪول لاءِ ڪوئي ٽيهہ هزار آفيسر مقرر هئا.

هن ڪانفرنس جي ضرورت ڀٽي ڇو محسوس ڪئي ۽ آيا ان مان اهي نتيجا حاصل بہ ٿي سگهيا جن لاءِ هيءَ گهرائي ويئي هئي انهن سوالن جا جواب ايندڙ سٽن مان تلاش ڪنداسين.

ڀٽو عالمي سياست جو طالب علم هئو. هن جي نظر سڄي دنيا ۾ ٿيندڙ تبديلين تي هوندي هئي. انهيءَ تناظر ۾ ڏٺو وڃي تہ 1970ع کان پوءِ واري عرصي ۾ ڪئين نيون عالمي حقيقتون نروار ٿي رهيون هيون. وچ مشرق جو مسئلو ڳوڙهي کان ڳوڙهو ٿي رهيو هئو. عالمي طاقتون ٻن بلاڪن ۾ ورهائجي پنهنجن مسئلن کي

حل ڪرڻ ۾ رڌل هيون. ٽئين دنيا ڏانهن ڪو عالمي ليڊر ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئو. حال اهو هئو جو بک، جهالت ۽ بيروزگاري ٽئين دنيا جو نصيب بنجي ويو هئو. ٽيڪنالاجي چند هٿن ۾ چند ملڪن وٽ قيد ٿي رهجي ويئي هئي. ٽئين دنيا جي وسيلن کي ترقي يافتہ دنيا مختلف بهانن ۽ طريقن سان لٽي رهي هئي. ظلم تہ اهو هئو جو جيڪي معدني ذريعا غريب دنيا وٽ هئا اهي ترقي يافتہ دنيا پنهنجن شرطن تي خريد ڪندي هئي. غريب دنيا جي مصنوعات تي طرح طرح جي بهانن سان پابنديون لڳل هونديون هيون. ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙن ملڪن جن وٽ قدرتي وسيلا ۽ انساني وسيلا ٻئي هئا سي بہ طرح طرح جي شرطن ۾ جڪڙيل هئا.

اقتصادي ۽ معاشي مسئلن کان علاوه سياسي مسئلا هئا اهي بہ توجہ طلب هئا. عالمي سطح تي جيڪي ادارا سياسي اختلاف طئي ڪرائڻ جا ذميوار هئا اتي اسلامي ملڪن جي ڪير ٻڌڻ لاءِ يا تہ تيار ڪونہ هوندو هئو يا وري ڪمزور شنوائي ٿيندي هئي. فلسطين جو مسئلو اسرائيل جي قبضي ۾ مسلم ملڪن جا علاقا، ڪشمير جو مسئلو اهڙا مسئلا هئا جيڪي نہ صرف توجهہ جا طلبگار هئا پر اجتماعي ڪوشش جي تقاضا ڪري رهيا هئا. عالمي سطح تي آرگنائيزيشن آف اسلامي ڪانفرنس (او آءِ سي) هڪ ادارو هئو پر اهو اهڙو غير فعال بنجي چڪو هئو جو ان جي آواز ۾ ڪو دم ڪونہ رهيو هئو.

اهي سمورا مسئلا هئا جن کي حل ڪرڻ لاءِ گڏجي خيالن جي ڏي وٺ نہ صرف ضروري هئي پر ان تي اجتماعي حڪمت عملي جوڙڻ جي ضرورت هئي. نتيجي طور پتي جي ڪوشش اها هئي تہ اهي مسئلا حڪومتي يا آفيسرن جي سطح تي نہ پر اعليٰ ترين سطح تي غور هيٺ اچن تنهنڪري هن جو سمورو زور انهيءَ ڳالهہ تي هئو تہ سربراهہ مملڪت يا حڪومتي سربراهہ شرڪت ڪن، تاڪ انهن فيصلن تي عمل ٿيڻ ۾ سولائي ٿئي.

سمورين ابتدائي تيارين ڪانپوءِ نيٺ 22 فيبروري کان 24 فيبروري 1974ع تائين لاهور ۾ هن ڪانفرنس جو اهتمام ڪيو ويو. ڪل 34 اسلامي ملڪن جي سربراهن ۽ فرمانروائن شرڪت ڪئي. هي ٿي ڏينهن پاڪستان جي انتظاميہ لاءِ محنت جا ڏينهن هئا، چاڪاڻ تہ شاهي مهمانن جي سيڪيورٽي کان وٺي رهائش، سيڪريٽريٽ، پوري دنيا مان آيل اخبار وارن جي ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ جي ضرورت هئي. خاص ڪري انهيءَ وقت صورت نازڪ ٿي ويجي ٿي جڏهن سعودي عرب جا فرمانروا، لبيا جو صدر ۽ ايران جو وزيراعظم موجود



عالمي اسلامي سربراهه ڪانفرنس (فيبروري 1974ع) تي بنگله ديش جو شيخ مجيب الرحمان، فلسطيني اڳواڻ ياسر عرفات، شالامار باغ ۾ عوامي سلام جو جواب ڏيئي رهيا آهن

هجي جن سان پاڪستان جا تمام گهاٽا تعلقات آهن. هن ڪانفرنس ۾ هنن سربراهن ۽ حڪومتي سربراهن شرڪت ڪئي: افغانستان، الجزائر، بحرين، بنگلہ ديش، چاڊ، مصر، گئبون، گمبيا، گني، گني –بسائو انڊونيشيا، ايران، اردن، مراڪش، سعودي عرب، ڪويت، لبنان، لبيا، ملائيشيا، مالي، ماريطينيا، نائيجر، اومان، سوماليا، سوڊان، شام، تيونس، ترڪي، يوگنڊا، متحده عرب امارات، يمن ۽ فلسطين جي سربراهن شرڪ ڪئي، جڏهن تہ پاڪستان مهمانداري جا فرائض سرانجام ڏنا. عراق بحيثيت مبصر شرڪت ڪئي، جڏهن تہ رابطہ عالم اسلامي مهمان طور شرڪت ڪئي.

هي ڪانفرنس 22 فيبروري کان 24 فيبروري تائين جاري رهي. بنگلہ ديش جي اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان جي آمد کي يقيني بنائڻ لاءِ 22 فيبروري تي بنگلہ ديش کي تسليم ڪيو ويو. 24 فيبروري تي جڏهن شيخ مجيب الرحمان لٿو تہ ايئرپورٽ جي سينگار ۽ آرائش ڏسي حيران ٿي ويو. هو پنهنجي وزير خارجہ ڪمال حسين سان گڏ آيو ۽ ايئرپورٽ کان ڪار ۾ ڪانئس پڇڻ لڳو تہ هن استقبال جو مقصد ڇا آهي؟

لاهور ۾ شيخ مجيب جي لاءِ هڪ چنيوٽي شيخ جو گهر خالي ڪرايو ويو هئو. ڀٽي صاحب يوگنڊا جي ايڊي امين ۽ لبيا جي ڪرنل قذافي کي چيو تہ شيخ مجيب الرحمان تي دٻاءُ وجهن تہ قيدي آزاد ڪرڻ تي راضي ٿئي. شالامار باغ جي استقباليہ ۾ ڀٽي صاحب شيخ مجيب الرحمان کي لاهور شهر جي چاٻي ڏني جنهن تي حاضرين ڏاڍي جوش سان تاڙيون وڄائي پنهنجي زنده دلي جو ثبوت ڏنو.

شيخ صاحب لاهور ۾ ئي هئو تہ هن جي رويي ۾ تبديلي اچي ويئي ۽ هڪ گهمري تہ چيائين تہ ڪاش! قيدي منهنجي هٿن ۾ هجن ها تہ آءٌ هينئر ئي ڇڏي ڏيان بهرحال مون کي هندستان جي وزيراعظم اندرا گانڌي سان پهرين مشورو ڪرڻو آهي. هن ڪانفرنس جو فائدو هي ٿيو تہ اپريل 1974ع ۾ نئين دهلي ۾ هندستان، پاڪستان ۽ بنگلہ ديش جي وزراءِ خارجہ جي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ سمورا قيدي آزاد ڪيا وڃن. جن ۾ اهي 195 قيدي بہ شامل هئا جن جي باري ۾ ڊپ هو تہ هنن تي جنگي ڏوهن جي الزام هيٺ مقدما هلايا ويندا.

هن ڪانفرنس ۾ جيئن ميزبانن اڳ سوچيو هئو، تيئن عالم اسلام کي درپيش سمورن مسئلن تي غور ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ اسلامي دنيا کي درپيش مسئلا

سيني ڪي چڱي طرح معلوم هئا انهيءَ ڪري اختلاف ئي پيدا ڪونہ ٿيو بلڪ ڪمال اهو آهي تہ جنهن جيڪو چيو سو هڪدم تسليم ڪيو ويو. هڪٻئي جي نڪتہ نظر کي تسليم ڪرڻ جو هڪ عظيم مظاهرو هن ڪانفرنس جي ڪارروائي دوران ڏسڻ ۾ آيو.

موضوع وار اسلامي دنيا کي درپيش سمورا مسئلا زير بحث آيا ۽ جتي جتي ضرورت پئي اتي فيصلا ڪيا ويا جتي ضروري سمجهيو ويو اتي ٺهراءُ پاس ڪري مختلف جهتن ۾ ايڪي جو مظاهرو ڪيو ويو. هنن مسئلن ۾ زور انهيءَ ڳالهہ تي پريو ويو تہ فلسطين جهڙي مسئلي جتي اسرائيل جارحيت ڪري قبضو ڪيو آهي، اتي متعلقہ ادارن تي زور پريو ويو تہ پرامن ذريعن سان اهي علاقا واپس ڪرايا وڃن.

بہ فيصلا جيڪي هن کان اڳ اسلامي دنيا ايڏي وڏي فورم ۾ پيش ٿيندي ڪونہ ڏٺا هئا سي هئا هڪ اسلامي اتحاد فنڊ جو قيام ٻيو اسلامي ملڪن درميان ڳوڙهي اقتصادي تعاون کي وڌائڻ. انهيءَ ۾ طريقہ ڪار طئي ڪرڻ لاءِ هڪ مڪينزم ڏانهن اشارو ڪيو ويو پر ان جا تفصيلات طئہ ڪونہ ڪيا ويا. اهو ڪم سيڪريٽريٽ تي ڇڏيو ويو.

آخري اجلاس ۾ هڪ ٺهراءُ پاس ڪري پاڪستان جي وزيراعظم ڀٽي ۽ پاڪستان جي عوام جو اهڙي ڪامياب ڪانفرنس جي انعقاد تي کين مبارڪباد بہ پيش ڪئي وئي تہ مهرباني بہ ادا ڪئي وئي.

بظاهر تہ هيءَ اسلامي سربراهہ ڪانفرنس هئي جنهن کي اهي مسئلا ڏسڻا هئا جيڪي اسلامي بلاڪ کي درپيش هئا پر پس پرده ڏيکارڻو هئو تہ انهن مسئلن تي سمورو اسلامي بلاڪ پاڪستان جو حمايتي هئو جنهن ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ ايٽمي طاقت، جيڪا حاصل ڪرڻ لاءِ ڀٽو اقتدار جي ڪرسيءَ تي وهڻ جي پهرين گهڙيءَ کان سوچيندو رهيو هئو.

◈ ◈ ◈

# ١٦

- نعپ تي پابندي
- ولي خان تي ڪيس
- مزاري ميدان ۾

فيبروري 1975ع ۾ پيٽي ڪئين اهڙا ڪم ڪيا جن جي ڪري حڪومت ۽ پارٽي ٻنهي تي حرف آيو. نيشنل عوامي پارٽي سرحد ۾ حڪومت جي پارٽنر هئي پر انهيءَ سان مرڪز جي سياست تي ڪو اثر نہ پوڻ گهرجي ها. بهرحال ڳالهہ انهيءَ حد تائين وڃي پهتي جو پيٽي نعپ تي پابندي وجهي ڇڏي. انهيءَ جو مکيہ ڪارڻ اهو هئو هو تہ سرحد جو ليڊر حيات محمد شير پائو هڪ بم ڌماڪي ۾ مري ويو. شير پائو سرحد ۾ پيٽي جو ساٿو هٿ هئو. نعپ تي بندش سان گڏ سرحد جي حڪومت بہ ڊسمس ڪئي وئي. هن ڪان اڳ بلوچ ليڊر عبدالصمد اچڪزئي مارجي ويو تنهنڪري سموري سياست ۾ هڪ قسم جو هيجان ۽ اضطراب هئو. غير يقيني صورت هئي جيڪا سموري سياسي فضا تي ڇانيل رهي.

هاڻي هڪ ئي وقت تي محاذ کليل هئا: ملڪي سياست، ڀارت سان تعلقات جي نارمل ڪرڻ جو پروسيس ۽ ٽيون عالمي سياست ۾ اينداڙ تبديليون ۽ ان ۾ پاڪستان جو ڪردار. ولي خان کي گرفتار ڪيو ويو. شير پائو مري چڪو هئو. غالباً اهي ٻئي واقعا هڪ ئي سلسلي جا بہ پهلو هئا. انهن سان ڀارت سان تعلقات نارمل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ ضرور پيدا ٿي رهي هئي. شير پائو جي قتل جي ٻن ڏينهن کان پوءِ نعپ تي بندش وڌي وئي، پيٽي جي طرفان نعپ تي بندش غير معمولي قدم

تصور ڪيو ويو ڇاڪاڻ تہ خان غفار خان جنگ بندي جو اعلان ڪري چڪو هئو ان صورت ۾ نعپ تي بندش غير معمولي قدم هئو. حڪومتي مشينري نعپ تي بندش پوندي ئي نعپ خلاف زبردست پروپيگنڊا شروع ڪري ڇڏي، پر پيپلز پارٽي جا ليڊر اعلان ڪندا رهيا تہ حڪومت دهشگردي کي ختم ڪري ڇڏيندي.

فيبروري 1975ع ۾ آئين ۾ ٽين ترميم پاس ڪرائي ويئي جنهن هيٺ حڪومت پارليامينٽ جي اجازت کانسواءِ ايمرجنسي کي وڌائڻ جا اختيار حاصل ڪري ورتا. گويا اهو حڪومت کي ديگهہ ڏيڻ جو هڪ لائسنس هئو جيڪو حڪومت آئيني طريقي ۾ حاصل ڪري ورتو تہ گرفتار ٿيلن جا ڪيس هڪ مهيني بدران ٽن مهينن بعد نظرثاني ڪيا ويندا.

اپوزيشن پنهنجي تنقيد جاري رکي. هن کي نہ صرف هنگامي حالتن واري ترميم تي اعتراض هئو پر گرفتار ٿيلن خلاف ڪيسن تي نظرثاني ڪرڻ واري اختيار تي بہ اعتراض هئو. انهيءَ سان گڏ ئي ٻيا بل بہ پارليامينٽ کان پاس ڪرايا ويا جن مان ٻن جي هيٺ حڪومت کي اختيار ڏنو ويو تہ اجلاس هلندي ڪنهن قومي اسيمبلي يا صوبائي اسيمبلي جي ميمبر کي جيڪي دفاع، خارجہ امور يا ملڪي سلامتي ۾ گهاري وجهڻ جي ڪنهن الزام هيٺ گهربل هوندا تہ کين گرفتار ڪري سگهجي ٿو. ٽئين بل هيٺ پوليٽيڪل پارٽيز ائڪٽ، 1962ع ۾ ترميم ڪئي ويئي جنهن هيٺ غير ملڪي امداد سان هلندڙ سياسي پارٽين کي غير قانوني قرار ڏئي سگهجي ٿو ۽ اهڙو ڪيس 15 ڏينهن اندر سپريم ڪورٽ ۾ پيش ڪري سگهبو. انهيءَ الزام هيٺ سزا بہ ٻن سالن مان وڌائي تي سال ڪئي ويئي.

نئين صورتحال بعد حڪومت نعپ جو ڪيس سپريم ڪورٽ ۾ ڪٽي ويئي پر اڃا شاهديون هلي رهيون هيون تہ فيبروري ۾ ڇئني صوبن جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان هٿيارن جون وڏيون کيپون مليون جن کي نعپ سان ڳنڍيو ويو.

جون 1975ع ۾ خان عبدالولي خان جي خلاف مقدمي جي ڪارروائي شروع ٿي. ڪارروائي هلي رهي هئي تہ ولي خان هلندي هلندي 19 جون تي ڪارروائيءَ کان لاتعلقي جو اعلان ڪيو. ڪيس هلندي ڪورٽ رولنگ ڏني تہ هاڻي ولي خان جيستائين واڪ آئوٽ جي معافي نٿو وٺي تيستائين کيس ڪورٽ ۾ اچڻ نہ ڏنو ويندو. انهيءَ تي ولي خان ڪورٽ کي هڪ خط لکي اها وضاحت ڪئي تہ هن جي ڪورٽ ۾ نہ اچڻ جو مطلب اهو ناهي تہ هن کي ڪورٽ جي عزت ڪانهي پر "منهنجا هٿ ٻڌل آهن. انهيءَ صورت ۾ مون وٽ اهو ئي چارو رهي وڃي ٿو تہ آءٌ

پنتي هئي وڃان.“

ولي خان پهرين ڏينهن ڪورٽ کي گذارش ڪئي: ”جڏهن سمورا ايگزيڪيوٽو اختيار سميٽجي هڪ هٿ ۾ رهجي وڃن ۽ قانون سازي کي بدعنواني ذريعي مڪمل بي عمل بنايو وڃي تڏهن پوري ملڪ ۾ فاشي ۽ آمرانہ رويي کان بچڻ لاءِ صرف هڪ ادارو بچي وڃي ٿو سو آهي عدليہ.“ بهرحال سپريم ڪورٽ نعپ تي پابندي جاري رکي.

نعپ تي بندش هئي يا ڪو بيو عمل جنهن اپوزيشن جي اک ڪولي وڌي، هن نيشنل اسيمبليءَ جو بائيڪاٽ ختم ڪيو. ان وقت قائمقام قائد حزب اختلاف مفتي محمود چيو تہ بائڪاٽ جو وڌيڪ هلڻ فضول آهي ڇاڪاڻ تہ ان جو حڪومت تي ڪو اثر ڪونہ پوندو. بهرحال نعپ تي پابندي اپوزيشن کي ڪمزور ڪري ڇڏيو.

نومبر 1975ع ۾ حڪومت ۽ اپوزيشن جي درميان جنگ تڏي تي ويئي، پر اهو صرف ڏسڻ ۾ اچي رهيو هئو. ائين هئو ڪونہ. هن ڪري جو اپوزيشن نئين سر منظم ٿي رهي هئي، جڏهن چوٿين ترميم اسيمبلي ۾ پيش ٿي تہ اپوزيشن ڏاڍو گوڙ مچايو. هي ترميم اعليٰ عدالتن جا اختيار گهٽائڻ بابت هئي جنهن جو مقصد اهو هئو تہ حڪومتي اقدام تي اعليٰ عدالتون ڪو قدم نہ کڻي سگهن. هڪ سو ويهہ ميمبرن جي پيٽ ۾ ٻڙي مخالفت جي ڪري هي بل پاس تہ ٿي ويو پر سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسو سي ايشن قانون ساز ميمبرن کي گذارش ڪئي تہ هو اعليٰ عدالتن کي وڌيڪ ڪمزور بنائڻ کان بچائين. اپوزيشن خبر ناهي ڪهڙي پُور ۾ هئي تنهن ترميم پاس ٿيڻ کانپوءِ گوڙ ڪيو تہ هي بل جلدائي ۾ پاس ڪرايو ويو ۽ اسان کي تياري جو موقعو ڪونہ ڏنو ويو.

هاڻي اپوزيشن وري بائيڪاٽ ۾ وڃڻ لڳي. هن رويي ٻن واقعن کي جنم ڏنو. هڪ تہ اڳوڻا پيپلز پارٽي جا ليڊر ۽ اڳوڻو گورنر ۽ وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ کر ۽ حنيف رامي مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويا ۽ ٻيو ديري غازي خان مان چونڊيل ايم اين اي سردار شير باز مزاري نيشنل ڊما ڪريٽڪ پارٽي (NDP) ناهي وڌي. کر ۽ رامي جو مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ سان ڪو خاص فرق ڪونہ پيو البتہ پيپلز پارٽي جي پراڻن ليڊرن ۽ پنڻي جي ساٿين هٿڻ جي ناتي گهٽو فرق پيو. پر اها بہ حقيقت آهي تہ پنڻي قيوم خان کي مسلم ليگ ۾ موڪلي ۽ ممتاز دولتانہ کي برطانيا ۾ سفير ڪري مسلم ليگ کي ڪمزور ضرور بنائي ڇڏيو.

مزاريءِ ولي خان جو پراڻو ساٿاري هئو جيڪو اڃا نظربند هئو. ولي خان جي غير موجودگي ۾ سندس زال نسيم ولي خان، ليڊر شپ سنڀالي، پر ڇاڪاڻ تہ نعپ تي بندش هئي تنهنڪري اهو فورم استعمال نہ ٿِي ٿي سگهيو البتہ هن مزاري سان گڏجي اين ڊي پي جي پروگرام کي اڳتي وڌايو.

◈ ◈ ◈

# ١٧

- يونائيٽيڊ فرنٽ جو قيام
- ايمرجنسيءَ بابت اعلان
- سرحد، بلوچستان جي صورت
- سينيٽ ۾ وڏيڪ سيٽون

مارچ 1973ع ۾ اٺ مخالف پارٽين جيڪي هي هيون: نيشنل عوامي پارٽي، يونائيٽيڊ مسلم ليگ، جي يو پي، جي يو آءِ، جماعت اسلامي، پاڪستان ڊماڪريٽڪ پارٽي (پي ڊي پي)، خاڪسار ۽ آزاد گروپ – پاڻ ۾ ملي هڪ يونائيٽيڊ فرنٽ ٺاهيو. هن فرنٽ پنهنجو جيڪو مول متو بيان ڪيو سو اهو هو جمهوريت بحال ڪجي، آمريت جو رستو روڪجي ۽ صحيح اسلامي پارليماني آئين ٺاهيو وڃي.

فرنٽ هڪ 12- نڪاتي "اسلامي ڊڪليريشن" جو اعلان ڪيو جنهن ۾ چيو ويو ته هن ملڪ ۾ حڪمران ڏر روز مره نوان قانون مڙهي ملڪ کي هڪ غير نمائنده نظام طرف ڌڪي رهي آهي. هن اعلان ۾ چيو ويو ته 1971ع کانپوءِ تبديلي آئي پر اهو چوڻ مشڪل آهي ته اها تبديلي ڪهڙي حد تائين ڪامياب ويئي آهي. فرنٽ جيڪو پڌرنامو جاري ڪيو تنهن ۾ چيو ويو:

"اجتماعي جدوجهد ڪئي وڃي ته جيئن ماڻهن کي آزاديءَ جي نعمت سان صحيح طور تي آشنا ڪرايو وڃي."

هي ڊڪليريشن صرف چند اپوزيشن پارٽين جو ڪونه هئو بلڪ انهن

ماڻهن جو بہ هئو جيڪي خود حڪمران پيپلز پارٽي جي اندر ويٺا هئا ۽ انقلابي خيالن جا مالڪ هئا مثلاً مير علي احمد ٽالپر، مير رسول بخش ٽالپر، محمود علي قصوري، انهن اختلافن ۾ ڪي اهڙا بہ نڪتا هئا جيڪي آئيني نڪتن ۾ شامل هئا. انهن ۾ هڪ نڪتو اهو بہ شامل هئو تہ عدم اعتماد جي تحريڪ لاءِ بہ ٻاڻي ٽي اڪثريت ضروري آهي جيڪا ڪڏهن بہ حاصل ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي، جنهن جي معنيٰ اها ٿي تہ وزيراعظم "شهنشاهہ" بنجي ويندو ۽ هن کي ڪڏهن بہ هٽائي نٿو سگهجي.

ٻيو اعتراض سرحد ۽ بلوچستان جي گورنرن کي ڊسمس ڪرڻ ۽ پوءِ بلوچستان اسيمبلي کي ٽوڙڻ جا مسئلا هئا. اجا بہ وڌيڪ گنڀير مسئلو سردار شير محمد مري کي گرفتار ڪرڻ جو هئو. گرفتاري وقت سردار شير محمد نعپ جو ليڊر هئو ۽ هن تي الزام هئو تہ هن ويهہ هزار بلوچ گوريلن جي فوج ٺاهي رکي آهي ۽ هو مرڪز جي خلاف بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار هئو.

جيتريقدرعام آزادين جي خلاف ڪم ڪرڻ جو تعلق آهي تہ انتظاميہ جي خلاف الزام هئو تہ اهو تقريباً هرحلقي جي خلاف لڳي رهيو هئو پر انهن ۾ ڪنهن حد تائين صداقت بہ هئي. مثال طور ڊان اخبار جي ايڊيٽر الطاف گوهر کي گرفتار ڪرڻ شامل هئو. چيو ويو تہ هن کي بنا ڪنهن وارنٽ جي گرفتار ڪيو ويو جنهن جي خلاف ڪا ايف آءِ آر ڪانہ هئي. بظاهر هن جو ڏوهہ اهو هئو تہ هن بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي پنهنجي اظهار جي آزادي ماڻي. الطاف گوهر کي مولوي طفيل (جماعت اسلامي) واري طريقي ۾ قيد ۾ رکيو ويو ۽ اهو بہ انتهائي هتڪ آميز طريقي ۾.

هاڻي ٻئي جي طرفان هڪ اعلان ٿيو جيڪو سموري قوم لاءِ اهم هو. هن اعلان ڪيو تہ ايمرجنسي غير معينہ مدت تائين جاري رهندي، جنهن ٻين کي گهٽ اپوزيشن کي لوڏي وڌو. پر جلدي اپوزيشن پاڻ کي سنڀالي ورتو بلڪ هن مان ان کي فائدو مليو ۽ هن سنڌ پيپلز پارٽي واري شاخ ۾ انتظامي ردوبدل ڪئي. مير رسول بخش ٽالپر جيڪو پارٽي اندر رهي پارٽي سان اختلاف رکندو هئو تنهن هڪ ڪنوينشن گهرايو جنهن ۾ 120 نمائندا آيا جن جي اي رحيم کي پارٽي مان ڪيڻ جو مطالبو ڪيو. جي اي رحيم هن ڪان اڳ سنڌ پيپلز پارٽي جي انتظامي ڍانچي ۾ بہ اٿل پٿل ڪئي.

هاڻي متحده جمهوري محاذ ڪمزوري جا آثار ڏيکارڻ لڳو. اول هن ڪري تہ هن جا رڪن گهٽا قومي اسيمبلي ۾ ڪونہ هئا. جيڪڏهن سمورا ملائبا تہ 146

مان چار هئا. جيڪو تعداد ايترو ڪونہ هئو جيڪو آئين ۾ ڪو اهم ڪردار ادا ڪري سگهي. اسيمبلي کان ٻاهر بہ اهڙو ڪو ڪردار ڪونہ هئو. انهيءَ سان گڏ نعپ ڪنهن ديني جماعت سان ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ڪانہ هئي. انهيءَ سان گڏ متحده جمهوري محاذ وٽ ڪا اهڙي شخصيت ڪانہ هئي جيڪا هن جي متفقہ ليڊر شپ سنڀالي تنهنڪري ماٺ ڪري ويهي رهيو.

فيبروري جي ڏاري پُٽي کي اندازو ٿيو تہ اسلم خٽڪ ۽ اڪبر بگٽي پنهنجي اڪثريت ثاهي وٺندا پر ٻنهي اسيمبلين جا ميمبر ڏاڍا پاڳ وارا ثابت ٿيا ۽ ڀُٽي جي اها اميد پوري نہ ٿي سگهي. وڏي مصيبت اها ٿي تہ جڏهن خٽڪ ۽ شير پائو جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا. انهيءَ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ في الحال ڀٽي بلوچستان ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪري ڇڏيو جيڪا آئين جي هيٺ هڪ مهيني لاءِ هوندي آهي. هن قدم ٻنهي پارٽين جو مانُ مٽي ڪري ڇڏيو. سورهين مارچ تي هنن بلوچستان ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو جيڪو ڪامياب ٿيو. ڪامياب هن ڪري بہ سمجهيو ويو تہ انهيءَ ڏينهن سرحد ۾ بہ مظاهرا ٿيا.

متحده جمهوري محاذ محسوس ڪيو تہ هو ڪٿي بہ فنا ٿي سگهي ٿو تنهنڪري هن اٺن ئي پارٽين گڏجي هڪ ائڪشن پارٽي ٺاهي جنهن جي سربراهي پير صاحب پاڳاري کي سونپي ويئي. هن ڪميٽي وري ڇئني صوبن ۾ ذيلي ڪميٽيون ٺاهي ورتيون جن معاملن جي اپٽار ڪرڻ شروع ڪئي. هنن ڪميٽين ۾ ڪا ٻڏي ڪانہ هئي پر بظاهر هڪ ڳالهہ تي اتفاق هئو تہ صوبائي خودمختاري هجي. صوبائي خودمختاري جو مطالبو ڇا هئو جنهن جي معنيٰ هئي تہ مرڪز بيڪار بنجي وڃي. هن مطالبي جي پاڪستان جمهوري اتحاد (پي ڊي اي) ڏاڍي مخالفت ڪئي.

هاڻي حڪمران پارٽي جي انهيءَ ترڪيب کي بيڪار ڪرڻ لاءِ يو ڊي ايف فيصلو ڪيو تہ فرنٽ اندر جيڪي بہ اختلاف هجن تن کي پاسيرو رکي اهي سمورا اختيار ۽ سجبڪيٽ قبولي جيڪي آئيني مسودي ۾ هجن. انهيءَ ڪانپوءِ هنن گهٽ ۾ گهٽ مطالبا ڪرڻ شروع ڪيا تہ ڪيئن آئيني مسودي تي فقره وار بحث ڪجي، نيٺ بحث شروع ٿيو. پر جنهن تيزي سان بحث ٿيڻ لڳو تنهن يو ڊي ايف کي مايوس ڪيو. تنهن ڪري محاذ هيئن ڪيو جو جيڪو پيپلز پارٽي گهٽ ۾ گهٽ مطالبو تي ڪيو سو منظور تي ڪيائون. بهرحال 16 مارچ تي فرنٽ چارٽر آف ڊمانڊس پيش ڪري ڇڏيو. هنن مطالبن ۾ عدليہ جي آزادي، اليڪشن

ڪميشن جي غير جانبداري ۽ وزيراعظم جي اختيارن بابت گهرجون ڏنل هيون. فرنٽ پنهنجي جواب ڏيڻ لاءِ هڪ هفتو ڏنو پر ڪيترائي ڏينهن گذري ويا پُٽي انهن مطالبن تي ڪو ردعمل ڪونہ ڏيکاريو تنهنڪري فرنٽ پنهنجو موقف ظاهر ڪرڻ لاءِ 23 مارچ راولپنڊي ۾ عام جلسو گهرايو. حڪومت انهيءَ جلسي جي اجازت ڪانہ ڏني. بهرحال اڳواڻ اعلان ڪيل وقت تي پهچي ويا. ماڻهو بہ جلسہ گاهہ ۾ پهچڻ لڳا پوءِ هڪدم پڄ ڊوڪ ٿيڻ لڳي. ٿيو هيئن تہ جلسي جي حاضرين تي ڪٿان گولي هلائي وئي جنهنڪري هڪ ڊزن ماڻهو مري ويا ۽ انيڪ زخمي ٿي پيا, ڪنهن اهي ماڻهو ماريا سا ڳالهہ ڪا اهڙي منجهيل ڪانهي. فرنٽ افسوس جو اظهار ڪيو حڪومت جي مذمت ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن تي قومي اسيمبلي جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

حالتون بگڙنديون ڏسي پيپلز پارٽي پريشان ٿيڻ لڳي, ڇاڪاڻ تہ هڪ اهڙو آئين جيڪو سموري ملڪ ۾ نافذ ٿيڻ وارو هئو ان ۾ پوري اپوزيشن شرڪت نہ ڪري آئين جي عزت ڪونہ وڌائي ها, نہ اهو معتبر ليکجي ها. نيٺ ڀُٽي ۽ پيرزادي اپوزيشن کي اپيل ڪئي تہ هو اسيمبلي ۾ اچن ڇاڪاڻ تہ اڳوڻي فيصلي مطابق آئين کي 21_اپريل تائين پاس ٿيڻو هئو.

هاڻي ڀُٽي آڏو بہ راهون هيون: هڪ تہ هو سموري ملڪ جي آرزوئن جو خيال ڪندي هڪ نئون آئين ٺاهي يا وري پنهنجي پسند واري آئين کي نافذ ڪري. نيٺ هڪ ڏينهن اسيمبلي آئين منظور ڪري ورتو. اها ڀُٽي جي وڏي ڪاميابي هئي.

آئين کي منظور ٿيڻو هئو پر انهيءَ کان وڏو مسئلو جنگي قيدين جو هئو. قيدين جي واپسي جي مسئلي جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڪستان هڪ نہ ٻئي بهاني روز بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ وارو معاملو ملتوي ڪندو ايندو هئو ڇاڪاڻ تہ جنگي قيدي ڀارت جي خلاف پروپيگنڊا جو هڪ وڏو ذريعو بنجي ويو هئو ٻيا وري جيڪي مسئلا ڀُٽي جو توجہ چاهين پيا تن ۾ ملڪ اندر بک, بيروزگاري, بيماري, تعليم ۽ صحت جا هئا, پر اهي فوري توجہ طلب ڪونہ سمجهيا ويا.

آئين پاس تہ ٿي ويو پر اپوزيشن ۽ حڪومتي پارٽي جي درميان عدم اعتماد جي فضا قائم رهي. انهيءَ فضا کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻن شعبن ۾ ڪم ڪرڻ جي گهرج هئي. مثال طور: هڪ تہ سياسي مخالفن جي وٺ پڪڙ بند ٿئي. آئين منظور

ٿيڻ بعد تہ انهيءَ جو ڪو جواز ڪونہ ٿي رهيو. هڪ بيان ۾ ولي خان تہ ائين چيو تہ اپريل 1973ع ۽ 1972ع جي سڄي سال دوران ٿيل انگ کان وڌيڪ گرفتاريون ٿيون. اخبار وارن جي خلاف قدم کنيا ويا. ڪيترين اخبارن خلاف قانوني قدم کنيو ويو ڪئين اخبار وارن کي گرفتار ڪيو ويو جنهن تي اخبار وارن شديد ردعمل ڏيکاريو.

پيو شعبو جنهن ۾ ڪم ڪرڻ جي گهرج هئي سو هو اپوزيشن جي انهيءَ مطالبي تي غور ڪرڻ تہ کين بہ اقتدار ۾ شامل ڪيو وڃي، خاص ڪري سرحد ۽ بلوچستان ۾ جتي هنن جي گهر هئي تہ کين حڪومتون ٺاهڻ ڏنيون وڃن.*

پٽي جو اهو اعلان تہ پيپلز پارٽي، جميعت علماءِ اسلام ۽ عوامي نيشنل پارٽي سان گڏجي حڪومت ٺاهيندي، انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو هئو تہ پٽو انهن ٻنهي صوبن ۾ اقتدار ۾ شامل ٿيڻ گهريو ٿي.

جولاءِ 1973ع جي شروع ڌاري پٽي نيٽ فيصلو ڪيو تہ اپوزيشن سان ڳالهيون ڪيون وڃن ۽ واقعي ڳالهيون ٿيون. فرنٽ جي ليڊرن کي ڪوه مري گهرايو ويو. ڳالهين جي ايجنڊا ۾ جمهوري عمل کان وٺي بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ وارا معاملا شامل هئا. ڳالهين دوران ۽ ڳالهين کانپوءِ اهو نتيجو نڪتو تہ ٻين مسئلن سان گڏ سرحد ۽ بلوچستان ۾ اڪثريتي پارٽين واريون حڪومتون بحال ڪيون وينديون. ولي خان تہ انهيءَ حد تائين اطمينان ڏيکاريو تہ نيٽ حڪومت سان اختلافي مسئلن تي ٺاهہ ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي ويئي، پر اڳتي هلي اها خبر پيئي تہ اهي اميدون مختصر وقت لاءِ هيون. ٿوري وقت اندر ثابت ٿي ويو تہ مري ڳالهوين صرف بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ واري مسئلي تي بحث ۽ ان کي عالم آشڪار ڪرڻ لاءِ هيون.

هن کان اڳ ٻنهي ڌرين جي درميان بہ ڳالهيون ٿيون هيون، جيڪي اپريل 1973ع ۾ ٿيون جڏهن آئين کي قطعي طور منظور ڪيو ويو. آئين منظور ٿيڻ وقت جيڪي ڳالهيون ڪيون ويون تن ۾ اها اميد بہ شامل هئي تہ منظوريءَ بعد اپوزيشن پارٽين کي بہ اقتدار ۾ شامل ڪيو ويندو پر ائين نہ ٿيو.

جولاءِ 1973ع بعد اپوزيشن سمجهيو تہ هوءَ هوشيار ٿي ويئي آهي ۽ هاڻي حڪومت سندن گهڻن مطالبن کي تسليم ڪري وٺندي. انهن مطالبن ۾ نيشنل

---

* وچ فيبروري 1973ع ۾ صوبائي حڪومتون ختم ڪيون ويون هيون.

پريس ٽرسٽ کي ٽوڙڻ، سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ، هنن خلاف ڪيس ختم ڪرڻ، آئين تي جلد از جلد ڪرڻ، ريڊيو ٽي وي جو سياسي استعمال بند ڪرڻ ۽ سرحد ۽ بلوچستان ۾ صوبائي حڪومتن جي بحالي شامل هئا. پر بظاهر اهو نظر ڪونه پئي آيو. هاڻي اپوزيشن فيصلو ڪيو ته حڪومت جي آرزو خواهه ڪهڙي به هجي، هو بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ ۾ پنهنجو موقف اختيار ڪندا.

بنگلہ ديش کي اپوزيشن جي غير يقيني ردعمل جي خوف کان پٽي اهو مسئلو سپريم ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جماعت اسلامي، جميعت علماء پاڪستان، ڪائونسل مسلم ليگ ۽ تحريڪ استقلال لاءِ ته معلوم هئو ته اهي بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ جي خلاف هئا. سپريم ڪورٽ کان اها راءِ ورتي هئي ته آيا بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ لاءِ ڪنهن نهراءَ کي اپوزيشن جي اعتراضن تي اڳوات مسترد ڪري سگهجي ٿو؟ پنجاب پيپلز پارٽي جي ڪجهه ليڊرن کي به بنگلہ ديش تسليم ڪرڻ تي اعتراض هئو.

نئين آئين جي آرٽيڪل 3 * ۾ چاٽايو ويو هئو ته آئين ۾ موزون طريقي ۾ ترميم ڪئي ويندي ته جيئن "اوير پاڪستان جي ماڻهن کي فيڊريشن جي معاملن ۾ شرڪت جي اجازت ڏني وڃي جڏهن اتي غير ملڪي مداخلت جا اثرات ختم ٿيندا."

هن تي ائين چئي سگهجي ٿو ته هي بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ جي راهه ۾ هڪ رڪاوٽ هئي. پر پٽي سپريم ڪورٽ کي اها يقين دهاني ڪرائي هئي ته هو قومي اسيمبلي کان انهن آئيني ۽ قانوني اقدام جي منظوري وٺندو جڏهن به بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ واري ٺهراءَ تي عمل ڪيو ويو. سپريم ڪورٽ جي اجازت بعد هاڻي قومي اسيمبلي کي اها اجازت ملي ويئي ته حڪومت ڪڏهن به بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ لاءِ اهڙو قدم کڻي سگهي ٿي، جڏهن به هو انهيءَ کي پاڪستان جي حق ۾ مناسب سمجهي سگهي ٿي، هڪ اهڙي گهڙي جڏهن پٽو امريڪا وڃڻ وارو هئو ۽ پارٽ سان اهم ڳالهيون ٿيڻ واريون هيون تڏهن سپريم ڪورٽ جي فيصلي پٽي کي فتحمندي سان همڪنار ڪري ڇڏيو.

هاڻي بال قومي اسيمبلي ۾ سياسي پارٽين وٽ هئو. جڏهن اهڙو ٺهراءُ قومي

---

* هن آرٽيڪل کي 23 اپريل 1974ع تي ترميم ذريعي فيبروري 1974ع ۾ بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ واري فيصلي کي ختم ڪيو ويو.

اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو ويو تہ اپوزيشن واڪ آئوٽ ڪري ويئي، اها هڪ بيوقوفي هئي ڇاڪاڻ تہ نيشنل عوامي پارٽي ۽ جميعت علماءِ اسلام اڳ ۾ بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ بابت هام ڀري ڇڏي هئي، سي بہ اهو تاثر ڏيئي رهيون هيون تہ اهي بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ جي خلاف آهن. بهرحال ڀٽو وري هڪ معاملي ۾ فتح مند ٿي نڪتو.

سرحد ۽ بلوچستان ۾ حڪومتون ناهڻ ۾ مرڪز ۾ حصو ڏيڻ بابت اپوزيشن مستقل طور دٻاءُ وجهي رهيون هيون. مستقل مظاهرا ۽ احتجاج جاري هئا. ڀُٽي کي ٻي ڪاميابي ان وقت حاصل ٿي جڏهن ڀٽي سينيٽ ۾ 31 سيٽون حاصل ڪري ورتيون.

ملڪي سياست ۾ هيٺ مٿانهين ٿيندي رهي، جن کان ڀٽو انهيءَ کان واقف هئو پر ڀٽو خبرداري سان سياست ڪيڏي رهيو هئو پر هڪ ڳالهہ جنهن کان ڀٽو ايترو خبردار ڪونہ هئو سا هئي جڏهن پارٽي ۾ خود پرست عناصر قبضي جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. انهيءَ وقت پارٽي جي سيڪريٽري جنرل اي جي رحيم جڏهن انهيءَ جي نشاندهي ڪئي تہ گهڻن ليڊرن کي ڪاوڙ لڳي؛ هن انهيءَ تي بہ اعتراض ڪيو تہ عزيز احمد کي دفاع جو سيڪريٽري نہ مقرر ڪيو وڃي ڇاڪاڻ تہ هو ايوب خان جو ساڄو هٿ رهيو هو. هن خبردار ڪيو تہ پارٽي سياست نہ بدلائي ويئي تہ پارٽي کي نقصان پهچندو.

آئين نافذ ٿيڻ کان هڪ هفتو اڳ پاڪستان جي سياست ڪنهن اڻ ڏٺي انجام جي طرف وڌي رهي هئي. هڪ نئين آئين، جنهن کي ناهڻ ۾ ڏاڍا ڏک ڏٺا ويا هئا، تنهن تي عمل ڪرڻ ضروري هئو پر زباني اتفاق جي باوجود اجا باهمي اتفاق راءِ پيدا نہ ٿي سگهيو هئو ائين لڳي رهيو هئو تہ اپوزيشن خوف ۽ هراس جي فضا ۾ گذاري رهي هئي تنهنڪري هن اعلان ڪيو تہ جيستائين سندس بنيادي مطالبا تسليم نہ ٿيندا تيستائين وڌيڪ ڳالهيون نہ ڪيون وينديون. عام ڪاپي لاءِ اهو اعلان سنو هئو پر خود اپوزيشن جي صفن ۾ عدم استحڪام نظر اچي رهيو هئو.

جمهوريت جا پنهنجا طريقا هوندا آهن ۽ اها ڳالهہ تسليم هئي تہ اڪثريتي پارٽي حڪومت ڪندي پر پوءِ بہ خبر ناهي تہ اپوزيشن اها اميد رکيو ويٺي هئي تہ کين اقتدار ۾ شراڪت ملندي هر ملاقات کانپوءِ ڀٽو کين يقين ڏياريندو هئو تہ ايمرجنسي ڪٽندو، قلم 144 هٽايو ويندو، سياسي قيدين کي آزاد ڪيو ويندو نيشنل پريس ٽرسٽ کي ٽوڙيو ويندو ۽ سرحد ۽ بلوچستان ۾ اڪثريتي پارٽين

جون حڪومتون بحال ڪيون ويندريون.

پڻي اپوزيشن کي ڪئين گھمرا گھرايو سائٽن مشورو ڪيو شملہ ڳالھين کان اڳ 1972ع ۾، آئين قبول ڪرڻ واري فيصلي کان اڳ، اپريل ۽ جولاءِ 1973ع ۾ ۽ خاص ڪري آئين تي ووٽنگ ڪرڻ کان اڳ. ڪڏھن پڻو ھنن کي گھرائي چوتي موتي صلاح وٺندو ھئو تنھنڪري ھو ٿوري عرصي لاءِ خوش ٿي ويندا ھئا پر گھڻو ڪري اپوزيشن وارا سائٽس ناراض رھندا ھئا تہ ھن پنھنجو ڪوئي وعدو پورو نہ ڪيو انھن سيني کان وڏو ھئو آئين جي منظوري بعد سرحد ۽ بلوچستان ۾ صوبائي حڪومتن جي بحاليءَ جو. پر ان جي منظوري بعد فوراً پڻي جميعت ۽ نعپ مان ماڻھو ٽوڙڻ شروع ڪري ڏنا، جنھن جو نتيجو ھي نڪتو تہ يو ڊي ايف جي آزاد ميمبرن، قيوم ليگ سان گڏجي 27۔ اپريل 1973ع تي سرحد ۾ ڪوليشن حڪومت ناھي ورتي.

پيپلز پارٽي کي ھڪ ٻي ڪاميابي اھا حاصل ٿي جو ان کي سرحد ۽ بلوچستان مان سينيٽ لاءِ وڌيڪ ميمبر مليا حالانڪ ھنن ٻنھي اسيمبلين ۾ پيپلز پارٽي جو ڪو ورلي ميمبر ھوندو.

ھاڻي ھڪ نئين ڳالھہ ٿي، اھا ھيءَ تہ پڻي جو مقرر ڪيل بلوچستان جي گورنر نواب اڪبر بگٽي گھڻي عرصي تائين اسيمبلي جو اجلاس نہ گھرايو باوجود انھيءَ جي تہ پڻو ڪيس بار بار چوندو رھيو. ھيءَ صورت ڪا گھڻي چڱي ڪانہ ھئي بھرحال پڻي کي ڪنھن ٻي شيءَ جو انتظار ھئو. ھاڻي تہ صورتحال اھا ھئي جو اسيمبلي جي 21 ميمبرن مان 12 اھڙو اجلاس سڏائڻ جي گھُر ڪئي.

بلوچستان ۾ ھڪ ٻي ڳالھہ بہ تشويشناڪ ھئي. سا ھيءَ تہ بلوچستان ۾ قوم پرست پارٽين ۽فوج درميان چڪريون ھلنديون رھيون. جنھن ڪري ڪڏھن ڪڏھن اھو سوال بہ سياسي حلقن ۾ زير بحث ايندو ھئو تہ ڇا بلوچستان ڏار ٿي گريٽر بلوچستان تہ ڪونہ ٺھندو.

ٻئي طرف اپوزيشن مستقل الزام ھڻي رھي ھئي تہ حڪومتي مشنري سندن جلسن جلوسن کي ڦٽائي رھي ھئي، قلم 144 جو ٻي دريغ استعمال ٿي رھيو ھئو. متحده اپوزيشن (يو ڊي ايف) پنھنجن اجلاسن ۾ انھن الزامن ھڻندي ڪجھہ ٺھراءُ پاس ڪندي ھئي ۽ پوءِ ٿوري عرصي لاءِ ماحول ۾ مانار اچي ويندي ھئي.

اگسٽ جي پھرين ھفتي ۾ يو ڊي ايف لاھور ۾ ڪنوينشن گھرايو جنھن ۾ الٽيميٽم ڏنو ويو تہ 14۔آگسٽ تائين شھري آزاديون بحال نہ ڪيون ويون ۽

اخبارن تان پابنديون نہ هٽايون ويون تہ ملڪ گير تحريڪ هلائي ويندي جنهن جي سموري ذميواري حڪومت تي هوندي. انهيءَ سان گڏ هڪ ست – نڪاتي مطالبو بہ ڪيو ويو تہ 14_آگسٽ تائين ايمرجنسي ڪنئي وڃي، اخبارن تان پابنديون ختم ڪيون وڃن، پريس آرڊيننس جو مڪمل خاتمو ڪيو وڃي، اخباري ڪاغذ جي درآمد تان پابندي هٽائي وڃي، ضروري شين جون قيمتون 1971ع جي سطح تائين آنديون وڃن. بلوچستان مان فوج هٽائي وڃي ۽ اڳوڻي بلوچستان جي حڪومت بحال ڪئي وڃي.

متحده اپوزيشن جي مطالبن جي اهميت انهيءَ ڪري وڌي ويئي جو ان کان ٿورا ڏينهن اڳ ڪراچي جي علاقي لياقت آباد ۾ هنگاما ٿيا هئا. اپوزيشن الزام لڳايو تہ هيءَ هنگاما تڏهن شروع ٿيا جڏهن پيپلز پارٽي جي جيالن تحريڪ استقلال جي آفيس تي حملو ڪيو جنهن شام جو اصغر خان کي ان جو افتتاح ڪرڻو هئو. تحريڪ جي ڪارڪنن جوابي حملو ڪيو جنهن ڪري تي ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ڦرلٽ ۽ مار ڌاڙ جاري رهي جن ۾ سؤ کان وڌيڪ ماڻهو ڦٽيا ۽ ايترائي گرفتار ٿيا.

اصغر خان ردعمل ۾ پيپلز پارٽي کي ذميوار ٺهرايو پر انهيءَ ۾ ہي ڳالهہ بہ لڪل هئي تہ اصغر خان سدائين چاهيندو هئو تہ هو خبرن ۾ رهي، انهيءَ ڪري هو اهو بہ چاهيندو هئو تہ اپوزيشن وارا هن کي نمايان حيثيت ڏين.

ڀُٽي جي سياسي ڪلچر ۾ انهن ڳالهين جي گنجائش ڪونہ هئي، درونِ خانہ اها ڳالهہ سيني کي معلوم هئي تہ ڀُٽي چاهيو پئي تہ سيني کي گڏ ڪٺي هلي پر اپوزيشن وارا اخبارن جو سهارو وٺندي هميشہ حڪومتي پارٽي کي لوڻيندا رهندا هئا. هو انهيءَ رويي جي انجام کان بيخبر هئا.

◈ ◈ ◈

# ١٨

- آئين جو نفاذ
- تاريخ ساز ڏينهن
- جنگي قيدين جي واپسي جو ناهه
- بلوچستان ۽ سرحد ۾ ڪارروايون

پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ گهمرو وري تاريخ ساز ڏينهن اچڻ وارو هئو. اهو هئو 14_آگسٽ 1973ع. اهو پاڪستان جو 27هون يوم آزادي بہ هئو. پاڪستان ۾ نئون آئين نافذ ٿي ويو. هي هڪ تاريخ ساز ڏينهن هئو ڇاڪاڻ تہ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هي پهريون گهمرو هئو تہ منختب نمائندن مڪمل آئين متفقط طور آندو هئو. پندرهن سالن جي هنگامن ۽ مداخلت ڪانپوءِ ملڪ ۾ جمهوريت واپس آئي هئي.

گهڻن ماڻهن جن پاڪستان کي ٺهندي ڏٺو ان ۾ سازشون ڏٺيون ۽ پاڪستان کي ٽٽندي ڏٺو تن لاءِ هيءُ هڪ تاريخ ساز ڏينهن هئو پر ڪي ان کي مختلف انداز سان ڏٺو. مثال طور پهريون گهمرو آئين ۾ وزيراعظم جو عهدو رکيو ويو ۽ ان کي چيف ايگزيڪيوٽو بنايو ويو. باقي جمهوري نظام ۾ جيئن ٿيندو آهي ائين رهيو. بيورو ڪريسي پنهنجي جاءِ تي ڪرنگهي جي هڏي وانگيان موجود هئي، تيڪنو ڪريسي پنهنجي جاءِ تي موجود هئي، البتہ عوام جون اميدون نيون هيون.

اپوزيشن وارا الزام لڳائي رهيا هئا تہ پيپلز پارٽي وارا ڪين ڪا اهميت ڪانہ ٿا ڏين پوءِ پلي انهن جون ڪيتريون بہ خدمتون ڪجن. انهيءَ کان علاوه هيءُ تہ جيڪو حال فوجي حڪومتن يا اڳين حڪومتن ۾ هئو سو سا ڳيو هو.

سڀ کان حيرت انگيز صورتحال بلوچستان جي هئي. انهيءَ ۾ ڪو سچ ڪونهي تہ اتي ڪا بہ بدعنواني نہ ٿي هوندي. يا جميعت العلماءَ اسلام ۽ نيشنل عوامي پارٽي جي حڪومت ۾ رشوت ڪانہ هئي. بهرحال اها هڪ جمهوري حڪومت هئي. هنن جي اڪثريت هئي تنهنڪري انهيءَ اڪثريت جو احترام ڪرڻو هئو. جيڪڏهن ائين هئو تہ سياسي حلقا اهو سوال پڇي رهيا هئا تہ هن حڪومت کي ڊسمس ڇو ڪيو ويو. اپوزيشن ائين ڇو ٻڌي رهي هئي تہ ٻئي پارٽيون پٺي جون سياسي مخالف هيون. گهڻا اپوزيشن ليڊر تہ ائين چئي رهيا هئا تہ حڪومتي پارٽي هيسائڻ جي اهڙي پاليسي تي عمل ڪري رهي آهي جيڪو بہ سال اڳ اوپر پاڪستان ۾ ڪيو پئي ويو.

هڪ طرف اهو پئي هليو تہ ٻئي طرف قوم پرست عناصر اهو چئي رهيا هئا تہ کين دٻائڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ اهي اقدام ڪنيا پئي ويا. پر پيپلز پارٽي جا عهديدار اهو چوندا رهيا تہ "اتي عليحدگي پسند عناصر ايترو زور وٺي ويا آهن جو اتي طاقت جو استعمال ضروري ٿي پيو آهي." انهيءَ نڪتہ نظر کان فوج جون چار ڊويزنون انهيءَ نام نهاد عليحدگي پسندي کي دٻائڻ لاءِ بلوچستان ۾ موڪليون ويون. انهيءَ سان گڏ اها پروپيگنڊا بہ ڪئي پئي ويئي تہ عليحدگي پسندن وڏي مقدار ۾ هٿيار گهرايا آهن.

هاڻي صوبي ۾ وڌيڪ صورتحال خراب ٿيڻ واري هئي. سابق وزيراعليٰ مير غوث بخش بزنجي، اڳوڻي گورنر عطاءَ الله مينگل ۽ قوم پرست ليڊر خير بخش مري کي انهن الزامن ۾ گرفتار ڪيو ويو تہ هو سمگلنگ، خرد برد، هٿيارن جي غير قانوني خريداري ۽ انهن کي دهشتگردي ۾ استعمال ڪري رهيا آهن. هنن تي اهو بہ الزام هئو تہ هو پاڪستان کان عليحدگي جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

اپوزيشن بار بار اهي مطالبا ڪري رهي هئي تہ حالتون نہ صرف بلوچستان ۾ نيڪ ڪن پر ٻين ٽن صوبن ۾ حالتون ڪي اطمينان بخش ڪونهن. هو الزام لڳائيندا رهيا تہ ڊفينس آف پاڪستان رولس (DPR) جو بي دريغ استعمال ٿي رهيو هئو. مخالفن کي هيسائڻ لاءِ گرفتار ڪيو پيو وڃي ۽ اخبارن کي بند ڪيو پيو وڃي. مطالبن ڪرڻ ڪانسواءِ هو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيا. نيٺ بيزار ٿي هنن 24_اگسٽ کان شهري عدم تعاون جي تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو.

يو ڊي ايف 24_ اگسٽ کان تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ضرور ڪيو هئو پر اهو فلاپ ثابت ٿيو تنهنڪري جيڪي مطالبا هنن پنهنجي چارٽر ۾ ۽ وقت بوقت

ڪندا رهيا سي وقت گذرڻ سان گڏ ختم ٿي ويا يا بي اثر ٿي ويا. جيڪي ٿورو ڪي گهڻو آسرو هئو سو ٻوڏن ختم ڪري ڇڏيو.[†]

شملہ معاهدي هيٺ پاڪستان ۽ هندستان جي درميان جنگي قيدين جي واپسيءَ جو مسئلو حل ٿي ويو. جنگي قيدين جي واپسي ٻنهي ملڪن جي درميان تعلقات کي نارمل بڻائڻ ۾ وڏي رڪاوٽ هئي.

وچ سيپٽمبر ڌاري حڪومتي پارٽي قومي اسيمبلي کي چيو تہ ايمرجنسي ڇهن مهينن لاءِ وڌائي وڃي ۽ اهو بہ انهيءَ عرصي دوران ڪورٽون بنيادي حقن جي خلاف ورزي وارا ڪيس نہ ٻڌن.

سيپٽمبر ۾ ڀٽو امريڪا روانو ٿي ويو. انهيءَ جي چند هفتن اندر نيشنل عوامي پارٽي جي ليڊر ولي خان تي حملو ٿيو جيڪو ٻن سالن ۾ چوٿون حملو هئو. ولي خان تہ بچي ويو پر سندس گارڊ مري ويو. ليڊرن شديد ردعمل ڏيکاريو پر حڪومت اهو چئي چپ ڪري ويٺي تہ اهي شرپسندن جون ڪارروايون آهن. خان عبدالغفار خان کي تہ اڳ ۾ ڪوئيٽا وڃڻ ڪونہ ڏنو ويو هئو جنهن جو اثر سرحد ۾ موجود هئو هاڻي تہ مورڳو سندس سرگرميون چارسده تائين محدود ڪيون ويون. انهيءَ بہ سرحد ۾ خاصو تاءُ پيدا ڪيو.

◈ ◈ ◈

[†] هيءُ هڪ وڏو سيلاب هئو. ڏهہ هزار ڳوٺ. پنج لک گهر. 35 لک ايڪڙن تي بيٺل فصل تباهہ ٿي ويا.



شملہ ٺاهہ ڪرڻ ڪانپوءِ واپس اچڻ تي ذوالفقار علي ڀٽو اخبار وارن سان ڳالهائي رهيو آهي

# ١٩

- آپريشن نائيٽ جيڪال
- هندستان جو ايٽمي ڌماڪو
- شير پائو جو قتل

ڀٽو صاحب اسلامي سربراهه ڪانفرنس جي ڪم ۾ ايترو مصروف رهيو جو ڪجهه ڏينهن اندرين مسئلن تي ڪو به توجه نه ڏيئي سگهيو. انهن ڪمن ۾ هڪ مسئلو هئو ٻن جنرلس جي تقرري، جنرل گل حسن ۽ ايئر مارشل رحيم خان ڪيتري وقت کان ڪنهن فيصلي جا منتظر هئا. جنرل گل حسن فوجي سربراهه بنجڻ وقت ڀٽي صاحب کان وعدو ورتو هئو ته هو فوجي معاملات ۾ مداخلت نه ڪندو. هيءَ بلڪل ائين هئو جيئن سهروردي جي وزيراعظم ٿيڻ وقت ڪمانڊر انچيف جنرل ايوب خان، گورنر جنرل غلام محمد کي چيو هئو ته هو تڏهن سهروردي کي وزيراعظم تسليم ڪندو جڏهن هو فوجي معاملن ۾ مداخلت نه ڪندو. ڀٽي صاحب جي وعدي ڪانپوءِ جڏهن لاهور ۽ پشاور ۾ پوليس هڙتال ڪئي ته فوج ڪا مداخلت نه ڪئي.

هڪ رات ڀٽي صاحب ايوان صدر ۾ هڪ اجلاس سڏايو جنهن ۾ پيپلز پارٽي ليڊرن سان گڏ جنرل گل حسن ۽ ايئر مارشل رحيم خان به هئو. هن اجلاس ۾ ٻنهي سربراهن کي واري واري تي سڏايو ويو ۽ کين ٻڌايو ويو ته هو ٻئي فارغ ڪيا ويا آهن.

اهڙيءَ طرح ٻن فوجي سربراهن کي فارغ ڪرڻ سان فوج ۾ بيچيني پکڙجي

سگهي ٿي تنهنڪري ڀٽي صاحب کين چيو تہ هو لاهور وڃن ۽ اتي غلام مصطفيٰ کر وٽ رهن تاڪ فوج جو ڪو بندو کين ڏسي نہ سگهي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ هو ٻئي موٽي راولپنڊي، اتان اسلام آباد ويا جتي کين ٻڌايو ويو تہ کين سفير بڻايو ويو آهي.

جنرل ٽڪا خان، جنهن تي پاڪستان جي عوام کي سخت ڪاوڙ هئي، تنهن کي بري فوج جو سربراھ بڻايو ويو. انهيءَ جو فوج ۾ ڪهڙو ردعمل ٿيو تنهن بابت ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ هو انهيءَ تقرريءَ کانپوءِ هڪ فاتح وانگيان هلندو هئو ۽ ڪنهن کي اعتراض جي همت ڪانہ ٿيندي ٿئي. ڀٽي صاحب پاڻ انهن تبديلين جو اعلان ٽيليوزن تان ڪيو ۽ چيو تہ ڪيس معلوم آهي تہ ڪو بہ فوجي ڪنهن مهم جوئي جو متحمل نٿو ٿي سگهي ڪن حلقن هن کي آپريشن نائيٽ جيڪال جو نالو ڏنو.

هاڻي پاڪستان جي سرحد تي هڪ غير معمولي واقعو ٿيو جنهن نہ صرف ڏکڻ ايشيا ۾ طاقت جو توازن بگاڙي وڌو پر ڀٽي صاحب جي دور رس اکين جي خدشات کي بہ سچ ڪري ڏيکاريو. اهو هو راجستان ۾ پوکران جي علاقي وٽ هندستان جو پهريون ائٽمي ڌماڪو. هيءُ ڌماڪو 18_ مئي 1974ع تي ٿيو.

ڀٽي صاحب تہ اڳيئي ايٽمي پروگرام شروع ڪرڻ جي هدايت ڏيئي ڇڏي هئي مثان جو هيءُ ڌماڪو ٿيو تنهن صورتحال ڏاڍي گنڀير ڪري وڌي. ڀٽي صاحب هڪدم اعلان ڪيو تہ پاڪستان جو عوام گاھ تي گذارو ڪندو پر هندستان جي مقابلي ڪرڻ لاءِ ايٽم بم ضرور ٺاهيندو. هيءُ اعلان انهيءَ ڪري بہ ضروري هئو تہ ماڻهن کي يقين ٿئي تہ 1971ع واري الميي کي دهرائڻ ممڪن ڪونہ هئو.

ڊاڪٽر عبدالقدير خان، جيڪو پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جو خالق ثابت ٿيو تنهن کي چيائين: "مون کي خبر آهي تہ توهان کي پاڪستان سان محبت آهي، اوهان کي ڪهوٽہ ليبارٽري جي ذميواري سونپي ويئي آهي جنهن تي عمل ڪرڻ ۾ اوهان کي منهنجو پورو تعاون حاصل رهندو. آءٌ نتيجو ڏسندس. اهو ئي اوهان جي ڪارڪردگي جو معيار هوندو." ڊاڪٽر قدير ڀٽي صاحب جي چوڻ تي هن پروگرام تي پوري تندهي سان ڪم ڪيو ۽ هڪ ڏينهن پاڪستان چاغي (بلوچستان) جي ٻهاڙن ۾ پنج ايٽمي تجربا ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هن علاقي ۾ هندستان ئي اڪيلو ملڪ ڪونهي جنهن وٽ ايٽمي ٽيڪنالاجي آهي،

نہ صرف ايترو پر پاڪستان پوري اسلامي بلاڪ ۾ پهريون ملڪ بنجي ويو جنهن وٽ هي ٽيڪنالاجي اچي ويئي.

مغربي دنيا ۽ نام نهاد ترقي يافتہ ملڪن هنن ڌماڪن تي شديد ردعمل جو اظهار ڪيو. ڪن ان کي اسلامي بم جو نالو ڏنو ڪن وري انهيءَ کي علائقي ۾ عدم توازن جو ذريعو قرار ڏنو پر امريڪا خاصي چنتا ڏيکاري ۽ اهو خدشو ظاهر ڪيو تہ اهو بم اسرائيل خلاف استعمال ڪيو ويندو. هندستان انهيءَ تي ردعمل ڏيکاريندي اسرائيل سان تعلقات وڌائي ڇڏيا. بلڪ اهي خبرون هيون تہ اسرائيل جي پوليس ۽ ٻيا عملدار هندستان ۾ موجود آهن. بهرحال جيڪا منزل ڀٽو صاحب نہ ڏسي سگهيو ان جي ابتدا هن پاڻ ڪئي.

اجا انهيءَ صورتحال ۾ پاڪستان هوئي تہ اندروني مسئلن ڀٽي صاحب کي مصروف رکيو. فيبروري 1975ع ۾ پيپلز پارٽي جو سرحد وارو ليڊر حيات محمد شير پاؤ پشاور ۾ بم ڌماڪي ۾ فوت ٿي ويو. انهيءَ وقت ڀٽو صاحب غير ملڪي دوري تي هئو. جيڪو هو مختصر ڪري فوري طور پاڪستان پهتو.

پاڪستان جي تاريخ ۾ هيءُ هڪ نئون مسئلو هئو. بم ڌماڪي ذريعي سياسي تشدد پاڪستان ۾ ڪڏهن ڪونہ نظر آيو. فوري طور تي ڪو حل نظر نہ آيو پر احتياطي طور ولي خان ۽ ٻين ليڊرن کي گرفتار ڪيو ويو. عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) تي پابندي لڳائي ويئي. انهيءَ سان گڏوگڏ ڀٽي صاحب جي وڪيلن اي اين پي تي پابندي وارو معاملو سپريم ڪورٽ ۾ پيش ڪري ڇڏيو. سپريم ڪورٽ وٽ رفرنس جي سماعت تي ۽ نيٺ ڪورٽ اها پابندي برقرار رکي ۽ اي اين پي جي ليڊرن کي پنجن سالن تائين سياست ۾ حصو وٺڻ تي پابندي وجهي ڇڏي. انهيءَ سان گڏوگڏ ولي خان، عطاءُ الله مينگل، خير بخش مري ۽ غوث بخش بزنجو تي بغاوت جو مقدمو درج ڪرايو ويو.

اڪتوبر 1975ع ۾ بلوچستان ۾ سرداري نظام ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. جنهن تي خاصي بيچيني پيدا ٿي، ڇاڪاڻ تہ بلوچ سردار سمجهندا هئا تہ اهو هنن جو موروثي حق آهي ۽ ڪين هٽائي نٿو سگهجي.

هاڻي ڀٽي صاحب کي احساس ٿيو تہ حڪومت هلائڻ لاءِ موافق حالات ضروري آهن تنهنڪري هن فيصلو ڪيو تہ هو هر مسئلي جو جائزو پاڻ وٺندو. هن کي ڪن مخالف تجزيہ نگارن هن طرح چوڻ شروع ڪيو تہ ڀٽو صاحب ارتڪاز اختيارات جو قائل آهي. تنهنڪري هو سمورا اختيار پاڻ وٽ رکڻ گهري ٿو.

مخالف ليڊرن تہ هيئن بہ چوڻ شروع ڪيو تہ پتي صاحب مختلف ليڊرن جا ڪچا چٺا پاڙ وٺ رکڻ شروع ڪري ڏنا آهن. هيءُ هل انهيءَ حد تائين هلايو ويو تہ پتي صاحب مظفر آباد جي پرسان هڪ عقوبت خانو ٺاهيو آهي جتي سياسي مخالفن کي ان وقت تائين رکيو ويندو آهي جيستائين هو سٺي چال چلت جو وعدو نٿا ڪن. بلڪہ انهيءَ مقصد خاطر ايف ايس ايف کي بہ استعمال ڪيو ويندو هئو. اهو الزام ڪيتري حد تائين صحيح هو تنهن بابت مخالف پارٽيون ڪو ثبوت تہ پيش نہ ڪري سگهيون البتہ ملڪ قاسم ۽ ارشاد احمد تارڙ جا بيان ضرور اچڻ لڳا تہ هو انهيءَ مرڪز ۾ رکيا ويا آهن. پر هنن ٻنهي جي بيانن جي صحت ڪيتري حد تائين درست هئي تنهن بابت ڪو واضح ثبوت نہ مليو.

◈ ◈ ◈



ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجن قريبي دوستن غلام مصطفيٰ کر ۽ عبدالحفيظ پيرزادي
سان گڏ قومي اسيمبلي اجلاس ۾ صدارت لاءِ وڃي رهيا آهن

# ٢٠ ◆

# • وچ مدتي چوندن جي ڳالهه
# • پارٽي ورڪرن جون شڪايتون

1974 کان ڀُٽي ۽ پيپلز پارٽيءَ لاءِ طالع آزما دور شروع ٿيو. سيپٽمبر 1974ع ۾ ڀٽي صاحب هر فارغ شام وانگيان عبدالحفيظ پيرزادي ۽ ٻين قريبي رفيقن کي پنهنجي گهر گهرايو. اتي ٿوري دير هيڏانهن هوڏانهن جي گفتگو ڪانپوءِ ڪمري ۾ صرف ٽي ڄڻا هئا يعني ڀٽي کان علاوه پيرزادو ۽ مولانا نيازي. انهيءَ ڏينهن آئين ۾ ترميم پاس ٿيڻ جي واقعي تي ملهايل يوم تشڪر جو ذڪر ٿي رهيو هئو. انهيءَ ڏينهن قاديانين کي غير مسلم قرار ڏيڻ واري ترميم جو ذڪر به ٿي رهيو هئو.

مولانا نيازي پنهنجي لب و ولهجي ۾ ڀٽي کي ڪريڊٽ ڏيڻ ٿي گهريو ۽ چوڻ لڳو ته هن ترميم جو ڪريڊٽ اوهان کي وڃي ٿو ڇاڪان ته علما قربانيون ضرور ڏنيون ۽ تحريڪون هلايون بهرحال اهم ڪم ته اوهان جي هٿان ٿيو.

ڪجهه گهڙين جي خاموشي رهي ليڪن هن آخر همت ڪري چوڻ شروع ڪيو:

"اوهان جيڪڏهن سمجهو ٿا ته انهيءَ سان چوندن تي اثر پوندو ته اهو غلط آهي، عام ماڻهوءَجو مسئلو اهو ناهي، هو ته ڏسن ٿا ته ليڊر ڪير آهي."

انهيءَ رات مختلف ڳالهين هلندي هڪ سوال آيو ته ڀٽو صاحب مهمانن کي الوداع چوندي پهرين ڇا ڪرڻ گهرجي. مولانا نيازي ڏٺو ته ڀٽو سٺي موڊ ۾ آهي سو چئي ڏنائين:

"اسان ڪي خزاني جي طرف ڏيان ڏيڻو پوندو ڇاڪاڻ ته جيڪو ڪم به ڪرڻو آهي تنهن لاءِ پئسن جي گهرج پوندي."

"ها پر انهيءَ سان گڏ منهنجو خيال آهي ته اسيمبليون ٽوڙي ڇڏيان ۽ 60 ڏينهن اندر نئين سر چونڊون ڪرائي ڇڏيان. گهٽي پاڳي هي روز روز جي بيانن کان جند ڇٽي پوندي." ڀٽي تمام فيصلہ ڪن انداز ۾ ورائيو. مولانا نيازي ڀٽي جي ڳالهہ سان اتفاق ڪيو.

ڀٽي جي دماغ ۾ چو وچ مدتي چونڊن جي ڳالهہ آئي تنهن جو ته ڪو اندازو ڪونهي پر هڪ هن جو خيال هئو ته 1970ع واريون چونڊون اوير پاڪستان سميت پوري اڻ ٽٽل پاڪستان لاءِ هيون. تنهنڪري اهو ضروري هئو ته رهيل پاڪستان جي باري ۾ نئين سر مينڊيٽ حاصل ڪري.

سچ ته هيءُ آهي ته ڀٽي چونڊون تي سوچڻ شروع ڪري ڏنو هئو ڇاڪاڻ ته قاديانين واري مسئلي، بنگلہ ديش کي تسليم ڪرڻ ۽ اسلامي سربراهہ ڪانفرنس ڪانپوءِ ڀٽي جي ذاتي مقبوليت ۾ ڏاڍو اضافو اچي ويو هئو تنهنڪري مولانا نيازي پنهنجي پر ۾ اهو سمجهڻ ۾ درست هئو ته وچ مدتي چونڊن لاءِ اهو وقت درست هئو. احمدين واري نهراءَ پاس ٿيڻ ڪانپوءِ ڀٽو صاحب بين ڪمن ۾ لڳي ويو ۽ ائين ٿي لڳو ته هن کان چونڊ واري ڳالهہ وسري ويئي هئي پر ائين نہ هئو. هڪ گهمري وزيراعظم هائوس ۾ چاءِ پيئندي مولانا نيازيءَ سوال ڪري وڌو:

"سائين، اسيمبليون ٽوڙڻ وارو اعلان ڪڏهن ڪريو ٿا؟"

"نہ نہ، هينئر ڪو اهڙو اعلان ڪونہ ٿا ڪريون" ڀٽي جواب ڏنو.

حفيظ پيرزادو جيڪو ان وقت بہ موجود هئو سو هينئر وچ مدتي چونڊن جي حمايت ڪري رهيو هئو. هن جو خيال هئو تہ هينئر ڀٽي جي مقبوليت وڌيڪ آهي نہ تہ هڪ سال جي آئيني مهلت مان فائدو حاصل ڪيو وڃي، ٻيءَ صورت ۾ 1978ع تائين عام چونڊن جو انتظار ڪيو وڃي.

جيتري دير چاءِ جي ميز تي هي ويٺا رهيا، چونڊن جي ڳالهہ هلي رهي هئي، پر نيٺ ڀٽي جي هڪ ڳالهہ حفيظ ۽ مولانا نيازيءَ کي وسوسي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ اها هئي تہ جيڪڏهن هينئر چونڊن جو اعلان ڪجي تہ ڪيترا امڪان آهن.

نيازي اڳ بہ وچ مدتي چونڊن جو حامي هئو تنهن بنا هبڪ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"جيتريقدر اپوزيشن جو خيال آهي تہ اها هن وقت منتشر آهي. عوام سان

هنن جا رابطا محدود آهن ۽ جيڪڏهن هنن جي ڪمزوري تي پروسو ڪيو وڃي تہ بلاشبہ چونڊن لاءِ موزون آهي پر هنن جي ڪمزوري کي پنهنجي طاقت ڪيئن سمجهي سگهجي ٿو؟"

مولانا نيازي ڪجھ رڪيو پر وري همت ڪري ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو:

"... پر اسان جي پنهنجي پارٽي جي حالت ٺيڪ ناهي. پارٽي ڪارڪن ۽ رهنما هڪٻئي کان پري آهن. مٿان وري پارٽي ڪارڪنن جا پاڻ ۾ بہ ويڇا هئا. مُک ورڪرن پارٽي ليڊر شپ کي مايوس ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن اوهان چونڊن جو فيصلو ڪيو آهي تہ پوءِ اوهان کي پاڻ ميدان ۾ لهڻو پوندو. بنهہ 1970ع وارين چونڊن وانگيءَ ن، عوامي رابطي وانگيان اوهان کي گهٽ ۾ گهٽ 6_8 مهينا لڳي ويندا. ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃڻو پوندو ۽ ماڻهن جي اعتماد کي بحال ڪرڻو پوندو... اوهان ماڻهن سان ملو هنن جون ڳالهيون ٻڌو ۽ پوءِ پارٽي جي نئين سر تنظيم ڪريو." ڀٽو غور سان ٻڌندو رهيو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڀٽي ڪليل ڪچهريون شروع ڪري ڇڏيون. پر هر ڪچهريءَ ۾ وزيرن جا قصا، ورڪرن جون شڪايتون، عام حالتن جون ڳالهيون ٻُڌي پاڻ ٺي ٿڪجي ويهي رهيو.

وقت ڪجھ غير معمولي ڪرڻ کانسواءِ گذري ويو پر پوءِ 1976ع ڌاري هڪدم سيني وزارتن کي حڪم مليو تہ هر وزارت پنهنجي ڪارڪردگي جي باري ۾ ا خبارن ۽ ريڊيو/ٽي وي تي پروپيگنڊا جي ڊم لائي ڏي. هن حڪم جو مطلب سمجهڻ ڪو ڏکيو ڪونہ هئو پر حقيقت هيءَ هيءَ تہ ميڊيا تي پروپيگنڊا ڪاميابي جي ضمانت ڪانہ هئي. هتي هيءَ ڳالھ ياد رکڻ گهرجي تہ ڀٽي اڃا چونڊن جو اعلان نہ ڪيو هئو پر اها ڳالھ هر ورڪر ۽ هر ليڊر تائين پهچي چڪي هئي. بظاهر تہ ڪو ڪلئي عام چونڊن جون ڳالهيون ڪونہ ٿي ڪيون پر ائين ٿي لڳو تہ خاموشي سان سيڪو پنهنجي ڪم کي لڳي ويو هئو.

هتي هڪ ڳالھ عام سمجھ جي آهي تہ پيپلز پارٽي جي ڪارڪردگي ۽ ڀٽي جي مقبوليت کي ڏسندي چوڌري، وڏيرا، خان ۽ سردار گهٽائي سرگرم ٿي ويا هئا. هر ڪنهن ليڊر ٽيڻ جي خواهش ٿي ڏيکاري، مٿان وري سرڪاري مشنري بہ هوشيار ٿي ويئي. هو تہ شاھ کان وڌيڪ وفادار ٿيڻ لڳي جنهن جو نتيجو اهو ٺي نڪتو ۽ جيڪو ڪم ڀٽي ڪيو هئو يا جنهن جي محنت سان پارٽي هيءَ حيثيت ماڻي هئي سا سڄي محنت رائگان ٿي ويئي. غالباً اها پهرين غلطي هئي تہ ڀٽي

سرڪاري مشينري کي وچ ۾ اچڻ جي اجازت ڏني، شايد پُٽي وٽ انهيءَ جو بيو ڪو مقصد هجي.

تيرهين جولاءِ 1976ع تي وزيراعظم جي طرفان پي ايم هائوس جي پرنسپل آفيسر راؤ رشيد جي طرفان هڪ خط مولانا نيازي کي مليو ته هو چونڊن جي سلسلي ۾ ٻه ڪميٽيون ٺاهي: هڪ اها جيڪا ننڍي هجي ۽ ان ۾ نظرياتي طور پارٽي جا حامي ورڪر شامل هجن ۽ ٻي ڪميٽي يوسف بچ جي نگراني ۾ هجي جيڪا وزيراعظم جي ڪارنامن ۽ ڪاميابين تي اخبارن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان تشهير ڏيئي. هن خط مولانا نيازي کي ڏاڍو مايوس ڪيو. بهرحال ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن مولانا نيازي جي پٽي سان ڳالهه ٻولهه ٿي ته نيازي هن خط جو ذڪر ڪيو جنهن تي پُٽي اهو چئي ٽاري ڇڏيو ته ”اهو خط منهنجي طرفان هئو راؤ رشيد جو نه.“ اڳتي هلي ٻنهي ڪميٽين ڪم ته شروع ڪري ڏنو پر ٻنهي ۾ ڪو رابطو ڪونه رهيو ۽ نه وري هڪ ڪميٽي کي خبر ٿي پئي ته ٻي ڪميٽي ڇا ڪري رهي هئي. اها ابتدا هئي.

◈ ◈ ◈

# ٢١

## • چونڊن جو اعلان
## • خوشامدين جي فوج

ستين جنوري 1977ع تي وزيراعظم ڀُٽي قومي اسيمبلي ۾ اعلان ڪري ڇڏيو تہ 7 مارچ 1977ع تي عام چونڊون ڪرايون وينديون. ڀُٽو صاحب تہ اڳيئي بيورو ڪرسي ۽ خوشامدين ۾ گهيرجي چڪو هئو تنهن ڪي ٻڌايو ويو تہ اپوزيشن جون سموريون جماعتون پاڻ ۾ انتشار جو شڪار آهن ۽ اهو امڪان آهي تہ هو مشڪل سان ئي پنهنجو ڪو اتحاد ناهي سگهن. انن جماعتن جي اتحاد يو ڊي ايف United Democratic Front جي نالي سان قائم هئو. شير باز مزاري جي اين پي پي (نيشنل ڊما ڪريٽڪ پارٽي) سڀ کان وڌيڪ فعال هئي، ٻيون پارٽيون تقريباً مرده بنجي چڪيون هيون.

عجيب ڳالهہ آهي تہ جيئن ئي وزيراعظم چونڊن جو اعلان ڪيو تہ اپوزيشن جي جماعتن ۾ گرمي اچي ويئي. انٽيلي جنس ايجنسيون بار بار اطلاع ڏئي رهيون هيون تہ ڪنهن وقت بہ هڪ نئون اتحاد ٺهي سگهي ٿو. بهرحال، نئون اتحاد ٺهڻ وارو ٺهي ويو. نئين ناهہ جي ڪوشش ۾ جماعت اسلامي وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ ان جو نالو پاڪستان قومي اتحاد (پاڪستان نيشنل الائنس) رکيو ويو.

پيپلز پارٽي پري کان ويهي نظارو ڪونہ ڏسي رهي هئي، پر هن کي پنهنجي پارٽي صفن کي ٻيهر درست ڪرڻو هئو ۽ ٻيو تہ اصغر خان کي ڪو عهدو نہ ملڻ گهرجي، ٻيو پاڻهي نيڪ ٿي ويندو. راؤ رشيد جي بہ اها ڪوشش هئي تہ مفتي محمود کي پي اين اي جو سربراهہ بنايو وڃي ڇاڪاڻ تہ هو ڀُٽي جي مقابلي ۾

ڪمزور ليڊر هئو.

پي اين اي ليڊر شپ هر اهو طريقو استعمال ڪيو جيڪو چونڊ کٽڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. مثال طور "اخبار وارن کي بہ خريد ڪيو ويو ۽ هتي آءٌ انهيءَ راز تان پردو کڻڻ نٿو چاهيان تہ ڪير ڪيتري اگهہ ۾ وڪاڻو. بهرحال ڪوشش رنگ لاتو.×

پي اين اي هن دفعي ڏاڍي فعال اپوزيشن ٿي ايري. مولانا مفتي محمود کي پي اين اي جو سربراهہ چونڊيو ويو جنهن سان ڀٽي صاحب کي خاطري ٿي ويئي تہ هو ضرور کٽندو چاڪاڻ تہ ووٽر اهو سوچيندي گهبرائجي ويندا تہ مفتي محمود وزيراعظم ٿيو تہ ملڪ جو ڇا ٿيندو؟ جڏهن پي اين اي اليڪشن ڪميشن کي انتخابي نشان الاٽ ڪرڻ جي درخواست ڏني تہ ڀٽي صاحب کي ڪوئي اچرج نہ ٿيو جيتوڻيڪ قانوني طور پي اين اي ۾ شامل هر پارٽي جو پنهنجو وجود هئو. تنهنڪري اتحاد کي هڪڙو نشان "هر" الاٽ ٿيڻ نہ گهرجي ها. گهڻن تجزيہ نگارن جو خيال هئو تہ هر نشان الاٽ ٿيڻ کي چيلنج ڪرڻ گهربو هئو چاڪاڻ تہ ان ۾ بهرحال هڪ عوامي اپيل ضرور هئي.

نيٺ سڀني سياسي ليڊرن 7 مارچ 1977ع تي نظر رکي پنهنجي سموري قوت چونڊن کٽڻ تي لڳائي ڇڏي. ڀٽي صاحب جي هڪ خواهش هئي تہ ڪيس بہ ياڱي تي اڪثريت سان ملڻ گهرجي. پر پي اين اي جي جلسن ۽ جلوسن جون رپورٽون پڌائي رهيون هيون تہ بہ ياڱي تي پيپلز پارٽي جي حصي ۾ ڪونہ اچي سگهندي. قومي اسيمبلي ۾ ڪل 200 سيٽون هيون جن تي پيپلز پارٽي پنهنجا اميدوار بيهاري ڇڏيا يعني ڪا سيٽ خالي نہ ڇڏي.

جلسا، جلوس، نعرا سڀ هلندا رهيا، هر ۽ تلوار جي ڇانو ۾ ليڊر هڪٻئي تي ڇوهہ ڇنڊيندا رهيا پر فيصلو ليڊرن جي دعوائن جو تابعدار نہ هوندو آهي. ستين مارچ بہ اچي ويئي پر ان کان اڳ جيڪا صورتحال بنا مقابلي چونڊنجڻ مان پيدا ٿي تنهن مان اندازو ٿيڻ لڳو تہ نتيجا پيپلز پارٽي جي حق ۾ نہ ايندا.

نامينيشن پيپر داخل ٿيڻ کان اڳ قومي اتحاد "چونڊن کان اڳ ڏانڌلي" Pre_election Rigging جون دانهون شروع ڪري ڇڏيون. سڀ کان پهرين اها ڳالهہ اٿي تہ ڪن اميدوارن سوچيو تہ هو بنا مقابلي چونڊيا تہ ان سان

---

× مولانا نیازی، اور لائین کٹ گئی، ص 44

پارٽي کي نيڪ نامي ۽ مقبوليت جو درجو ملندو. چونڊن ۾ اها ڳالهه ڪاميابي ماڻڻ جي چال ضرور سمجهي ويندي آهي پر قومي اتحاد پنهنجي مهم گهٽين کان وٺي مکيه رستن تي اهڙيءَ ريت هلائي جو عام ماڻهو به سمجهڻ لڳو ته قومي اتحاد وارا سچ تي آهن. بهرحال ڏاڍي هٺي ڌهه ته توڙو هٺي تيرهن وانگيان. پارٽي ليڊر ذوالفقار علي ڀٽي ائين ڪيو. هن پارٽ کي لاڙڪاڻي مان بنا مقابلي چونڊرايو. سندس خلاف مولانا جان محمد عباسي نامينيشن پيپر ڀريو پر هيٺين آفيسرن هن سان ڏاڍي جٺ ڪئي. ڏسندي ڏسندي ويچارا وڏيرا چونڊ جي عشق ۾ اهڙا انڌا ٿي ويا جو هنن پارٽ به اهڙا ئي ڪم شروع ڪري ڏنا. سنڌ ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي به ائين ڪيو. چيو وڃي ٿو ته نامينيشن آفيسر پنهنجي دفتر ۾ جتوئي صاحب جي فارم وصول ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي آفيسر جي اڳئين دروازي کي ڪلف هڻي سمورو دفتري ڪم آفيس جي پوئين دروازي کان ڪرڻ لڳو ۽ اهو سلسلو پيپر داخل ڪرڻ جي وقت تائين جاري رهيو. مولانا عباسي لاڙڪاڻي ۾ ڀٽي خلاف پيپر ته داخل ڪيو پر پوءِ مصيبت ۾ ٿي ويس. فارم ڀرڻ کانپوءِ هو جيئن واپس اچي رهيو هو ته دادو ۾ پوليس جي هڪ ذميوار پوليس آفيسر کيس ڪٽي اچي سڌو جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ اتي قيدين کان هن جي ڏاڍي بيعزتي ڪرايائين. اهڙيءَ طرح شاه محمد پاشا کي اغوا ڪري پوليس حراست ۾ ان وقت تائين رکيو جيستائين نامينيشن ڀرڻ جو وقت ختم ٿي وڃي. اهو سمورو ڪم هيٺين آفيسرن ۽ ملازمن جو هئو جنهن جو يقيناً ڀٽي حڪم ڪونه ڏنو هئو پر محض پنهنجي وفاداري ظاهر ڪرڻ لاءِ هنن آفيسرن ائين ڪري ڀٽي جي ديانتداري کي ڌڪ رسايو.

جيتوڻيڪ اڄ جي مقابلي ۾ مواصلات جي طور طريقن ايتري ترقي نه ڪئي هئي پر زميني رابطو ايترو موثر ضرور هئو جو بنا ڪنهن دير جي سموريون خبرون هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پهچي وينديون هيون. نتيجو اهو نڪتو جو پيپلز پارٽي جي بيهاريل اميدوارن مان 19 اميدوار بنا مقابلي کٽي ويا. هنن مان 15 اميدوار سنڌ مان، ۽ بلوچستان مان 4 اميدوار هئا.

جن سيٽن تي مقابلو ٿيڻ وارو هئو تن مان بلوچستان مان ٿي، پنجاب مان 115، سرحد مان 26 ۽ سنڌ مان 28 سيٽون هيون. سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪل سيٽن مان 101 ڪافي هيون پر ٻه ياڳي ٿي سيٽن جي لاءِ باقي 172 سيٽن مان 108 سيٽون کٽڻ ضروري هيون.

جيستائين قومي اتحاد جو تعلق آهي اها پنهنجي وٺ پڪڙ ۾ لڳي پيئي

هئي. اتحاد وارن جو خيال هئو تہ باقي سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ لاءِ 101 سيٽون ضروري هيون. بلوچستان ۾ قومي اتحاد مقابلو ڪرڻ تان هٿ ڪڍي ويو جنهن حساب سان هو صرف 169 سيٽن تي مقابلو ڪري رهيو هئو. انگن جي انهيءَ حساب سان پيپلز پارٽي لاءِ سادي اڪثريت حاصل ڪرڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونہ هئو. قومي اتحاد ۾ شريڪ نو جماعتن ۾ مسلم ليگ کي 36 ٽڪيٽون ڏنيون ويون جڏهن تہ تحريڪ استقلال کي 3، جماعت اسلامي کي 31، جميعت علماءِ پاڪستان کي 23، جميعت العلماء اسلام کي 24، پاڪستان ڊماڪريٽڪ پارٽي کي 13، خاڪسار تحريڪ کي ٻہ ۽ مسلم ڪانفرنس کي ڪا ٽڪيٽ ڪانہ ڏني ويئي هئي.[†] صورتحال اهڙي نازڪ ڪانہ هئي جو پيپلز پارٽي چونڊون هارائي وڃي. پر جيڪڏهن ڪنهن معجزي طور قومي اتحاد چونڊون سادي اڪثريت سان کٽي بہ وڃي ها تہ ٿوري عرصي اندر پاڻ ۾ وڙهي ٽٽي وڃن ها ۽ ڀٽي جي پارٽي ۾ اهڙا جيالا هئا جو پارٽي کي ٻيهر ايوان اقتدار ۾ وٺي اچن ها. اهڙي حالت ۾ اهو ضروري ڪونہ هئو تہ پارٽي ڪنهن بہ قسم جي ڌانڌلي ڪري يا قومي محاذ جي چوڻ مطابق پري اليڪشن رگنگ ڪري.

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڀٽي مرحوم کي ان طرح جي چونڊ نہ دماغ ۾ هئي ۽ نہ هن ائين ڪرڻ پئي چاهيو. مٿين سٽن ۾ عرض ڪيو اٿم تہ ڀُٽي کي آفيسرن جي اهڙي گروهہ گهيري ۾ رکيو هئو جو نڪري نہ پئي سگهيو. هن کي تہ خبر بہ ڪانہ هئي تہ نامينيشن پرڻ ۾ ڪهڙا گهپلا ٿي رهيا هئا. سنڌ جي سيٽن مان ڀُٽي صاحب ڪانسواءِ جن 14 سياستدانن بنا مقابلي کٽيو سي هي هئا: نور محمد لُنڊ، غلام مجتبيٰ خان جتوئي، شبير احمد شاهہ، سلطان احمد چانڊيو ممتاز علي ڀٽو، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، حاجي نجم الدين لغاري، نياز محمد وسان، ملڪ سڪندر خان، علڻ خان لغاري، لياقت علي جتوئي، عطا محمد مري، اهڙيءَ طرح بلوچستان جيڪي 4 اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿيا تن ۾ تاج محمد جمالي، عبدالنبي جمالي، پرنس محي الدين ۽ امان الله گچڪي.[×] بهرحال ڪاغذ داخل ڪرڻ جي پٺي ڏينهن يعني 20 جنوري 1977ع تي اطلاعات ۽ نشريات کاتي جي ڪارڪردگي جو نمونو نظر آيو جڏهن ڀٽي صاحب جي هڪ وڏي

---

[†] نيازي، ص 49

[×] نيازي، ص 51، 52

تصوير ٽن ڪالمن جي سائيز ۾ ملڪ جي سمورين اخبارن ۾ شايع ٿي. عام ماڻهن کي سمجهڻ ۾ ڪا دشواري ڪانه ٿي، جنهن پڻ ووٽ بئنڪ جي رويي ۾ فرق آندو.

بنا مقابلي چونڊجڻ واري روايت صوبائي چونڊن ۾ بہ برقرار رهي ۽ اهڙن اميدوارن جا نالا چونڊن کان اڳ سامهون آيا جو ماڻهن کي ڏنڊين آڱريون اچي ويون. اهڙن اهڙن ماڻهن پارٽ کي بنا مقابلي چونڊرايو جن جي باري ۾ ماڻهو سوچي بہ نٿا سگهن. ٻئي طرف اهڙا نالا آيا، جيڪي نارمل حساب سان چونڊن ۾ بيهن ها تہ ڪائنن ڪو بہ کٽي نہ سگهي ها مثلاً رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي.

اخبارن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي جيئن ئي خبرون آيون تہ ان جو ردعمل ماڻهن ۾ بہ ٿيڻ ضروري هئو جنهن کي قومي اتحاد وارن ڏاڍي هوا ڏني ۽ پنهنجي حق ۾ استعمال ڪيو.

◈ ◈ ◈

# ٢٢ • ڪامورا شاهيءَ عوامي رابطو

پارٽيءَ جي قيام کان وٺي 1976ع تائين پارٽي ورڪرس جي رپورٽ تي هلي رهي هئي. پٽي ڪانسواءِ ڪا اهڙي شخصيت ڪانه هئي جنهن پٽي جي اصولن جي بنياد تي ڪم ڪيو هجي. پارٽي سيني جي گرد ضرور گهمي رهي هئي پر هن ۾ اجا اليڪشن ڪلچر پيدا ئي ڪونه ٿيو هئو. چند ماڻهن ڪانسواءِ ڪي اهڙا ماڻهو ڪونه هئا جيڪي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي ڪارڪنن ۽ ماڻهن ڪي هڪ هڪ نڪتي تي آڻين. جيڪي نوان اچڻ جا خواهشمند هئا تن جي سوچ در آمدي لائسنس، پلاٽ، پرمٽ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه هئو ۽ اهڙن ماڻهن جي چونڊ لاءِ پارٽي ورڪرن کان وڌيڪ گهڻو ڪري بيورو ڪريسي تي انحصار ڪيو ويو. مثال طور رائو رشيد ڪانسواءِ فضل سعيد خان، وقار احمد، سعيد احمد خان، مسعود محمود، محمد حيات تمن (عوامي امور جي مشير)، اڪرم شيخ (ڊئريڪٽر انٽيليجنس بيورو)، سعيد احمد قريش: (چيف سيڪريٽري سنڌ)، محمد خان جوڻيجو (هوم سيڪريٽري سنڌ)، برگيڊيئر (رٽائرڊ) ملڪ مظفر خان (چيف سيڪريٽري پنجاب)، منير حسين (چيف سيڪريٽري سرحد)، نصر من الله (چيف سيڪريٽري بلوچستان)، ميجر جنرل امتياز علي وزيراعظم جو ملٽري سيڪريٽري، حامد جلال ايڊيشنل سيڪريٽري 1976ع کان ئي وچ مدتي چونڊن

لاءِ وزيراعظم جي 'مني ڪيبنيٽ' طور ڪم ڪري رهيا هئا.*

هيءَ مني ڪيبنيٽ، انتخابي مهم کي آپريشن وڪٽري جو نالو ڏنو ۽ پنهنجي نگراني ۾ ڪرائي رهي هئي جنهن وري هيٺئين سطح تي ڪامورا شاهي يعني ڊپٽي ڪمشنرن تائين پکيڙي ڇڏي. هنن ڪميٽين پهرين غلطي اها ڪئي جو پيپلز پارٽيءَ جا عوام سان رابطو ڪٽي ڇڏيو. انهيءَ سان پارٽيءَ کي ڏاڍو نقصان پهتو. جيتوڻيڪ جمهوري سياسي نظام ۾ انتخابي تحريڪون عام ڪارڪن هلائيندو آهي ۽ هتي حالت اها وڃي ٿي هئي ته ورڪر پنهنجن ليڊرن خاص ڪري پيپلز پارٽي جي صاحب ڪان ڏاڍا پري ڪيا ويا هئا.

هاڻي چونڊن جو اصلي مرحلو شروع ٿيڻ وارو هئو. وڏن جلوسن جو انتعقاد. هيءَ مرحلو جنوري 1977ع کان شروع ٿيڻ هئو جنهن ۾ وڏن شهرن ۾ جلسا ڪري پاڪستان قومي اتحاد (پي اين اي)† جي زور کي ٽوڙڻ هنن جي اعتراضن ۽ تنقيد کي ختم ڪري ۽ گڏوگڏ پيپلز پارٽي جي مول ۽ متن کي ماڻهن تائين پهچائڻ مکيه مقصد هئو. گذريل پنجن سالن دوران ڪيل عوامي خدمت جي ڪمن کي ماڻهن تائين پهچائي، مهم جي شروع ۾ ئي پيپلز پارٽي جي جلسن ۾ ماڻهو وڏي تعداد ۾ اچڻ لڳا. جڏهن ته پارٽي نئين سر ايري رهي هئي، جن ليڊرن ۽ ڪارڪنن جي درميان اختلاف هئا سي گهٽجڻ لڳا. پي اين اي جو نعرو هئو ته هو ملڪ ۾ نظام مصطفيٰ آڻيندي. انهيءَ تي ساڄي ڌر وارا ته ڏاڍو خوش ٿيڻ لڳندا هئا جڏهن ڪو غير سياسي ماڻهو سندن حمايت ڪندو هئو پر پيپلز پارٽي جو وڏو ذهين ماڻهو هئو. هن کي خبر هئي ته پي اين اي ۾ شريڪ جماعتن ۾ ڪهڙا اصولي اختلاف آهن. تنهنڪري هڪ ڏينهن هن جڏهن اهو چيلينج قبول ڪري ورتو ته جيڪڏهن پي اين اي وارا مفتي محمود جي پويان نماز پڙهن ته هو چونڊن تان هٿ کڻي ويندو. ملتان ۾ پي اين اي جي ليڊرن مولانا مفتي محمود، مولانا شاه احمد نوراني جي امامت ۾ نماز پڙهي، پي اين اي سمجهيو ته انهيءَ سان پيپلز پارٽي کي ڏاڍو سياسي ڌڪ رسندو پر شام جو ٻئي جلسي ۾ ڀُٽي اعلان ڪيو ته مولانا نوراني جي امامت ۾ نماز ضرور

---

* نیازی، اور لائین کٹ گئی، ص28

† ساڄي ڌر جي نون جماعتن جو اتحاد: تحريڪ استقلال، جماعت اسلامي، جميعت العلماء اسلام، جميعت العلماء پاڪستان، ڊما ڪريٽڪ پارٽي، مسلم ليگ (پاڳارو گروپ)، پاڪستان جمهوري پارٽي، خاڪسار تحريڪ ۽ آزاد ڪشمير ڪانفرنس. هنن پنهنجي جهنڊي تي 9 ستارا هنيا هئا.

پڙهي پر ان کان پوءِ گهر وڃي سيني ڏار ڏار نماز پڙهي هوندي

انهيءَ جو اندازو ڪرڻ تہ مشڪل آهي تہ اوڏيءَ مهل تائين چونڊ جو ڪهڙو نقشو پيپلز پارٽي ٺاهيو هئو پر اها ڳالهہ ضرور سيني کي معلوم هئي تہ جيڪي آپريشن وڪٽري جا مصنف هئا تن سمورو بار مختيارڪارن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي ڪلهن تي لاهي وڌو هئو. ڇُتي 1970ع واريون چونڊون تہ اقتدار کان ٻاهر رهي ڪتيون هيون ۽ انهيءَ ڪاميابيءَ جي سموري ذميواري سندس پراثر شخصيت، انتخابي پروگرام ۽ زبردست عوامي حمايت تي هئي پر هن ڀيري صورتحال مختلف هئي. هن دفعي هن وٽ پوري حڪومتي مشينري، صلاحڪار ۽ ٽڪيٽ جا طلبگار هئا. تنهنڪري ڇُتي صاحب کي انهيءَ ڳالهہ جو ڪو اندازو ڪونہ هئو تہ سرڪاري مشنري جي حمايت سان ڪيئن چونڊون لڙي سگهجن ٿيون ۽ ڪٿي سگهجن ٿيون. ڪيس تہ اها پڪ هئي تہ هن جي شخصيت تمام پراثر آهي ۽ هو بہ ائين، پر پي اين اي وارا جنهن تياريءَ سان ماڻهن جي جذبات سان ڪيڏي رهيا هئا سي بہ گهڻ خطرناڪ ڪونہ هئا.

هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا ماڻهن جي سمجهہ کان ٻاهر هئي تہ ايڏا وڏا جلسا ۽ جلوس ڪيڻ لاءِ پي اين اي وٽ ڪهڙا ذريعا هئا؟ جيڪي ماڻهو ۽ ورڪر اهو ڄاڻن ٿا تہ اهڙين تحريڪ ۾ ڪيترن فنڊس جي ضرورت هوندي آهي. سوسائٽي جو دانشور طبقو ۽ سمجهو ماڻهو اهو سوال پڇي رهيا هئا تہ ڇا ڪا ٻاهرين مدد تہ نہ اچي رهي آهي؟ انهيءَ جو ڪُلي طرح ثبوت تہ نہ ملي سگهيو البتہ سياسي سمجهہ رکندڙن کي اها پڪ ٿيڻ لڳي تہ اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو.

هتي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ چونڊن جي اعلان کان هڪ سال اڳ ڇُتي، فرانس سان ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ خريد ڪرڻ جو معاهدو ڪيو هئو جنهن مغربي دنيا، امريڪا جي اڳواڻي هيٺ انهيءَ ٺاهہ جي مخالفت ڪرڻ لڳا هئا. هن مسئلي تي اسان اڳين صفحن ۾ گفتگو ڪنداسين.

◈ ◈ ◈

# ٢٣

## • چونڊون ٿيون، ڌانڌلي جا الزام
## • اتحاد جي ليڊرن جي گرفتاري

ستين مارچ آئي ۽ گذري ويئي. پر هن گهمري ڪجھ غير معموليت اهميت مان ائين ٿي لڳو جڻڪ ملڪ جو ٻچو ٻچو چونڊ وڙهي رهيو هجي، هر اميدوار ۽ سندس حمايتي ٻهڪي رهيا هئا. سڀ کان وڌيڪ خوش قومي اتحاد جا ڪارڪن هئا پر ائين ٿي لڳو جڻڪ فيصلو ٿي ويو آهي. باقي فقط نتيجن جو باضابطہ اعلان ٿيڻو هئو. قومي اتحاد وارا تہ وزارتون بہ ورهايو ويٺا هئا.

پهريون نتيجو اسلام آباد جي حلقي 35 جو نشر ڪيو ويو جنهن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي راجا ظهور احمد کي ڪامياب قرار ڏنو ويو هئو. هن جي خلاف قومي اتحاد جو پروفيسر غفور احمد هئو. جيئن ئي قومي اتحاد جي 3 اميدوار جي ڪاميابيءَ جو اعلان ٿيو قومي اتحاد ملڪ ۾ غوغاءِ پيدا ڪري ڇڏيو. هنن چونڊن کي ڌانڌلين قرار ڏيندي ان جي نتيجن مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجن انهن اميدوارن کي چيو تہ پنهنجون استعيفائون اتحاد جي سربراهہ مفتي محمود جي حوالي ڪري ڇڏين ۽ 10 مارچ تي ٿيڻ وارين صوبائي اسيمبلين جي چونڊن جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

سرڪاري نگراني ۾ هلندڙ پي ٽي وي ۽ ريڊيو پاڪستان هميشہ جيان نتيجن جو اعلان ڪري رهيا هئا جڏهن تہ بي بي سي پنهنجن تبصرن سان نتيجا نشر ڪري رهي هئي، جنهن سان قومي اتحاد جي حامين کي پڪ ٿيڻ لڳي تہ

واقعي چوندڻ ۾ ڊانڊليون ٿيون آهن ۽ هيءَ تہ نتيجا اڳواٽ تيار ڪري رکيا ويا هئا.

ڏهين مارچ تي صوبائي اسيمبلين جي چوندڻ جو نظارو هيءَ هئو تہ سموريون پولنگ اسٽيشنون ويرانيءَ جو نظارو پيش ڪري رهيون هيون ۽ جيڪي ووٽر يا ڪارڪن نظر اچي رهيا هئا سي پيپلز پارٽيءَ جا هئا. چوڏهين مارچ تي قومي اتحاد نتيجن خلاف تحريڪ هلائڻ جي ڌمڪي ڏيئي ڇڏي هئي. يارهين مارچ تي پوري ملڪ ۾ عام هڙتال جو اعلان ڪيو ويو جنهن مان اندازو ٿي رهيو هئو تہ 14 ـ مارچ واري اعلانيل تحريڪ ناڪام نہ ويندي.

جڏهن 14 مارچ آئي تہ جلسن جلوسن جو سلسلو شروع ٿي ويو. ملڪ ۾ نعرا پتين ڪان وٺي ريڙهي تائين گونججي رهيا هئا. پوليس جي هٿان انتظاميہ جيڪو ڪجھ ڪري پئي سگهي تن ۾ لاٺي چارج، ڳوڙها گيس ۽ ڪارڪنن جون گرفتاريون شامل هيون. جيئن جيئن حالتون هٿن مان نڪري رهيون هيون، تيئن ملڪ ۾ هيجان، مايوسي ۽ بيچيني پکڙجي رهي هئي. تحريڪ هلڻ جي چئن ڏينهن ڪانپوءِ قومي اتحاد جي مک ليڊر شپ مان اصغر خان، شاهہ احمد نوراني، شير باز مزاري ۽ ٻيا گرفتار ڪيا ويا. ڪراچي جي حالت تہ بيان ڪرڻ ڪان ٻاهر هئي ۽ هنگاما انهيءَ حد تائين وڌي ويا جو ڪن علاقن ۾ ڪرفيو نافذ ڪرڻو پيو. عام طرح ايف ايس ايف کي اهڙين حالتن ۾ پري رکيو ويندو آهي پر هن گهمري انهن کي بہ پوليس جي مدد لاءِ گهرايو ويو ۽ ڪراچي جي گهڻن علاقن جو ڪنٽرول پوليس بدران فوج ۽ پيرا ملٽري فورس سنڀالي ورتو.

هاڻي ماڻهو مشتعل ٿي پيپلز پارٽي جي ليڊرن ۽ سندن گهرن تي سڌيءَ طرح حملا ڪرڻ لڳا. هڪ هجوم ڪراچيءَ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي مک ورڪر حبيب الرحمان جي گهر کي ساڙي ڇڏيو جنهن ۾ 14 گهر واسي جيئرا سڙي ويا. پيپلز پارٽي جي آفيسن تي حملا جاري هئا ۽ سرڪاري دفترن ۽ ان جي ملڪيت ۾ ايندڙ گاڏين ۽ ٻئي سامان کي ساڙيو پئي ويو. ريپبلڪ موٽرس کي باهہ ڏني پيئي جنهن ۾ تمام گهڻو نقصان ٿيو. هاڻي اها ڪراچي واري باهہ سڄي ملڪ ۾ پکڙجڻ لڳي.

پوليس انتظاميہ جو حال هيءَ هئو تہ جتي ٿورو شڪ ٿي پيو تہ هو قومي اتحاد جو ورڪر آهي تہ ان کي پڪڙي ٿي ويا. ملڪ ۾ قومي اتحاد جي مک ليڊر شپ تہ پهرين ڏڪ ۾ پڪڙجي ويئي هئي پر تحريڪ جي حامي ماڻهن جو حال هيءَ هئو

تہ تحريڪ جاري رهي. ملڪ جي مسجدن گهڻو ڪردار ادا ڪيو. هاڻي هي 'انتخابي' تحريڪ ڪانہ رهي هئي پر مسجدن مان جيترين تقريرون ٿينديون هيون سي نظام مصطفيٰ کي آڻڻ جي تحريڪ بنجي ويئي هئي ۽ اتحاد ۾ شامل جماعتون پس پرده هليون ويون.

ايڪيهين مارچ 1977ع تي اليڪشن ڪميشن چونڊن جي نتيجن جو باضابطہ اعلان ڪري ڇڏيو.* ۽ حڪومت قومي اسيمبلي جي لاءِ 26 مارچ مقرر ڪري ڇڏي، هيڏانهن اسيمبلي اجلاس جي تاريخ جو اعلان ٿيو هوڏانهن قومي اتحاد پنهنجن ڪارڪنن کي چيو تہ انهيءَ ڏينهن تي رڻ ٻاري ڏين. اتحاد جي ليڊرن جيلن مان اندران ويهي اعلان ڪري ڇڏيو تہ قومي اسيمبلي جو اجلاس "غير آئيني ۽ غير قانوني" آهي تنهنڪري اسيمبلي ميمبر پنهنجون ذميواريون پوريون ڪن. پنهنجين ذميواريون پورين ڪرڻ واري ڳالهہ جو مطلب سمجهہ ۾ پئي آيو تہ هو ان ۾ شرڪت نہ ڪن پر پارٽي ميمبرن لاءِ اها تنظيمي حڪم عدولي ٿئي ها. بهرحال اهو اجلاس اجا پري هئو.

هتي هڪ ڳالهہ ڪرڻ ضروري آهي تہ تحريڪ مختلف رخ اختيار ڪرڻ لڳي. بعض دفعا تہ ائين لڳي رهيو هئو تہ تحريڪ بنا ليڊر شپ هلي رهي هئي. عين انهيءَ موقعي تي تحريڪ استقلال واري اصغر خان هڪ خط فوجي آفيسرن کي لکيو جيڪو بعد ۾ ڏاڍو متنازعہ بنجي ويو. خط ۾ فوجي آفيسرن کي چيو ويو تہ هو حڪومت جي حڪمن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏين. گويا ائين چئي رهيو هجي تہ فوج، حڪومت خلاف بغاوت ڪري، هيءُ خط فوجي جنرلن سان گڏ غير ملڪي سفارتخانن ۽ اخبارن جي بہ حوالي ڪيو ويو ۽ جيتوڻيڪ اصغر خان خط لکڻ کان انڪار ڪونہ ڪيو تڏهن اهو تنازعو ڪڙو ٿي ويو تہ ڇا هڪ سابق فوجي، اِن سروس فوجي آفيسرن کي حڪومت خلاف آياري سگهي ٿو. ان وقت تہ قومي اتحاد جا ڪارڪن جوش ۾ هئا تنهنڪري انهيءَ نڪتي کي ڪنهن گهڻو نہ ڪنيو پر خط واري ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي متنازعہ رهي.

7 مارچ 1977ع تي چونڊون ٿيون، هميشہ جيان حڪمران پارٽي جون سرگرميون رهيون. عوامي زندگيءَ ۾ اٿل پٿل رهي. ٻهراڙين ۾ انهن جي پس منظر ۾ سرگرميون رهيون، شهرن ۾ اتان جي پس منظر ۾ هلڪا ڦلڪا جهيڙا جهٽا بہ ٿيا پر

---

* جمهوري طريقي ۾ انهيءَ تاريخ تي ميمبرن کي حلف کڻڻو هوندو آهي.

ڪو خاص واقعو نہ ٿيو جيڪو تشويش جو ڪارڻ بنجي. سج لٿي رستا ويران ٿي، ماڻهو ٽي وي سيٽن آڏو ويهي رهيا. پارٽين جون آفيسون پرجي ويون. ڍهلن شرنائن وارا نتيجن جا منتظر رهڻ لڳا.

۽ نيٺ نتيجا اچڻ شروع ٿي ويا.

پي اين اي کي اميد هئي تہ هو پيپلز پارٽي کي زبردست شڪست ڏيندي پر جڏهن نتيجا مڪمل ٿيا تہ پيپلز پارٽي 200 سيٽن جي هائوس ۾ بيهاريل 191 اميدوارن مان 155 سيٽون کٽيون. پي اين اي 168 اميدوار بيهاريا. جن مان صرف 36 اميدوار کٽيا. پاڪستان مسلم ليگ (قيوم گروپ) 37 اميدوار بيهاريا. جن مان هڪ اميدوار کٽيو. 324 آزاد اميدوارن مان 8 ڪامياب ٿي سگهيا ۽ ٻين ننڍين سياسي جماعتن 21 اميدوار بيهاري جن مان هڪ بہ ڪامياب ڪونہ ٿيو.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ هئو تہ پيپلز پارٽي وارا کٽن ها پر هنن انگن اکرن تي ڪير يقين ڪرڻ وارو ڪونہ هئو. خود پيپلز پارٽي جي ووٽ بئنڪ کي نتيجن تي يقين ڪونہ هئو. قومي اتحاد وارن آسمان مٿي تي کڻي ڇڏيو. هونئن تہ پاڪستان جي سياسي ڪلچر ۾ هر هارائڻ وارو ڌر کٽڻ واري تي ڌانڌلي جا الزام لڳائيندو آهي پر چونڊن وارن نتيجن تي خود ڪئين پيپلز پارٽي جا حامي تعجب ڪائي رهيا هئا.

ٿيو هيئن تہ ڀٽي صاحب پنهنجي اباڻي تڪ مان فارم ڀريو. ان جي مقابلي ۾ جماعت اسلامي جي مولانا جان محمد عباسي ڪاغذ نامزدگي داخل ڪرايو. لاڙڪاڻي ۾ قومي اتحاد جلسا بہ ڪرايا پر وزيراعظم هوندي ڀٽي صاحب کي احساس ٿيو تہ حڪمران پارٽي جي سربراهہ هئڻ جي ڪري هو بنا مقابلي چونڊجي تہ ان جو اخلاقي ۽ سياسي طور وڏو اثر پوندو. ڀٽي صاحب جي خيال سان اتفاق ڪجي يا نہ پر اتي جي ڪمشنر خالد محمود سومري شاهہ ڪان وڌيڪ همدردي ڏيکاري ۽ اهڙا طريقا استعمال ڪيا جيڪي غير قانوني تہ هئا پر غير اخلاقي بہ.

غير قانوني ۽ غير اخلاقي حرڪتون هن مان بہ ظاهر هئو تہ ڀٽو صاحب پارٽي سربراهہ جي حيثيت ۾ اها ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو پر پيپلز پارٽي جو غلام مصطفيٰ جتوئي بہ بنا مقابلي اچي ويو.

نتيجا ڪجهه هن ريت هئا:

| پارٽي | بيهاريل اميدوار | گهٽا کٽيا |
|---|---|---|
| پاڪستان پيپلز پارٽي | 191 | 155 |
| پاڪستان قومي اتحاد | 168 | 36 |
| پاڪستان مسلم ليگ (قيوم گروپ) | 37 | 1 |
| آزاد | 324 | 8 |
| ٻيون ننڍيون جماعتون | 21 | 0 |

ظاهر آهي ته جيڪڏهن زبردست حمايت حاصل هجي تڏهن به پيپلز پارٽي انهيءَ اڪثريت سان نه کٽي سگهي ها. انهيءَ حد تائين جو اپوزيشن جي ڪيترن ئي وڏن ليڊرن به پنهنجون سيٽون وڃايون. اهو صرف قومي اسيمبلي جو نتيجو هئو. پاڪستان قومي اتحاد فوراً ردعمل ظاهر ڪيو ته اها زبردست ڌانڌلي آهي تنهنڪري هو صوبائي اسيمبلي جي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪندا. انهيءَ سان گڏ اها ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن چونڊون ٻيهر نه ڪرايون ويون ته هو اها تحريڪ سڄي ملڪ ۾ هلائيندا ۽ ايستائين هلائيندا جيستائين چونڊون غير جانبدارانه طريقي ۾ نه ٿينديون. انهيءَ هوندي به حڪومت صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ڪرائي ڇڏيون. جڏهن ته اپوزيشن، خاص ڪري قومي اتحاد وارا رڙيون ڪندا رهيا.

نتيجن نڪرڻ کانپوءِ قومي اتحاد تحريڪ شروع ڪري ڏني ۽ حڪومت مؤلانا مفتي محمود، اصغر خان، شير باز مزاري، بيگم نسيم ولي خان، مولانا شاه احمد نوراني ۽ محمود علي قصوري کي گرفتار ڪري ورتو. چوڏهين مارچ 1977ع تي ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي ۽ قومي اتحاد جي ڪارڪنن جي درميان هٿياربند ٽڪراءُ ٿي پيو جنهن ۾ پيپلز پارٽي جا 13 ورڪر ۽ قومي اتحاد جا 30 ورڪر مري ويا. جڏهن ته ٻنهي طرفن جا 200 ماڻهو زخمي ٿي پيا. هاڻي قومي اتحاد وارن کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ هنن 16 ـ مارچ تي سڄي ملڪ ۾ ڦيٿاروڪ هڙتال ڪئي. هن هڙتال ۾ تقريباً سڀني طبقن حصو ورتو. ايستائين جو هاڻي پيپلز پارٽي جي مرڪزي رهنمائن ڊاڪٽر مبشر حسن، معراج محمد خان ۽ سردار شوڪت حيات، ڀٽو صاحب تي زور ڀريو ته عوام جو مطالبو قبول ڪري پر هن انڪار ڪري ڇڏيو.

هاڻي هن تحريڪ ٻيو رخ اختيار ڪيو. جيڪا تحريڪ سياسي مقصد لاءِ هلائي ويئي هئي سا هاڻي مذهبي رنگ ۾ اچي ويئي. پاڪستان قومي اتحاد

پنهنجي تحريڪ کي ٽن مطالبن تائين محدود رکيو:

1. ڀٽو وزارت عظميٰ تان مستعفي ٿي وڃي.
2. نئين اليڪشن ڪميشن ٺاهي وڃي ۽
3. فوج يا عدليہ جي نظرداري هيٺ چونڊون ڪرايون وڃن.

قومي اتحاد نين چونڊن ڪان گهٽ مطالبي تي راضي ٿيڻ واري ڪانہ هئي. تحريڪ شروع ٿي تہ بيهڻ واري ڪانہ هئي، خبر ناهي ڪٽان ماڻهو ايندا هئا ۽ شهرن جا شهر ڏٺي ڏٺي بند ٿي ويندا هئا. هزارين نوجوان ڪاروبار ۽ زندگي جي معمولات بند ڪرائڻ ۾ مصروف ٿي ويندا هئا.

تحريڪ دوران ڀٽي صاحب فوج جي سربراهہ جنرل ضياء الحق سان ملاقات ڪئي ۽ صورتحال تي گفتگو ڪندي اهو واضح ڪري ڇڏيو تہ هو بيهر چونڊون نہ ڪرائيندو ۽ نہ وري هو استعيفا ڏيندو. ٻئي طرف ماڻهن ۾ تحريڪ زور پڪڙي رهي هئي.

انهيءَ دوران ڀٽي صاحب تحريڪ جي اسلامي حصي جي سلسلي ۾ پنهنجن اقدامن جو اعلان ڪري ڇڏيو ,جنهن جو مقصد هئو تہ ڪنهن حد تائين تحريڪ جو زور گهٽجي، جيتوڻيڪ اها هڪ فضول ڪوشش هئي. ڀٽي صاحب اعلان ڪيو تہ:

- ڇهن مهينن اندر شريعت نافذ ڪئي ويندي،
- شراب ۽ نائيٽ ڪلبن تي فوري پابندي وڌي ويئي،
- اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي نئين سر تشڪيل ڪئي ويئي ۽
- آچر بدران جمع جي موڪل ڪئي ويئي.☆

هاڻي هن کي نظام مصطفيٰ جو نالو ڏنو ويو. 14 ـاپريل 1977ع تي لاهور ۾ هڪ جلوس تي پوليس لٺبازي ۽ پوءِ فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ 16 ـ ماڻهو مري ويا ۽ سؤ کان وڌيڪ زخمي ٿيا. انهيءَ ڏينهن ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ بہ هنگاما ٿيا جن ۾ ڪيترائي ماڻهو مري ويا ۽ اڻ ڳڻيا زخمي ٿيا. ٻاويهين اپريل تي وري ملڪ ۾ ڦيٿي روڪ هڙتال ڪئي وئي جنهن ۾ ايف ايس ايف کي آندو ويو ۽

---

☆ انهيءَ تي هڪ سياسي لطيفو مشهور ٿي ويو جمعي واري موڪل تي شهنشاه ايران ڀٽي صاحب کي فون ڪري چيو تہ مون وٽ تہ تيل آهي جو ٻئنڪون جمعي تي کليو وڃن توهان ڪهڙي آسري تي جمعي جي موڪل ڪئي آهي.

ان جي فائرنگ سان وري بہ ماڻهو مري ويا. نتيجي طور ڪراچي، حيدرآباد، لاهور ۽ ملتان ۾ ڪرفيو لڳايو ويو. ان ڪانپوءِ مظاهرا ٿيندا رهيا جن ۾ مظاهرين جو پوليس سان ٽڪر ٿيندو رهيو. غير سرڪاري اطلاعن مطابق هن تحريڪ دوران سوين ماڻهو مارجي ويا ۽ پنج هزار جي لڳ ڀڳ زخمي ٿي پيا ۽ اربين رپين جي ملڪيت کي نقصان پهتو. انفرادي ۽ جماعتي نقصان تہ پنهنجي جاءِ تي پر ملڪ جي معيشت کي جيڪو نقصان پهتو سو تمام گهڻو هئو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڀٽي صاحب تسليم ڪيو تہ ڪن سيٽن تي ٿوري هيرا ڦيري ٿي آهي تنهنڪري انهن سيٽن تي ٻيهر چونڊون ڪرائڻ لاءِ راضي آهي پر قومي اتحاد نہ مڃيو هو تہ پڙ ڪڍي بيٺا تہ نئين سر چونڊون ڪرايون وڃن.

ٻئي طرف ڀٽي صاحب قومي اسيمبلي جو اجلاس 16 – اپريل تي گهرايو جنهن ۾ کيس ٻيهر وزيراعظم منتخب ڪيو ويو. انهيءَ جي جواب ۾ پي اين اي عام هڙتال جي اپيل ڪئي جنهن دوران حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ پرتشدد واقعا ٿيا. هاڻي ڀٽي صاحب اپوزيشن جي ليڊرن تي بہ تقريري حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا جنهن جي جواب ۾ اپوزيشن وارا بہ سخت جواب ڏيندا رهيا.

حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ هنگامن جي پيش نظر اتي محدود مارشل لا لڳايو ويو جنهن ۾ ڀٽو پاڻ چيف مارشل لاءِ ائڊمنسٽريٽر ٿي ويو جڏهن تہ ليفٽيننٽ جنرل جهانزيب خان کي مارشل لاءِ ائڊمنسٽريٽر جنرل جهانداد خان کي ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو. جيتوڻيڪ هنگاما ڪنڊڙن کي پڪڙيو پئي ويو پر تنهن هوندي بہ هنگاما گهٽجڻ جا ڪونہ هئا. هاڻي تہ فوج بہ مظاهرين تي گولي هلائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

هاڻي پي اين اي سان ڳالهيون ضروري ٿي پيون، خود ڪور ڪمانڊرس جي هڪ اجلاس ۾ ڀٽي صاحب کي ٻڌايو ويو تہ ڳالهين کان سواءِ ڪو چارو ڪونهي. نيٺ ڀٽو صاحب ڳالهين لاءِ تيار ٿي ويو پر تحريڪ هاڻي پنهنجن اصل ليڊرن جي هٿن ۾ نہ رهي وئي.

چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياء الحق وڏي هوشياري سان سموري صورتحال جو جائزو وٺي رهيو هئو. مئي جي پهرين هفتي ۾ هن سمورن ڪور ڪمانڊرس ۽ اعليٰ فوجي آفيسرن جو هڪ اجلاس راولپنڊي ۾ گهرايو جنهن ۾ تحريڪ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيڻ واري صورتحال تي غور ڪيو ويو ۽ ان جي حل ڪرڻ جو امڪانن تي غور ڪيو ويو. هن اجلاس ۾ هڪ تجويز هيءَ بہ هئي تہ

اقتدار تي قبضو ڪري وٺڻ گهرجي. ڪن جنرلس انهيءَ جي مخالفت ڪئي ۽ چيو تہ فوج کي سياست ۾ نہ پوڻ گهرجي. نيٺ اهو طئي ٿيو تہ انتظار ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن صورتحال تمام خراب ٿي وڃي تہ پوءِ ڀٽي صاحب کي معزول ڪري اقتدار سنڀاليو ويندو. اهو بہ طئي ڪيو ويو تہ ڀٽي صاحب تي دٻاءُ وڌو وڃي تہ هو اپوزيشن سان ڳالهيون ڪري.

تحريڪ استقلال جو اصغر خان جيڪو 1970ع جي چونڊن ڪانپوءِ ڏاڍو چست ٿي ويو هئو تنهن 25-اپريل 1977ع تي ڪوٽ لکپت جيل لاهور مان هڪ خط (جنهن جو سرسري ذڪر اڳ اچي چڪو آهي) چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياءُ الحق ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن کي لکيو جنهن ۾ هن فوجي آفيسرن تي زور ڏنو تہ ڀٽي حڪومت مارچ 1977ع جي چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪري آئين جي خلاف ورزي ڪئي آهي ۽ عوام جي خلاف سنگين ڏوهن جو مرتڪب ٿيو آهي. اوهان تي اهو فرض ڪونهي تہ هڪ غير قانوني حڪومت جي حفاظت ڪريو ۽ نہ وري پنهنجي ملڪ جي عوام کي قتل ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهجي ٿو. هٿياربند فوجن جي آفيسر هئڻ جي ناتي اوهان جنهن آئين جي دفاع جو حلف کنيو آهي انهيءَ جي خلاف ورزي ڪئي ويئي آهي. هڪ باوقار شخص جي حيثيت سان اوهان جو فرض آهي تہ اوهان پنهنجا فرض سرانجام ڏيو. موجوده حالتن ۾ فرضن جي پوئواري ڪرڻ جو مطلب اهو آهي تہ اوهان غير قانوني حڪمن جي انڌاڌنڌ تعميل نہ ڪريو. قانوني ۽ غير قانوني حڪمن ۾ تميز ڪرڻ هر آفيسر جو فرض آهي. اوهان مان هر هڪ کي پاڻ کان پڇڻ گهرجي تہ فوج هن وقت جن سرگرمين ۾ ملوث آهي، ڇا اهي قانوني آهن؟ جيڪڏهن اوهان جو ضمير هيءُ جواب ڏئي تہ هي سرگرميون غير قانوني آهن ۽ پوءِ بہ انهن کي جاري رکو تہ پوءِ اوهان اخلاقي طور تي ڏيوالي جو شڪار آهيو ۽ اوهان ملڪ ۽ قوم جي خلاف سنگين ڏوهن جا مرتڪب ثابت ٿيندا."

خط تي اخبارن ۾ ڏاڍي ڏي وٺ ٿي. ڪن ان کي فوجي معاملن ۾ مداخلت تصور ڪيو تہ ٻين وري فوج کي سياست ۾ گهلڻ جي مترادف قرار ڏنو. هن خط جنرل ضياء الحق ۽ سندس ساٿين جو حوصلو وڌايو ڇاڪاڻ تہ ان ۾ ڀُٽي صاحب جي "غيرقانوني" حڪمن کي نہ مڃڻ جي صلاح ڏني ويئي هئي. ڪيس يقين ٿي ويو تہ ڀُٽي کي اقتدار مان هٽايو بہ ويو تہ اپوزيشن جماعتون مخالفت نہ ڪنديون. اصغر خان کان سواءِ اپوزيشن جي ليڊرن بہ جنرل ضياء الحق کي تارون موڪليون.

# ۲۴

- ڏانڌليءَ جو تاثر
- ڀُٽي جي ڳڻتي
- ائين ڇو ٿيو؟

چونڊون ڪيئن ٿيون، تنهن متعلق هر پارٽيءَ جو پنهنجو نڪتئہ نظر هئو، ليڪن ڀُٽي مرحوم پنهنجي پارٽي صفن کان وڌيڪ سرڪاري ذريعن ۽ آفيسرن جي معلومات تي ڀروسو شروع ڪري ڏنو هئو. انهيءَ جا ڪئين مثال هئا.

ڇوٿين مارچ 1977ع تي لاهور ۾ ٿيل هڪ ميٽنگ انهيءَ تسلسل کان ڌار ڪانہ هئي. هن ميٽنگ ۾ آءِ ايس آءِ جو ڊئريڪٽر جنرل، ۽ پنجاب جو چيف منسٽر بہ ويٺو هئو. هتي هي بحث هلي رهيو هئو تہ گهٽيون سيٽون ملنديون. سرڪاري آفيسرن جا پنهنجا اندازا هئا (جيڪي گهٽيئي وڌيل هئا) ۽ غير جانبدار ماڻهن جا ٻيا.

اهڙيءَ طرح ميٽنگون ٿيون، تقريباً هر هنڌ ٿيون، سيني ڪي پنهنجو اندازو هئو. پر اصل غلطي ڀٽو صاحب جي هئي، جو هو بنا مقابلي چونڊجي ويو پر ڏاڍي هٽي ڏهہ تہ توڙو هٽي تيرهن. ڏسندي ڏسندي پارٽيءَ جي مقامي ليڊرن بہ پاڻ کي بنا مقابلي چونڊائڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني. ڀٽي صاحب جو بہ مثال انوکو آهي. ڪيس بنا مقابلي چونڊجڻ جي ضرورت ڪونہ هئي. ڀُٽي صاحب کي بنا مقابلي چونڊائڻ ۾ اتان جي ڪمشنر خالد احمد جو وڏو هٿ هئو. هو اڳ ۾ اتي بہ ڊي سي هئو. پنهنجو انگ وڌائڻ جي لاءِ هو هر جائز ناجائز ڪم ڪرڻ کان نہ گهبرائيندو هو. بنا مقابلي چونڊائڻ ۾ تہ هن ڪمال جو ڪردار ادا ڪيو. هن تقريباً هر اصول کي بالاءِ طاق رکي ڇڏيو.

وزيراعظم بنا مقابلي چونڊجي ويو تہ وزيراعليٰ ڪيئن نہ ٿئي؟

تنهنڪري سنڌ جي وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي بہ اهو ئي ڪيو جيڪو خالد احمد ڪري ڏيکاريو. جتوئي صاحب اهو ڪري ڏيکاريو. جتوئي صاحب تہ نامينيشن پيپر داخل ڪرڻ ئي ڪونہ ڏنو ۽ ان جو سولو طريقو هي اختيار ڪيو تہ هن رٽرننگ آفيسر وٽ پنهنجا ڪاغذ تہ داخل ڪرائي ڇڏيا, البتہ رٽرننگ آفيسر کي اهو حڪم ڏنو تہ ڪو بيو فارم داخل نہ ٿيندو. ويچاري آفيسر هن ۾ خيريت سمجهي ۽ پنهنجي آفيس کي ٻاهران تالو هڻائي, پوئين دروازي کان گهر هليو ويو. نتيجي طور ڪو بہ بيو فارم داخل نہ ڪرائي سگهيو. نصرالله خٽڪ ۽ صادق حسين قريشي بہ ساڳيو ڪم ڪري ڏيکاريو. نتيجو هيءُ نڪتو جو وزياعظم سان گڏ چارئي وزراءِ اعليٰ بہ بنا مقابلي چونڊجي ويا.

هاڻي ڪير چئي تہ ڌانڌلي ڪانہ ٿي آهي, ڌانڌلي ٿي آهي پر انهيءَ جي ڪا اڳواٽ رٿابندي ڪانہ ٿي هئي. ڀٽي صاحب پنهنجن سمورن تعلق دارن ۽ ويجهن آفيسرن کي ڪئين ڀيرا چيو تہ هو صرف اهو چاهي ٿو تہ چونڊون صاف ٿين, ماڻهن کي بہ اها خاطري ٿي وڃي تہ چونڊون نيڪ ٿيون, جيڪي ڪجهہ ٿيو ان جو هڪ سبب هي آهي تہ ڀٽي صاحب پنهنجن وزيرن ۽ ڪن ڪارڪنن کي سختيءَ سان ڪونہ روڪيو تہ ڌانڌليون نہ ڪيون وڃن. جنهن جي ڪري هو حد کان اڳتي وڌي ويا, سيني کان وڌيڪ مايوس ڪندڙ رويو ڀٽي صاحب جي وزيرن جو هئو جيڪي ڪنهن بہ طرح چونڊن ۾ هارائڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا, جيتوڻيڪ هو چونڊون کٽڻ جا بنهہ لائق ڪونہ هئا. دراصل, هنن ڪي اهڙيون ڌانڌليون ڪيون جو ماڻهن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهي رهي تہ وڏي پيماني تي ڌانڌلي ٿي آهي.

انهيءَ کان سواءِ جنهن ڳالهہ گهڻو پريشان ڪيو سا هئي پي اين اي جي گهوڙا گهوڙا. هنن ڏاڍي رٿابندي سان اهو الزام لڳايو تہ چونڊن ۾ ڌانڌلي ٿي آهي. هنن شهرن ۾ تحريڪ هلائي اها ڳالهہ آڏو رکندي تہ شهرن ۾ هلايل تحريڪ جو اثر سڄي ملڪ تي پئي ٿو. شهرن ۾ مخالفت جڏهن وڌي تہ ماڻهن جي دماغ ۾ ڳالهہ ويهي رهي تہ سڄو ملڪ حڪومت جو مخالف ٿي ويو آهي ۽ ڀٽي صاحب واري معاملي ۾ تہ ملڪ جي اڪثريت ڀٽي صاحب سان گڏ هئي.

ڌانڌليءَ جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ آئينده جو مورخ خود انهيءَ شش و پنج ۾ رهندو تہ جيڪڏهن ڌانڌلي ٿي تہ ڪنهن ڪرائي ۽ جيڪڏهن سچ پچ ڌانڌلي نہ ٿي تہ پوءِ ايڏي وڏي پيماني تي غير متوقع نتيجا

ڪيئن آيا؟

چوندڻ نتيجا اچڻ شروع ٿيا. پنجاب جي ڪنٽرول روم ۾ عجيب ڪيفيت هئي. ڪنهن کي خبر ڪانه هئي ته گهڻين سيٽن جو نتيجو ڪيئن جلدي پهچي ويو ۽ ٽي وي تان اعلان به ڪيو ويو. ڀُٽو ڏاڍو پريشان هئو. پهرين هن رات جو يارهين بجي پنهنجي پارٽي جي ماڻهن کي فون ڪري معلوم ڪرڻ گهريو.

"رائو هي ڪيئن ٿيو؟ ڪا ڌانڌلي ته ڪانه ٿي؟"

ٿوري دير ڪانپوءِ هن وري پڇيو:

"ڪنهن گڙ ٻڙ ته ڪانه ڪئي آهي. اسان کي ايترين سيٽون ڪيئن ملي ويون؟"

هن راؤ رشيد کي فون ڪري پڇيو. انهيءَ جو پس منظر ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. شايد اهو ته هن کي سرڪاري آفيسرن جيڪو تعداد ٻڌايو هئو ان کان به وڌيڪ سيٽون هيون. اهڙيءَ طرح پڇي رهيو هئو جهڙوڪ پريشان هجي ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ڀُٽي صاحب جي دماغ ۾ اهڙو شڪ پيدا ٿي سگهي ٿو ته عام ماڻهوءَ جو ڇا حال هوندو. هڪ اڳوڻي ميٽنگ ۾ ڀُٽي، پنهنجن واسطيدار آفيسرن کي چيو هو ته: "مون کي به پاڳي ٿي اڪثريت جي ضرورت ڪانهي. مون کي ڪا گهڻي وڏي آئيني تبديلي ناهي ڪرڻي جنهن جي لاءِ ايتري اڪثريت جي ضرورت هجي." چوٿين مارچ واري ميٽنگ ۾ به ڀُٽي ڪمشنرن جي ميٽنگ ۾ چيو هئو: "آءُ نٿو چاهيان ته ڪا ڌانڌلي ٿئي."

سچ هيءُ آهي ته اليڪشن ۾ ڀُٽي صاحب جي ڪاميابي يقيني ٿي، پوءِ چاهي اها سادي اڪثريت جي صورت ۾ اچي ها. دراصل ڀُٽي صاحب جي لاءِ جيڪا صورت نتيجن جي صورت ۾ اچي بيني هئي، تنهن ۾ سندس وزير جيڪي سندس سياسي مشير به هئا، سي هئا. هنن سدائين ڀُٽي صاحب کي صحيح رستي تان هٽائي غلط راهه تي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. اليڪشن ۾ به اهو ئي عنصر ڪم ڪري ويو. پر انهيءَ ۾ به ڀُٽي کي ڪو خطرو ڪونه هئو ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ڀُٽو جلدي ٻيهر چوندون ڪرائڻ جو اعلان ڪري وجهي ها ته ضياءَ الحق کي مداخلت ڪرڻ ۾ وقت ۽ وجهه ڪونه ملي ها، پر اهي ئي عنصر هئا جن کي ائين ڪرڻ کان روڪي رکيو. ڇاڪاڻ ته صاف چوندن ۾ انهن سياسي مشيرن ۽ وزيرن کي ئي خطرو هئو.

هاڻي جيڪڏهن حالات ۽ اسباب کي ڦولبو ته گهڻيئي ڳالهيون اينديون.

مثال طور اخبارن جو معاملو هئو. ڀُٽي صاحب کي خبر هئي تہ پريس جو ڪردار ڇا هوندو آهي ۽ خاص ڪري انهيءَ حالت ۾ جڏهن جمهوري سرشتي کي هلندي ٿورو ئي عرصو گذريو هجي. ڀُٽي صاحب، ايوب خان کان نجات جي لاءِ هلايل تحريڪ دوران پريس جي آزاديءَ جو مسلسلو مطالبو پئي ڪيو پر جڏهن پاڻ اقتدار ۾ آيو تہ پريس اوتري آزادي نہ ماڻي سگهي جيتري ماڻهو گهرجي ها. نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪي اخبارون ۽ رسالا سندس حامي هئا سي تہ نڪري رهيا هئا پر جيڪي مخالف ڌر جا حامي هئا سي بہ نڪري رهيا هئا، هڪ نہ ٻئي نالي سان. جيڪڏهن پوري آزادي ڏني وڃي ها تہ شايد عام ماڻهو ۾ اهو تاثر نہ پيدا ٿئي ها تہ پريس تي پابنديون آهن. خود سنڌ جا ماڻهو اخباري پاليسي مان خوش ڪونہ هئا ۽ هڪ شام ويني وينٽي، سنڌ مان نڪرندڙ ڇتيهہ سنڌي رسالن کي بند ڪيو ويو جن ۾ اهڙا پرچا بہ شامل هئا، جن جو سياست سان ڪو بہ واسطو ڪونہ هئو.

ٻيو مسئلو ايمرجنسي نہ کڻڻ، 144 جو بي دريغ استعمال ۽ ڊي پي آر (ڊفينس آف پاڪستان رولس) جي لٽڪندڙ تلوار جو هئو. پنجن سالن کانپوءِ جڏهن ماڻهن کي موقعو مليو تہ هنن عام جلسن ۾ ڀُٽو صاحب جي خلاف هر قسم جو زهر اوڳاڇيو. جيئن وقت گذرندو ويو، ماڻهو هنن جلسن ۾ وڃڻ لڳا. اهو ڏسي پيپلز پارٽي وارن کي اچرج بہ لڳو ۽ هيسجڻ بہ لڳا. اصل ۾ ڳالهہ هيءَ هئي تہ هنن پاڻ پنجن سالن کان ڪو عام جلسو ڏٺو ڪونہ هئو جنهن ۾ ماڻهو وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا هجن.

نيٺ ڀُٽي صاحب سموري پيپلز پارٽيءَ جي اليڪشن مهم پنهنجي هٿ ۾ ڪنئي. پر اڪيلو ڀُٽو صاحب ڇا ٿي ڪري سگهيو. حڪمت عملي جي خيال کان هو قومي اتحاد کان شڪست کائي ويو. انهيءَ جو هڪ وڏو ڪارڻ بيورو ڪريٽس تي پروسو ڪرڻ هئو. ماڻهو هڪ طرف وڃي رهيا هئا تہ ڪامورا شاهي ٻئي طرف. ڀُٽو ۽ سندس پارٽي ڪجهہ بہ نہ ڪري ها تڏهن بہ هو سادي اڪثريت حاصل ڪري وٺي ها. جڏهن تہ ڪامورا واضح اڪثريت جي رٽ لڳايو وينا پر هتي تہ قصو ئي ابتو ٿي ويو. پيپلز پارٽي بيشمار سيٽون هٽ ڪري ورتيون. جنهن اهو تاثر عام ڪري ڇڏيو تہ ڌانڌلي ٿي آهي.

سڀ کان وڏي خامي هيءَ نظر آئي تہ پارٽيءَ جا جيڪي پراڻا ماڻهو هئا سي آهستي آهستي پارٽيءَ کي ڇڏي وڃڻ لڳا. اهي ماڻهو جن پارٽي ٺاهڻ ۾ مدد ڪئي سي بہ بيزار ٿي چڪا هئا. ٻئي طرف ڀُٽو صاحب هڪ لحاظ کان دل جو ڏاڍو سادو

هئو. هر هڪ تي ڀروسو ڪري وهندو هئو وري جيڪي سندس تمام ويجهي هوندا هئا، سي چوندا هئس تہ فلاڻي تي اوهان ڀروسو ڪيو پر اهو اوهان جو خير خواهہ ناهي تہ انهن کي چوندو هئو تہ وقت پاڻهي ثابت ڪندو. اها ہي ڳالهہ آهي تہ وقت اهڙن ليڊرن کي وائکو ڪري ڇڏيندو هئو.

اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ جنهن شخص کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ورڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي انتظار ڪندا هئا يا پنهنجي هڙان پيسا ڀري سندس تقرير ٻڌڻ لاءِ ڪوهن جا ڪوهہ مفاصلو طئي ڪري ويندا هئا تنهن جي پارٽيءَ جو آخرڪار اهڙو حال ڇو ٿيو جو ماڻهو لکن جي تعداد ۾ نڪري آيا. ڪو وقت هئو تہ پارٽي ڪنهن بجليءَ جي ٿنڀي کي ٽڪيٽ ڏيندي هئي تہ اهو کٽي ويندو هو پر پوءِ آخر ڇا ٿيو تہ ماڻهو رستن تي اچي ڀُٽي ۽ پارٽيءَ جا مخالف بڻجي ويا. انهيءَ جو هڪ سبب هيءُ بہ هئو تہ ڪنهن وقت پارٽيءَ ۾ ورڪر ۽ اهي ليڊر عزت ماڻيندا هئا جن پارٽيءَ جي اوائل ۾ قربانيون ڏنيون، جيل ڪاٽيا، هڙئون وڙئون پارٽيءَ جي لاءِ قربانيون ڏنيون. پوءِ ڇا ٿيو؟ دراصل پارٽيءَ جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ مفاد پرست ماڻهو پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا تن پارٽيءَ کي ۽ ڀُٽي صاحب جي شخصيت کي ڏاڍو نقصان پهچايو. 1977ع واري افسوسناڪ صورت انهيءَ جو نتيجو هئو.

◈ ◈ ◈



ذوالفقار علي ڀٽو لاهور جي هڪ عام جلسي ۾ پنهنجي مخصوص انداز ۾ ماڻهن جي نعرن جا جواب ڏيئي رهيو آهي

# ٢٥

## • جزوي مارشل لا
## • ڳالهين تي رضامندي

اهو عام طور چيو وڃي ٿو تہ انهن هنگامن جي درميان ڀُٽي پنهنجن آفيسرن ۽ فوجي آفيسرن سان ملاقاتون شروع ڪري ڏنيون ۽ هن سموري معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ تجويزن جي گهُر ڪئي. سپريم ڪمانڊر جي حيثيت ۾ هن کي اهو اختيار هئو. هنن ملاقاتن ۾ اها تجويز بہ زير غور آئي تہ تحريڪ کي روڪڻ ۽ اسٽريٽ ايجيٽيشن کي منهن ڏيڻ لاءِ فوجي مدد ڪيتريقدر مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي. هر گذرندڙ ڏينهن سان اهي ملاقاتون بہ وڌنديون ويون. هنن ہہ طرفہ ملاقاتن ۾ هڪ اهو مقصد بہ هئو تہ ٻي ڌر ڇا ٿي چاهي: يعني ڀُٽي صاحب جو ڪهڙو خيال هئو ۽ فوجي آفيسر ڇا ٿا سوچين. ايترين جلد ملاقاتن ۾ فائدو گهٽ ۽ نقصان وڌيڪ ٿيو. ڇاڪاڻ تہ فوجين جي ابتن سبتن جوابن ڏيڻ سان ڀُٽي جو اندر جو حال تہ معلوم ٿي ويو ٿي. هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ شهري حڪومت جي چند ايگزيڪيوٽو سان ملاقاتن ۾ فوجي آفيسر ڪيتري تياري ڪري آيا هوندا. سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ هاڻي فوجي آفيسرن کي پنهنجي اهميت جو اندازو بہ ٿيڻ لڳو تنهنڪري هو پنهنجو موقف محفوظ رکي ڀُٽي مرحوم جي اندر ٽٽولڻ جي ڪوشش وڌيڪ ڪندا رهيا ۽ اهڙيءَ طرح اها ڳالهہ عيان ٿي ويئي تہ ڀُٽو آخر چاهي ڇا ٿو. هن ۾ اها ڳالهہ بہ فوجي آفيسرن کي معلوم ٿي تہ ڪجهہ سيٽن تي گڙٻڙ ٿي آهي، اتي هو نئين سر چونڊون ڪرائڻ لاءِ تيار هئو.

مارچ جو مهينو تہ هيءَ تحريڪ ڪڍي ويئي تہ مٿان اپريل اچي ويو. هاڻي

ڀُٽي کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي هئي تہ جن بيوروڪريٽس تي پروسو ڪري هن سندس پروجيڪشن ۽ پارٽي جي تشهير لاءِ مامور ڪيو هو اهي تہ ناڪاره نڪتا تنهنڪري هن واپس پنهنجي پراڻن ساٿين کي ياد ڪيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هاڻي گهڻي دير ٿي ويئي هئي. جن ليڊرن کي هن وري پنهنجي قريب آندو تن ۾ رفيع رضا، حفيظ پيرزادو، ممتاز علي ڀٽو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي شامل هئا. اها ڳالهہ معلوم ڪانهي تہ هيءَ تجويز ڪٿان آئي پر اهو ضرور آهي تہ اهڙي ڪنهن هڪ ملاقات ۾ اها تجويز آئي* تہ ڪجهہ شهرن ۾ جزوي مارشل لاءِ لڳايو وڃي. هڪ ميٽنگ ۾ تہ سياسي ليڊرن کان علاوه فوج جي سربراهہ جنرل ضياء الحق ۽ فضائي فوج جو سربراهہ ايئر چيف مارشل ذوالفقار علي خان بہ شامل هئو.

جزوي مارشل لا جي تجويز پهرين ڏڪ ۾ تہ ڀٽي رد ڪري ڇڏي پر پوءِ ان تي ڪجهہ گهڙين لاءِ ٻيهر غور ڪيو ۽ اٽارني جنرل يحيٰ بختيار سان صلاح ڪئي. انهيءَ تجويز تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کانپوءِ ڀُٽي چيف آف اسٽاف جنرل عبدالله ملڪ کي گهرايو جيڪو ڀُٽي جو قريبي ساٿي هئو. جنرل ملڪ وزيراعظم هائوس پهتو تہ ڀُٽي هن کان سوال ڪيو تہ ڇا ايجي ٽيشن ختم ڪ رڻ لاءِ مارشل لا لڳائڻ ضروري آهي؟ جنهن جي جواب ۾ جنرل ملڪ انڪار ڪيو ۽ چيو تہ سول طريقن سان بہ مسئلو حل ٿي سگهي ٿو بلڪہ گڏوگڏ اها بہ صلاح ڏني تہ شهري معاملن ۾ فوج کي گهٽ ۾ گهٽ ملوث ڪيو وڃي. ۽ هيءُ تہ آئين انهيءَ قدم جي اجازت نٿو ڏئي. خبر ناهي ڀُٽي جي دماغ ۾ ڇو مارشل لا لڳائڻ واري تجويز گهَر ڪري ويئي هئي سو حفيظ پيرزادي کي گهُرائي آئين ۾ ترميم ڪرڻ لاءِ چيو. جنرل ملڪ ڏاڍو پريشان ٿيو هو ڀُٽي جي ڏاڍي عزت ڪندو هو سو گهر پهچندي ئي ساري ڳالهہ جنرل ضياءُ الحق کي ٻڌائي ڇڏي. حفيظ پيرزادي جي چوڻ مطابق ٻئي ڏينهن آئين ۾ ترميم ڪئي ويئي ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ جزوي مارشل لا لڳائي ڇڏيو ۽ پاڻ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر بنجي ويهي رهيو. جنرل جهانزيب کي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ۽ جنرل جهانداد خان کي ڊپٽي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. هنگاما ڪرڻ وارن جي گرفتاري شروع ٿي ويئي، پر هنگاما نہ ٻٽي رڪيا. هي هنگاما ٻين شهرن تائين بہ

* عام خيال آهي تہ جزوي مارشل جي ڳالهہ جنرل ضياءُ الحق ڪئي. بلڪہ اها ڳالهہ ٻڌندي ئي ڀُٽي مخالفت ڪئي ۽ چيو تہ آئين ۾ اهڙي گنجائش ڪانهي. جنهن جي جواب ۾ جنرل ضياء الحق چيو تہ "آئين ۾ ترميم بہ ٿي سگهي ٿي."

پکڙجڻ لڳا. پر فوج مظاهرين تي گولي هلائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هيءَ صورتحال ڏاڍي پريشان ڪرڻ واري هئي. فوج بہ مصيبت ۾ هئي.

ڀٽو پنهنجن مشيرن ۽ فوجي ڪمانڊر سان ڳالهائيندو رهيو ۽ صورتحال جو بغور جائزو وٺڻ لڳو جنهن دوران خود سندس صلاحڪارن کيس صلاح ڏني تہ قومي اتحاد سان ڳالهين ڪانسواءِ ڪو چارو ڪونهي. جيئن تيئن ڪري ڀٽو ڳالهين لاءِ تيار ٿي ويو.

انهيءَ پس منظر ۾ ڀٽي جڏهن پنهنجن شهري ۽ فوجي مشيرن سان مشورا ڪيا هئا تہ هنگامن وارن علائقن ۾ جزوي مارشل لا لڳائڻ قانوني آهي يا غير قانوني، ملڪ غلام جيلاني لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ انهيءَ خلاف هڪ پٽيشن داخل ڪري وڌي. حڪومت جو چوڻ هئو تہ هن سول انتظاميہ جي مدد لاءِ فوج کي گهرايو آهي جڏهن تہ 2 جون 1977ع تي ڪورٽ پنهنجو فيصلو ٻڌايو تہ آئين ۾ مارشل لاءِ جي گنجائش ڪانهي ۽ شهرين، تي آرمي ايڪٽ هيٺ فوجي عدالتن ۾ مقدما نٿا هلائي سگهجن. هي فل بينچ جو فيصلو هئو. يحيٰ بختيار انهيءَ فيصلي جي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل دائر ڪئي، جنهن اسٽي آرڊر جاري ڪرڻ واري درخواست کي رد ڪري ڇڏيو. اي ڪي. بروهي ۽ شريف الدين پيرزادو عدالتي وڪيل هئا. فيصلو عجيب معمو بنجي چڪو هئو. ڇهين جون 1977ع تي يحيٰ بختيار سپريم ڪورٽ ۾ هيءَ دليل ڏنو تہ لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي ۾ تضادات آهن. انهيءَ ڏينهن راولپنڊي جي بار روم ۾ وڪيلن يحيٰ بختيار جي دليل تي احتجاج ڪندي سندس تصوير ڦاڙي اڇلي ڇڏي ۽ قومي اتحاد جي ليگل ڪميٽي مطالبو ڪيو تہ هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف حڪومت کي ڪراچي ۽ حيدرآباد مان مارشل لا هٽائڻ گهرجي، تنهنڪري 7 جون 1977ع تي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان مارشل لا هٽايو ويو. مارشل لا جي خاتمي واري ڏينهن ئي 12,900 قيدين کي آزاد ڪيو ويو جن کي مارشل دوران گرفتار ڪيو ويو هئو.

سنڌ بہ مارشل لاءِ جي خلاف پٺتي ڪونہ هئو. سنڌ هاءِ ڪورٽ بہ اهو ساڳيو فيصلو ڏنو. نائين جون 1977ع تي هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو تہ يحيٰ بختيار وري اعلان ڪيو تہ هو فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ ويندو. يحيٰ بختيار گهڻو ئي سپريم ڪورٽ ۾ ڦٿڪيو ۽ مارشل لا جي نفاذ کي عوامي تحفظ لاءِ ضروري قرار ڏيئي درست قرار ڏيڻ جي ڪوشش پر انهيءَ مان ڪو فائدو ڪونہ نڪتو.

◈ ◈ ◈

ORDER

BY

THE PRESIDENT, ISLAMIC REPUBLIC OF PAKISTAN

Whereas the objects and purposes for which the National Assembly was elected have not been fulfilled

And whereas the law and order in the country have broken down to an alarming extent resulting in tragic loss of innumberable valuable lives as well as loss of property

And whereas the life property honour and security of the citizens of Pakistan have been rendered totally unsafe and the integrity and ideology of Pakistan have been seriously endangered

And whereas public morality has deteriorated to unprecedented level

And whereas in my opinion a situation has arisen in which the Government of the Federation cannot be

carried on in accordance with the provisions of the Constitution and an appeal to the electorate is necessary

Now therefore I, General Mohammad Zia-ul-Haq, President of Pakistan in exercise of the powers conferred on me by Clause (2) (b) of Article 58 of the Constitution of the Islamic Republic of Pakistan hereby dissolve the

National Assembly with immediate effect and in consequence thereof the Cabinet also stands dissolved forthwith.

General
(M. Zia-ul-Haq)

Rawalpindi
12 Shawwal-ul-Mukarrum 1408 AH
29 May 1988

# ٢٦

## • غير ملڪي هٿ جي ڳولا
## • لاڳاپن جو نئون دروازو

پوري تحريڪ دوران پيپلز پارٽيءَ جا ليڊر اهي الزام ته هڻندا رهيا ها ته هن تحريڪ جي پويان غير ملڪي هٿ آهي. اسان انهيءَ موضوع تي اڳتي هلي ڪجھ گفتگو ڪنداسين. پر 28 اپريل 1977ع تي وزيراعظم ڀُٽي پاڻ قومي اسيمبليءَ ۾ پوڻا ٻه ڪلاڪ تقرير ڪئي. سندس جوشيلي تقرير ۾ اڻ سڌيءَ طرح اشارو امريڪا ڏانهن هئو ته هو ڪيئن پاڪستان جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪري رهيو آهي ۽ ان تحريڪ کي بين الاقوامي سازش قرار ڏنو. ڀُٽي پنهنجي ڊگهي تقرير ۾ پاڪستان جا ٻين ملڪن سان تعلقات ۽ انهن جو پس منظر بيان ڪيو. ڀُٽي، امريڪا کي هاٿي سان ڀيٽيو ۽ چيو ته هاٿي مون کان ناراض آهي ۽ هاٿيءَ جو حافظو تمام تيز هوندو آهي. هن تقرير ڪانپوءِ امريڪي سفارتخاني پاڪستان سان احتجاج ڪيو ته حڪومتي سطح تي ٿيندڙ ڳالهين کي عوامي سطح تي موضوع بحث نه بڻائڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ سان آئنده ڳالهين تي اثر پئي ٿو.

هن مرحلي تي ڀُٽي کي پڪ ٿي ويئي ته آمريڪا کي فرانس سان ٿيل ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ واري خريداريءَ وارو معاملو ڪونه وڻيو آهي، تنهنڪري هن نٿي چاهيو ته ڀُٽو اقتدار ۾ رهي، تحريڪ جي هلندي هينري ڪسنجر پاڪستان آيو ۽ هن کي سخت ڌمڪي ڏني ته آئيندي جيڪڏهن تو ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ جي ڳالھ ڪئي ته تنهنجو حشر تمام عبرتناڪ ٿيندو.

غير ملڪي هٿ هٽڻ جو شڪ هن ڪري سيني کي هو جو قومي اتحاد وارن سمورن ليڊرن جو آواز يڪسر بدلجي ويو هئو. پهرين تہ مطالبو هئو تہ مارشل لا هٽايو وڃي، گرفتار ورڪرن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ سمورن حڪمن کي اسلامي حڪمن جي مطابق بڻايو وڃي، ليڪن ڪسنجر جي وڃڻ کانپوءِ هڪ نئين مطالبي جنم ورتو تہ سمورا قانون قاعدا قرآن ۽ سنت مطابق ستن سالن اندر بنايا وڃن. انهيءَ ڪري ڀُٽي چيو تہ جيڪڏهن اهو ئي ڪم ڪرڻو آهي تہ قومي متحده موومينٽ وارا سات ڏين تہ اهو ڪم ڇهن مهينن ۾ ٿي سگهي ٿو. ڀُٽي بعد ۾ چيو تہ 21_اپريل تي امريڪي سفارتخاني جا ٻہ آفيسر پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا، جنهن ۾ هڪ جملو هيءُ هئو: The party is over يعني پارٽي ختم، "بنده گيا،مال ختم." * هن جملي ڀُٽي کي سخت ڪاوڙايو. هن انهيءَ ڳالهہ ٻولهہ تي امريڪي حڪومت سان احتجاج ڪونہ ڪيو البتہ هن بدلي ٿيندڙ سفير جي الوداعي دعوت ڪئي. "اٿلندو امريڪي سفير مون کي ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو تہ تو ڇو راولپنڊيءَ جي جلسي ۾ امريڪا مرده باد جا نعرا لڳرايا. جنهن جي مون سخت ترديد ڪئي. پر جڏهن مون ماڻهن وٽ ڊالر ڏٺا تہ هن لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پنهنجي حلفيہ بيان ۾ انهيءَ جو ذڪر ڪيو"※ سندس تقرير جو اهو حصو 28 – اپريل واري قومي اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقرير جو حصو آهي. انهيءَ کانپوءِ امريڪي ناظم الامور پاڪستان حڪومت سان احتجاج ڪيو تہ حڪومتي ۽ عوامي سطح تي ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ کي بحث جو موضوع بنائڻ نہ گهرجي. هن ڳالهہ تي وڌيڪ ڳالهہ تہ ڪانہ ٿي پر انهيءَ جملي جي ترديد ڪانہ ڪئي.

عجيب صورتحال هئي، هڪ طرف پارٽي انتظام، انتخابي مهم، مٿان اهو تہ امريڪي مداخلت. انهن ٽن ڳالهين تي هڪ دستاويز ناهي، امريڪي حڪومت کي موڪلي ويئي. اها ياداشت وزير خارجہ عزيز احمد ڪٺي ويو پر امريڪي آفيسرن ان کي ڏسي صرف ايترو چيو تہ "سمجهداري، جوانمردي ضرور هوندي آهي، پر انهيءَ سان گڏ اهو مشورو 'مشورو " بہ ڏنو تہ لاڳاپن جو هڪ نئون دروازو کولڻ گهرجي. امريڪي وزير خارجہ اها رات، اتي ترسيو جتي پاڪستان جو وزير خارجہ ترسيل هئو. اڌ رات جو عزيز احمد جي ڪمري جو تالو ٽوڙيو ويو. ڪمري

---

* مولانا نيازي، ص 72،71

※ ص 72

جي تلاشي ورتي ويئي پر اهي پنجاه صفحا جيڪي پاڪستان حڪومت آمريڪا ڏانهن موڪليا هئا سي ڪونہ مليا. چاڪاڻ، اهي عزيز احمد وٽ هئا.

هن مرحلي تي مولانا نيازي جي اها پيرا گراف ڏاڍي مهلاٽتي ثابت ٿيندي، جنهن ۾ ڪئين ڪم جون ڪيل ڳالهيون ڪيل هيون. مثلاً:

**"پيراگراف 107 ۾ مسٽر ڀُٽي لکيو تہ 5 جولاءِ 1977ع جي ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ئي عزيز احمد هنن سمورن دستاويزن جي هڪ ڪاپي مسٽر غلام اسحاق خان کي هن عرض سان پيش ڪئي تہ ان جو بغور مطالعو ڪري. جيڪڏهن عدالت پسند ڪري تہ غلام اسحاق خان کي عدالت گهرائي پڇي تہ پاڪستان جي معاملات ۾ مداخلت جي باري ۾ ڇا ڪجهہ هئو؟"***

ڀُٽي کي سڄاڻڻ وارن کي هڪ ہي ڳالهہ جنهن تي ڪاوڙ هئي سا هئي تہ 1973ع واري عرب – اسرائيل جنگ ۾ پاڪستان ڏاڍي زور شور سان مصر ۽ شام جي ڏاڍي مدد ڪئي هئي، پر اصل ڳالهہ گهمي ڦري ان نقطي تي بيٺي تہ جيڪڏهن پاڪستان کي پراسيسنگ پلانٽ حاصل ٿي ويجي ٿو تہ اهو اسرائيل خلاف استعمال ٿي سگهي ٿو.

آمريڪا ڪتي مداخلت ڪري ٿو ۽ ڪتي نہ سا تہ وڏي ڳالهہ آهي پر آمريڪا انهيءَ حد تائين هتي اچي ٿو تہ اوهان جو ايندڙ فوجي سربراهہ ڪير هوندو مثال طور: "جنرل ٽڪا خان اجا پاڪستان جو فوجي سربراهہ هئو. سندس رٽائرمينٽ ۾ اجا پنج ڇهہ مهينا هئا. ڪرنل بلاٽي نالي هڪ فوجي آفيسر سان راند کيڏندي هن ڳالهہ ڪئي: اوهان جو ايندڙ فوجي سربراهہ جنرل محمد ضياء الحق هوندو.* انهيءَ وقت هن عهدي لاءِ ٽي نالا گهمي رهيا هئا. سروسز جا ماڻهو انهن ٽنهي جو ئي ذڪر ڪندا هئا. اهي هئا: جنرل شريف، جنرل مجيد ملڪ ۽ جنرل غوث بخش اعواڻ، هاڻي جڏهن ضياء الحق جو نالو آڏو آيو تہ يقيناً اچرج تہ ٿيندو. هن اهو نالو ايئر مارشل ذوالفقار علي کي ٻڌايو پر هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ڇهن مهينن ڪانپوءِ اهو ئي ضياءَ الحق ڪيترن سينيئر جنرلس کي ڇڏي

---

*** ايضاً ص 74

* ايضاً ص 74, 75


فوجي سربراهہ بنجي ويو.

مئي 1977ع جي وچ ڌاري حڪومت ۽ قومي اتحاد جي وچ ۾ ڳالهين لاءِ زبردست ڳالهيون ٿي رهيون هيون. هو خاموشيءَ سان گهٽن ئي ماڻهن سان ملندو رهيو، جنهن جي خبر چار پاڪستاني حڪام رکي رهيا هئا. هنن ۾ ڪئي پاڪستاني سياستدان بہ هئا. نيٺ 24 مئي 1977ع امريڪي سفير جي بدلي ٿي تہ پاڪستاني فوجي سربراهہ انهيءَ سفير جي اعزاز ۾ راولپنڊي ۾ زبردست دعوت ڏني، جنهن جي اجازت هميشہ جيان، وزارت خارجہ کان وٺي پوندي آهي، پر نہ تہ اهڙي اجازت ورتي ويئي نہ وزيراعظم کي ڪا بہ دعوت ڏني ويئي.

امريڪا پُٺي لاءِ ائين ڇو ڪيو ۽ ڇو اهڙي قسم جي چار وڃائي ويئي تنهن جو سمجهڻ ڪو گهڻو ڏکيو ڪونهي، البتہ اهو سمجهڻ سولو آهي تہ هنن سمورن واقعن کي گڏي هڪ تصوير سامهون اچي ٿي تہ اهو ئي لڳي ٿو تہ 5 جولاءِ 1977ع ڪو اوچتو فيصلو ڪونہ هئو، سواءِ هڪ تبديلي جي، جيڪا تبديلي گهٽ، صفحہ هستي سان ميسارڻ ضرور هئي.

صدر ڪارٽر، پاڪستان جي لاءِ ري پروسيسنگ پلانٽ واري ٺاهہ کي رد ڪرائڻ لاءِ فرانس وڃي سگهي ٿو پر پاڪستان ۾ هن کي انهيءَ جي ضرورت نہ پئي. هن جي لاءِ چند ڊالر ۽ چند سياسي مهرا ڪافي هئا. ۽ شايد هن کي اهو احساس بہ ڪونہ هئو تہ ان وقت تائين پُٺو هڪ نظريي جو نالو بنجي چڪو هئو.

◈ ◈ ◈



فوجي سربراهه جي حيثيت ۾ جنرل ضياء الحق، چڪلالہ هوائي اڏي تي وزيراعليٰ ذوالفقار علي ڀٽو جي آجيان ڪري رهيو آهي.

# ٢٧ • ايٽمي پلانٽ • ڊاڪٽر قدير

امريڪا ڪنهن به حالت ۾ نٿي چاهيو ته ڀُٽو ايٽمي طاقت حاصل ڪري ٽئين دنيا جو ليڊر بڻجي وڃي. 18 مئي 1974ع تي ڀارت پوڪران ۾ پنهنجو پهريون ايٽمي ڌماڪو ڪيو. ڀُٽي ڪي پنهنجو اعلان شدت سان تنگ ڪرڻ لڳو ته ايٽم بڻائڻ لاءِ پاڪستان جي عوام کي گاهه کائي جيئڻو رهڻو پيو ته به هو انهيءَ لاءِ تيار آهي.

ايٽم بڻائڻ لاءِ فرانس جي هڪ فرم ايس جي اين نالي ٺاهي رکي هئي. گذريل ٽن سالن تائين هن فرم ۽ فرانسيسي حڪومت سان اهي سمورا ٺاهه ڪيا جيڪي بين الاقوامي ايٽمي ڪميشن ڪرڻ تي گهريا. پر ري پروسيسنگ پلانٽ پاڪستان کي ملي به ها تڏهن به پاڪستان لاءِ اهو ممڪن ڪونه هئو ته انهيءَ مان هو ايٽم بم ٺاهي سگهي. ان شيءِ کي ڀٽو صاحب شايد عالمي سطح تي حل ڪرائي وٺي ها پر اصل ۾ پاڪستان لاءِ بنيادي سرمايي جي هئي. سڀ کان اول 300 ملين ڊالر کپندا هئا جنهن لاءِ هن پنهنجي عرب رياستن سان رابطو ڪيو ۽ ڪجهه يقين دهانيون ڪرايون. عربن کي اهو ياد هئو ته 1973ع واري عرب – اسرائيل جنگ ۾ پاڪستان هنن جي ڪيتري مدد ڪئي هئي.

رستو ڪنن ضرور هئو پر اڳيان به ڀُٽو هئو. ايتري ۾ ڀُٽي کي ڊاڪٽر عبدالقدير خان جو هڪ خط مليو. ان وقت هو هالينڊ ۾ هڪ اهڙي پلانٽ تي ڪم ڪري رهيو هئو ۽ پنهنجون سموريون خدمتون پاڪستان جي حوالي ڪرڻ لاءِ

تيار هئو. ڊاڪٽر قدير اڳي ئي ايترا ڪئين خط لکي چڪو هئو پر هن کي ڪو جواب ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئو. ڀٽي کي ٽُپ اوندهہ ۾ اُميد جو ڪرڻو ڏسڻ ۾ آيو ۽ ڪيس چَوَرائي موڪليائين تہ هو اچي ساڻس ملاقات ڪري. ڀٽي ڊاڪٽر کي چَوَرايو تہ هو نارمل طريقي ۾ موڪل وٺي اچي تہ جيئن ڪنهن کي شڪ نہ پئي. ڊسمبر 1974ع جي هڪ رات ڊاڪٽر قدير ٻارن سميت ڪراچي پهچي ويو. ڪيس فوراً اسلام آباد گهرايو ويو ۽ چيو ويو تہ ٻين ڪمن کي ڇڏي، يورينيم جي اينرچمينٽ جي ڪم ۾ لڳي وڃي. غالباً ڊاڪٽر قدير ڀٽي کي ٻڌايو تہ 300 ملين ڊالرن سان شروع ڪيل ڪم ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏيهہ سال لڳي ويندا. ڇاڪاڻ تہ پيداواري يونٽ گهرجي جنهن سان پلوٽونيم تيار ڪرائي سگهجي، هڪ ٻيو ريئڪٽر ۽ ٽيون هيوي واٽر جو پروڊڪشن پلانٽ.

پاڪستان ۾ اهڙو ڪو پلانٽ ڪونہ هئو جيڪو فوري طور مٿين ٽن شين جي حصول لاءِ مدد ڪري سگهي. ڪراچيءَ جي پرسان ڪينوپ پلانٽ ڪانسواءِ پاڪستان لاءِ ڪو اهڙو پلانٽ ڪونہ هئو جو اهي سموريون شيون حاصل ڪري سگهجن. ڏيئي وٺي فرانس هئو جنهن مان ڪجهہ اميد هئي پر ان تي امريڪا جو ايترو دٻاءُ هئو. هو اڳوڻو معاهدو رد ڪري نٿي سگهيو ان لاءِ ڳرو ڏنڊ ڏيڻو پوي ها. انهيءَ وچ ۾ ڊاڪٽر قدير هالينڊ ويو ۽ موٽي آيو تہ ساڻس گڏ ٻہ ٽي وڏيون پيٽيون هيون. ان وقت ڀٽو صاحب، شهنشاهہ ايران سان گڏ لاڙڪاڻي ويو هئو پر وڃڻ کان اڳ اهو يقين ڪري ويو تہ ڊاڪٽر قدير ۽ ڊاڪٽر منير جيڪي ڪجهہ ڪم ڪيو آهي تنهن مطابق پوري معلومات ڏين. ڊاڪٽر قدير کي اهو ڏسي ڏاڍو افسوس ٿيو تہ جتي هو ڪم هڪ سال اڳ ڇڏي ويو هئو اهو اتي ئي هو. ڀٽو جڏهن واپس اسلام آباد پهتو تہ ڊاڪٽر قدير کي گهرائي رپورٽ معلوم ڪيائين. ڊاڪٽر قدير وٽ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ نہ هئو ۽ ڏاڍو مايوس ٿي واپس هالينڊ وڃڻ جو فيصلو ڪيو.

ڊاڪٽر قدير، غالباً ڀٽي کي ٻڌائي ڇڏيو هئو تہ سول بيورو ڪريسي هن جي ڪم ۾ وڏي رڪاوٽ هئي تنهنڪري ڀٽي صاحب ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر قدير کي ٻڌايو تہ سندس سربراهيءَ ۾ هڪ مڪمل خودمختار ادارو بنائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي هتي ڪو بہ نظرداري ڪرڻ وارو نہ هوندو. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر قدير هالينڊ واپس وڃڻ جو پنهنجو ارادو تبديل ڪري ڇڏيو.

جولاءِ 1976ع ۾ ڀٽي صاحب هڪ ميٽنگ گهرائي جنهن ۾ غلام اسحاق سميت سمورا ضروري ماڻهو موجود هئا. هن ميٽنگ ۾ ڀٽي اهي سڀ ڳالهيون مڃي

ورتيون جن ۾ اها به هئي ته ڪهوٽه واري ريسرچ مرڪز ۾ ڪيس ڪم ڪرڻ جي پوري آزادي هوندي. اسٽريٽيجي اها رکي ويئي ته انرجي ڪميشن ڪمن ڏيکارڻ لاءِ هجي پر اصل ڪم ڪهوٽي ۾ هوندو. نتيجو اهو نڪتو ته آگسٽ 1976ع ۾ جڏهن ڪسنجر پاڪستان آيو ته ڪهوٽي جي ليباريٽري کان سواءِ ڪسنجر جو سمورو ڌيان فرانس سان ري پراسيسنگ پلانٽ جي نه ڏيڻ تي هئو. تنهن هوندي به ڪتان خبر لِيڪ ٿي ويئي تڏهن صدر ڪارٽر اهو فيصلو ڪيو ته ڀُٽي جي حڪومت کي ڪنهن به حال ۾ ختم ڪيو وڃي. امريڪا انهيءَ وقت پاڪستان جو سخت مخالف ٿي بيٺو انهيءَ تائين جو پي اين اي وارن وڳوڙين خلاف ڳوڙها آڻيندڙ گيس جا گولا خريد ڪيا ته اهي به ڪونه ڏنائون. امريڪا ڪيترن ئي ٻين طريقن سان ايٽم بم تيار ڪرڻ جي امڪانن تي ڪم ڪرڻ لڳو. هيڏانهن ڊاڪٽر قدير به لڳي ويو جنهن ۾ نه ته ري ايڪٽر نه ري پروسيسنگ پلانٽ جي گهرج هئي. هي ته سينٽري فيوج سميت سسٽم هئو. غالباً امريڪا کي اها ڳالهه معلوم ٿي ويئي هئي ته پاڪستان 1976ع کان هن پروجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيو هئو ۽ اندازو هئو ته 1982ع ڌاري پاڪستان هن ڪم ۾ مڪمل ڪاميابي حاصل ڪري وٺندو.

هاڻي ڀُٽي کي پڪ ٿي ته اها ڳالهه گهڻ گهرن کي ٻُڌائجي، انهيءَ ڪري 18 جون تي سياستدانن جو هڪ وفد وٺي سعودي عرب ويو. ظاهر ۾ اهو ڏيکارڻ پئي چاهيو ته هو پلانٽ لاءِ پئسا حاصل ڪرڻ ويو هئو پر ڳالهه ائين نه هئي، ايستائين جو واپسي تي مفتي محمود چيو ته ڀُٽي صاحب کي ٻاهرين ملڪ وڃڻ لاءِ پي اين اي کي ٻڌائڻ گهرجي ها. پر هنن کي ڪهڙي خبر ته اندر ۾ ڇا ٿي رهيو هئو. سعودي عرب کانپوءِ هو ايران ويو ۽ ائين ڳالهه هلائيندو رهيو ته فرانس سان معاهدو پاڻ مُرادو ٽُٽي پئي، اهي پئسا به واپس ملن ۽ ٻئي طرف ڪهوٽه پلانٽ جو ڪم جاري رهي ۽ سچ ته هيءَ آهي ته سمورا ملڪ جيڪي پاڪستان جي ري پراسيسنگ پلانٽ ۾ دلچسپي رکندا هئا سي سڀ دوکو کائي ويا ۽ اهو ڪم صرف ڀُٽو ئي ڪري پئي سگهيو.

ڳالهيون اجا گهٽيون به هيون پر انهيءَ وچ ۾ پي اين اي راولپنڊي ۾ لانگ مارچ جو اعلان ڪري ڇڏيو. هيءَ جلوس پي ايم هائوس وٽ هئو ۽ ان جي قيادت پير صاحب پاڳاري کي ڪرڻي هئي. پر هڪ عجيب ڳالهه هيءَ ٿي پئي جو ان ريليءَ ۾ ڀُٽو صاحب پهچي ويو. ڀُٽي جي هٿ ۾ هڪ ڪاغذ هئو جيڪو هو ڪٽي

ماڻهن کي ڏيکاري رهيو هو تہ امريڪي وزير خارجہ هن کي لکيو آهي تہ 28_اپريل تي امريڪا ڪلئي عام جيڪي الزام هنيا آهن اهي نہ ڪرڻ گهربا هئا. پير صاحب هوٽل انٽر ڪانٽينيٽل ۾ ترسيل، هئو ڀُٽو ريلي کي وٺي پنڊيءَ جي رستن تان ٿيندو سڌو هوٽل انٽر ڪانٽينٽل ويو ۽ اتي پير صاحب سان ملاقات لاءِ سندس ڪمري ۾ ويو. ڀُٽي، پير صاحب سان اٽڪل هڪ ڪلاڪ ڳالهايو ۽ واپس اخبارن وارن کي گهڻو ڪونہ ٻڌايائين البتہ ٻئي ڏينهن پير صاحب پنهنجي گهر پهچي ويو.

انهيءَ وچ ۾ متحده عرب امارات جو وزير خارجہ خليفہ السعيد اسلام آباد پهتو ۽ ڀُٽي صاحب تائين اهو پيغام رسايو تہ ڀُٽي صاحب کي ڳالهين لاءِ آماده ڪري. ايتري ۾ عرب، ايران ۽ ٻين دوست ملڪن جي سفيرن جي درميان ڳالهيون شروع ٿيون. نيٺ ڀُٽي کي انهيءَ ڳالهہ لاءِ راضي ڪري ورتائون تہ ڳالهيون ڪن. اهو ٻڌنديئي مفتي محمود ڳالهين لاءِ ايجنڊا جي تياري شروع ڪري ڏني. مفتي محمود کي پير جي آڱوٺي ۾ تڪليف ٿي پئي تنهنڪري کيس اسپتال داخل ڪرايو ويو جتي ڀُٽي صاحب جي طرفان ڳالهين جي آڇ ڪيل هئي. مفتي محمود کي پنهنجن نظربند ساٿين سان صلاح مشوري لاءِ سهالا پهچايو ويو. اهڙيءَ طرح لبيا جو وزير خارجہ بہ اسلام آباد آيو پر اتي هڪ ڏينهن ترسي ڀُٽي سان ملاقات ڪري هليو ويو جنهن ۾ اهو چيل هئو تہ لبيا پاڪستان کي پرامن ۽ پرسڪون ملڪ ڏسڻ پئي گهريو. هتي هڪ ڳالهہ ڪرڻ ضروري آهي تہ 3 مئي جي رات جو وزيراعظم ڀُٽي ۽ مفتي محمود جي درميان هڪ خاص ملاقات ٿي، جيڪا ڪئي ڪلاڪ جاري رهي. ڇا وهيو ڇا واپريو پر اها ڳالهہ ضروري آهي تہ باهر آئي تہ اندروني معاملن ۾ بيروني ملڪن کي شامل نہ ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ سياڻي پي اين اي جي حڪومت اچي ويئي تہ پوءِ پيپلز پارٽيءَ کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي بعد ۾ خبر پئي تہ اهڙيون ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون. وزيراعظم جو سمورو زور انهيءَ ڳالهہ تي هئو تہ خلوص نيت سان ڳالهيون ڪيون وڃن.

ڀُٽي جي طرفان 15 صفحن تي مشتمل مسودو پيش ڪيو ويو. هن مسودي جي تياري ۾ محمود علي قصوري، ايس ايم ظفر، خالد اسحق جهڙا ڪل ٻارهن ماڻهو هئا. جواب ۾ پي اين اي طرفان مطالبن جي تفصيلي فهرست هئي، هنن مطالبن ۾ چوندن ۾ وڏي پئماني تي ڌانڌلين جا الزام، تحريڪ جي نتيجي ۾ جيڪي انتظامي قدم کنيا ويا انهن مان ڪو فائدو ڪونہ ٿيو ۽ ڪجهہ پراڻا مطالبا هئا. هن فهرست مان هنن ڳالهين تي ناهہ ٿيو. هڪ تہ قومي اسيمبلي ۽ چارئي

صوبائي ايمبليون ٽوڙيون وڃن. قومي اسيمبليءَ جون چونڊون 6 اڪتوبر بدران 10 اڪتوبر تي ڪرايون وڃن. هنن چونڊن جي نتيجي ۾ سينيٽ جا ميمبر نوان چونڊيا آهن. اهي سڀ خالي سيٽون تصور ڪيون وينديون. هن ٺاهه تي عمل لاءِ هڪ سپريم درآمدي ڪائونسل ٺاهي وڃي. چونڊن ڪانپوءِ صوبائي حڪومتن بابت معاملات صدر ۽ وفاقي حڪومتن جا اختيار سنڀاليندي. صوبائي اسيمبلين جي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ سمورا اختيار ڪائونسل سنڀاليندي. ڊفينس آف پاڪستان رولز کي ختم ڪيو ويندو ۽ انهن هيٺ جيترا ڪيس قائم ڪيا ويا آهن. سي ختم ڪيا وڃن. 1972ع کانپوءِ جن ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو تن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ هنن خلاف ڪيس ختم ڪيا وڃن. مارچ 1977ع جي تحريڪ شروع ٿيڻ کان وٺي جن ماڻهن جو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي، سو پيري ڏنو وڃي. جن پاڪستانين کي جلاوطن ڪيو ويو آهي تن کي واپس پاڪستان آندو وڃي. چونڊن جي درميان جن سرگرمين ۾ ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو تن کي آزاد ڪيو وڃي. اخبارن کي پوري آزادي ڏني وڃي. ضبط ٿيل پريسون کوليون وڃن. اهي ته ٿلها نڪتا ٿيا پر انهيءَ ڪانپوءِ فوجي امور انتظامي انتظامات طور جيڪي قدم کنيا وڃن. انهن تي ڪائونسل عمل ڪرائيندي ۽ سڀ کان اهم ڳالهه هئي هنن فيصلن کي قلم 154 طور عارضي آئين ۾ شامل ڪيو وڃي.

مطالبن جي هيڏي وڏي لسٽ ڏسي ڀٽو پريشان ٿي ويو ۽ هن چيو ته 5 مئي تي هن لسٽ تي غور ڪيو ويو هئو. هن لسٽ جي ڪري صورتحال ڏاڍي پيچيده ٿي ويئي آهي تنهنڪري پي اين اي صرف بنيادي مطالبا پيش ڪري. جواب ۾ پير صاحب پاڳاري اعلان ڪيو ته هڪ هفتي اندر هن تي عمل ڪيو وڃي ۽ 30 ڏينهن اندر چونڊون ڪرايون وڃن. لسٽ تمام ڊگهي هئي ۽ گهٽيون اڻ وڻندڙ ڳالهيون هن ۾ شامل هيون تنهنڪري پيپلز پارٽي 10 مئي تي پنهنجو اجلاس گهرايو.

◈ ◈ ◈

# ٢٨

- ٻالهين جو انتظار
- ناهہ جي طرف سفر
- ڪر جي مقرري

ٽئي ڌريون يعني حڪومت، متحده محاذ ۽ وچ ۾ ثالث ڪرائيندڙ دوست ملڪ اطمينان سان انهيءَ گهڙيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳا تہ سچ پچ ڳالهيون شروع ٿين. پهرين جون 1977ع تي سعودي عرب جي سفير شيخ رياض الخطيب ڀُٽي صاحب سان اڌ ڪلاڪ ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايو تہ متحده وارا اهو چاهين ٿا تہ ڀُٽو صاحب ڳالهين دوران ساڻن ڪا سياسي چال نہ ڪيڏي. انهيءَ سان گڏ اها بہ خاطري چاهيائون ٿي تہ ڳالهين دوران جيڪي تفصيلات ۽ جزئيات زير بحث اچن تہ اهي عام نہ ٿين. انهيءَ جي جواب ۾ حڪومتي ڌر هر قسم جي خاطري ڏياري.

شيخ زيد بن سلطان جا ڀُٽي سان دوستانہ تعلقات هئا، پر مفتي محمود سان ملاقات کانپوءِ خبر ناهي ڇا وهيو واپريو. شيخ زيد بنهہ غير جانبدار رهڻ جو فيصلو ڪيو. عرب دنيا جي سفيرن جيڪي ملاقاتون ڪيون، انهن ۾ اهو يقين ڏياريو ويو تہ ڀُٽو صاحب عالمي اصولن مطابق ڳالهيون ڪندو ۽ انصاف جو دامن هٿان نہ ڇڏيندو. جڏهن مفتي محمود پنهنجن انهن ساٿين جا نالا ٻڌايا تہ ساڻس ڳالهين ۾ ڪير هوندو تڏهن هنن کي آزاد ڪرڻ جو شرط وڌو ويو. مولانا نيازي ۽ ڀُٽي جي درميان اها ڳالهہ طئي ٿي ويئي هئي تہ ڳالهين ذريعي هر ٿيندڙ گفتگو کان ماڻهن کي آگاهہ ڪيو ويندو تہ جيئن لالچي نظرن کي گهٽي اميد نہ رهي. عجب

ڳالهہ اصغر خان جي هئي جنهن ڳالهين کان ٿوري دير پهرين اها ڳالهہ ورجائي تہ پُٽي سان ڳالهيون اجايون آهن. چاڪاڻ تہ جلد ئي فوج ٽيڪ اوور ڪرڻ واري آهي، جنهن کانپوءِ فوج چونڊون ڪرائيندي. مفتي محمود انتقال کان ٿورو اڳ اها ڳالهہ قومي اتحاد جي ليڊرن کي ٻڌائي چڪو هو تہ جنرلن اصغر خان سان وعدو ڪيو آهي تہ فوج چند ڪلاڪن اندر حڪومت تي قبضو ڪري وٺندي.

اڌ رات جو سعودي سفير اخبار وارن کي ايترو ٻڌايو تہ سعودي حڪومت جي ايما تي ڳالهيون شروع ٿي چڪيون آهن. سعودي سفير ڀُٽي جي سوالن جا جواب ڏنا تہ جيڪڏهن ڀُٽو استعيفا ڏئي تہ اقتدار ڪنهن جي حوالي ڪندو؟

ڳالهين جو پهريون دور 3 جون 1977ع تي وزيراعظم هائوس ۾ شروع ٿيو تہ ان کان اڳ حڪومت اصغر خان، مولانا شاهہ احمد نوراني ۽ خان اشرف خان کي فوراً آزاد ڪري ڇڏيو. اخبارن تان سنسر شپ ختم ڪئي ويئي، قلم 144 هيٺ جيڪي مالي ۽ جاني نقصان ٿيو هئو، سو بہ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان پروپيگنڊا بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. انهن مطالبن مڃڻ کانپوءِ قومي اتحاد بہ خير خگالي طور ايجي ٽيشن فوراً ختم ڪرڻ جي ڳالهہ مڃي ورتي. ڳالهين ختم ٿيڻ جي فوراً بعد وزيراعظم هائوس جي آڊيٽوريم ۾ هڪ بريفنگ ڏني ويئي جنهن تي هڪ اخبار واري سوال ڪيو تہ ڇا ٻئي ڌريون مطمئن آهن، جنهن جي جواب ۾ ٻنهي ڌرين ها ۾ جواب ڏنو. ڳالهين جو ٻيو دؤر 6 جون تي شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي هيئت بدلي ويئي جنهن کانپوءِ متحده وارا بظاهر هڪ متفقہ اسلامي نظام جي تشڪيل تي متفق ٿي ويا هئا. اسلامي ڪائونسل تي مسٽر جسٽس عبدالحليم ۽ مشيرن ۾ شريعت دمشق ڪاليج دمشق جو پروفيسر شيخ محمد مصطفيٰ، ڊاڪٽر ابودابي، پيرس مان ڊاڪٽر حميدالله جامع الازهر جو هڪ اسڪالر شامل هئا. پاڪستان جي طرفان مولانا احتشام الحق، مولانا غلام غوث هزاروي، مولانا ظفر احمد ندوي، جمال ميان فرنگي محلي، مولانا غلام ندوي فرنگي محلي، مولانا سيد اظهر حسين زيدي، علامہ نصيرالاجتهادي، مولانا حنيف ندوي، ڊاڪٽر پروين شوڪت ۽ غلام فاروق شامل هئا. ٽي نشستون مولانا مودودي، مولانا فتح محمد ۽ مولانا شاهہ احمد نورانيءَ لاءِ رکيون ويون.

هاڻي سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي لڳو پر انهيءَ سموري مقصد کي انهيءَ وقت جهٽڪو لڳو جڏهن مولانا مودودي، مولانا نوراني ۽ مفتي ڳالهين ۾ رهڻ کان نابري

واري چڙهي ڳالهين جو ٻيو دور جڏهن 5 جون تي پڄڻ وارو هئو تہ پروفيسر غفور اخبار وارن سان ڳالهائيندي انهيءَ ڳالهہ تي اطمينان جو اظهار ڪيو تہ هو چاهي ٿو تہ ڳالهيون جلد کان جلد مڪمل ٿي وڃن، پر انهيءَ کان اڳ هو اصغر خان ۽ مولانا نوراني سان صلاح مشورو ڪرڻ گهري ٿو.

انهيءَ ڳالهہ ڪرڻ جو مقصد ڇا هئو اهو تہ متحده وارو ڪو بہ ٻڌائي نہ سگهيو البتہ هن چاهيو ٿي تہ اصغر خان، مولانا نوراني، بيگم نسيم ولي خان ۽ شير باز مزاري کي انهيءَ ڳالهہ تي آماده ڪن تہ في الحال هو پنهنجو وات بند رکن. ڇاڪاڻ تہ اها ڳالهہ پوءِ کُلي تہ مولانا نوراني، سردار مزاري ۽ بيگم نسيم ولي خان نتيجہ خيز ڳالهين جي حق ۾ ڪونہ هئا. بلڪ هو گهڙي گهڙي انهيءَ ڳالهہ تي زور پرڻ لڳا تہ "هاڻي مارشل لا لڳڻ گهرجي." انهيءَ ڳالهہ تان پردو انهيءَ مهل کڄيو جڏهن 4 جولاءِ [×] جي عشائيہ پي اين اي ميٽنگ ٿي. هيءَ دعوت سردار قيوم جي گهر ڏني ويئي هئي ۽ انهيءَ ميٽنگ ۾ انهيءَ نڪتي تي اصغر خان ۽ پروفيسر غفور جي وچ ۾ سخت لفظن جي ڏي وٺ بہ ٿي هئي. بلڪ سچ تہ هيءُ آهي تہ اصغر خان هر ميٽنگ کان پوءِ مصالحتي ٽيم تي سخت اعتراض ڪندو هو.[*]

هاڻي فيصلہ ڪن ڏينهن اچڻ لڳا هئا، ڇهين جون تي يارهين بجي ڳالهيون شروع ٿيون تہ هيءَ ميٽنگ انهيءَ ڪري بہ اهم هئي تہ هن ۾ بہ فارمولا بحث هيٺ آيا. هڪٻئي سان وعدو ڪيو ويو تہ آخر وقت تائين انهن مامرن کي مخفي رکيو ويندو. ٽُئي صاحب سان گڏ مولانا نيازي ۽ حفيظ پيرزادو هئا جڏهن تہ مفتي محمود سان گڏ نوابزاده نصرالله خان ۽ پروفيسر غفور هئا. ٻئي فارمولا ٽُئي پيش ڪيا. پهرين مطالبي ۾ هئو تہ 7 مارچ وارين چونڊن کي ختم قرار ڏنو وڃي ۽ نئين سر چونڊون ڪرايون وڃن. ٻئي فارمولا ۾ اهو چيل هئو تہ جيڪي متنازعہ سيٽون هيون تن تي ري پولنگ ڪرائي وڃي.

پي اين اي تحريڪ دوران گرفتار ٿيلن جا تفصيل گهريا ويا جنهن جي لاءِ وعدو ڪيو ويو تہ اها ٻئي ڏينهن ملي ويندي، البتہ اوڏيءَ مهل ڪيس ٻڌايو ويو 3 جون وارين ڳالهين جي نتيجي ۾ بہ هزار ماڻهو آزاد ڪيا ويا آهن. پي اين اي جو

---

× امريڪي آزاديءَ جو ڏينهن جنهن ۾ تقريباً سمورا ليڊر شريڪ ٿيندا هئا ۽ هن پيري بہ شريڪ ٿيا هئا.

* مولانا نيازي، ص 147

مسئلو اهو ئي هو تہ هو ڪنهن بہ معاهدي سان ٻڌل نہ رهندي. تنهنڪري هن اهي ٻئي فارمولا رکي ڇڏيا. ميٽنگ ۾ شريڪ ماڻهن کيس سمجهايو تہ ڳالهين ۾ ائين ٿيندو آهي، ڪجهہ ڳالهيون اڳتي پوئتي ٿينديون آهن. پر پي اين اي صفا پڙ ڪڍي ويهي رهي. منجهند جو پريس ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ پروفيسر غفور ٻڌايو تہ حل ۾ ڪا بہ غير آئيني ڳالهہ ڪانہ ٿيندي. هڪ سوال جي جواب ۾ پروفيسر هڪ غير ملڪي اخبار واري کي ٻڌايو تہ ڪڏهن بہ ڪو ناهہ ٿيو تہ آئين ۾ گهربل ترميم ضرور ڪئي ويندي پر اها ترميم ٻنهي ڌرين جي مرضيءَ سان ٿيندي.

سڄو ڏينهن شهرن ۽ اخباري دنيا ۾ مختلف رايا ڦرندا رهيا. شام جو پيپلز پارٽي جي پارليماني پارٽيءَ جي ميٽنگ ڀٽي صاحب جي صدارت ۾ ٿي جنهن ۾ ميمبرن اتفاق راءِ سان اهو فيصلو ڪيو تہ جنهن بہ فارمولا تي ڀٽو صاحب راضي ٿيندو سو سيني کي قبول هوندو.

شام جو قومي اسيمبليءَ جو اجلاس شروع ٿي ويو. جماعت اسلامي جو مولانا طفيل احمد بہ راولپنڊي پهچي ويو هئو جتي هن سعودي ۽ ڪويتي سفيرن سان ملاقاتون ڪيون، ستين جون تي جيڪي ڳالهيون ٿيون، تن جي نتيجي ۾ متحده مجلس عمل نئين سر چونڊون ڪرائڻ واري فارمولا کي قبول ڪري ورتو. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پروفيسر غفور ۽ حفيظ پيرزادي کي انهيءَ ڪم لاءِ مامور ڪيو ويو تہ هو آئين ۾ ضروري ترميم ڪن. انهيءَ ڏينهن پروفيسر غفور، ڪليل لفظن ۾ ٻڌايو تہ هن کي اهو قبول ناهي ۽ هو مارشل لا لاءِ انتظار ڪري رهيو آهي، تنهنڪري باقي ڪم تمام جلد ٿيڻ گهرجن. ساڳي ڏينهن شام جو پرائيم منسٽر کي ٻڌايو ويو تہ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ لڳايل جزوي مارشل لا ختم ڪيو ويو آهي ۽ مارشل لا جي زماني ۾ جن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو هئو تن کي آزاد ڪ ڪيو پيو وڃي ۽ سندن سزائون ختم ڪيون پيون وڃن. اهڙن ماڻهن جو تعداد ڪوئي ٻارهن هزارن جي لڳ ڀڳ هئو.

ڳالهين دوران پيپلز پارٽي اهو موقف اختيار ڪيو هو تہ چونڊون هڪ سال لاءِ ملتوي ڪيون وڃن. پر متحده وارن جو چوڻ هو تہ اهو سمورو عمل اڪٽوبر ۾ ٿي وڃڻ گهرجي.

هيءَ ڳالهہ قابل ذڪر آهي تہ رات وارين ڳالهين دوران اصغر خان شرڪت ئي ڪانہ ڪئي پر انهيءَ ڏينهن هن پشاور ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي، جنهن ۾ هن چيو تہ متحده محاذ ۾ شامل ٿيڻ جو سندس مقصد ملڪ ۾ مارشل لا آڻڻ هئو ۽

جيڪڏهن سيئي گڏ ٿي ويا تڏهن بہ هو اڪيلو ئي تحريڪ هلائيندو... بلڪ هن جو پهريون شرط ئي اهو هو تہ ڀٽو وزارت عظميٰ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي.

هاڻي آئيني ترميمن جو وارو هئو. انين جون تي سب ڪميٽي جو اجلاس اسٽيٽ بئنڪ بلڊنگ ۾ ٿيڻو هئو. پروفيسر غفور انهيءَ وقت ٻڌايو تہ متحده محاذ ماهرين جي جيڪا رپورٽ تيار ڪئي آهي سا حفيظ پيرزادي جي آڏو رکي وئي آهي. تجويزون ڏسي حفيظ پيرزادي چيو جو تہ مٿو ئي ڦري ويو. ان ۾ چونڊن جي تاريخ ۽ ان جي لاءِ ضروري انتظامن بدران صوبائي ڍانچن. ۽ اهڙين ننڍين ننڍين ڳالهين جو ذڪر بہ ڪيل هئو جن تي نہ پيپلز پارٽيءَ وارن غور ڪيو هئو نہ اهي ڳالهين دوران ايريون ۽ نہ وري انهن جو وڏي پيماني تي ٺاهہ ۾ ڪا جاءِ هئي. تنهنڪري اهو مسودو اڻ پورو سمجهي ۽ اختلافي ڳالهين واري اعليٰ سطح جي اجلاس ۾ پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. بعد ۾ مفتي اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو تہ "ضروري تحفظات ڪانسواءِ هيءَ چونڊون غير ضروري آهن." بلڪ پاڻ، سعودي سفير، نوابزاده نصرالله خان ۽ مولانا نوراني کي ساڻ ڪري سڌو سعودي سفير وٽ ويا. جنهن ۾ نوراني کيس ٻڌايو تہ ڪهڙي بہ حالت ۾ هو قومي اسيمبليءَ جي هلندڙ اجلاس ۾ شرڪت نٿا ڪري سگهن.

هاڻي سڄي صورتحال بدلجي بلڪ منجهي چڪي هئي، نائين جُون تي اها ڳالهہ صاف ظاهر ٿي چڪي هئي تہ متحده وارا پنهنجي ضد تي قائم رهندا. بلڪ مفتي محمود ايستائين چئي ڇڏيو تہ جيڪڏهن اڄ اهي اختلافات ختم نٿا ٿي سگهن تہ ورندڙ ڏينهن وارين ڳالهين ۾ هو شرڪت نہ ڪري سگهندا. شايد ڀٽو صاحب قانوني وزارت جي آفيسرن جي حوالي ڪرڻ بدران اهي اختلافي نوٽ. سياسي ورڪرن ۽ ماهرن حوالي ڪري ڇڏي ها تہ اهو معاملو گهڻي ديهہ نہ وٺي ها. انهيءَ ڏينهن ڀٽي جو پراڻو ساٿي ملڪ غلام مصطفيٰ کر پيپلز پارٽي ۾ واپس شامل ٿي ويو هو. تنهنڪري کيس وري پنهنجو سياسي مشير ڪري ڇڏيو. کَر جي مقرري متحده محاذ لاءِ ڇڙڪ چپ ٿي ڪريو. هنن سمجهيو تہ شايد ڀٽو صاحب کين کر جي ذريعي دهشت زده ڪرڻ گهري ٿو.

هاڻي ڳالهيون انجام طرف وڌي رهيون هيون. ڏهين جون تي ڳالهين جو پنجون اجلاس هئو ۽ پوڻا بہ ڪلاڪ هليو هن ۾ بہ قومي اتحاد پنهنجي ضد تي قائم رهيو. اڳين اجلاس جي مقابلي ۾ هيءُ اجلاس ٿوري مدت ۾ پورو ٿي ويو. آخر ۾ پريس ڪانفرنس جي ذريعي پڙهي ٻڌايو ويو جيڪو صرف ٽن سٽن تي مشتمل

هئو ڇاڪاڻ تہ ٻئي ڏينهن بجٽ اجلاس هئو.

هاڻي الزامن جي ڪلم ڪلا ڏي وٺ ٿيڻ لڳي، يارهين جون تي اصغر خان راولپنڊي ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي، ڦيٿا روڪ هڙتال جي ڌمڪي ڏني. پروفيسر غفور بہ ڳالهين ۾ اجائي دير تي نڪتہ چيني ڪئي، نوابزاده نصرالله خان، سعودي سفير سان ملاقات ڪري شڪايت ڪئي تہ پيرزاده خوامخواه ڳالهين کي منجهائي ۽ ديگهہ ڏيئي رهيو آهي. انهيءَ جي جواب ۾ 12 جون تي سعودي سفير، ڏار ڏار ڀُٽي صاحب ۽ مفتي محمود سان ملاقاتون ڪيون ۽ "ڪجھہ ڏيو ڪجھہ وٺو" جي آڌار تي فوراً معاهدو ڪرڻ جي صلاح ڏني. ساڳي ڏينهن ستون اجلاس شروع ٿيو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين، هڪٻئي جي جوابن تي غور ڪرڻ شروع ڪيو. مفتي محمود اهو مسودو سامهون رکي ٻئي ڏينهن جواب ڏيڻ جو وعدو ڪيو. جيتوڻيڪ انهيءَ وقت ۾ هاڻي بہ اهو محسوس ٿي رهيو هو تہ ان وقت ديڊلاڪ ختم ٿي سگهيو ٿي.

جيڪڏهن 12 جون واري معاهدي تي عمل ٿي وڃي ها تہ گهڻي گهل جي ضرورت نہ رهي ها پر انهيءَ ڏينهن حڪومت پنهنجو مسودو قومي اتحاد جي حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن جو اصل مسودو هيءُ آهي،* "هيءَ ناهہ پاڪستان جي وزيراعظم ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سربراهہ ذوالفقار علي ڀُٽي جي وچ ۾ ٿيو. جن کي هن ڪانپوءِ ٻهرين ڌر ۽ ٻي ڌ سڏيو ويندو."

"جيئن تہ ٻنهي ڌرين وچ ۾ هڪ نمائنده حيثيت سان پرامن ماحول ۾ ٿيون جن ۾ ٻهرين ڌر جي مدد عبدالحفيظ پيرزادي ۽ مولانا نيازي ڪئي، ٻي ڌر جي مدد نوابزادي نصرالله خان ۽ پروفيسر غفور احمد ڪئي ۽ حالتن کي پرسڪون بنائڻ لاءِ ۽ معمول تي آڻڻ لاءِ قومي اتحاد جي سمورن نظر بند ليڊرن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڪيو ڪراچي، لاهور ۽ حيدرآباد ضلعن مان مارشل لا هٽايو ويو انهن ماڻهن جي مالي مدد ڪئي جن جون جانيون ضايع ٿيون يا وري مال ملڪيت کي نقصان پهتو ڪرفيو ۽ قلم 144 جي ڀڃڪڙي ڪرڻ وارن جي آزاديءَ جو حڪم ڪيو ۽ انهيءَ سان گڏ انهن 524 ماڻهن کي بہ آزاد ڪرڻ جو حڪم ڪيو جيڪي مختلف الزامن هيٺ نظربند هئا، ۽ موٽ ۾ ٻي ڌر مارچ 1977ع ۾ شروع احتجاج معطل ڪرڻ تي آمادگي ظاهر ڪئي آهي، جيڪا هن مارچ چونڊن بعد شروع

* مولانا نيازي، ص 152 ـ 158

ڏنئي، ۽ جيئن تہ ديانتدارانہ ۽ صاف سٿرين چونڊن لاءِ ضروري آهي تہ ٻنهي ڌرين فيصلو ڪيو آهي تہ ٺاهہ جا شرط هيٺيان هوندا:

1. پاڪستان جي قومي اسيمبلي ۽ چارئي صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون وينديون، قومي اسيمبليءَ انهيءَ سلسلي ۾ ضروري ترميمون ڪنديءَ اهڙا قانون ٺاهيندي جيڪي هن ٺاهہ لاءِ ضروري آهن.
2. صوبائي وزرااعليٰ جي هيٺ جيڪي صوبائي حڪومتون آهن سي ان ڏينهن کان ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏينديون، انهيءَ لاءِ ٿيندڙ ضروري ترميمون 234 جي آرٽيڪل جي ويجهو هونديون.
3. قومي اسيمبلي جون چونڊون 7ـ1 اڪٽوبر 1977ع تي ڪرايون وڃن. صوبائي اسيمبلي جون چونڊون بہ ساڳي تاريخ تي ٿينديون يا وري قومي اسيمبليءَ جي چونڊن جي ٽن ڏينهن اندر ڪرايون وڃن.
4. سينيٽ جا اهي ميمبر جيڪي 5ـآگسٽ 1977ع کان پنهنجن عهدن تان رٽائر ٿيندا سي پنهنجن عهدن تي برقرار رهندا.

سينيٽ جا اهي ميمبر جن کي قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين چونڊيو آهي سي، قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي خاتمي کان پوءِ استعيفا ڏئي ڇڏيندا.

5. 24 جنوري 1977ع کانپوءِ جيڪي احتجاجي تحريڪ، گڙ ٻڙ ۽ امتناعي نظربند قانونن هيٺ گرفتار ڪيو ويو تن کي فوراً آزاد ڪيو ويندو سواءِ انهن جي جيڪي غنڊا آهن، لوٽ مار، زنا بالجبر ۽ باهہ لڳائڻ جا الزام آهن، تن جي خلاف الزامن جي جاچ ڪرائي ويندي، تہ جيئن فيصلو ڪيو وڃي تہ انهن مان ڪهڙا آزاد ڪيا وڃن.
6. هن ڪميٽي جي رڪنن جي درميان ڪا بہ اختلاف راءِ ٿئي تہ انهن کي عملدرآمد ڪائونسل موڪليو وڃي.
7. 14 مارچ 1977ع کانپوءِ ٿيندڙ تحريڪ يا گڙٻڙ جي دوران مارجي ويا، شديد زخمي ٿيا تن جو معاوضو هنن جي ويجهن مائٽن کي پهچايو ويندو. اهڙو معاوضو پارٽي لاڳاپن کان هٽي ڪري ڏنو ويندو.

8. هن ئاهہ تي صحيح ٿيڻ شرط آرٽيڪل 232 ۽ 280 هيٺ نافذ ڪيل سمورين هنگامي حالتون ختم ڪيون وينديون.

9. ئاهہ تي صحيح ٿيڻ جي فوراً بعد ڊفينس آف پاڪستان رولس کي ختم ڪيو ويندو نہ صرف ايترو پر هن قانون هيٺ سمورا قائدا قانون بہ ختم ٿي ويندا. تنهن هوندي بہ هن قانون هيٺ دشمن جي جائيداد ۽ حصول جائيداد سان لاڳاپيل سمورا قانون جاري رهندا.

10. ئاهہ ٿيندي ئي ڊفينس آف پاڪستان آرڊيننس ختم ٿي ويندو ۽ هن هيٺ جيڪي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن سي ڪم بند ڪري ڇڏيندا ۽ ان ۾ هلندڙ سمورا مقدمات عام ڪورٽن ۾ هليا ويندا، جتي مٿن عام قانونن هيٺ ڪارروائي ٿيندي.

11. صحيح ٿيندي ئي پاڪستان آرمي ايڪٽ ۾ 12 اپريل 1977ع جي مطابق ترميمون جيڪي ايڪٽ ايڪس 1977ع هيٺ قائم ڪيون ويون سي ختم ڪيون وينديون، تنهن هوندي بہ جيڪي اپيلون انهن هيٺ زير سماعت هونديون، سي ٻڌڻ لاءِ قائم رهنديون.

12. صحيح ٿيڻ جي ڇهن مهينن ڪانپوءِ فوج کي شهري انتظاميہ جي مدد لاءِ رکيون وينديون.

13. عوامي نمائندگي جي قانون ۾ هيٺيون تبديليون آنديون وينديون

الف۔ مارچ 1977ع جي نتيجن ۾ دائر ٿيل سمورين اپيلون ختم ڪيون وينديون.

ب۔ آئينده چونڊن جا نتيجا اليڪشن ڪميشن جي اعلان کان اڳ شايع يا نشر نہ ڪيا ويندا.

ج ۔ اليڪشن جي ڏينهن هٿياربند فوجن، پوليس سميت سول آرمڊ فورس کي چونڊن ۾ امن برقرار رکڻ لاءِ گهرائي سگهجي ٿو.

14. پنهي ڌرين کي هڪ هفتي جي اندر ضابطہ اخلاق جاري ڪرڻو پوندو جنهن هيٺ هي معاملا شامل هوندا:

الف۔ چونڊن لاءِ قاعدا

ب۔ چونڊن وران سمورين قانوني سرگرمين جي بناروڪ جي اجازت هوندي

ج ۔ چونڊن واري مهم دوران اخبارن ۽ ريڊيو وارن جي لاءِ قاعدا

قانون.

د- آزادي صحافت جنهن ۾ انهن اخبارن جا ڊڪليئريشن جي بحالي بہ شامل آهي، جن جي ڇاپڻ تي پابندي آهي.

ر - انتخابي مهم دوران ڪنهن بہ شخص کي ڏوهہ ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪري سگهجي ٿو ۽ هن خلاف ڪارروائي ڪري سگهجي ٿي.

س- چونڊ مهم دوران جلوس ڪڍي سگهجن ٿا.

ش- سرڪاري تحويل ۾ موجود ذرائع ابلاغ جي ذريعي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي فيصلي مطابق غير جانبداري ۽ معقول توازن قائم رکيو ويندو.

15. آئين پاڪستان ۾ هن طرح جي ترميم نٿي ڪري سگهجي تہ (الف) شيڊيول ۾ طئہ ٿيل ترميمن کي آئين ۾ شامل ڪيو وڃي. (ب) پيراگراف 16 ۽ 17 ۾ آئين ڪميشن جي نئين سر تشڪيل.

16. اليڪشن ڪميشن هڪ چيئرمين ۽ چئن ميمبرن تي ٻڌل هوندي، چيئرمن جون ذميواريون اهي هونديون جيڪي آئين جي آرٽيڪل 213 ۾ ڄاڻايل آهن. هڪ ميمبر هاءِ ڪورٽ جو جج هوندو، هي مقرريون صدر پاڪستان پهرين ڌر جي صلاح سان ڪندو تنهن هوندي بہ پهرين ڌر ٻي ڌر سان صلاح ڪندي.

17. اليڪشن ڪمشنر نئون مقرر ڪيو ويندو.

18. هن ٺاهہ تي عمل دوران جيڪڏهن اختلاف يا تنازعہ پيدا ٿي وڃي تہ فيصلي لاءِ درآمد ڪائونسل کي پيش ڪيو ويندو جيڪا شق 19 هيٺ وجود ۾ ايندي.

19. عمل درآمد واري ڪائونسل ڏهن ميمبرن تي مشتمل هوندي جنهن ۾ چيئرمين شامل هوندو. ڪائونسل جي جوڙجڪ جو طريقہ ڪار هيٺئين ريت هوندو:

وزيراعظم پاڪستان ذوالفقار علي ڀٽو ڪائونسل جو چيئرمن هوندو.

ب- چيئرمن جي غير موجودگي ۾ اجلاس جي صدارت مفتي محمود ڪندو.

ج۔ مسٽر ذوالفقار علي ڀٽو ۽ مفتي محمود مان هر
هڪ اهڙا چار ميمبر نامزد ڪندا جيڪي
پهرين عام چونڊن واري قومي اسيمبلي يا
پارليامينٽ جا ميمبر رهيا هجن.

د۔ ڪائونسل جي متفقہ فيصلي تي پهرين ڏر عمل
ڪندي انهيءَ مقصد لاءِ وزيراعظم پنهنجي حيثيت
سان پنهنجا انتظامي اختيار استعمال ڪندو.

20. عمل درآمد ڪائونسل، ديانتدار، منصفاڻي ۽ صاف سٿرين چونڊن ڪرائڻ يا انهيءَ معاملي ۾ ڪنهن ڏر جي شڪايت تي ڪارروائي ڪندي

21. جيڪڏهن عمل درآمد ڪائونسل ڪنهن متفقہ فيصلي تي نہ پهچي سگهي تہ سپريم ڪورٽ کي موڪلي سگهجي ٿو.

22. اهڙا سمورا معاملا جيڪي پيراگراف 21 هيٺ سپريم ڪورٽ کي موڪليا ويندا، تن جي فيصلي لاءِ چيف جسٽس آف پاڪستان، ٽن ججن کي مقرر ڪندو. چيف جسٽس پنهنجو پاڻ کي ثالث طور مقرر ڪري سگهي ٿو.

23. چيف جسٽس جا مقرر ڪيل ثالث ڏرين جي نامزد افراد جي موقف جي سماعت ڪري سگهن ٿا ۽ 72 ڪلاڪن اندر فيصلو ڏئي سگهن ٿا. ثالثن جي سموري سماعت بند ڪمري ۾ ٿيندي.

24. ثالث ڪارروائي دوران شاهدين قلمبند ڪرڻ جا پابند نہ هوندا ۽ فيصلي لاءِ تمام مختصر سبب ڄاڻائي سگهجي ٿو.

◈ ◈ ◈

# ٢٩

## • آخري فيصلو
## • اصغر خان جي هوڏ

ڀُٽي صاحب جرنيلن کي آخر ۾ ٻڌايو تہ اسان بہ پنهنجو ڪارڊ تيار ڪيو آهي ۽ اسان جي ڪوشش آهي تہ اي اين پي جو ڪارڊ آڏو رکي ڪوئي گڏيل فارمولا تيار ڪيو وڃي. هن چيو تہ اڄ ئي شام جو هو پنهنجو ڪارڊ تيار ڪري پي اين اي جي سامهون رکي ڇڏيندا سين. ان ڪانپوءِ ميٽنگ ختم ٿي ويئي.*

شام جو پيپلز پارٽي جي ميٽنگ ٿي، سوا ٻن ڪلاڪن جي هڪ اجلاس ڪانپوءِ مسٽر ڀُٽي پنهنجو ٻيو مسودو ميٽنگ آڏو پيش ڪيو. ڀُٽي مسئلا آڏو رکيا ويا. ڪلاز باءِ ڪلاز گفتگو ڪئي ويئي، جيڪي ڪلاز اختلاف ۾ هئا، تن کي ڌار رکيو ويو. بحث ۾ گهڻو وقت عمل درآمد ڪائونسل جي تشڪيل تي ضايع ٿيو مسٽر ڀُٽي، مفتي محمود کي ٻڌايو تہ هن مسودي جي گهڻن ٽِڻن ڪلازز تي جنرل ضياءَ الحق کي اعتراض آهي. آءٌ آرمي چيف جي سامهون پنهنجو نڪتہ نظر بيان ڪرڻ گهران ٿو.

26 جون جو ڏينهن آچر هئو ان ڏينهن محمود باقاعده هڪ پريس ڪانفرنس ڪئي ۽ حڪومت کي چتاءُ ڏنو تہ آئيني تحفظات ڪانسواءِ چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو ۽ اسان پنهنجي موقف جي حمايت ۾ عرب ملڪن ۾ پنهنجا حامي سفير موڪليندا سين.

---

* نيازي، 177، 178

پروفيسر غفور احمد جي ٻوليءَ ۾ ڇڙ روز مره ڪان وڌيڪ هئي ۽ پوءِ چاهي ڪيس اها ڳالهه وٺي يا نه وٺي، عملدرآمد ڪائونسل جي موقف ۽ اسان جو موقف ساڳيو رهندو. هاڻي جيڪڏهن ڳالهيون ناڪام ٿين ٿيون ته اسان هڪ ڀيرو وري جيل وڃڻ لاءِ تيار آهيون. حڪومت لاءِ هي آخري الٽيميٽم هوندو. سان اهي ٽئي مسودا اخبارن کي موڪلي ڏنا آهن ۽ هر ڪو ليڊر پنهنجي گهر روانو ٿي ويو آهي.

لاهور ۾ به بيگم نسيم ولي ۽ سردار شير باز هڪ عام جلسي کي خطاب ڪري رهيا هئا جنهن ۾ حڪومت جي نيت تي سخت حملا ڪيا ويا هئا. ڪجهه جهڙپون ٿيون. ڪجهه منظر ائين ٿي لڳا، ڄڻڪ اسان 16 مارچ 1977ع تي بيٺا آهيون.

پشاور واري جلسي جي ٻن ڏينهن ڪانپوءِ حفيظ پيرزادي، پروفيسر غفور سان ملاقات ڪري هڪ نئون مسودو ڏنو جيڪو پي اين اي ونڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ هي ياد ڏياريو ته هي مسودو ڪنهن امريڪي ايٽمي ڌماڪي هيٺ ڪونه ڏنو ويو ۽ هي مسودو واپس ڪٽي وڃي.

وزيراعظم ٻئي ساڳي ڏينهن پنهنجي چيمبر ۾ پريس ڪانفرنس سڏائي چيو ته آءُ سپر گورنمينٽ قبول نه ڪندس. هيءَ ڳالهه اها ئي هئي جيڪا هن 25 جون واري ميٽنگ ۾ استعمال ڪئي. پي اين اي نگران درآمد ڪائونسل ڪان وڌيڪ اختيار رکڻ چاهي ٿي پر اها ڳالهه سمجهه ۾ اچڻ گهرجي ته ناهه ٿيندو ته آئيني تقاضائن مطابق ٿيندو نه ته نه. تعطل وڌندو ته ڳالهه اسان سياستدانن جي هٿن مان نڪري ويندي. پي اين اي کي حڪومت ۾ شامل ڪونه ڪنداسين. مون کي حڪومت جي ڪا پرواهه ڪانهي... آءُ هر وقت لاڙڪاڻي وڃڻ لاءِ تيار آهيان. . . پوءِ پلي فرشتا اچن! آءُ سرمايدارن جي ته اهڙي چمڙي اديڙي رکندس جو هنن جا آئيندي جا نسل ياد رکندا.

ٻئي جا لفظ تمام صاف هئا انهن ۾ بي ڪا معنيٰ لڪل ڪانه هئي پر هن پريس ڪانفرنس ڪانپوءِ سعودي سفير رياض الخطيب ساڻس ملاقات ڪئي ۽ چيو ته ڪيس اهڙو سخت لهجو اختيار نه ڪرڻ گهرجي ها.

اصغر خان انهيءَ وقت پوري تحريڪ جو هيرو سمجهيو پئي ويو تنهن ساڳي ڏينهن ٽيڪسيلا ۾ عام جلسو ڪيو ۽ چيو ته "هاڻي بس! اسان جو هڪ ئي مطالبو هوندو ته وزيراعظم تبديل ڪيو وڃي."

سفيرن جون ٻنهي ڌرين سان يعني حڪومت ۽ پي اين سان ملاقاتون ٿينديون رهيون. جنهن جو نتيجو هيءُ نڪتو تہ ڀُٽي صاحب, مفتي محمود سان فون تي ڳالهايو ۽ وڌيڪ ڪنهن بہ چوڻ ڪانسواءِ يعني 29 جُون تي ملاقات جي دعوت ڏني. مفتي محمود جي ڳالهہ ۾ ڪا هيري ڦيري ڪانہ هئي. اها ڳالهہ صاف ٿي ويئي تہ قومي اتحاد جي ڪنهن ليڊر کي گرفتار نہ ڪيو ويندو ۽ ٻئي ڏينهن تي يعني 30 جون تي ناهہ ٿي ويندو. ساڳي شام جو ڀُٽي ۽ مفتي محمود جي هڪ ملاقات پي ايم هائوس ۾ ٿي، جنهن ۾ ٽيون ڪو ماڻهو ڪونہ گهرايو ويو. ٽيهين جون تي حفيظ پيرزادي ۽ پروفيسر غفور جي ملاقات لاءِ وقت مقرر ٿيو. ٻنهي ڄڻن ڪنهن ٻئي عذر ۽ ڪنهن تحفظ جي بدران اهي تجويزون آڏو آنديون تہ ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪهڙيون فائديمند هيون.

پهرين جولاءِ تي رات جو ڪيبنيٽ روم ۾ ساڍي ڏهين بجي ڳالهيون شروع ٿيون ۽ فوج جي نڪتہ نظر ٻُڌڻ لاءِ هنن جي عيوضين کي بہ گهرايو ويو. رات 11 بجي ڳالهيون شروع ٿينديون. جيستائين ملاقات شروع ٿئي تيستائين مفتي محمود کين ٻڌائيندو رهيو تہ ڪهڙن نُڪتن تي فوج کي اعتراض آهي ۽ اهي سول حڪومت جي ڪهڙن معاملن ۾ مدد ڪن.

ٻارهين بجيءَ کان پوءِ جنرل ضياء الحق ساڻس گڏ هئو جنهن ڪچ ۾ ڪوئي ڇهہ نقشا ويڙهي رکيا هئا انهن کي اهڙيءَ طرح رکيو جو هر ڪو انهن کي پنهنجين سيٽن تان پڙهي سگهي. هن سان گڏ هڪ نوجوان بہ هئو جنهن کي اڳتي هلي جنرل عارف محمود جي نالي سڏيو ويو. نهايت خاموش رهيو ۽ پوري ميٽنگ ۾ هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو.

جنرل ضياء الحق آخر اٿي بيٺو ۽ پنهنجي ڏنڊيءَ سان نقشن ۾ پاڪستاني سرحد تي ٻنهي ملڪن جي فوجن جي موجودگي سمجهائي رهيو هو.

فوجن جي پوزيشن بابت ٻڌائيندي، هن ملڪ ۾ آئيني ۽ سياسي بحران ۽ انهن جي فائ' ن ۽ نقصانن تي ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيو پر انهيءَ سان گڏ سياسي ناهہ جي ضرورت تي بہ چوڻ شروع ڪيو. نيٺ نوابزاده نصرالله کان رهيو ڪونہ ٿيو ۽ هن چوڻ شروع ڪيو: "اسان هتي سياسي وعظ ٻڌڻ ڪونہ آيا آهيون. اسان سياست کي ڏاڍو سمجهون ٿا. هاڻي اوهان کي فوج جو نڪتہ نظر بيان ڪرڻو آهي تہ اهو اوهان ڪري چڪا آهيو ۽ اهو ڪافي آهي."

نصرالله خان جي ڪاوڙ ڏسي جنرل ضياء ڏاڍو پريشان ٿي ويو سمورو ماحول

ڪشيده ٿي ويو پر پُٽي صاحب پنهنجي عقل ۽ تدبر سان ٺڏو ڪري ورتو. ٿوريءَ دير کان پوءِ جنرل ضياء الحق به اجلاس ڇڏي ويو. اهو طئه ڪرڻ سان گڏ ۽ رات جو ائين بجي وري گڏ ٿيڻ جي اعلان سان، هي اجلاس ملتوي ڪري ڇڏيو.

ساڳي شام سيني کي خبر ملي ته لاهور ۾ پيپلز پارٽي ۽ قومي اتحاد جي ورڪرن درميان هنگاما شروع ٿيا ۽ اهي ڳالهيون عام ٿيڻ لڳيون ته هاڻي تحريڪ زور شور سان هلائي ويندي. ڇا ٿيڻ گهرجي ۽ ڇا نه گهرجي ها تنهن جو تجزيو ته ان وقت ڪو به نٿي ڪري سگهيو. هڪ گهمرو وري اجلاس شروع ٿيو. ساڍا 3 ڪلاڪن کانپوءِ صبح ساڍي 6 بجي ختم. هي صبح جو 2 جولاءِ واري ڏينهن جي هئي. هڪ هڪ ڪري سمورن مسئلن تي ناهه ٿيندو ويو. مفتي محمود اعلان ڪيو ته اج پي پي ۽ متحده مجلس عمل جي اجلاس ۾ پوري صورتحال رکي ويندي ۽ جيڪڏهن عمل واري ڪائونسل هائوڪار ڪئي ته جهٽ پٽ ان تي صحيحون ڪيون وينديون.

ساڳي ڏينهن قومي اتحاد جي هاءِ ڪمان جو اجلاس تحريڪ استقلال جي تصدق حسين جي گهر هلندو رهيو. مفتي محمود ۽ پروفيسر غفور کي اصغر خان ايترو تنگ ڪيو جو هن بيزاري سان چيو ته نيٺ اسان ڪري به ڇا ٿي سگهياسين ۽ اصغر خان بلڪل فوجي ڪمانڊ واري لهجي ۾ چيو ته "اوهان اٿي هلي وڃي ته سگهيا ٿي؟ ڪهڙي گڏهه اوهان کي سڄي رات جاڳڻ جو مشورو ڏنو هو. هيءَ ته پُٽي جي چال هوندي هئي ته ماڻهن کي جاڳائي جاڳائي مارينده. هيءُ ناهه صرف لفظن جي توڙ پوتاڙ هئي جنهن کي اوهان ماڻهو سمجهي نه سگهيا. آءٌ هن ناهه تي لعنت ٿو وجهان ۽ ماڻهن کي ٻڌائيندس ته اوهان شهيدن جي رت سان غداري ڪئي آهي." چئني ڪُنڊُن ۾ سانت ڇانئجي ويئي. نيٺ نوراني جي سمجهائڻ تي اصغر خان ڪجهه ٺڏو ٿيو ته مٿان مولانا نوراني سوال ڪري وڌو.

"هاڻي نيٺ ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

اصغر خان ڪاوڙ جي لهجي ۾ چيو: "هاڻي اوهان سڀ وچ مان هٽي وڃو. آءٌ اڳيان پاڻ اڪيلو هن سموري مسئلي کي هئنڊل ڪندس. ۽ فوج جي طرفان اها گارنٽي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ته مارشل لا لڳڻ جي نوي ڏينهن ۾ هو چونڊون ڪرائيندي."

هڪ گهمرو وري خاموشي ڇانئجي ويئي. مفتي محمود ڪجهه دير چپ رهڻ کان پوءِ چوڻ شروع ڪيو:

"اوهان کي خبر آهي تہ اوهان ڇا چئي رهيا آهيو. فوج ايندي تہ ڀُٽي جو خاتمو تہ آڻيندي، پر اسان جي هٿ ۾ ڪجھ نہ ايندو."

اصغر خان انهيءَ جو جواب تمام قابل نفرت انداز ۾ "هون" چئي اٿي هليو ويو. پير صاحب پاڳاري، معاملا ٻيهر ٺيڪ ڪرڻ جي خيال کان مسودو وري قانوني مشيرن جي حوالي ڪيو ۽ کين چيو:

"هاڻي انهن اعتراضن جا جواب اوهان پاڻ تلاش ڪندو ۽ سڀاڻي 3 بجي اهي اعتراض ۽ جواب کڻي ڀُٽي صاحب وٽ ويندا ۽ هن جيڪڏهن اهي قبولي ورتا تہ ٺاهہ ٿي ويندو، نہ تہ ڪجھ بہ ڪونہ ٿيندو."

ٽين جولاءِ جو سج ڦُٽي ڇڪو هئو ۽ سردار عبدالقيوم خان، مولانا نيازي وٽ ويو ۽ چيو:

"اسان جي ڪن ليڊرن جو رابطو ڪجھ فوجي آفيسرن سان آهي ۽ ڊپ آهي تہ متان فوج ٽيڪ اوور نہ ڪري وٺي. اوهان مسٽر ڀُٽي کي سمجهايو تہ ٺاهہ تي صحيح ڪرڻ ۾ دير نہ ڪري بلڪ چڱو ائين ٿيندو تہ اوهان مون کي ۽ مفتي صاحب کي ڀُٽي سان ملاقات ڪرايو."

مولانا نيازي کي ڇڙڪ خطرو ٿي ويو هئو هو اٿيو ۽ هن انهيءَ مهل اٿي گرين لائين تان ڀُٽي صاحب سان ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ کيس سردار صاحب جي خطري کان آگاهہ ڪيو.

ڀُٽو صاحب ڳالهہ ٻڌي تمام سادگيءَ سان چوڻ لڳو تہ هي ماڻهو مون کان انٽرويو وٺڻ جا بهانا ڳوليندا رهن ٿا، نيازي اهو کيس ڪونہ ٻڌايو تہ کيس اها معلومات ڪٿان ملي آهي تنهنڪري چيو تہ آءٌ ڪجھ دير سان پهچندس.

پريشان حال مولانا نيازي خاموش ٿي ويو. گونگي ماڻهو وانگيان ڇا ڪري ۽ ڇا نہ ڪري تنهن جو کيس جواب ڏيڻ لاءِ تيار ڪري ۽ نہ وري کيس اهو ٻڌائڻ لاءِ اهو ضروري هئو تہ هيڏيءَ مهل ملڻ ڪيترو ضروري هئو.

ميٽنگ شروع ٿي. نيازي پنهجنجي ڳالهہ سردار عبدالقيوم سان ٽيل گفتگو سان شروع ڪئي. جنرل ضياء الحق شايد ڀهريائين سردار صاحب سان انهيءَ خطري کي رد ڪري ڇڏيو هئو. ان بعد وزيراعظم ٻين وزيرن کي ڳالهائڻ جي اجازت ڏني. حفيظ پيرزادي انهيءَ خطري کي فوج جو ڇوڙيل نئون "شوشو" قرار ڏنو ۽ پنهنجي ڳالهہ پوري ڪئي جنهن سان باقي وزيرن ها ۾ ها ملائي. سنڌ جي وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي جيڪو انهيءَ اجلاس ۾ شامل هئو تنهن کي شايد

اها خاطري هئي تہ سردار عبدالقيوم سچو هئو.

وقت وڏيڪ گذارڻ جي ڪري سمورن ليڊرن ماني بہ اتي ڪاڌي. ڪاڌو ڪائيندي ليڊرن هڪ ٻئي کي ڏاڍا چرچا هنيا. اڳين ميٽنگن وانگيان هن ميٽنگ جي ڳالهہ ٻولهہ ڪجهہ هن ريت شروع ٿي:

مفتي صاحب: ڊي آءِ خان ۾ شيخ عزيز الرحمان, گلشير, محمد عظيم کي اڃا تائين ازاد ڪونہ ڪيو ويو آهي.

ڀُٽو: مفتي صاحب, بنيادي ڳالهہ تي اچو نہ تہ هرويرو دير ٿيندي.

مفتي: ڀهرين پوائنٽ تہ نين چونڊن ۽ انهن جي ڪرائڻ جا انتظامات ۽ ٻيا واسطيدار سوال آهن.

ڀُٽو: ڇا سيٽن تي مصالحت ٿي سگهي ٿي؟

مفتي: اسان تحريڪ تہ ماڻهن کي پنهنجا حق ڏيارڻ لاءِ هلائي هئي, سيٽن لاءِ نہ.

ڀٽو: تہ ڳالهہ ختم ٿي. پير صاحب چيو هو تہ ري پولنگ کي رول آئوٽ نہ ڪجو جيئن پروفيسر غفور احمد بہ چيو هو.

پروفيسر غفور: ها ۽ ٻيا بہ انهيءَ سان متفق هئا.

نوابزاده: ري پولنگ؟

ڀٽو: ڇٽڪ ستين تاريخ ٻيهر اچي رهي هجي. سيني تي مقابلو ٿيندو.

مفتي: اها تہ پوءِ جي ڳالهہ آهي.

نوابزاده: تہ ڇا پوءِ ڪمپين ڪونہ هلندي.

ڀٽو: ها.

نوابزاده: بلوچستان ۾ ڇا ٿيندو جتي اسان چونڊون وڙهيون ئي ڪونہ.

ڀٽو: انهيءَ نڪتي تي فوج کي ڪجهہ تحفظات آهن. هو چئي ٿي تہ اسان اتان فوراً هٽي نٿا سگهون. اسان کي اتان هٽڻ ۾ ئي صرف ڇهہ مهينا لڳندا.

پروفيسر غفور: جيڪڏهن هو آپريشن بند ڪري ڇڏين تہ ڪافي آهي.

ڀٽو: هو چون ٿا تہ شروعات هِتان ٿيندي.

مفتي: اندر اسٽينڊنگ ٿيندي تہ شروعات هتان چو نہ ٿيندي.

پروفيسر غفور: اوهان جو بيان ڪافي ٿيندو. هاڻي سچو ايشن نارمل آهي. فوج ڪنٽرول هٿ ۾ وٺي ڇڏيو آهي.

ڀٽو: پر هو تہ چون ٿا تہ هنن کي نارمل ٿيڻ ۾ ڇهہ مهينا لڳي ويندا.

خير. ”ڪولنگ پيريڊ“ تہ ٺيڪ ٺهرجي. اسان پنهنجي حڪومت جي مدت آگسٽ 1978ع تائين وڌائي سگهون ٿا.

پيرزاده: اڪٽوبر 1978ع تائين.

پيرزاده: اليڪشن کي پورا اختيار ملڻ گهرجن.

ڀٽو: اهو ڪوئي پرابلم ڪونهي.

ڪئين تجويزون زير غور اچي رهيون هيون. ان ميٽنگ جي سائيڊ لائينن تي هلي رهيون هيون. مثلاً تہ جن سيٽن تي ڌانڌلي ٿي آهي اتي پيپلز پارٽي پنهنجا ماڻهو هٽائي ڇڏي ۽ ري پولنگ ۾ اتي پنهنجا ماڻهو بہ نہ بيهاريندي. ساڳيءَ طرح قومي حڪومت جوڙڻ جي تجويز بہ غور هيٺ آئي هئي. ڀُٽي ڪابينہ ۾ چار وزيرن جي آڇ ڪئي هئي پر انهن چيو هو تہ اهي چار ماڻهو هو تجويز ڪندا. هنن اها ڳالهہ ڪونہ سوچي هئي تہ ماڻهو ڇا چوندا تہ چئن وزارتن جي لاءِ ايتري هنگامہ آرائي ڇو ڪرائي ويئي. بهرحال، هاڻي کي گهڻا آپشن ڪونہ هئا. سمورا آپشن گذري چڪا هئا. ضرورت صرف انهيءَ نتيجي جي هئي تہ ان جو اعلان ڪڏهن ڪيو وڃي ٿو.

اوڏيءَ مهل ڀُٽي صاحب فوجي سربراهن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ پنهنجي حق ۾ هڪ گڏيل بيان جاري ڪرايو جنهن هيٺ هنن هيءُ چيو تہ اسان حڪومت سان گڏ آهيون. جنرل ضياء الحق هي بيان جاري ڪرڻ کان پوءِ غلام اسحاق سان ملاقات ڪئي. انهيءَ جي خبر ڪانهي تہ هنن جي درميان ڪهڙي ڳالهہ ٿي پر ڪهڙي اها ڳالهہ بہ اڃا راز ۾ آهي تہ ڀٽو صاحب ڳالهين کي وچ ۾ ڇڏي ۽ ٺاهہ تي صحيح ڪرڻ کانسواءِ ڪيڏانهن ٻاهر هليو ويو هو.

◈ ◈ ◈

# ٣٠ ◆

- ريفرنڊم جي تجويز
- ’آپريشن فيئر پلي‘
- معزوليءَ ۽ گرفتاري

هاڻي تحريڪ قومي اتحاد جي ليڊرن جي هٿن مان نڪري ويئي هئي. جيتوڻيڪ ڀُٽو صاحب ڳالهين لاءِ راضي ٿي ويو هئو پر ائين ٿي لڳو ڪي طاقتون جلدي ڳالهين ڪرڻ ۽ مسئلي جو حل تلاش ڪرڻ ۾ دير ڪري رهيون هيون. جيئن جيئن تحريڪ پڪڙجي ويئي، ڀُٽي صاحب، جنرل ضياء الحق تي ڀروسو ڪرڻ وڌائي ڇڏيو. خبر ناهي ته ڇو ڀُٽي صاحب کي اهو يقين هئو ته جنرل ضياء الحق ڪا فوجي مهم جوئي نه ڪندو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته هاڻي ڀٽو صاحب ڪيس ڪابينه ميٽنگن ۾ به گهرائڻ شروع ڪيو ۽ اهم سياسي معاملن تي مشورا به ڪرڻ لڳو. سنڌس ئي مشوري تي اپريل جي آخر ۾ ڀُٽي صاحب اپوزيشن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. بهرحال 12-مئي تي ڀُٽي صاحب کي جنرل ٻڌايو ته اپوزيشن جو رويو غير منطقي ۽ غير جمهوري ٿي ويو آهي، تنهن هوندي به هو حالتن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ ڪجهه وقت لڳندو.

هاڻي ڀُٽي صاحب کي پڪ ٿي ته ڪنهن فوجي مهم جوئي بدران ڳالهين جي ذريعي معاملو حل ٿي ويندو پر جيڪا مهلت جنرل ضياء الحق گهري هئي ان جي پس پرده ڪجهه پئي پچيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڀُٽي صاحب قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪندي ملڪ ۾ ريفرنڊم ڪرائڻ جي تجويز ڏني ته آيا ملڪ ۾ نين چونڊن

جي ضرورت آهي يا نہ. انهيءَ ڪانپوءِ ڀُٽي صاحب وري فوجي جنرلس ۽ جنرل ضياء الحق سان ريفرنڊم جي مسئلي تي هڪ ميٽنگ گهرائي. جنهن ۾ وري سيني ان تجويز سان اختلاف ڪيو ۽ چيو تہ قوم اوهان کان نين چونڊن جو مطالبو ڪري رهي آهي ۽ اوهان هڪ نئون ايڊوينچر ڪرڻ چاهيو ٿا. انهيءَ ڳالهہ تي ڀُٽو صاحب جنرل ضياءَ الحق جو ارادو سمجهي ويو تہ هو ڳالهيون چاهي ٿو. ڀُٽي صاحب فوراً قومي اتحاد جي صدر مفتي محمود سان ملاقات ڪري ڪيس نئين سر ڳالهين ڪرڻ جي آڇ ڪئي جيتوڻيڪ انهيءَ وقت بہ ڀُٽي صاحب کي پهريون گهمرو اهو شڪ ٿيو تہ جنرل ضياءُ الحق ڪنهن فوجي مهم جي تياري ۾ آهي.

جُون 1977ع ۾ قومي اتحاد جي ليڊرن کي آزاد ڪيو ويو محدود مارشل لا هٽايو ويو ۽ ڳالهين جي رسمي دعوت ڏني وئي. ڀُٽي صاحب جنرل ضياء الحق جي رويي ۾ تبديلي ڏٺي تہ هن سيڪريٽ ايجنسين جي ذريعي سندس سرگرمين تي نظر رکڻ شروع ڪري ڏني ۽ سندس متبادل ڳولڻ لڳو. چيف آف آرمي اسٽاف جي سامهون ساده لباس ۾ پوليس جا ماڻهو جنرل ضياء الحق جي سرگرمين تي نظر رکڻ لڳا پر جنرل بہ غافل ڪونہ هو. هن پنهنجي چرپر محتاط ڪري ڇڏي ۽ گڏوگڏ وزيراعظم تي بہ نظر رکڻ شروع ڪري ڏني.

ڀُٽي صاحب کي سموري صورتحال جي خبر پوڻ لڳي هاڻي پنهنجي انهيءَ فيصلي تي افسوس ڪرڻ لڳو جنهن ۾ هن جنرل ضياء الحق کي انهيءَ عهدي لاءِ چونڊيو هئو جيڪو سندس وجود لاءِ خطرو بنجي سگهيو ٿي.

جڏهن جنرل ضياء الحق کي خبر پئي تہ وزيراعظم کيس هٽائڻ تي غور ڪري رهيو آهي تہ هن اقتدار تي قبضو ڪري ڀُٽي صاحب کي معزول ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. آخري ڏينهن ۾ ڀُٽي صاحب ڪابينہ جي اجلاس ۾ ۽ ٻين ميٽنگن ۾ جنرل کي گهرائڻ گهٽائي ڇڏيو پر ڀٽي صاحب جا ڪجهہ اهڙا ماڻهو هئا جيڪي جنرل ضياء الحق کي سموريون خبرون پهچائيندا رهندا هئا. انهن مان هڪ تہ انهيءَ حد تائين ٻُڌايو تہ ڀُٽو صاحب جنرل ضياء الحق کي هٽائي پنهنجي ملٽري سيڪريٽري ميجر جنرل امتياز کي نئون چيف آف آرمي اسٽاف مقرر ڪرڻ جي باري ۾ سوچي رهيو آهي.

جنرل ضياءَ الحق 13جون 1977ع تي ڪور ڪمانڊرن جو اجلاس راولپنڊي ۾ گهرايو ۽ کين رات جو دعوت ۾ گهرايو. دعوت جي آخر ۾ ضياء الحق کين ڀُٽي صاحب جي فيصلن ۽ ارادن کان آگاهہ ڪيو. مٿن واضح ڪيو تہ

جيڪڏهن اسان هن وقت قدم نہ وڌايو تہ ڀُٽو صاحب قوم ۽ ملڪ جي مفاد خلاف ڪوئي بہ فيصلو ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري هاڻي ڪيس اقتدار تان هٽائڻ گهرجي.

جرنيلن کي جڏهن معلوم ٿيو تہ ڀُٽو صاحب ڊسمبر 1971ع وانگيان سينيئر جنرلس کي ڇڏي هڪ جونيئر جنرل کي فوج جو سربراهہ بنائڻ چاهي ٿو تہ هنن جنرل ضياء الحق جي تجويز سان اتفاق ڪيو. هاڻي ڀُٽي صاحب کي هٽائڻ لاءِ آپريشن لازمي ٿي ويو تنهن هوندي بہ هي فيصلو ڪيو ويو تہ آپريشن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ٺوس رٿابندي ڪئي وڃي ۽ ڏٺو وڃي تہ جيڪڏهن قومي اتحاد ۽ ڀُٽي صاحب درميان معاملات ڪنهن ناهہ تي نٿا پهچن تہ پوءِ آپريشن ضرور ڪبو. انهيءَ رات آپريشن جو نالو "آپريشن فيئر پلي" رکيو ويو ۽ فيصلو ڪيو ويو تہ آپريشن جي وقت جو تعين جنرل ضياء الحق ڪندو. هيءُ فيصلو انهيءَ حد تائين خفيہ رکيو ويو جو چيف آف آرمي اسٽاف ميجر جنرل عبدالله ملڪ کي بہ ان کان آگاهہ نہ ڪيو ويو. هيءُ فيصلو راولپنڊي جي ڪور ڪمانڊر جنرل چشتي جي گهر تي ڪيو ويو جيڪو ڀُٽي صاحب کي هٽائڻ بعد ضياء الحق جو معتمد خاص ٿي رهيو.

مئي 1977ع کان ڀُٽي صاحب کي جنرل ضياءُ الحق جي رويي تي شڪ پوڻ شروع ٿيو پر پوءِ ڪور ڪمانڊرس جي ميٽنگ کانپوءِ يقين ٿي ويو ۽ ڪائونٽر اٽيڪ ڪرڻ جي خيال کان 13 جون 1977ع تي ڀُٽي صاحب فوج جي ٽنهي سربراهن ۽ ڪور ڪمانڊرس جو اجلاس گهرايو ۽ کين ٻڌايو تہ اپوزيشن جو اهو مطالبو تہ چونڊون اگسٽ يا اڪتوبر ۾ ڪرايون وڃن، نٿيون ڪرائي سگهجن. هيءُ اجلاس اهم بہ هئو تہ ملڪ جي مستقبل جي باري ۾ فيصلو ڪن پڻ. هي اجلاس هن ڪري بہ اهم هئو تہ ڀُٽي صاحب جي مشيرن قومي اتحاد جي ليڊرن بابت پنهنجا ارادا صاف ظاهر ڪري ڇڏيا هئا. ميٽنگ ۾ پيپلز پارٽي جي ليڊرن غلام مصطفيٰ کر ۽ عبدالحفيظ پيرزادي چيو تہ اپوزيشن شرارت کان باز نٿي اچي ۽ قومي اتحاد وارا فتنا پيدا اٿارين. ڀُٽي صاحب احتياطاً وزيردفاع جنرل ٽڪا خان کي بہ گهرايو هئو تنهن مورڳو ئي ڳالهہ جو دنگ ڪري ڇڏيو. هن چيو تہ پاڪستان جي خاطر جيڪڏهن ڏهہ يا ويهہ هزار ماڻهو قتل بہ ڪري ڇڏجن تہ ڪا خراب ڳالهہ ڪانهي. انهيءَ تي ڀُٽي صاحب جنرل ضياء الحق کي مخاطب ٿيندي چيو تہ: "جنرل صاحب، اوهان ڏسو تہ پنهنجي ڪابينہ جا ميمبر ڪهڙي موڊ ۾ آهن.

انهيءَ حالت ۾ آءُ پنهنجن وزيرن جو ساٿ ڏيڻ کان سواءِ ڪجهہ ڪري بہ نٿو سگهان." ڀُٽو صاحب جنرل ضياء الحق جي رويي مان ڀهريائين ئي اندازو ڪري چڪو هئو تنهنڪري ڪيس مخاطب ٿيندي چيائين: "اچو جنرل صاحب! اوهان بہ اقتدار ۾ شامل ٿي ويو. اوهان وٽ وڏيڪ اختيار هوندا. هڪ دفعو اپوزيشن کي ڇٽي جو کير ياد ڏياري ڇڏيو." ضياء الحق سمجهي ويو تہ ڀُٽو صاحب سيس ڇا ٿي چوڻ گهريو تنهنڪري اجلاس کان پوءِ آپريشن فيئر پلي تي سوچڻ لڳو.

هي ٻن شخصن جي وچ ۾ نہ ٻن نظرين ۽ ٻن طاقتن جي وچ ۾ ٽڪر هئو: هڪ وٽ عسڪري طاقت هئي ۽ ٻئي وٽ جمهوري جنرل ضياء الحق لاءِ ڀُٽي صاحب جو رويو قابل برداشت ڪونہ رهيو هئو تنهنڪري هن 3 جولاءِ 1977ع تي فيصلو ڪيو تہ هاڻي آپريشن فيئر پلي تي عمل ڪيو وڃي. هن جنرل فيض علي چشتي کي گهرايو ۽ ڪيس تياري جو حڪم ڏنو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جنرل ضياء اپوزيشن جي رويي جو اندازو نہ لڳائي سگهيو تہ ڀُٽي صاحب جي معزولي کانپوءِ هو ڪيئن هلندي پر خود معزولي جو فيصلو ايترو وڏو هئو جو اپوزيشن جو فيصلو بي معنيٰ ٿي چڪو هئو. مٿان وري قومي اتحاد جي رويي بہ جنرل ضياء الحق جو مسئلو حل ڪري ڇڏيو. 4 جولاءِ جي شام جو نوابزادي نصرالله خان پريس ڪانفرنس ڪري ڀُٽي صاحب تي الزامن جي فهرست جاري ڪري ڇڏي. جنرل ضياء الحق ڪچين گولين سان ڪونہ کيڏيو هئو. هن فوراً انهيءَ پريس ڪانفرنس جا تفصيل گهرايا ۽ سمورن ڪمانڊرن کي هدايت ڪئي تہ اڄ رات 12 بجي آپريشن فيئر پلي تي عمل ڪيو وڃي. راولپنڊي جي ڪور ڪمانڊر جنرل فيض علي چشتي کي بہ اهڙو اطلاع ڏنو ويو. رات جو ائين بجي پي ايم هائوس مان جنرل ضياء الحق کي اطلاع ڏنو ويو تہ اڄ رات وفاقي ڪابينہ جو اجلاس ٿي رهيو آهي ان ۾ اوهان جي شرڪت ضروري آهي. جنرل ضياء الحق کي اچي ڊپ ورايو تہ ڪٿي آپريشن فيئر پلي وقت کان تہ ظاهر ڪونہ ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري هن جنرل چشتي کي چيو تہ آپريشن ڪجهہ دير لاءِ روڪي ڇڏي.

هوڏانهن ڀٽو صاحب بہ هوشياريءَ کان ڪم وٺي رهيو هئو. انهيءَ رات اپوزيشن سان ڳالهيون طئہ ٿيڻيون هيون. جيستائين ڳالهين جو آخري رائونڊ شروع ٿئي ۽ پريس بيان تي اتفاق ٿئي تيستائين ڀُٽي صاحب پنهنجن قريبي ساٿين سان مشورو ڪيو تہ جنرل ضياءَ الحق مان جند ڪڏهن ڇڏائجي. نيٺ اهو طئي ٿيو تہ پنجين جولاءِ تي ڪيس هٽائي سندس ملٽري سيڪريٽري ميجر جنرل

امتياز کي چيف آف آرمي اسٽاف مقرر ڪيو ويندو ۽ قومي اتحاد جي تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

ڀٽي صاحب جي مشيرن مان هڪ اجلاس جي ختم ٿيڻ کانپوءِ سڌو آرمي هائوس پهتو ۽ هن جنرل ضياءَ الحق کي سموري صورتحال کان آگاهه ڪيو. هي خبر جنرل جي لاءِ سخت موتمار خبر هئي. رات جو ساڍي ڏهين بجي پي ايم هائوس مان ڀٽي صاحب جنرل ضياءَ الحق سان ڳالهايو ۽ نوابزاده نصرالله خان جي پريس ڪانفرنس جي پس منظر ۾ اپوزيشن جي رويي جي شڪايت ڪئي. جنرل پڇيو ته ڪابينه جي ميٽنگ ڪيڏي مهل ٿيندي. جواب ۾ ڀٽي صاحب وراڻيو ته اڄ رات ڪونه ٿي رهي آهي. جيئن ئي ڳالهه ٻولهه ختم ٿي جنرل ٿڌو ساهه ڀريو ڇڙڪ وڏي مصيبت کان بچي ويو.

انهيءَ کانپوءِ جنرل ضياءَ الحق سڌو جنرل چشتي کي حڪم ڏنو ته آپريشن شروع ڪيو وڃي. انهيءَ وقت رات جا ساڍا 12 وڄي چڪا هئا. حڪم ملندي ئي فوجي دستن پي ايم هائوس کي گهيري ۾ ورتو. ان جي فونن جون تارون ڪٽي ڇڏيون جنهن ٻاهرين دنيا سان سندس رابطو ڪٽي ڇڏيو. پر عجب جي ڳالهه هي آهي ته هاٽ لائين ۽ گرين لائين جاري رهڻ ڏني ويئي ڇاڪاڻ ته ان وقت اهي ڪاٽڻ ڏکيون هيون. جنرل ضياءَ الحق کي اهو ڊپ هئو ته ڪنهن وقت به ڀٽي صاحب جي حمايت ۾ فوج جا ڪجهه دستا نڪري ٿي سگهيا تنهنڪري هو هڪ ئي وقت ڊنل به هئو ته محتاط به. تنهنڪري سموري آپريشن جي نظرداري پاڻ ڪري رهيو هئو. انهيءَ رات پيپلز پارٽي جو ممتاز علي ڀٽو گهڻي دير تائين پي ايم هائوس رهيو ۽ جڏهن گهر پهتو ته هن فوج جي پراسرار نقل و حرڪت ڏٺي. ملٽري سيڪريٽري ميجر جنرل امتياز جڏهن فوجي دستن جي غير معمولي چرپر ڏٺي ته هن جنرل ضياءَ الحق کي فون ڪيو ته ڪيس جنرل ضياءَ چيو ته: "اهو سڀ ڪجهه منهنجي حڪم تي ٿي رهيو آهي. تون هدايتون وٺڻ لاءِ مون وٽ جي ايڇ ڪيو اچي وڃ."

تيستائين ممتاز علي ڀٽي، گرين لائين تي ڀٽي صاحب کي آگاهه ڪيو ته پي ايم هائوس جي ٻاهران فوج جي ڪهڙي چُرپُر ٿي رهي آهي. انهيءَ تي ڀٽي صاحب فوراً جنرل ضياءَ الحق سان رابطو ڪيو ۽ پڇيو ته هي سڀ ڪجهه ڇا ٿي رهيو آهي. تنهن تي جنرل ضياءَ الحق وراڻيو: "سر، هن ڪانسواءِ ڪو وسيلو ڪونه هئو. هاڻي اوهان اسان سان تعاون ڪريو ٻي صورت ۾ اسان کي طاقت استعمال ڪرڻي

پوندي."

"نہ، اهڙي نوبت ڪانہ ايندي. اوهان مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ چاهيو ٿا؟" ڀُٽي صاحب پڇيو:

"بس، اوهان کي حراست ۾ وٺنداسين. صبح تائين چڪلالہ ۾ رکنداسين. پوءِ مري وٺي ويندا سين." جنرل ضياء الحق وراڻيو.

ڀُٽي صاحب چيو تہ "منهنجا يار اڄ ٿي رات آيا آهن. آءُ تہ اڄا تائين انهن سان ملي بہ ڪونہ سگهيو آهيان."

جنرل ضياء وڏو طلسم باز هئو. هن ڀُٽي صاحب کي چيو تہ اڄ رات اوهان آرام سان پي ايم هائوس ۾ رهو. صبح جو ڪوه مري هلڻ لاءِ تيار رهجو. انهيءَ جملي کانپوءِ ٽيليفون بند ٿي ويو ۽ پنجين جولاءِ تي صبح جو ماڻهن ريڊيو تي ٻڌو تہ جنرل ضياء الحق ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏي آهي، سمورين سياسي سرگرمين بند ڪري ڇڏيون آهن ۽ ڀُٽي صاحب کي گرفتار ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ وقت تائين تہ ماڻهن کي خبر بہ ڪانہ هئي تہ جنرل ضياء الحق ڪير هئو جيڪا انهيءَ وقت دُور ٿي جڏهن 5 جولاءِ 1977ع جي شام جو جنرل ضياء الحق ٽيليويزن تان تقرير ڪئي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو تہ چيف آف آرمي اسٽاف جنرل ضياء الحق سياسي سرگرمين کي ختم ڪري ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏي.

مارشل لا جي سختين مان ڇٽي جيڪي خبرون اچڻ لڳيون تن ۾ ٻڌايو ويو تہ پي اين اي جي ليڊرن سان رات دير تائين جون جيڪي ڳالهيون ٿيون تن ۾ سمورا مسئلا طئہ ٿي چڪا هئا، صبح جو صرف ٺاهہ تي صحيحون ڪرڻيون هيون، پر چالاڪ تہ جنرل ضياء الحق طئہ ڪري چڪو هئو تہ ڀُٽي صاحب جي حڪومت کي ختم ڪري ڀُٽي صاحب کي معزول ڪرڻو آهي، تنهنڪري هن اهو آخري قدم کڻي ڇڏيو.

◈ ◈ ◈

# ۳۱

## • ڀُٽي خلاف ڪيسن جي تياري
## • غير سياسي بلدياتي چونڊون

پنجين جولاءِ 1977ع تي صبح جو سمورن قومي اتحاد جي ليڊرن ۽ ڀُٽي صاحب کي گرفتار ڪري مري نيو ويو جتي هنن تي فوج جو پهرو لڳايو ويو. قومي اتحاد جي ليڊرن جي گرفتاري تہ خانہ پري هئي. اصل ڳالهہ ڀُٽي صاحب جي هئي. بهرحال، حڪومت جي سمورن ادارن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ ۾ ضياء الحق کي ڏهہ ڏينهن لڳي ويا.

15 جولاءِ تي جنرل فيض علي چشتي ۽ جنرل ڪي ايم عارف سان گڏجي جنرل ضياء الحق، ڪوه مري ويو ۽ ڀُٽي صاحب توڙي عوامي اتحاد جي رهنمائن سان ملاقات ڪئي. ڀُٽي صاحب ضياء الحق سان اڪيلائيءَ ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران ڀُٽي صاحب کيس چيو تہ مون کي پڪ هئي تہ فوج مارشل لا ضرور لڳائيندي جنهن جي مون کي خوشي آهي تہ حڪومت منهنجي دوست جرنيل جي هٿ ۾ هوندي. انهيءَ کان پوءِ ڀُٽي صاحب جنرل ضياء الحق کي اهڙي ڳالهہ چئي جيڪا شايد ضياء الحق کي نہ وڻي ۽ هن انهيءَ مهل آخري فيصلا ڪرڻ جو طئي ڪري ڇڏيو. اها ڳالهہ هن جملي ۾ هئي:

”جنرل صاحب، اوهان جيڪو قدم کنيو آهي تنهنجو شايد اوهان کي قانوني ۽ آئيني نتيجو معلوم ڪونهي. مارشل لاءِ لڳائڻ واري شخص کي آئين جي هيٺ موت جي سزا آهي.“

هيءَ ڳالهہ ضياء الحق کي معلوم تہ هئي پر هڪ گرفتار وزيراعظم جي واتان

اهڙي ڳالهہ ٻڌڻ سان ضياء الحق پريشان ضرور ٿيو. بلڪ عين ممڪن آهي تہ هن کي پيپلز پارٽي جي عوام دوستي جو اندازو ٿي ويو هجي ۽ هو پنهنجي انجام جي باري ۾ سوچيندو هجي. هاڻي ڪيس اها سوچ هئي تہ ڦاسيءَ جو ڦندو سندس ڳچيءَ ۾ پئي يا ڀُٽي صاحب جي ڳچيءَ ۾. بلڪ ڪيس رکي رکي اهو خوف ٿيڻ لڳو تہ جيڪڏهن چونڊن جي نتيجي ۾ پيپلز پارٽي وري اقتدار ۾ آئي تہ هو ڪيس تہ ڪونہ ڇڏيندي. بهرحال، ضياء الحق فيصلو ڪيو تہ ڀُٽي صاحب جي واپسي جي هر راهہ بند ڪري ڇڏي ۽ پيپلز پارٽيءَ کي وري اقتدار ۾ اچڻ نہ ڏبو. هن ملاقات ڪانپوءِ ڀُٽي صاحب جو ذاتي عملو اتان هٽايو ويو ۽ سموريون سهولتون واپس ورتيون ويون. هاڻي ڀُٽي صاحب کي احساس ٿيڻ لڳو تہ هن کان ڪهڙي غلطي ڪٽي ٿي آهي. هن کي احساس ٿيڻ لڳو تہ هن ماڻهن کي سڃاڻڻ ۾ غلطي ڪئي آهي.

جڏهن ضياء الحق کي يقين ٿي ويو تہ ڀُٽو صاحب جيڪڏهن جيئرو رهيو تہ هو ڪيس نہ ڇڏيندو تنهنڪري هن فيصلو ڪيو تہ ڀُٽي صاحب کي ٻيهر آزاد ٿيڻ نہ ڏيندو. جنرل فيض علي چشتي جي ذمي اهو ڪم لڳايو ويو تہ هو ڀُٽي صاحب جي خلاف شڪايتون تلاش ڪري ۽ جي مِلن تہ انهن جي آڌار تي مقدما جوڙيا وڃن. اڳتي هلي جنرل ڪي ايم عارف ۽ جنرل راؤ فرمان علي کي بہ هن سان ملايو ويو. هنن وٽ فوري طور تہ اهڙا ڪي ثبوت ڪونہ هئا تنهنڪري هنن ڀُٽي صاحب جي قريبي ساٿين رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ ملڪ غلام مصطفيٰ کر سان رابطا وڌائي ڇڏيا. چاڪاڻ تہ ٻنهي جي باري ۾ اها ڳالهہ عام هئي تہ هنن ساڄي ڌر جي ماڻهن سان ملي پيپلز پارٽيءَ تي قبضو ڪرڻ چاهيو ٿي. انهيءَ ڪري هنن ڀُٽي صاحب جي آزادي جي ڳالهہ گهٽ ۽ فوجي جرنيلن سان دوستي وڌيڪ پئي وڌائي.*

ملڪ کر جي ڳالهہ تہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ متان جنرل ضياءَ الحق ڪيس ڀُٽي کان اڳيئي نہ جوڳي جاءِ تي پهچائي ڇڏي. البتہ غلام مصطفيٰ جتوئي جي خلاف ڪا شڪايت ڪانہ هئي. کر جنرل چشتي کي چيو تہ ڀُٽو صاحب اوير پاڪستان

---

* هن واقعي جي 34 سالن ڪانپوءِ جنوري 2011ع ۾ وڪي ليڪس ٻڌايو تہ انهيءَ ملاقات دوران ضياء الحق ۽ ڀُٽي صاحب جي درميان هڪ بحث ٿيو جنهن ۾ خاصي گرما گرمي رهي. اها ڳالهہ 1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ دوران بہ سياسي حلقن ۾ عام هئي ۽ چيو پئي ويو تہ اهي ماڻهو جيل ۾ بہ وزارتن جا ڪاتا ورهائي رهيا هئا.

کي ٿوڙڻ ۾ ملوث هئو ۽ دستاويزي ثبوت لنڊن ۾ آهن. جيڪڏهن ڪيس لنڊن وچڻ جو بندوبست ڪيو وڃي تہ هو اهي ثبوت آڻي سگهي. جنرل چشتي ڪر جي ڳالهين ۾ اچي ويو سو وڃي ڳالهہ ڪيائين جنرل ضياء الحق سان جنهن کي ڪجهہ شڪ جاڳيو. تنهن هوندي بہ جنرل چشتي جي چوڻ تي ڪر کي وڃڻ جي اجازت ڏنائين. ڪر جيئن لنڊن پهتو تيئن ئي هن فوجي حڪومت جي خلاف هڪ بيان ڏئي ڇڏيو. جنرل ضياء الحق جنرل چشتي تي ڪاوڙجي پيو. اهو ئي ڪارڻ هئو جو جنرل چشتي کي 23 آگسٽ 1978ع تي وفاقي ڪابينہ کان آجو ڪيو ويو.

بيورو ڪريسي هميشہ حاضر حڪمرانن جي هٿن ۾ کيڏندي آهي. سو ڀٽي صاحب جي خلاف ڪئين فائيل ڪڍي آيا. هن ڪئين فائيل اهڙا ڪڍي ڏنا جن تي لکيل هئو تہ هن ماڻهو کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو. انهن مان هڪ فائيل نواب محمد احمد خان جو هئو جنهن کي نومبر 1974ع ۾ قتل ڪيو ويو. نواب محمد خان قصوري جي قتل جي جيئن ئي تحقيقاتي ڪميٽي ڪم شروع ڪيو تہ هن تحقيقاتي ڪميٽي جي رڪن ميجر جنرل راؤ فرمان علي سندس پٽ احمد رضا قصوري سان رابطو ڪيو ۽ ڪيس قانوني چاره جوئي جي لاءِ آماده ڪيو. ڪيس ڪيئن تيار ٿيو ۽ اهي ڪهڙا عنصر هئا جن ڀٽي صاحب کي سزا ڏياري ۽ ضياء الحق ڪهڙا طريقا اختيار ڪيا جن جي ڪري انهيءَ سزا تي عمل ٿيو تنهن تي ايندڙ صفحن ۾ ذڪر ٿيندو. في الحال اسان جنرل ضياء الحق جي اعلانن ۽ وعدن جو جائزو وٺنداسين.

اقتدار تي 5 جولاءِ 1977ع تي قبضو ڪرڻ کانپوءِ هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان تقرير ڪئي، ان ۾ اعلان ڪيو تہ فوج جا ڪي بہ سياسي ارادا ڪونهن. نوي ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ کانپوءِ اقتدار عوام جي چونڊن نمائندن کي سونپي فوج واپس بيرڪن ۾ هلي ويندي، عدليہ جا اختيار ڪونہ گهٽايا ويندا. هن وعدو ڪيو تہ اڪٽوبر ۾ چونڊون ڪرايون وينديون. جنرل ضياء وعدو ڪيو تہ 18 اڪٽوبر 1977ع تي چونڊون ڪرايون وينديون. مگر اڪٽوبر اچا آيو ئي ڪونہ تہ ڪي اهڙا واقعا رونما ٿيا جن سان مبصرن کي شڪ ٿيڻ لڳو تہ چونڊون ڪونہ ٿينديون. مثلاً دادو جي پرسان هڪ ننڍي ريلوي اسٽيشن وٽان بہ ٽي فش پليٽون اکڙيل مليون ۽ هڪ ڳاڙهي رنگ جو جهنڊو مليو. هن ڳالهہ تي گهٽ ماڻهن يقين ڪونہ ڪيو ۽ چيو تہ اهو جنرل ضياء جو پنهنجو هٿ ٺوڪيو بهانو آهي. بس، سرڪاري تبصره نگارن کي وجهہ ملي ويو تہ اهي بغاوت جون نشانيون آهن. تنهنڪري چونڊون

ٿينديون تہ ملڪ ٽُٽي پوندو. پهرين اڪٽوبر 1977ع تي اعلان ڪيو ويو تہ چونڊون اڻ ڄاڻايل عرصي تائين ملتوي ڪجن ٿيون. جنرل ضياء الحق پنهنجي واتان چيو تہ پيپلز پارٽي ۽ قومي اتحاد جي ڪجھ اهم ليڊرن ڪيس هٿ ۾ڏي عرض ڪيو تہ چونڊون ملتوي ڪيون وڃن, بلڪ اصغر خان جي مطابق قومي اتحاد جي ڪن ليڊرن ڪيس درخواست ڪئي هئي تہ جنرل ضياء الحق ڪنهن بہ حالت ۾ اقتدار نہ ڇڏي.

اڪٽوبر 1977ع لنگهي ويو ۽ نوي ڏينهن وارو وعدو پورو نہ ٿيو. سال 1978ع شروع ٿيو ۽ 23 مارچ 1978ع تي جنرل ضياء الحق وري اعلان ڪيو تہ عام چونڊون 17 نومبر 1979ع تي ٿينديون. نڪتہ چيني, اعتراض ۽ تبصره آرائي جي وچ ۾ 30 - آگسٽ 1979ع تي هن سياسي جماعتن جي قانون 1962ع ۾ ترميم ڪري اهو لازمي قرار ڏياريو تہ سموريون سياسي پارٽيون اليڪشن ڪميشن وٽ رجسٽريشن ضرور ڪرائين. قومي اتحاد جي نون ئي پارٽين رجسٽريشن ڪرائي پر پيپلز پارٽي انڪار ڪري ڇڏيو. بهرحال گهٽ ۽ حبس جي فضا ۾ ڪجھ سياسي سرگرمي ان وقت نظر آئي جڏهن ڪجھ خوشامدين جي چوڻ تي جنرل ضياء الحق بلدياتي چونڊن جو اعلان ڪيو. هيءُ چونڊون 25 سيپٽمبر 1979ع تي ٿيون ۽ انهيءَ ڏينهن عام چونڊن جو بہ اعلان ڪيو ويو بلڪ ان سان گڏ ڪجھ ماڻهن ۾ آسرو ان وقت پيدا ٿيو جڏهن چونڊن جي شيڊيول جو بہ اعلان ڪيو ويو. هن شيڊيول مطابق نامزدگي جا ڪاغذ داخل ڪرائڻ جي آخري تاريخ 13- آڪٽوبر 1979ع هئي مگر انهيءَ کان اڳ پهرين اڪٽوبر 1979ع تي جنرل ضياء ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان خطاب ڪيو ۽ هن خطاب ۾ هن نہ صرف چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو اعلان ڪيو پر سياسي سرگرمين تي سختيءَ سان پابندي وڌي, سياسي جماعتن کي غير قانوني قرار ڏنو ۽ سندن آفيسون سيل ڪيون ويون.

ائين سڄو ملڪ انهيءَ انتظار ۾ رهيو تہ ڪڏهن سياسي سرگرميون بحال ٿينديون يا ڪا تحريڪ هلڻي آهي تہ اها ڪير هلائيندو. هڪ نہ ٻئي بهاني سان هو چونڊون ملتوي ڪندو رهيو تان جو ڇھ سال ٻيا لنگهي ويا. فيبروري 1985ع ۾ هن غير جماعتي بنيادن تي عام چونڊون ڪرايون. پاڪستان اندر هي پهريون تجربو هئو. تنهن هوندي بہ هن اقتدار عوامي نمائندن جي حوالي نہ ڪيو پر کين اقتدار ۾ شريڪ ڪيو.

C

REGISTERED No. S. 1033 / L-7646

# The Gazette of Pakistan

EXTRAORDINARY
PUBLISHED BY AUTHORITY

ISLAMABAD, MONDAY, DECEMBER 30, 1985

PART I

Acts, Ordinances, President's Orders and Regulations including Martial Law Orders and Regulations

## OFFICE OF THE CHIEF MARTIAL LAW ADMINISTRATOR, PAKISTAN

## PROCLAMATION OF WITHDRAWAL OF MARTIAL LAW

WHEREAS Martial Law was imposed throughout Pakistan by the Proclamation of the fifth day of July, 1977;

AND WHEREAS the Chief of the Army Staff and the Chief Martial Law Administrator promised to lift Martial Law after the revival of democracy, and restoration of representative institutions;

AND WHEREAS the Chief of the Army Staff and the Chief Martial Law Administrator declared that the Constitution will be restored after making therein certain amendments so as to include *inter-alia* Islamic provisions in the substantive part of the Constitution;

AND WHEREAS after the General Elections held as promised, the Majlis-e-Shoora (Parliament) and the Provincial Assemblies consisting of the elected representatives of the people have been duly installed and are functioning;

AND WHEREAS the Majlis-e-Shoora (Parliament) has passed the Constitution (Eighth Amendment) Act, 1985 to facilitate orderly transfer of power;

NOW, THEREFORE, in pursuance of the Proclamation of the fifth day of July, 1977, and in exercise of all powers enabling him in that behalf, the Chief of the Army Staff and the Chief Martial Law Administrator is pleased to make the following Proclamation:–

1. The Laws (Continuance in Force) Order, 1977 (C. M. L. A. Order No. 1 of 1977), the Provisional Constitution Order, 1981 (C. M. L. A. Order No. 1 of 1981), are hereby repealed, and the Proclamation of the fifth day of July, 1977, is hereby revoked.

2. The offices of the Chief Martial Law Administrator, the Martial Law Administrators and all other martial law authorities and Military Courts appointed in pursuance of the aforesaid Proclamation are hereby abolished.

3. The power of the Chief Martial Law Administrator to issue Martial Law Regulations and Martial Law Orders and Constitutional Orders lapses, and there lapses also the power of any Martial Law authority subordinate to the Chief Martial Law Administrator to issue any orders or to take any action whatsoever.

GENERAL
M. ZIA-UL-HAQ,
*Rawalpindi, the 30th December, 1985* *Chief of the Army Staff and the Chief Martial Law Administrator.*

# ٣٢ • اسلامي نظام آڻڻ جو وعدو • هٿ ڪپڻ ۽ ڦٽڪن جون سزائون

جنرل ضياءَ الحق رٿابندي تہ گهڻي عرصي کان ڪري رهيو هئو مگر جيئن هن موقعو ڏٺو تہ هن پنهنجي پروجيڪٽ تي عمل ڪري وڌو. ضياء الحق کي علم هئو تہ آئين ۾ مارشل لا لڳائڻ عوام لاءِ اجتماعي سزا آهي تنهنڪري هن پهرينءَ گهڙيءَ ۾ طئي ڪري ڇڏيو تہ هو وڌ ۾ وڌ عرصو اقتدار پنهنجي هٿ ۾ رکندو. پنجين جولاءِ کانپوءِ هن پي اين اي واري منشور جي هڪ حصي تي يعني اسلامي نظام کي نافذ ڪرڻ واري وعدي کي پنهنجي پروگرام جو حصو بنايو. ڇهين جولاءِ تي هن ڦٽڪن، هٿ ڪپڻ ۽ اغوا تي ڦاسيءَ جي سزا ۽ ٻين سزائن جو اعلان ڪري ڇڏيو. هنن سزائن جي اعلان سان ساري ملڪ ۾ هڪ ڊپ جي لهر ڇانئجي ويئي. سينسر شپ جي ڪري ليڊر بہ ڪجي نٿي سگهيا. ستت ئي جنرل ضياء الحق راولپنڊي ۾ اخبار وارن جي ميٽنگ گهرائي جيڪا چيف آف آرمي اسٽاف هائوس ۾ گهرائي. منجهند جي ماني جنرل سان گڏ اخبار وارن کي کارائي وئي.

جنرل جي خطاب ۽ ان کان پوءِ سوال و جواب ٿيا. جڏهن لنچ تي سڀ پهتا تہ جنرل هر اهم اخبار واري وٽ پنهنجي پليٽ کڻي وڃي ڳالهہ ٻولهہ تي ڪئي. آءِ جنگ واري مير خليل الرحمان ۽ پاڪستان ٽائيمز جي خالد احمد سان گڏ هئس. هو اسان واري جهرمٽ ۾ بہ پهچي ويو. مون کي اعلان ڪيل هٿ ڪپڻ وارين سزائن تي اختلاف هئو سو ڳالهين جي دوران سوال ڪري وڌم تہ "جنرل صاحب، ملڪ ۾ اڳيئي معذور گهڻا آهن جواوهان ماڻهن کي معذور بنائڻ جو پروگرام تيار

ڪيو آهي. اوهان ماڻهن کي پهرين روزگار فراهم ڪريو پوءِ جيڪڏهن چوري ڪن تہ هٿ نہ پر سسي ڪپيون." انهيءَ تي جنرل صاحب پويان بيٺل انفارميشن سيڪريٽري مختار مسعود ڏانهن نهاريو جنهن ڳالهہ سمجهي ۽ منهنجو تعارف ڪرايو. مير خليل انهيءَ سوال تي سري منهنجي پر ۾ بيٺو جيڪو مون کي سڻو لڳو. جنرل منهنجو تعارف ٻڌڻ کانپوءِ چيو تہ "هي تہ محض هڪ اعلان آهي جنهن جو مقصد ماڻهن کي خوف ڏيارڻ آهي. هٿ ڪپڻ جو ڪو پروگرام ڪونهي." مون وري جواب ڏنو: "جنرل صاحب, قانون موجود هوندو تہ ان تي ڪنهن بہ وقت عمل بہ ٿي سگهي ٿو تنهنڪري انهيءَ تي ٻيهر غور ڪرڻ گهرجي." جنرل سمجهي ويو تہ هي ڪو اردو اخبار وارو آهي, سو چيائين: "آءٌ هتي سيني جي وچ ۾ يقين ٿو ڏيان تہ انهيءَ ريگيوليشن تي عمل ڪونہ ٿيندو."

هڪدم مون کي خيال آيو تہ آءٌ سي او اي سي هائوس ۾ هئس, تنهنڪري وڌيڪ بحث نہ ڪرڻ گهرجي. پر منهنجو ڊپ ان وقت سچ ثابت ٿيو جڏهن واپس حيدرآباد ۾ جڏهن هڪ ڏينهن خبر آئي تہ هڪ پيرسن گهريلو ملازم کي انهيءَ وقت فوجي ڪورٽ موت جي سزا ڏني, جڏهن عدالت انهيءَ ريگيوليشن تحت پنهنجي مالڪ جي ننڍڙي ٻارڙي کي اغوا ڪرڻ جي الزام ۾ سزاءِ موت ڏني. ڪورٽ ملازم جي اها ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ هئي تہ ٻارڙو هن سان ايترو هريل هو جو پهرن جا پهر ساڻس گڏ رهندا هئا. هڪ ڏينهن هن کي دير ٿي ويئي تہ ٻار جي ماٽن ٿاڻي تي ايف آءِ آر ۾ فرياد ڪرايو ۽ ٿاڻي وارن "پهرين ڪيس يا پهريون مثال" ڏيڻ جي ڪوشش ۾ هڪ بيگناهہ ملازم جي جان وڃارائي.

قاسيءَ کان وڌيڪ اذيتناڪ سزائون تہ نٽيون ٿي سگهن, پر جنرل ان کان وڌيڪ تڪليفده سزا ڦٽڪن جي رائج ڪئي. بادشاهي دور جي يادگار هي سزا هن وقت صرف بدنام زمانہ جيلن ۾ رائج آهي پر جنرل ضياء الحق اها ڪٽي جديد دؤر جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سرعام ماڻهن کي ڏيکاري, هن جو مقصد ماڻهن کي خوفزده ڪرڻ هئو. ٿيندو هيئن هئو تہ اهو پوليس تي هوندو هئو تہ هو ڪهڙي ملزم کي ڪهڙي ڏوهہ ۾ چالان ڪري ٿي. پوليس کي اهو اختيار ملڻ کانپوءِ پوليس جي رشوت جي شرح وڌي ويئي. هر گناه گار يا بي ڏوهي پوليس کي وات سان گهربل رشوت جي آڇ ڪندو هئو تہ مٿس عام فوجداري قانون لڳائي, پر انهيءَ سان گڏ اهو مارشل لا ريگوليشن نہ لڳائي جنهن ۾ ڦٽڪن جي سزا ڏنل هجي. پوليس وارا راتورات لک پتي بنجي ويا. عام طور تي هڪ ڦٽڪي جي سزا هڪ لک رپيا

رشوت مقرر هوندي هئي.

اهڙين سزائن جو طريقہ ڪار عموماً هي هوندو هئو تہ سرسري فوجي عدالتون هڪ سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ۽ ڏهن ڦٽڪن جي سزا ڏيندي هئي. ڪورٽ جي تشڪيل عموماً هڪ فوجي آفيسر، هڪ شهري ميجسٽريٽ ۽ هڪ معاون تي مشتمل هوندي هئي. پراسيڪيوٽر عموماً پوليس يا فوج جو آفيسر هوندو هئو. ايف آءِ آر ۾ الزامن جي آڌار تي سزا (خفيہ طور) پهرين مقرر ٿي ويندي هئي. شنوائي کان هڪ رات اڳ ۾ ملزم جو طبي معائنو ڪرائي ڊاڪٽر کان اهو سرٽيفڪيٽ ورتو ويندو هو تہ هو ڦٽڪا برداشت ڪري ويندو. عام طور تي 45 سالن کان گهٽ عمر وارن کي اها سزا ملندي هئي. ٻئي ڏينهن شنوائي ٿيندي ۽ اختتام تي سزا جو اعلان ٿيندو هئو. سنگين ڪيسن وارن کي وڌيڪ ڦٽڪن جي سزا ملندي هئي.

ڦٽڪن جي سزا تي عمل ڪرڻ، ظالمانہ سهي، پر هڪ ٽيڪنيڪ آهي. ان جي لاءِ پهريون شرط تہ هي آهي تہ ڦٽڪن هڻڻ وارو ظالم هجي. هن کي انسان ذات سان ڪا همدردي نہ هجي، ڇاڪاڻ تہ هن ٽيڪنيڪ جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ ملزم کي ڪيئن وڌ ۾ وڌ تڪليف ڏجي. انهيءَ ڪري هن ڦٽڪن لڳائڻ لاءِ هڪ ٽساٽ تيار ڪيو ويندو آهي. ان تي ملزم جا هٿ اونڌي مُنهن ٻڌي، شلوار گوڏن تائين لاهي ٻنڊڻ تي هڪ ململ جو ڪپڙو گوڏ وانگيان ٻڌي بيهاريو آهي.

ڦٽڪا لڳائيندڙ 15 _20 فٽ پري کان ڊوڙندو ايندو ۽ هٿ ۾ ڪنيل هڪ ست فٽ ڊگهو بيد هن جي ٻنڊڻن تي پوري جسماني طاقت سان هڻندو هئو. ظلم جي انتها تہ هي هئي تہ هن سزا ڏيڻ لاءِ قيدي ۽ پوليس وارا خصوصي تربيت حاصل ڪندا هئا ۽ هو انهن نالن سان مشهور ٿي ويندا هئا.

ضياء الحق پنهنجي حڪومت جي پهرين ڏينهن ۾ سر عام ڦٽڪا هڻڻ شروع ڪيا جن جو مقصد اهو هئو تہ ماڻهن ۾ ڌڪاءُ پيدا ٿئي. پر جرم و سزا جي نفسيات مطابق ڏوهہ تہ ڪونہ گهٽيا نڪو وري ماڻهن ۾ ڏوهہ لاءِ نفرت پيدا ٿي، البتہ ضياء الحق جي لاءِ نفرت ضرور پيدا ٿي. سر عام ڦٽڪن جي سزا راندين جي اسٽيڊيمين، شاهراهن ۽ ٻين هنڌن تي ڏني ويئي پر جيئن وقت گذرندو ويو ماڻهن مان خوف جو عنصر گهٽجندو ويو.

هڪ سزا جنهن ملڪ اندر ئي نہ پر پوري دنيا ۾ پاڪستان کي بدنام ڪيو سا هئي ڪراچيءَ ۾ ٽن ملزمن کي سرعام ڦاسيءَ جي سزا. هن سزا جي ڪري

پاڪستان تي تمام گهڻي نڪتہ چيني ٿي جنهنڪري پاڪستان جي گهڻي امداد ڪٽجي ويئي ۽ ٻاهرين ملڪن سان تعلقات تي بہ اثر پيو اها سزا ڪراچيءَ ۾ ڏني ويئي ۽ ڪيترن ڏينهن تائين سياسي ۽ سماجي حلقن ۾ زير بحث رهي.

جنرل ضياء الحق جو سماجي پس منظر وچولي درجي وارو هئو پر هو شاطرانہ ذهن جو مالڪ بہ هئو. هن ۾ چالاڪي ۽ چرب زباني هئي، تنهنڪري هو ڪنهن ماڻهوءَ کي اها سُڌ ٿيڻ نہ ڏيندو هئو تہ هو سندس باري ۾ ڇا سوچي ٿو ۽ ڇا ڪرڻ وارو آهي. ڀُٽو صاحب بہ انهيءَ چرب زباني جو شڪار ٿي ويو. ڀُٽي صاحب سمجهيو تہ ستن فوجي جنرلس کي اورانگهڻ وارو جنرل ضياء الحق ڀُٽي صاحب جي احسان جو اهڙول جواب نہ ڏيندو. بهرحال، هاڻي هن ساڄي ڌر واري نعري "اسلامي نظام" تي عمل شروع ڪري ڏنو. هن پنهنجن حوارين کان ائين چوائڻ شروع ڪيو تہ هو خلافت جي زماني وارو اسلام رائج ڪندو. شورائي نظام آڻيندو. نظام صلوات رائج ڪندو ۽ ملڪ جي مالياتي نظام مان وياج کي ختم ڪرائيندو. ڪئين گهمرا هو چئي چڪو هو تہ جمهوريت يا ڪو بہ ٻيو نظام اسلام جي خلاف آهي تنهنڪري، هو مڪمل اسلامي نظام آڻيندو. اهو ئي ڪارڻ آهي تہ هن جڏهن مجلس شوريٰ چونڊي تہ چونڊن بدران نامزد ڪيل هڪ مجلس ٺاهي.

پهرين هن ڪامورا شاهي تي ڌيان ڏنو. هر اهو عهدو جيڪو فيصلي ڪرڻ يا فيصلي تي عمل ڪرڻ جو ذميوار هئو تنهن بابت رپورٽون گهرائي اهو يقين ڪيو تہ هو سندس پاليسين تي پوريءَ طرح عمل ڪندو. پوءِ چاهي اهو سندس فڪر ۽ سوچ جو نظرياتي طور حامي هجي يا نہ. هر ڪاتي ۾ ناظم صلوات مقرر ڪيا ويا جن جو ڪم هئو تہ نماز جي وقت اهو يقيني بنايو وڃي تہ نماز پڙهي ٿو. آفيسن ۾ اسلامي تعليمات تي عمل ٿئي پوءِ چاهي سرڪاري ڪم جو اڪلاءُ ٿئي يا نہ.

هاڻي ضياء الحق کي اها جهوري لڳي تہ معاشيات کي بہ اسلامي نظام وانگيان صاف ڪجي. هن بئنڪارن ۽ مالياتي نظام جي ماڻهن کي چيو تہ وياج کان پاڪ معاشرو آڻيو. ٻاهرين دنيا جي مالياتي ادارن تہ انڪار ڪري ڇڏيو البتہ پاڪستاني بئنڪن هائوڪار ضرور ڪئي پر ڪا امڪاني تجويز پيش نہ ڪئي. صرف هائوس بلڊنگ فنانس ڪارپوريشن، جيڪا سچ پچ غريبن لاءِ ڪجهہ ڪري ٿي تنهن اهڙي تجويز ڏني جو ضياءُ الحق هائوڪار ڪري ڇڏي ۽ قرض وٺندڙ ماڻهن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. هن کان اڳ تہ هائوس بلڊنگ جو قرض مقرر وياج جي اگهہ تي ملندو هئو. جنرل ضياء الحق مضاربہ ۽ مشارڪہ جي نالي ۾ هنن

ڪي اهڙو چوڪنيو پڌي ڇڏيو جو جيڪو هڪ گهمرو قرض وٺي سو وري جان سڄي ڄمار نہ ڇُٽائي سگهي. هن جو عام طريقو هيءُ هو تہ قرض وٺندڙ کي هائوس بلڊنگ فنانس ڪارپوريشن جو حصيدار قرار ڏئي. قرض جي رقم کي ڪنهن ڪمپني وانگيان نفع/نقصان جي ڪاروبار ۾ شامل ڪندي هئي. پوءِ هر سال انهيءَ قرض خواهہ جي حاصل ڪيل جاءِ جي مسواڙ تي ڪٽ ٿيندي ۽ هن جي ڏنل قسط مان 60 سيڪڙو ان مد ۾ ويندو باقي 40 سيڪڙو منافع/نقصان ۾. يارهن مهينا قسط نہ وٺڻ ڪري جڏهن مقروض ويچارو پهرين قسط جمع ڪرائيندو تہ پورو سال صرف وياج يا مضاربہ/مشارڪ ۾ ويندو ۽ اصل رقم اتي ئي بيٺي رهندي.

ضياء الحق کي معلوم هئو تہ تعليم سيني تعليمات جي پاڙ آهي. تنهنڪري هن تعليمي ماهرن کي سڏيو. پهريائين تقريبون ملهائڻ شروع ڪيون پر انهيءَ لاءِ بهانا هئڻ ضروري هئا. پندرهين صدي هجري اچي ويئي هئي تنهنڪري انهيءَ حوالي سان تقريبون شروع ٿيون. اربين رپيا انهيءَ ۾ لڳايا ويا. سوين اسڪالر گهرايا ويا. خاص آفيسر مقرر ڪيا ويا. ڪئين ڪتاب ڇاپيا ويا پر انهيءَ جو ڪو خاص نتيجو تعليمي ترقيءَ ۾ ڪونہ ٿيو. البتہ نقصان تمام گهڻو ٿيو.

نقصان هن طرح تہ حقيقت پسندانہ نظريي بدران مفروضن تي ٻڌل تحريرن جي همت افزائي ڪئي ويئي جنهن ڪري ڪوڙا اديب ۽ محقق برساتي ڏيڏرن وانگيان نڪري آيا. ويجهي دؤر ۾ ڪنهن بہ ملڪ ۾ تاريخ سان ائين هٿ چُراند ڪانہ ٿي. پيو تہ درسي ڪتابن مان تاريخ جا اهم سبق/مضمون ڪڍيا ويا. انهن ۾ گهٽائي انهن سبقن جي هئي جيڪي جنرل ضياء الحق جي نظريي سان ڪونہ ٿي نهڪيا. سڀ کان وڌو نقصان سنڌ کي پهتو. مثال طور جن ڪتابن ۾ اهو هئو تہ پاڪستان جي قيام جو پهريون ٺهراءُ سنڌ اسيمبليءَ پيش ڪيو ۽ اهو ٺهراءُ جي ايم سيد پيش ڪيو سو مسودو ڪڍي اڇلايو ويو. اهڙيءَ طرح ڪئين تاريخي حقيقتون بدلايون ويون ۽ جنرل ضياء الحق جي هدايتن تي اهڙا ڪئين پيا نظريا عام ڪيا ويا.

## فنونِ لطيفہ

پاڪستان ۾ فنونِ لطيفہ سدائين مجبور ۽ محبوس رهيا آهن. جنرل ضياء الحق ون وي ٽريفڪ جو قائل هئو تنهنڪري هن پي اين اي جي منشور تي هلندي،

ساڃي ڌر جي جنرل وانگيان هلڻ شروع ڪيو. انهيءَ عمل جو نتيجو جنرل کي يا سندس دوستن کي نہ پر عوام کي سخت نقصان ۾ وڌو. مثلاً فنون لطيفہ موسيقي ۽ رقص تي اهڙيون پابنديون وڌيون جو رقص جون تقريبون ڪرڻ وارا پريشان ٿي ويا. ڪلاسيڪل رقص جي وڏي فنڪاره ناهيد صديقي ملڪ ڇڏي هلي ويئي، شيلا ڪرماني ماٺ ڪري ويٺي، ساڳي ريت تهمينا منا جو رويو هئو.

ڪلاسيڪل موسيقار بہ ڪنهن بہ سرڪاري همت افزائي نہ هئڻ ڪري دم توڙي رهيا هئا. ڪلاسيڪي فنڪار ۽ سندن ڳائڻ جا گهراڻا زندگي گذارڻ لاءِ بيا شعبا تلاش ڪري رهيا هئا. ائين ناهي تہ ڪو ضياء الحق کي انهيءَ تي ماڻهن جي ردعمل جي خبر نہ هئي پر هو آباديءَ جي هڪ حلقي کي خوش ڪرڻ، ماڻهن کي مسئلن ۾ گهيري رکڻ ۾ هو پنهنجي عاقبت سمجهندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن هو ماڻهن جي انهيءَ رويي بابت ٽيليويزن تان پنهنجي تقريرن ۾ ٻڌائيندو هئو. پر لڳندو هئو تہ هو انهيءَ تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئو.

◈ ◈ ◈

# ٣٣ :
## • ائين ڇو ٿيو؟
## • گهٽيون راهون

انهيءَ وقت جڏهن ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏني ويئي هئي تنهن کانپوءِ هر تجزيہ نگار هيئن چوندو آهي تہ هيئن ٿئي ها تہ ڀٽو صاحب بچي وڃي ها يا هونئن ٿئي ها تہ ڪجهہ بہ نہ ٿئي ها. مثلاً هيئن بہ چيو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن يحيٰ بختيار مقدمي ۾ دير نہ ڪري ها تہ هيئن ٿي وڃي ها. ڇا هئو ۽ ڇا ٿيڻ وارو هئو انهيءَ جو حقيقت سان ڪيترو تعلق آهي، تنهن جو تہ علم صرف انهن ماڻهن کي آهي جيڪي هن ساري مامري ۾ شامل رهيا پر هن جي حقيقت هيءَ آهي تہ هنري ڪسنجر جي هن ڌمڪي کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي تہ جڏهن ڀٽي صاحب ايٽمي پروگرام تان هٿ کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ هن چيو:

"We will make a horrible example of you"

(اسان توکي هڪ عبرتناڪ مثال ناهي ڇڏينداسين.)

جيئن بہ هئو اڄ اهو چوڻ ڏاڍو مشڪل آهي تہ ڀٽي صاحب جو ڪيس ڪيئن نهيو ۽ سندس مقدمو ڪيئن هليو اسان انهيءَ تي ايندڙ صفحن ۾ ذڪر ڪنداسين. بهرحال چوندن ۾ جيڪي غلطيون ٿيون، انهن کي پي اين اي ۽ پوءِ جنرل ضياء الحق استعمال ڪيو. جنرل تہ سموري اسٽريٽيجي اها ناهي تہ چالاڪ تہ ماڻهو رستن تي نڪري آيا آهن. انهيءَ ڪري انهن جي آواز کي تسليم ڪرڻ گهرجي. جيتوڻيڪ حقيقت اها آهي تہ شهرن ۾ گهڻا ماڻهو رهن ٿا ۽ انهن مان خاموش اڪثريت گهٽي آهي. اهو ئي سوچي ماڻهن جو تناسب سمجهہ ۾ اچي

سگهي ٿو. اڄ بہ گهڻا ماڻهو ائين سوچين ٿا تہ شهرن ۾ بہ مظاهرا ٿين ٿا تہ حڪمران ائين سمجهن ٿا تہ سڄو ملڪ حڪمرانن جي خلاف آهي.

سياسي تجزيہ نگارن جو خيال آهي تہ ڌانڌلي جو الزام پاڪستان قومي اتحاد هڪ خاص انداز ۾ مقصد سان ڀُٽي صاحب تي هنيو. انهيءَ خيال کي عام مقبوليت آهي تہ ڀُٽي صاحب کان پاڻ غلطيون ڪونہ ٿيون پر سندس مختلف ساٿين ۽ حوارين جي هٿان ٿيون. مثال طور پنجاب ۾ غلطيون صادق حسين قريشي کان ٿيون ۽ ويون وري ڀُٽي صاحب جي کاتي ۾. سنڌ ۾ بہ غلطيون ٿيون جيڪي خالد احمد سومري ڪيون يا غلام مصطفيٰ جتوئيءَ ڪيون. جيڪڏهن ڀُٽي صاحب چاهيو ٿي تہ هو بنا مقابلي چونڊجي تہ جتوئي صاحب کي کهڙي پئي تہ هو بہ بنا مقابلي چونڊجي. اهي ٻئي ٽڪ هئا جتي ايمانداريءَ سان چونڊ ٿئي ها تہ بہ جتوئي صاحب کٽي وڃي ها.

هي ڳالهہ هاڻي ثابت ٿي چڪي آهي تہ ڀٽو صاحب چونڊن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڌانڌلي ڪرڻ جي حق ۾ نہ هئو. چوٿين مارچ تي ڀُٽي صاحب ڪمشنرن جي ميٽنگ گهرائي ۽ سڀني کي چيائين تہ جيڪڏهن ڪنهن جي ذهن ۾ اهو خيال آهي تہ هن کي بہ ٻاگهي تي اڪثريت کپي تہ اها غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ هن کي ڪا بہ آئيني ترميم ڪانهي ڪرڻي. تنهنڪري ڪنهن قسم جي ڌانڌلي نہ ٿيڻ گهرجي.

نتيجا آيا ۽ قومي اتحاد رد ڪري ڇڏيا. هڪدم ايجيٽيشن شروع ٿي ويو. ڪراچي ۾ پنجابي، پٺاڻ، مهاجر سڀ گڏ ٿي ويا. ڏسندي ڏسندي پنجاب ۾ شروع ٿي ويا پر ڀُٽي صاحب جا مشير ڪيس طرح طرح جون صلاحون ڏيندا رهيا. ايستائين جو چيائون تہ هڪ فتحمنديءَ جو جلوس بہ ڪڍيو وڃي. هيءَ هڪ خطرناڪ صلاح هئي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي ڀُٽي صاحب جا گهڻ گهراهئا تن جو خيال هئو تہ جيڪڏهن هن جلوس جو مظاهرين سان ٽڪراءُ ٿي پيو تہ صورتحال وڌيڪ ئي خطرناڪ ٿي وينديءَ پي اين اي کي پنهنجي سياست چمڪائڻ جي لاءِ چند لاش وڌيڪ ملي ويندا.

هڪ وڏي رڪاوٽ ايمرجنسي بہ هئي جيڪا اڃا نہ کنئي وئي هئي. اخبارن تي سينسرشپ بہ جاري هئي، چونڊن جي تياري دوران جيڪي ميٽنگون ڪيون ويون، تن ۾ دلچسپي رکندڙ ڌرين اهي ڳالهيون پيش ڪيون ۽ اهي تجويزون آڏو آيون تہ سنسرشپ ۽ ايمرجنسي هٽائي ويندي ۽ جيڪي بہ اقدام

اپوزيشن ٺاهيا آهن. اهي درست ڪيا ويندا. قلم 144 به سيني هنڌان هٽايو ويو پر پنجاب ڪونه هٽايو جنهن ڪري اتي سياسي ورڪرن ۾ ماڻهن جا جذبا ڀڙڪيا هئا.

چونڊن جي گهما گهمي وڌي ته ماڻهن جلسن ۾ وڃڻ شروع ڪيو. اپوزيشن جا جلسا ڀرجڻ لڳا. هزارن بلڪ لکن جي تعداد ۾ جلسا ٿيڻ لڳا. ماڻهن ڀُٽي صاحب جي خلاف تقريرون ٻڌايون. پيپلز پارٽيءَ وارا خاص ڪري اهي جيڪي ڀُٽي صاحب جي چوڌاري رهندا هئا، سي گهٻرائجي ويا.

قومي اتحاد جي به تاريخ عجيب آهي. چونڊن کان اڳ انهيءَ جي مقبوليت ۾ اضافو آيو پر چونڊن دوران ان جو گراف ڪرڻ لڳو. انهيءَ جا ڪئين ڪارڻ هئا. هڪ ته هنن پنهنجين تقريرن ۾ ذاتيات کي ڏاڍو اڇاليو جيڪو خاموش اڪثريت جي ذهنن کي هرڀرو ڀُٽو صاحب جو مخالف ڪرڻ لڳو. ٻيو ته قومي اتحاد اوير پاڪستان واري شڪست کاڌل عناصر کي پاڻ سان شامل ڪري ڇڏيو جنهن تي پنجاب ۾ ڏاڍي مخالفت ٿي. نتيجو اهو نڪتو ته تحريڪ کي هلندي مهينو به ڪونه ٿيو ته ماڻهن ۾ بددلي پيدا ٿيڻ لڳي.

اصل ڳالهه هي آهي ته هن ملڪ ۾ هڪ اهي قوتون جيڪي ظاهر ظهور ڪم ڪنديون آهن ٻيون اهي جيڪي پس پرده مصروف عمل هونديون آهن. مثلاً هتي عام طور چيو ويندو آهي ته فلاڻو سي آءِ اي (امريڪا) جو ماڻهو آهي. دراصل ڳالهه اها آهي ته ائين سوچڻ حقيقت کان پري ڪانهي، ڇاڪاڻ ته اسان وٽ مختلف زمانن ۾ جيڪي سياستدان يا اثر وارا ماڻهو اقتدار ۾ آيا آهن، تن امريڪا جي پنيرائي حاصل ڪئي آهي ڇاڪاڻ ته ٽئين دنيا جي هڪ ملڪ هئڻ جي ڪري ائين ڪرڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هتي اسان جي آزاد حيثيت ۾ وجود جو وڏو عرصو فوجي تسلط ۾ گذريو آهي. امريڪا به ائين ڪري ٿو ته جن سياسي شخصيت يا پارٽين ۾ اها اميد نظر اچي ته اڳتي هلي هو اقتدار جي مسند تي ويهي سگهن ٿا تن سان ڪنهن نه ڪنهن قسم جو رشتو ڳنڍي ٿو.

ڀُٽو صاحب جي دوستن ۽ هم رڪاب ماڻهن جي رويي ۾ فرق به ڀُٽي صاحب لاءِ تڪليفون پيدا ڪيون. مثلاً جن ماڻهن پارٽي ٺاهڻ ۾ مدد ڪئي سي آهستي آهستي پري ٿيندا ويا. انهن ۾ خورشيد حسن مير جو نالو وٺي سگهجي ٿو. جي اي رحيم جهڙو ماڻهو به هليو ويو. حنيف رامي جهڙو فقيد المثل ماڻهو به ڀُٽي صاحب جو ساٿ ڇڏي ڏنو. سنڌ ۾ ته عجيب حال هئو. صنعتون قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جي

معاملي تان شڪارپور جا سومرا محاذ ڪڙو ڪري بيهي رهيا. هوڏانهن جيڪب آباد جا پنهور ۽ جکراڻي اهڙيءَ طرح پيا ننڍا وڏا قبيلا هڪٻئي خلاف صف آرا ٿي ويا جنهن ڪري پارٽي تنظيم جو ڪم رلي ويو. صورتحال هن حد تائين خراب ٿيڻ لڳي تہ حنيف رامي تي ڪيس ٺهي ويو ۽ هن کي ڪوٽ لکپت جيل موڪليو ويو. ڀُٽي صاحب کي سندس قريبي رفيقن اهو نہ ٻڌايو تہ هنن پراڻن دوستن کي ڪيئن راضي ڪري وٺي اچجي يا وري هنن کي پارٽي صفن ۾ شامل ڪجي. ڳالهہ انهيءَ حد تائين وڌي ويئي تہ جڏهن ڀُٽي صاحب جا قريبي دوست هڪ ٻئي ڪان ۽ ڀُٽي صاحب ڪان پري ٿيڻ لڳا تہ بيورو ڪريسي زور وٺڻ لڳي، انهيءَ حد تائين جو رامي صاحب جي لاءِ ڀُٽي صاحب ڪنهن جي چوڻ تي سزا نہ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو پر خبر تڏهن پئي تہ رامي کي ٽي سال سزا ڏني ويئي. اصل ۾ انهيءَ ۾ نہ ڀُٽي صاحب جو ڏوهہ هئو ۽ نہ وري رامي جي. صادق قريش: وزيراعليٰ پنجاب هئو. هن ڏٺو تہ جيڪڏهن رامي آزاد ٿئي ٿو تہ سندس وزارت اعليٰ وينديءَ انهيءَ ڪري هن اهو يقين ڪري ورتو تہ رامي کي سزا ملي.

عام طور تي ماڻهو اهو سوچين ٿا تہ ڀُٽي صاحب جي خلاف سندس قريبي دوستن سازش ڪئي. ائين ٿي سگهي ٿو ۽ ڪنهن حد تائين ڪامياب ويئي هڪ عنصر هي بہ هئو تہ فوج ۾ جيڪو قاديانين جو نوجوان ٽولو هئو ان ڏاڍي منظم طريقي ۾ ڀُٽي صاحب جي خلاف فوج ۾ نفرت پکيڙي. جنرل جهانداد لکي ٿو تہ راجا منور جي ڳاڌيءَ مان جيڪو پمفليٽ پڪڙيو سو فوجين ڏانهن هئو. انهيءَ پمفليٽ ۾ فوجين کي ڀُٽي صاحب جي خلاف اُڀاريو ويو هئو.

ڀُٽي صاحب جو هڪ دوست راؤ رشيد لکي ٿو تہ جڏهن ڀُٽي صاحب جي خلاف قتل ڪيس ٺهيو تہ رامي هن جي خلاف شاهد ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويو. تن ڏينهن تائين هو ڪورٽ ويندو رهيو پر سندس شاهدي نہ ٿي. انهيءَ ڳالهہ سان اهو شڪ پيدا ٿي ويو تہ هو ٻئي پاسي هليو ويو آهي يعني ڀُٽي صاحب جو حمايتي ٿي ويو آهي. اها ڳالهہ پوءِ کُلي تہ رامي، ڀُٽي صاحب جي خلاف شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو هئو ڇاڪاڻ تہ ضياء الحق سان سودي بازي ٿي ويئي تہ رامي جي خلاف ڪرپشن ۽ انڪوائريون ڪليل آهن اهي واپس ورتيون وينديون ۽ جيڪي واقعي بعد ۾ واپس ورتيون ويون. هڪ ٻي ڳالهہ بہ عام طور تسليم ڪئي وڃي ٿي تہ غير جماعتي چونڊن جي تجويزن رامي جي تجويز هئي جيڪا ضياء الحق جي چوڻ تي اڳتي وڌائڻ چاهي ٿي. هڪ ڏينهن اها ڳالهہ بہ کُلي تہ حنيف رامي پنهنجي ڏار پارٽي بہ

ٺاهڻ تي ٺاهي، جنهن جو منشور اهو ئي تي چاهيائين جيڪو پيپلز پارٽي جو هئو پر پوءِ دوستن جي مشوري تي اها مشق ترڪ ڪري ڇڏي. البت اها ڳالهه سيڪيورٽي ايجنسين جي ذريعي ضرور سامهون آئي ته حنيف رامي چيف منسٽري جي ڏينهن ۾ پيسا ڪمايا ۽ پوءِ ضياء الحق جي ڏينهن ۾ پيٽرول پمپ وغيره خريد ڪيا ۽ انهيءَ انڪوائريءَ کان جان ڇڏائڻ لاءِ هن ضياء الحق سان سوديبازي ڪئي.

گهڻن تجزيه نگارن جو خيال آهي ته حنيف رامي، ڀُٽي صاحب جي دوست جي حيثيت سان پنجاب ۾ پيپلز پارٽي جي سياست کي متاثر ڪيو پر ان ۾ ڪو هڪ عنصر ڪون هئو. گهڻيئي پاسا هئا جن گڏجي انهيءَ سياست کي متاثر ڪيو جن ۾ هڪ کان وڌيڪ ڪردار شامل هئا.

◈ ◈ ◈

# ٣٤

- ضمانت تي رهائي
- مقدمو فيصلو
- ڦاسي

پنجين جولاءِ 1977ع تي هڪ گهمرو وري پاڪستان دنيا جي انهن ملڪن ۾ شامل ٿي ويو جتي نہ جمهوريت هئي ۽ نہ وري ڪو سول راڄ. سموري سياسي ليڊر شپ کي صبح تائين نظربند رکيو ويو پر اها سياسي نظربندي ڀُٽي کي پنهنجي راهہ تان هٽائڻ لاءِ هئي ___ ٻيو ڪجهہ نہ. هيءَ هڪ اهڙي سازش هئي جيڪا 5 جولاءِ تي اوچتو وجود ۾ ڪانہ آئي. انهن سازشن تي تفصيلي گفتگو اڳين صفحن تي ٿي چڪو آهي.

ڀُٽي جي خلاف تحقيقات جا مختلف پاسا ڏسڻ واري سلسلي ۾ هڪ فائيل نواب احمد قصوري وارو بہ هئو جنهن کي نومبر 1974ع تي گاڏيءَ مان لهندي قتل ڪيو ويو هئو. جنرل ضياء فوراً, قصوري جي گهر وارن, خاص ڪري احمد رضا قصوري سان رابطو ڪيو ۽ کيس ڀُٽي خلاف قانوني چاره جوئي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو.

ڀُٽو صاحب اڃا سهالا ۾ نظربند ئي هئو تہ ڀُٽي جي پاران هڪ ضمانت جي درخواست لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪرائي وئي جنهن کي جسٽس صمداني منظور ڪري ورتو ۽ ڀُٽي صاحب کي 28 جولاءِ 1977ع تي ضمانت تي آزاد ڪيو ويو. هن موقعي تي جنرل ضياء پي اين اي جي ليڊرن کي انهيءَ شرط تي آزاد ڪيو تہ هو وري ڪا "گڙٻڙ" نہ ڪندا البتہ ڀُٽي صحب کي ڇوڙڻ ڏاڍو ڏکيو هئو.

گهڻن تجزيہ نگارن جو خيال آهي تہ گڙٻڙ انهيءَ وقت شروع ٿي جڏهن ڀُٽي صاحب ضمانت تي نڪرڻ کانپوءِ ريل رستي ڪراچي ۾ لاڙڪاڻي وڃڻ جو فيصلو ڪيو ڇاڪاڻ تہ کيس پنهنجي مقبوليت جو احساس هئو. هر ننڍي وڏي اسٽيشن تي گاڏي رڪي تہ هر هنڌ ريلوي اسٽيشن تي کيس هڪ جهلڪ ڏسڻ ۾ ٻڌڻ لاءِ هجومن جي صورت ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو نڪري آيا. گاڏي ليٽ ٿيندي ويئي، جنرل ضياء کي اتان ئي خطرو محسوس ٿيڻ لڳو جڏهن هن هڪ ريلوي اسٽيشن تي آيل استقبال لاءِ هزارين ماڻهن کي خطاب ڪندي چيو تہ ٻيهر اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ جنرل ضياء تي بغاوت جو مقدمو هلايو ويندو. ريل واري انهيءَ سفر ۾ ڀٽو اها ڳالهہ ورجائيندو رهيو جنهن جو ٻڌي جنرل ضياء انهيءَ ارادي کي پڪو ڪري ڇڏيو تہ هو ڀُٽي کي پنهنجي رستي تان هٽائي پوءِ سک جو ساهہ کڻندو. تنهنڪري جيئن ئي ڀُٽي صاحب جو ريل سفر ختم ٿيو هن ڀُٽي جي خلاف قصوري جي قتل جي الزام ۾ گرفتار ڪرڻ جو انتظام ڪري ڇڏيو. جنرل ضياء ڀُٽي خلاف سنها ٿُلها ثبوت گڏ ڪرڻ بدران قتل جي ڪيس ۾ ٻيهرين گرفتار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پوءِ ٻيو ڪجهہ سوچيو.

نيٺ ٽين سيپٽمبر 1977ع تي ڀُٽي صاحب کي ٻيهر گرفتار ڪيو ويو ۽ هن ڀيري قتل جي الزام ۾، نواب محمد احمد قصوري جي پٽ احمد رضا قصوري ايف آءِ آر داخل ڪرائي. پوءِ ڪيس هلندي، ايف سي ايف (فيڊرل سيڪيورٽي فورس) جي ڊئريڪٽر جنرل مسعود محمود بيان ڏنو تہ ڀُٽي صاحب کيس ايف ايس ايف جي ڊئريڪٽر جنرل آپريشنز غلام عباس جي مدد سان قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اهو بيان ايف آءِ آر جو حصو بنايو ويو جنهن جي آڌار تي ڀُٽي خلاف ڪيس هلائڻ جو موقعو ملي ويو. ڀُٽي کي جهاز ذريعي لاهور آندو ويو. يارهين اڪٽوبر 1977ع تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي خاص بينچ آڏو شروع ٿيو جنهن جي سربراهي جسٽس مولوي مشتاق حسين ڪري رهيو هئو.

ڪيس هلندي جسٽس مشتاق حسين اهڙو رويو اختيار ڪيو جيڪو هڪ منصف کي مناسب نٿي لڳو. ڀُٽي صاحب جي بچاءَ وارن وڪيلن جي ٽيم جي سربراهي يحيٰ بختيار ڪري رهيو هئو. بهرحال، ڪارروائي اڳتي وڌي ۽ منڍ ۾ ئي ڀُٽي صاحب الزام مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جسٽس مولوي مشتاق حسين کي انهيءَ ڳالهہ تي چڙ هئي تہ ڀُٽي پنهنجي اقتدار واري عرصي دوران هن سندس (مولوي مشتاق حسين) بدران سردار محمد اقبال کي لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف

جسٽس چو بنايو. ڪيس ٻڌڻ دوران هن اهڙا اهڙا رمارڪ ڏنا جيڪي هڪ منصف لاءِ مناسب ڪونه هئا. پاڪستان جي عدليه جي تاريخ ۾ اهڙو ڪوئي مثال نٿو ملي. جڏهن مقدمو هلي رهيو هئو ته احمد رضا قصوري هڪ گهمري رت جي هڪ ننڍي شيشي قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ کڻي آيو جيڪو سندس چوڻ مطابق سندس پيءُ جو رت آهي ۽ جڏهن اسپيڪر انهيءَ تي بحث ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته چيائين: "... مسٽر اسپيڪر جڏهن اوهان جي والد جو رت به اڄ وانگيان آندو ويندو ته پوءِ آءٌ مطمئن ٿيندس."

گهڻن جو خيال آهي ته ڪيس پيپلز پارٽيءَ مان نيڪالي به انهيءَ ڪري ڏني ويئي هئي جو هو روز ايوان ۾ اچي ڀُٽي تي سخت نُڪته چيني ڪندو هو. هن ڪيس ۾ به اهڙو رويو اختيار ڪرڻ جو بنياد به اها ئي ذاتي عداوت هئي.

سٺن وڪيلن جي ڳولا شروع ڪئي ويئي. غير ملڪي وڪيلن کي آڻڻ ممڪن ڪونه هئو ڇاڪاڻ ته ڀُٽي صاحب اڳ ۾ اهو قانون بنائي ڇڏيو هئو. جنهن هيٺ غير ملڪي وڪيلن کي پاڪستاني عدالتن ۾ هلندڙ ڪيسن ۾ ڪنهن به ڌر طرفان وڪالت ڪرڻ تي پابندي هئي.

پيپلز پارٽي اهو فيصلو ڪيو ته ڪيس وڙهي پر اها فوجي جرنيلن جي خوش قسمتي هئي جو پيپلز پارٽي ليڊر شپ اهو فيصلو نه ڪري سگهي هئي ته ڪيس کي ڪهڙن بنيادن تي وڙهجي: سياسي وڙهڻو هئو ته پوءِ برک قانوندانن ۽ وڪيلن جو پينل جوڙڻو هئو پر چيو وڃي ٿو ته ڀُٽي جي مک وڪيل يحيٰ بختيار جو خيال هئو ته هو پاڻ انهيءَ ڪيس کي مُنهن ڏيندو. مدد خاطر هن ڪجهه ٻيا وڪيل ڪنيا. قومي اسيمبلي سابق اسپيڪر صاحبزادي فاروق علي جو خيال هئو ته سٺن وڪيلن جو هڪ وڏو پينل تيار ڪري پوءِ ڪيس وڙهجي. بلڪ هن اها ڳالهه ڀُٽي ۽ پارٽي جي ڪجهه ويجهن ليڊرن سان ڪئي. "... جن انهيءَ کي ذاتي معاملو قرار ڏئي ٽاري ڇڏيو... انهيءَ ڳالهه تي سوچيندي آءٌ سڄي ڄمار ڪڙهندو رهيس ته مولوي مشتاق کي نڪ ۾ ناڪيلي وجهڻ واري ڪنهن سٺي وڪيل کي ڇو نه آندو ويو. ڇاڪاڻ ته هڪ سٺي وڪيل وٽ سئو رستا هوندا آهن. جڏهن ته جج وٽ صرف هڪ قانون جو رستو هوندو آهي... جنهن طريقي سان ڀُٽي صاحب جو ڪيس هلايو ويو سو تمام افسوسناڪ هئو."

---

فاروق علي، صاحبزاده، جمهوريت، صبر طلب ص 292، 93

بهرحال، خانداني صلاح مشوري کانپوءِ ڀُٽي صاحب يحيٰ بختيار جي اڳواڻيءَ ۾ وڪيلن جي هڪ پينل ناهڻ جي اجازت ڏني. ڇهن مهينن تائين ڪيس هلندو رهيو ۽ 18 مارچ، 1978ع تي پنهنجو فيصلو ڏنو جنهن ۾ ڀُٽي صاحب ۽ پنجن ٻين کي موت جي سزا ٻُڌائي ويئي.

هاڻي وري ڀُٽي صاحب جي خاندان سان صلاح مشورو ڪيو ويو ته سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي وڃي. ان وقت جسٽس يعقوب علي خان هئو جنهن ڪيس هلندي استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ جسٽس انوار الحق چيف جسٽس بنجي ويو. شروع ۾ بينچ نون وڪيلن تي مشتمل هئي پر ڪيس هلندي هڪ جج بيماري جي ڪري رٽائر ٿي ويو ۽ ٻيا جج به رٽائر ٿي ويا ۽ اصل بينچ مان صرف ست جج رهجي ويا. يحيٰ بختيار جو دليل اهو هئو ته ڪيس سياسي نوعيت جو آهي، تنهنڪري قانوني تقاضا پورا نٿا ڪيا وڃن. اپيل جي ڪارروائي ڇهه مهينا هلي جنهن کانپوءِ ڀُٽي صاحب پنهنجو بيان ڏنو جيڪو ٽي ڏينهن هليو.

چوويهين مارچ 1979ع تي صبح جو 10 بجي سپريم ڪورٽ جا ست ئي جج ڪارا جبا پهري گهڙيا ۽ پنهنجين پنهنجين جاين تي ويٺا. ڪجهه گهڙين کان پوءِ چيف جسٽس انوار الحق چيو: مڪيه فيصلو جسٽس اڪرم لکيو آهي جنهن تي ٻن صفحن جو نوٽ جسٽس پٽيل وڌايو آهي پر اسان سڀ متفق آهيون ۽ پٽيشن رد ڪجي ٿي." عدالت ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. اخبار وارا، ۽ سمورا حاضرين خاموش رهيا، ڇاڪاڻ ته اخبار وارن سمجهيو ٿي ته ٻيو ڪجهه نه ته به بين الاقوامي سطح تي ڀُٽي جهڙي ليڊر کي ڦاسي ڪونه ڏني ويندي بلڪ طرح طرح جون ڳالهيون پکيڙيون ويون جن مان ڪجهه هن ريت به هيون ته لبيا جي ڪرنل قذافي جهاز موڪليو آهي جيڪو جيل جي ڇت تي بيٺو آهي ۽ ڪنهن به وقت ڀُٽي صاحب کي ڪٽي ٻاهر هليو ويندو. پيرن فقيرن جا قصا به مشهور ٿيڻ لڳا. بهرحال هاڻي ٻي ڪا راهه ڪانه هئي، سواءِ هن جي ته ڀُٽي خاندان جو ڪو ويجهو مائٽ يا ڀُٽو صاحب پاڻ صدر (جنرل ضياء الحق) کي رحم جي اپيل ڪري ته اها سزا عمرقيد ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي.

ڀُٽو صاحب پاڻ ذاتي طور اهڙي اپيل ڪرڻ جي خلاف هئو پر اهو سوال اڃا تائين جواب جي تلاش ۾ آهي ته نيٺ هن جي پاران ڪنهن ته جنرل ضياء کي رحم جي اپيل ڪئي. ڪنهن ڪئي تنهن جي قطع نظر هڪ حقيقت سموري ملڪ ۾ نظر آئي سا هئي مايوسي ۽ بي اطميناني. 3-اپريل 1979ع تي ملڪ ۾

سيڪيورٽي انتظام سخت نظر اچڻ لڳا جنهن سان حقيقت جو اندازو ڪرڻ مشڪل ڪونہ هئو تہ ڇا ٿيڻ وارو آهي. سڀني ڪان وڌيڪ اونو اخبار وارن کي هئو. وڏين اخبارن، بي بي سي جهڙن وڏن نشرياتي ادارن جون ڪي ٽيمون راولپنڊي ڊسٽرڪٽ جيل جي ارد گرد چڪر ڪاٽڻ شروع ڪيون تہ ڪي وري لاڙڪاڻي ڏانهن روانيو ٿيون. وڏين اخبارن پنهنجن رپورٽرن ۾ نيوز رومس کي هاءِ اسٽينڊ باءِ رکيو ۾ سمورين اخبارون ٺاهڻ بعد اڌ رات کان پوءِ سمورو ڌيان پنهنجي ٽيليفون سيٽن ڏانهن رکيو ويٺا هئا.

ٽين ۾ چوٿين اپريل 1979ع جي رات گهڙيءَ جي ڪانٽي تڪ ڪئي. پنجين اپريل شروع ٿي چڪي هئي. هڪ وڳو اضطراب وڌڻ لڳو بہ ٿيا ۾ ٿوري دير کان پوءِ چند وڏين اخبارن ۾ اهڙي چُرپُر شروع ٿي جڻ سمنڊ اٿلي پيو هجي. هر ڪو تمام مستعدي سان ڪم ٿيڻ لڳو جنهن جي تياري اڳواٽ ٿيل هئي ۾ . . . چند منٽن اندر ڇاپي خاني جون مشينون پنهنجي رفتار سان هلڻ لڳيون.

پوري دنيا جي سفارتخانن جا اهلڪار بہ انهيءَ ماحول ۾ گذاري رهيا هئا. بهرحال، انهيءَ حقيقت گهٽي دير ڪانہ ورتي ___ ڀٽي صاحب کي 2 لڳي 10 منٽن تي ڊسٽرڪٽ جيل راولپنڊي ۾ ڦاسي ڏني ويئي.

سُتت ئي پرنٽرس تي اهو پريس نوٽ اچڻ شروع ٿي ويو جيڪو وزارت داخلا طرفان جاري ٿي ويو هئو.

## پريس نوٽ

وزارت داخلا جيڪو پريس نوٽ جاري ڪيو سو هن ريت هئو:

**"نواب محمد احمد خان قصوري جي قتل ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جي سزا ڪانپوءِ ۾ نيٺ سپريم ڪورٽ طرفان اپيل مسترد ڪرڻ بعد، مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي کي راولپنڊي ڊسٽرڪٽ جيل اندر اڄ صبح 2 بجي ڦاسي ڏني ويئي.**

**"انهيءَ ڪان اڳ هن جي طرفان رحم جون اپيلون صدر پاڪستان طرفان قانون جي قاعدن پٽاندر پروسيس ڪرڻ ڪان پوءِ مسترد ڪيون ويون.**

"هن جو لاش هڪ خاص جهاز ذريعي راولپنڊي کان نيو ويو ۽ سندس خاندان جي وڏڙن حوالي ڪيو ويو جيڪو نماز جنازه ادا ڪرڻ کان پوءِ نئين ديري جي پر ۾ ڳڙهي خدابخش جي آبائي قبرستان ۾ سندس عزيزن جي مرضيءَ مطابق صبح جو 10:30 بجي دفن ڪيو ويو.

"بيگم نصرت ڀٽو مس بينظير ڀٽو جن کي رحم جي اپيل مسترد ٿيڻ جو اطلاع ڏنو ويو هئو تن جي ڪلهه مسٽر ڀٽي سان 3 ڪلاڪ راولپنڊي جيل ۾ آخري ملاقات ڪرائي ويئي، سندس پهرين زال ۽ ٻين عزيزن جي ملاقات بہ جيل ۾ ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪرائي ويئي."

ڀٽي صاحب جي سزا کانپوءِ تبصرو ڪندي قانوني ماهرن جو خيال هئو تہ احمد رضا قصوري ۽ وعده معاف گواهہ مسعود محمد کان آڏي پڇا اٹپوري ڪئي ويئي. انهيءَ کان سواءِ ڪيس کي خوامخواه ڊيگهہ ڏني ويئي جنهنّ ڪئين مشڪلاتون پيدا ڪري وڌيون.

<u>پس منظر</u>

5 جولاءِ 1977ع تي ڀٽو هٽايو ويو/ 3 سيپٽمبر 1977ع تي گرفتار ڪيو ويو احمد رضا قصوري جي قتل جي الزام هيٺ/هي قتل 10 نومبر 1974ع تي ٿيو/ ڀٽي ۽ چئن ٻين جو چالان 18 سيپٽمبر 1977ع تي پيش ڪيو ويو/لاهور هاءِ ڪورٽ جي هڪ فل بينچ ڪيس 70 ڏينهن تائين ٻڌو ۽ ڪيس موت جي سزا ٻڌائي/ ڀٽي 20 مئي 1978ع تي سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي/جتي 23 ڊسمبر تائين سماعت ٿي/ 6 فيبروري1979ع تي اپيل ڊسمس جنهن کانپوءِ ڇهن هفتن تائين ريويو پٽيشن جي سماعت ٿي.

ٻئي ڏينهن پوري ملڪ ۾ افسوس ۽ ياسيت جو ماحول نظر آيو. هن واقعي کي تاريخ ڪيئن ياد ڪندي، غالباً هڪ وڏو سوال آهي، پر حقيقت اها آهي ته گهڻو پوءِ جڏهن ڀُٽي صاحب جي ڌيءَ مس بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو ويو ته پيپلز پارٽي پنهنجي انتخابي منشور ۾ اُهو اضافو ڪيو ته "جمهوريت بهترين بدلو آهي، ۽ چونڊن اهو درست ثابت ڪري ڏيکاريو."

◈ ◈ ◈



مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو بيگم نصرت ڀٽو سان گڏ

# ٣٥ • آخري گهڙيون†

**مسٽر ڀُٽي جي ڦاسي جو سرڪاري نوٽيفڪيشن**

ايس ايم ايل اي جي حڪم مطابق هيٺين آفيسرن کي ڀُٽي کي ٻڌائڻو هئو ته کيس 3-4 اپريل، 1979ع جي رات جو ڦاسي ڏني ويندي:

1- جيل سپرنٽينڊنٽ مسٽر يار محمد
2- سيڪيورٽي بٽالين ڪمانڊر ليفٽيننٽ ڪرنل رفيع الدين
3- فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ، مسٽر بشير احمد خان
4- جيل ڊاڪٽر، مسٽر صغير حسين شاهه

هيءَ پارٽي 3-اپريل جي شام جو 6 لڳي 5 منٽن تي جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿي ۽ ڏٺو ته مسٽر ڀُٽو زمين تي پيل ميٽريس تي ليٽيو پيو هئو.

جيل سپرنٽينڊنٽ يار محمد ڦاسي جو حڪم نامو مسٽر ڀُٽي کي پڙهي ٻڌايو ته "لاهور هاءِ ڪورٽ جي 18 مارچ 1978ع واري حڪم مطابق، تو مسٽر ذوالفقار علي ڀُٽي کي نواب محمد احمد خان قصوري جي قتل جي (الزام ۾) ڦاسي ڏيڻي آهي. ٿنهنجي سپريم ڪورٽ ۾ اپيل 6 فيبروري 1979ع تي رد ڪئي ويئي

---

† ڪرنل رفيع الدين جو اردو ڪتاب ''بھٹو کے آخری ۳۲۳ دن''
ڪرنل رفيع الدين، راولپنڊي جيل جو ان وقت اسپيشل سيڪيورٽي سپرنٽينڊنٽ هئو جڏهن مسٽر ڀُٽي کي اتي رکيو ويو ۽ ڦاسي ڏني ويئي.

۽ ريويو پٽيشن بہ 24 مارچ 1979ع تي مسترد ڪئي ويئي. صدر پاڪستان هن معاملي ۾ مداخلت نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي تنهنڪري فيصلو ڪيو ويو آهي تہ توکي ڦاسي ڏني وڃي."

جڏهن جيل سپرنٽينڊنٽ اهو حڪم پڙهي رهيو هئو تڏهن مون مسٽر ڀٽي جي چهري تي ڪنهن قسم جي پريشاني ڪانہ ڏٺي. مون ڏٺو تہ هو تمام خاموش ۽ اطمينان محسوس ڪري رهيو هئو ۽ سندس چهري تي مسڪراهٽ هئي. مون کي واقعي تعجب ٿيو. انهيءَ تي جنهن ريت مسٽر ڀٽي هن خبر کي ٻڌو. آءُ سوچي رهيو هئس تہ اسان هڪ اهڙي ليڊر کي ڦاسي چاڙهڻ وارا هئاسين، جنهن پنهنجي ڦاسيءَ جي حڪم کي اهڙي اطمينان ۽ سنجيدگيءَ سان ٻڌو. مون پنهنجي اندر مان هڪ آواز ٻڌو تہ هن ماڻهوءَ جو موت اسان جي ملڪ ۽ قوم لاءِ تباه ڪن ثابت ٿيندو. غالباً مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجو پاڻ تان پنهنجي ڪنٽرول کي وڃائيندي محسوس ڪيو.

ڀٽي صاحب جيل سپرنٽينڊنٽ کي اکين ۾ نهاريو ۽ چيو (هي لفظ ڀٽي جا پنهنجا آهن):

"اختياريءَ وارن طرفان مون کي ڦاسيءَ کان 24 ڪلاڪ اڳ ٻڌائڻ گهرجي ها، پر ائين نہ ڪيو ويو. بلڪ منهنجي ڏيءَ ۽ زال اڄ جڏهن صبح جو ساڍي 11 بجي مون سان مليون تڏهن بہ کين پڪ ڪانہ هئي. مون جيل سپرنٽينڊنٽ کي گهرايو ۽ ضروري وضاحت طلب ڪئي. هن مون کي مٿاڇرو ٻڌايو تہ ڦاسيءَ جو گهربل حڪم مون کي مليو آهي ۽ اهو هينئر مون وٽ آهي. هن مون کي اهو بہ ٻڌايو تہ منهنجا مائٽ: منهنجي ڀيڻ منور الاسلام ۽ منهنجو سؤٽ مسٽر ممتاز علي ڀٽو منهنجي ڏيءَ ۽ زال جي وڃڻ کان پوءِ مون سان ملاقات ڪندا. هن مون کي اهو بہ ٻڌايو تہ ملاقاتن کان پوءِ هو پاڻ مون وٽ رات جو 11 لڳي 50 منٽن تي ايندو ۽ اچي منهنجي آخري وصيعت معلوم ڪندو. هيستائين مون کي منهنجي ڦاسيءَ جو ڪو بہ حڪم نہ ڏيکاريو ويو آهي. آءُ جيترو جلد ٿي سگهي پنهنجي وڪيلن سان ملڻ چاهيان ٿو. منهنجن ڀين رشتيدارن کي بہ مون سان ملڻ ڏنو وڃي ها. منهنجا ڏند تمام خراب ٿي ويا آهن ۽ آءُ فوري طور پنهنجي ڏندن جي ڊاڪٽر مسٽر ظفر نيازي سان ملڻ گهران ٿو."

هن ڳالهہ کانپوءِ فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ مسٽر بشير احمد خان پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ مسٽر يُٽي کي چيو تہ جيڪڏهن سندس مرضي آهي تہ هو لکي سگهي ٿو. ڪيس ڪاغذ، قلم وغيره ڏنو ويندو. هن ڳالهہ ٻولهہ کانپوءِ سرڪار طرفان جيڪو سرڪاري پيغام ڏيڻو هئو سو پورو ٿي ويو ۽ سمورا ڪامورا واپس وڃڻ لڳا. آءُ ان وقت تائين ڏاڍي اضطراب واري ڪيفيت ۾ هئس. مون کي محسوس ٿيو چٽڪ آءُ ڊنل هجان. يُٽي صاحب اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٿاٻو کاڌائين. مون فوراً کيس ٻانهن کان جهلي سهارو ڏنو. هن ٻڌايو تہ کيس پيٽ ۾ تڪليف آهي.

يُٽي صاحب پنهنجي معاون، عبدالرحمان کي سڏ ڪيو ۽ کيس ڏاڙهي لاهڻ لاءِ ڪجهہ گرم پاڻي کٽي اچڻ لاءِ چيائين. پوءِ مون کي مخاطب ٿيندي چيائين:

"رفيع! هيءُ ڪهڙو ڊرامو رچايو پيو وڃي؟"

آءُ ڪجهہ وقت خاموش رهيس تنهنڪري هن سوال وري دهرايو.

مون وراڻيو: "سائين! مون ڪڏهن اوهان سان مذاق ڪرڻ جي جرأت ڪئي آهي؟"

هن فوراً چيو: "تُنهنجو ڇا مطلب آهي؟" ۽ پوءِ سوال وري دُهرايائين.

مون وراڻيو: "سائين! حڪم ڏنو ويو آهي. اڄ اوهان کي ڦاسي ڏني ويندي."

پهرين گهڙيءَ ۾ مون مسٽر يُٽي جي اکين ۾ عجيب و غريب ۽ گهبراهٽ وارو تاثر ڏٺو. هن هٿ لوڏيو ۽ وڏي واڪي مون کي چيائين: "چڱو چڱو!. . . ڳالهہ ختم ٿي... نيڪ آهي... ڳالهہ ختم ٿي."

مون جواب ڏنو: "جي ها سائين."

مون کي ائين لڳو چٽڪ يُٽي صاحب جون اکيون ڦاٽل ئي رهجي ويون هجن. هن جو چهرو زرد ۽ خشڪ ٿي ويو. آءُ اها ڪيفيت بيان نٿو ڪري سگهان جنهن مان هو لنگهي رهيو هئو.

پوءِ چيائين: "گهڻي بجي! اڄ؟"

مون کيس ست آڱريون ڏيکاريون. جيئن جمپ ماسٽر جمپ کان اڳ ڏيکاريندو آهي.

"ستن ڏينهن کان پوءِ؟" هن پڇيو.

"سائين، ڪلاڪن کان پوءِ". مون پير ۾ وڃي ٻڌايومانس.

هن چيو: "اڄ رات! ستن ڪلاڪن کان پوءِ؟"

جواب ۾ مون صرف ڪنڌ جي ڏوڻ سان هائوڪار ڪئي.



پيءُ مرحوم پنهنجي اهل خانه سميت چانگا مانگا جي هڪ پرفضا مقام تي.

جڏهن ڀُٽي صاحب کي پنڊي جيل آندو ويو هئو تہ هو پهاڙ وانگيان مضبوط هئو پر هاڻي هو فضا ۾ تحليل ٿي رهيو هئو. انهيءَ وقت مون کي زندگيءَ جي حقيقت جو احساس ٿي رهيو هئو.

ٿوري ويرم خاموشي ڪانپوءِ مسٽر ڀُٽي کي ٻڌايو ويو تہ بيگم ڀٽو ۽ بينظير، ساڻس ملاقات ڪانپوءِ مليون هيون ۽ اهو تہ سندن رحم جي درخواست جنرل ضياء ڏانهن موڪلڻ لاءِ مون ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو. ان وقت مون ڏٺو تہ ڀُٽو صاحب ڏاڍو پريشان ۽ ڪمزور محسوس ڪري رهيو هئو. مون هٿ وڌائي ڪوٺڙيءَ ۾ پيل ڪرسي کي ڇڪي ان تي ڪيس ويهاريم. مون ڪيس ٻڌايو تہ هن مهل تائين شايد بيگم صاحبہ جنرل ضياء سان ملي چڪي هوندي ۽ مون کي اميد آهي تہ الله رحم ڪندو ۽ هن صورتحال مان ڪونہ ڪو رستو ڪڍندو. اهو ٻڌي ڀُٽو صاحب ڪرسيءَ تان اُٿي بيٺو ۽ مون کي ڀاڪر پاتائين. هن چيو: ”تون هڪ بهادر انسان آهين. منهنجي آرزو آهي تہ آءٌ توسان اڳ ۾ ملان ها.“ انهيءَ موقعي تي مون کي محسوس ٿيو تہ ڀُٽي صاحب کي بدن ۾ ٿوري رڦٽي هئي پر ساڳئي وقت اهو بہ محسوس ڪيم تہ سندس اعصابي پريشاني گهڻي ڀاڱي دُور ٿي ويئي هئي ۽ تقريباً نارمل ٿي ويو هئو.

ٿورڙي ئي ويرم ڪانپوءِ ائين لڳو ڄڻڪ هو پنهنجي مُنهن ڪجهہ ڀُڻ ڀُڻ ڪري رهيو هئو:

> **”منهنجي وڪيلن هن سموري ڪيس کي گند ڪري ڇڏيو. يحيٰ منهنجي ڦاسيءَ جو ذميوار آهي. هو مون کي سموريون غلط ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو. هن هر ڳالهہ کي سختيءَ سان مروڙي رکيو.“ ”پوءِ“ هن ڀڻ ڀڻ جاري رکي: سندس پارٽيءَ کي هڪ مرده ___ نہ ڪہ زندهہ ڀٽو گهرجي.“**

جڏهن مون ساڻس همدردي ظاهر ڪرڻ خاطر چيو تہ مون کي، اهو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي تہ هن منهنجي هٿ فرط محبت وچان پڪڙي ورتو. هن چيو تہ ڪرنل رفيع، منهنجي وڪيلن منهنجي ڪيس کي ٺيڪ طرح نہ هلايو. مون ڪيس ٻڌايو تہ مون کي انهيءَ باري ۾ ڪو خاص احساس ناهي. ڀُٽي صاحب چيو تہ پيرزادي ۽ يحيٰ منهنجي خلاف اخبارن ۾ بيان ڏنا. مون ڪيس ٻڌايو تہ حڪام مون کان انهيءَ باري ۾ ڪا پڇا ڳاڇا ڪانہ ڪئي آهي ۽ هيءَ تہ ڪيس انهيءَ جو ذڪر نہ ڪرڻ گهرجي. بعد ۾ هن منهنجي ’مهرباني‘ ۽ انهيءَ رويي لاءِ شڪريو ادا ڪيو جيڪو

مون هن سان روا رکيو. هن چاهيو ٿي تہ آءٌ هن جي پرسان وهان پر مون کي سخت هدايتون هيون تہ ساڻس اڪيلو نہ وهان. جيتوڻيڪ آءٌ جيڪڏهن ٿورو وقت هن سان وڌيڪ گذاريان ها تہ هو انهيءَ وقت مون سان پنهنجن جذبات جو اظهار ڪري سگهي ها. پر عين انهيءَ وقت هڪ وارڊر ڪجهہ لڪڻ پڙهڻ جو سامان کڻي اندر آيو ۽ مون کي ڪوٺڙي ڇڏڻي پئي.

جيئن مون اڳي لکيو آهي تہ ڀٽي صاحب کي ڪڏهن اها ڳالهہ سنجيدگيءَ سان دماغ ۾ نہ آئي هئي تہ هڪ ڏينهن هو ڦاهيءَ جي ڦندي تي لٽڪندو. هن کي سدائين اها خاطري هئي تہ اهو ڪيس هن خلاف سياسي طور هٿ سان گهڙيو ويو آهي، جنهن جو ڪو ثبوت ڪونہ هئو. ٽين اپريل تي سندس زال ۽ ڌيءَ کي احساس ٿيو تہ حڪومت کيس ڦاسي ڏيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، پر اجا بہ ڀٽي صاحب کي اها سموري ڳالهہ هڪ ڪوڙ کان وڌيڪ ڪونہ پئي لڳي. ڇاڪاڻ تہ جيل اختياري وارن کيس ڦاسي ڏيڻ کان ست ڏينهن اڳ ڦاسيءَ جو حڪم نہ ڏيکاريو هئو جيڪو هنن کي قانوناً ڪرڻو هئو.

انهيءَ ڪانپوءِ باوجود انهيءَ جي تہ حڪومتي ڪارندن کيس ڇهين بجي شام جو اطلاع ڏنو هئو تہ هن کي پڪ سان ڦاسي اينديءَ پر هن کي اجا شڪ هئو. پر، آءٌ سمجهان ٿو تہ هن جا سمورا شڪ ان وقت ڏوبجي ويا جڏهن هن مون کان پڇيو تہ هي آخر هيءُ ڪهڙو ڊرامو آهي. جنهن جي موٽ ۾ مون بنهہ صاف لفظن ۾ وراڻيو تہ هن کي ساڳئي ڏينهن ڦاسي اچڻي آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ کيس اهو احساس ٿيو تہ هاڻي هو موت سان اکيون ملائڻ وارو آهي. نيٺ تہ هو انسان هئو ۽ اهو عين فطري هئو تہ موت سان اکيون ملائڻ وقت پريشاني ۽ خوف ٿئي.

جڏهن مون ڪوٺڙي ڇڏي، مسٽر ڀٽي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جيل خواجہ غلام رسول جي موجودگيءَ ۾ شام جو 7 لڳي 5 منٽن تي ڏاڙهي لاٿي. شيو ڪرڻ وقت بہ هو ڳالهائيندو رهيو ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جيل سان ڪجهہ هن قسم جي گفتگو ٿي:

”ڊپٽي صاحب، اوهان مون جهڙو ليڊر ڪٿان آڻيندؤ؟ پر سڀ کان اول تہ اوهان مون جهڙو ليڊر ڇو آڻيندؤ؟ منهنجي تہ غريب ماڻهن کي ضرورت آهي، نہ ڪہ اوهان جهڙن کي. آءٌ موچي گيٽ تي موچين کي خطاب ڪندو هئس ڇاڪاڻ تہ آءٌ پاڻ موچي آهيان، اوهان غريب ماڻهن جي ليڊرن کي هنن وٽان کنيو ٿا وڃو. آءٌ انقلابي آهيان. آءٌ غريبن جو حامي آهيان. يار، جيڪڏهن اوهان کي مون کي

مارڻو آهي تہ پوءِ بہ سال اڳ چو ڪونہ ماريوَ؟ اوهان منهنجي عزت انهيءَ ريت چو ڪئي جيئن باقي دنيا ڪري ٿي؟ مون کي ڪنهن ريسٽ هائوس ۾ رکجي ها جتي مون کي آبرو ۽ وقار سان ماريو وڃي ها. اج. اسلامي ڪائونسل جو چيئرمن جنهن کي سموري دنيا جي مسلمانن چونڊيو هئو سو پنهنجو شيو بہ نہ ٿو ڪري سگهي. تون منهنجي پير ۾ انهيءَ ڪري بينل آهين تہ آءٌ پنهنجو پاڻ کي بليڊ سان ڪو نقصان نہ پهچائي سگهان. ها، ٻي ڳالهہ يار. . . مون توکي تمام گهڻي تڪليف ڏني آهي. . . مهرباني ڪري مون کي معاف ڪر. تو هن ڪيس ۾ ٻين ملزمن تي زور پري ڪوڙ ڳالهرايو انهيءَ ڪري تہ مون کي ڦاسي لڳي ۽ هو آزاد ڦرندا رهن.“

ان ڪانپوءِ هن وري ڊيوٽيءَ تي بينل سنتريءَ کي گهرايو ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ کي چيو تہ ڦاسي ملڻ کان پوءِ سندس گهڙي هن سنتريءَ کي ڏيئي ڇڏي

يُٽي صاحب جي اکين ۾ ان وقت ڳوڙها ڳڙي آيا، جڏهن سندس ئي چوڻ تي سندس خدمتگار عبدالرحمان، ڪافي جي پيالي ناهي آيو. ڪيس ڏسي يُٽي صاحب چيو: ”رحمان، ٻيلي مون کي معاف ڪجانءِ جيڪڏهن مون توسان ڪا خراب هلت هليو آهيان. مون کي تہ هر حالت ۾ ڦاسي اچڻي آهي ۽ اج توسان آخري رات آهيان. آءٌ صرف چند ڪلاڪن لاءِ تنهنجو مهمان آهيان.“

يُٽو صاحب شام جو پوڻين 9 بجي پنهنجي وصيت لکڻ وينو ۽ انهيءَ ۾ ڪلاڪ کن لڳي ويس. ڏهن منٽن ڪانپوءِ پنهنجن شين جهڙوڪ: آئينو ڦڻي، وارن جو برش، جاءِ نماز وغيره کي ميز تي ٺيڪ ڪري رکيو. ان ڪانپوءِ 9 لڳي 55 منٽن تي ڏند صاف ڪيا. پنهنجي سگار جي ڦُلن ۽ سڙيل ڪاغذن کي اُڇلايائين. ڏهہ لڳي 10 منٽن کان وٺي 11 لڳي 5 منٽن تائين هن وري ڪجهہ لکيو. تنهن ڪانپوءِ ڪن ڪاغذن تي ڪجهہ لکيو هئائين اهي ساڙيائين جنهن جا سڙيل ٽڪرا سڄي ڪوٺڙيءَ ۾ پکڙجي ويا. هن وري عبدالرحمان کي سڏ ڪري چيو تہ هو ڪوٺڙيءَ کي صاف ڪري. هن سنتريءَ کان پڇيو تہ باقي ڪيترو وقت بچيو آهي، جنهن جواب ڏنو تہ اجا چڱوموچارو وقت آهي. يُٽي صاحب هڪ گهمرو وري ساڳيو سوال دهرايو پر هن پيري سنتري خاموش رهيو. ان تي يُٽي پُڻ پُڻ ڪري چيو تہ تنهنجي معنيٰ تہ هو هڪ ڪان بہ ڪلاڪن تائين ننڊ ڪري سگهي ٿو.

ڪوٺڙي 11 لڳي 10 منٽن تي کُلي ۽ رحمان اندر اچي فرش صاف ڪيو. اٽڪل 11 لڳي 25 منٽن تي هن چيو تہ هو ٿوري ويرم لاءِ ننڊ ڪرڻ چاهي ٿو ڇاڪاڻ تہ پوئين رات هو چڱيءَ طرح ننڊ نہ ڪري سگهيو آهي. پر 'اوهان ماٺهو

مون کي 12 بجي اڌ رات جو اٿارجو، ننڊ ۾ هو هڪ هنڌ وڦليو ۽ صنم (سندس ڌيءَ) جو نالو ڪئين ڀيرا ورتو.

يارهن لڳي 55 منٽن تي بئي اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ جيل مجيد احمد قريشي ۽ ڪاظم حسين بلوچ ڪوٺڙيءَ وٽ پهتا ۽ ڀُٽي صاحب کي پاهران ٺي سڏ ڪري اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن وٽان ڪا موٽ ڪانه آئي. مسٽر قريشي، جيل آفيس فون ڪري پڇيو تہ هو ڇا ڪري؟ کيس چيو ويو تہ هو ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿئي ۽ ڀُٽي صاحب کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪري. قريشي اندر ويو پر ڀُٽو اجا جاڳي نہ سگهيو جنهن تي هن وري فون ڪري ٻڌايو تہ ڀُٽو صاحب ڪا ورندي نہ ڏيئي رهيو آهي جهڙوڪر هو بيهوش هجي. مون کي پنهنجي ڳڻتيءَ اچي ورايو ڇاڪاڻ تہ اها منهنجي ذميواري هئي تہ اهو يقيني بڻايان تہ ڪٿي بہ ڀُٽو صاحب خودڪشي نہ ڪري.

اڌ رات جي گهنٽي وڄڻ ڪانپوءِ هڪ منٽ اڳ آءٌ، جيل سپرنٽينڊنٽ، جيل ڊاڪٽر ۽ ميجسٽريٽ سان گڏجي سيڪيورٽي وارڊ ۾ داخل ٿياسين. ڀُٽو صاحب ڪوٺڙيءَ ۾ ميٽريس تي پيو هئو ۽ سندس مُنهن ڪوٺڙيءَ جي طرف هئو. چوڌري يار محمد ۽ جيل ڊاڪٽر ڏٺو تہ ڀُٽو صاحب هڪ اک کولي ۽ اسان سيني کي ڏسندي ٺي وري پوري ڇڏيائين.

چوڌري يار محمد ۽ مون ڀُٽي صاحب کي نالو وٺي ڪئين ڀيرا سڏيو پر هن ڪا ورندي ڪانہ ڏني. مون جيل ڊاڪٽر کي چيو تہ کيس چيڪ ڪري. ڊاڪٽر هن جي نبض ڏٺي ۽ پوءِ اسٽيٿسڪوپ سان سندس دل جو معائنو ڪيو ۽ ڪن ۾ ٻڌايائين تہ ڀُٽو صاحب بنهہ نيڪ آهي. مون هڪ ڀيرو وري ڀُٽي صاحب کي سڏ ڪيو پر هو خاموش رهيو. ڊاڪٽر مون کي يقين ڏياريو تہ ڀُٽو صاحب بنهہ درست حالت ۾ آهي ۽ مون کي فڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. هن مون کي چيو تہ ڀُٽو صاحب دت هنيو پيو آهي. مون ڊاڪٽر کي خبردار ڪيو تہ هو ئي ذميوار هوندو جيڪڏهن ڀُٽي صاحب کي ڪجهہ بہ ٿيو جنهن تي هن ڀُٽي صاحب کي هڪ ڀيرو وري چيڪ ڪيو. ڊاڪٽر ٽئين ڀيري تپاس ڪئي ۽ مون کي تسلي ڏني تہ ڀُٽو صاحب بنهہ نيڪ آهي.

**ڦاسي**

ڀُٽي صاحب کي 3 ۽ 4 اپريل 1979ع جي رات جو انسپيڪٽر آف جيلس

چوڌري نذير اختر جي موجودگيءَ ۾ ڦاسي ڏيڻي هئي، جيڪو 3۔ اپريل جي صبح کان ئي راولپنڊي پهچي چڪو هئو. مسٽر ڀُٽي جي جسماني حالت کي ڏسي هڪ اسٽريچر جو انتظام ڪيو ويو هئو ڇاڪاڻ تہ بک هڙتال جي ڪري ڀُٽو صاحب ڪمزور ٿي ويو هئو. ڪجهہ پيٽروميڪس (گيس واريون بتيون) بہ گهرايون ويون هيون ڇاڪاڻ تہ اها رات ڏاڍي انڌاري هئي ۽ آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا.

هڪ لڳي 35 منٽن تي هيٺ آفيسر سيڪيورٽي وارڊ ۾ داخل ٿي ويا! (1) جيل سپرنٽينڊنٽ مسٽر يار محمد (2) سيڪيورٽي بٽالين ڪمانڊر ليفٽيننٽ ڪرنل رفيع الدين (3) فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ مسٽر بشير احمد خان، (4) جيل ڊاڪٽر مسٽر صغير حسين شاهہ ۽ (5) جيل جو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جيل خواجہ غلام رسول.

اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽس آف جيل مجيد احمد قريشي، ڪاظم حسين بلوچ، مهابت خان ۽ اهي وارڊر جن کي جيل سپرنٽينڊنٽ گهرايو هئو سي بہ هنن آفيسرن جي پويان سيڪيورٽي وارڊ ۾ داخل ٿيا. داخل ٿيندي ئي انسپيڪٽر آف جيلس چوڌري نذير اختر پنهنجي آفيس مان نڪتو ۽ سڌو ڦاسي گهاٽ پهتو. سيڪيورٽي وارڊ کان وٺي ڦاسي گهاٽ تائين اضافي فوجي عملو لڳايو ويو هئو.

نيٺ هيٺ آفيسر ڀُٽي صاحب جي ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿيا. هو جاڳي رهيو هئو ۽ پنهنجي ميٽريس تي ويٺو هئو. ميجسٽريٽ مسٽر بشير احمد خان کانئس پڇيو تہ ڇا هو ڪا پويان وصيعت ڇڏڻ چاهيندو؟ ڀُٽو صاحب بنهہ خاموش رهيو. هن جو رنگ زرد ٿي ويو هئو ۽ جسماني طور ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو هئو. انهيءَ ڪمزوريءَ جي ڪري هن جو آواز مشڪل سان ٻُڌجي ٿي سگهيو. آهستگيءَ سان ڪجهہ هن ريت چيائين:

"مون. . . ڪوشش ڪئي. . . پر. . . منهنجا خيال. . . ايترا . . . پريشان ڪندڙ هئا. . . جو. . ڪجهہ نہ ڪري سگهيس. . لکي. . . سگهيس. . . مون. . . انهن کي. . . ساڙي ڇڏيو."

آءُ هن جي پر ۾ ويس ۽ مٿس نوڙي چيومانس: "سائين، اوهان پنڌ ڪري هلندؤ يا اسان توهان کي کڻي هلئون؟" هن مون کي ڪو جواب ڪونہ ڏنو صرف منهنجي اکين ۾ گهوريندو رهيو. مون وري پنهنجو سوال ورجايو پر هو پهرين وانگيان مون کي ٽِڪ ٻڌي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ چيو: "مون کي رحم ٿو اچي." هن ٻيو بہ ڪجهہ چيو پر اسان سمجهي ڪونہ سگهياسون تہ ڇا چيائين.

آءُ وري مٿس جهڪيس ۽ پڇيومانس تہ هن ڇا چيو. ڇاڪاڻ تہ اسان سمجهي ڪونہ سگهياسون. آءُ تقريباً پورو هن جي مٿان جهُڪي ويس ۽ ڪن ۾ چيومانس: .سائين، معاف ڪجو آءُ ڪجهہ سمجهي نٿو سگهان تہ اوهان ڇا چيو.

ڪجهہ گهڙيون رڪي ڏاڍي ڪوشش سان هن ايترو چيو: "مون کي... افسوس ٿو ٿئي... منهنجي... زال... هلي ويئي."

انهيءَ وقت هو تمام غمگين هئو. ممڪن آهي تہ هو ائين چوندو هجي تہ هو پنڌ نٿو هلي سگهي پر انهيءَ سان گڏ اهو بہ نٿي چاهيائين تہ کيس ڪٿي اتي پهچايو وڃي. ممڪن آهي تہ شواشو سوچيندو هجي تہ جيڪڏهن سندس زال موجود هجي ها تہ اها سندس مدد ڪري ها.

ميجسٽريٽ هڪ گهمرو وري ويجهو آيو ۽ کانئس پڇيائين تہ ڇا هو ڪا وصيعت لکندو. ڀُٽو صاحب خاموش رهيو. ميجسٽريٽ وري سوال دهرايو جنهن تي ڀُٽي صاحب چيو: "ها، پر... آءُ... اها... لکرائڻ... چاهيندس."

ان وقت اهڙي ڪم لاءِ دير ٿي چڪي هئي تنهنڪري جيل سپرنٽينڊنٽ هيڊ وارڊر کي حڪم ڪيو تہ پنهنجن ماڻهن کي اندر ڪوٺڙيءَ ۾ گهرائي ۽ مسٽر ڀُٽي کي ڪڍن. چار وارڊر ڪوٺڙيءَ ۾ آيا. ٻن مسٽر ڀُٽي کي ٽنگن کان ڇڪيو ۽ ٻن ٻانهن کان ۽ کيس مٿي کنيو. جيئن کيس مٿي کنيو پئي ويو مسٽر ڀُٽي چيو: "مون کي ڇڏي ڏيو."

مسٽر ڀُٽي کي جڏهن ڪوٺڙيءَ مان ٻاهر آندو پئي ويو تڏهن سندس پٺي ذري گهٽ زمين سان لڳي رهي هئي. سندس قميص جو پٺيون حصو وارڊر جي جتي هيٺان اچي ويو ۽ اها ڦاٽي پيئي جنهن جو آواز ڪنن سان صاف ٻڌم. ڇپر تي رکيل اسٽريچر تي کيس رکيو ويو. سندس ٻئي هٿ سندس پيٽ مٿان رکيا ويا جتي کيس هٿڪڙي هڻي ويئي. انهيءَ دوران خدمتگار عبدالرحمان چاءِ جي پيالي کڻي ڊڪندو آيو. هي اها ئي چاءِ هئي جيڪا اسان جي ڪوٺڙيءَ ۾ داخل ٿيندي ئي ڀُٽي صاحب پنهنجي لاءِ چئي هئي. مون کي تعجب ٿي لڳو: "اهي ڏينهن هئا جو ڪڏهن جيل جي ٻئي پاسي وزيراعظم هائوس ۾ مسٽر ڀُٽي کي دنيا جي هر اها شيءِ ميسر هئي جيڪا هو چاهيندو هئو ۽ اڄ هو چاءِ جي هڪ پيالي جي هڪ ننڍڙي خواهش کي پورو نٿي ڪري سگهيو."

چئني وارڊرس، اسٽريچر کي چئني پاسن کان کنيو. ڀُٽي صاحب پنهنجو چهرو ٿورو مٿي کنيو پر ٻيهري واپس پنهنجي جاءِ تي رکي ڇڏيائين ۽ وڏيڪ ڪا چرپر

ڪان ڪيائين. هن جا پير اهڙا زرد ٿي چڪا هئا جهڙوڪر هنن مان ڪنهن رت چوسي ڪڍي ورتو هجي. هن کا چرپر ڪانہ ڪئي، تان جو اسان ڦاسي گهاٽ تي پهتاسين. واربرس اسٽريچر کي ڦاسي جي سرڪڻ پرسان ئي رکيو. هنن مان ٻن واربرس ڀُٽي صاحب کي ڪڇن کان وٺي اها ڪوشش ڪئي تہ هو ڦاسيءَ جي سرڪڻ وٽ اٿي بيهي سگهي. آءٌ ڀُٽي صاحب جي تمام ويجهو هئس. منهنجي ڪوشش هئي تہ منهنجا پير تختہ دار کان پري هجن پر منهنجا ڪن ڀُٽي صاحب جي چهري کان ٿورو ئي پري هئا. هن جي هٿڪڙي کولي ويئي ۽ سندس ٻانهون هڪ زوردار جهٽڪي سان پٺيان ڪٽي ويا جتي هن کي وري هٿڪڙيون لڳايون ويون.

انهيءَ وچ ۾ تارا مسيح (جلاد) آيو ۽ هڪ نقاب ڀُٽي صاحب جي چهري تي چاڙهيائين. غالباً هن کي نقاب چاڙهڻ کان پوءِ ساه کڻڻ ۾ مونجهہ ٿي رهي هئي يا وري جنهن طرح سان هن جي ٻانهن کي موڙي هٿڪڙي هنئي ويئي تنهن کان کيس تڪليف محسوس ٿي رهي هئي. هن انهيءَ مهل صرف هڪ لفظ چيو: "هيءَ." غالباً هيءَ چوڻ گهرندو هجي: "هيءَ مون کي تڪليف ڏيئي رهيا آهن." آءٌ هن جي تمام قريب هئس ۽ تختہ دار کان بچندي مون پنهنجن ڪنن کي هڪ يا ٻن فٽن تائين ويجهو ڪيو پر آءٌ سندس آخري جملو ٻڌي نہ سگهيس.

4 اپريل 1979ع تي رات جو 2 لڳي چئن منٽن تي جلاد ڦاسي جو ليور دٻايو ۽ ڀُٽو صاحب ڦاسي چڙهي ويو. آءٌ ٻڪ پائي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي اُتي ويس جتي ڀُٽي صاحب جو جسم لٽڪي رهيو هئو. مون ڏٺو تہ ڀُٽي صاحب جو جسم ٿورو لُڏي رهيو هئو پر اهو جسم جي هيٺ اچي لٽڪڻ جي ڪري ٿيو هئو. يقيناً هو انهيءَ وقت گذاري چڪو هئو. آءٌ اتان وڃي ۽ انسپيڪٽر آف جيلس جي لاءِ رکيل ڪرسين مان هڪ تي ويهي رهيس. هيءَ ڪرسيون مسٽر ڀُٽي جي لٽڪندڙ جسم جي پرسان رکيون ويون هيون.

ڀُٽي صاحب جي لٽڪندڙ جسم جو منظر اهڙو اندر پيهي ويو جو آءٌ شايد ڪڏهن وساري نہ سگهندس. اڄ بہ مون کي اهو منظر ياد اچي ٿو تہ لون لون ڪانڊارجيو وڃي.

چند منٽن کانپوءِ مون ڏٺو تہ ڪو مسٽر ڀُٽي جي جسم کي لوڏي رهيو هئو. مون چوڌري يار محمد کان پڇيو: "هيءَ ڪير آهي؟" هو جواب ڏئي ئي ڏئي ان کان اڳ ۾ آءِ جي پرزنس ٻولي پيو: "هيءَ تارا مسيح آهي ۽ هو ٻانهون ۽ ٽنگون سڌيون ڪري رهيو آهي، تہ جيئن ڳيڙين جي ڪري جسم ڏنگو ڦڏو نہ ٿي وڃي."

**تدفين**

ڀُٽي صاحب جو لاش اڌ ڪلاڪ لٽڪيو رهيو ۽ جڏهن جيل جي ڊاڪٽر سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو تہ لاش 2 لڳي 35 منٽن تي هيٺ لاٿو ويو. هن کي اُتي ئي غسل ڏنو ويو جنهن جو انتظام اڳي ئي ڪيو ويو هئو. هڪ فوٽو گرافر، جيڪو هڪ انٽيليجنس ايجنسي موڪليو هئو تنهن مسٽر ڀُٽي (۽ سندس جسم جي مختلف حصن) جون تصويرون ڇڪيون. حڪام اها پڪ ڪرڻ ٿي گهري تہ آيا هن جي سنت اسلامي طريقي مطابق ٿيل آهي يا نہ. تصويرن ڇڪڻ کان پوءِ اهو طئي ٿيو تہ هن جو اسلامي طريقي مطابق طهر ٿيل هئو.

ان کان پوءِ هن جي لاش کي هڪ ڪاٺ جي تابوت ۾ رکيو ويو ۽ چڪلالہ ايئرپورٽ ڏانهن نيو ويو. هن سفر ۾ بہ مون کي ڀُٽي صاحب سان گڏ رهڻو هئو. هن قافلي کي وٺي آءِ پي اي ايف چڪلالہ پهتس. جتي هڪ وي آءِ پي سي _ 130 جهاز اسان جو منتظر هئو. ڀُٽي صاحب جو تابوت، ڪن ٻين پيتين سميت جهاز ۾ چاڙهيو ويو ۽ جهاز جيڪب آباد ڏانهن پنهنجو سفر شروع ڪيو. جڏهن جهاز سڪيسر (ميانوالي) جي ويجهو پهتو تہ مون کي ٻُڌايو ويو تہ جهاز ۾ ڪا فني خرابي پيدا ٿي ويئي آهي ۽ اسان کي واپس راولپنڊي موٽڻو پوندو جتان اسان کي ٻيو جهاز جيڪب آباد وٺي ويندو.

چڪلالہ تي اسان جي لاءِ هڪڙو ٻيو سي_130 تيار هئو ڀُٽي صاحب جو تابوت وري هن ٻئي جهاز ۾ آندو ويو ۽ اسان ٻيهر جيڪب آباد ڏانهن روانا ٿياسين. اسان جيڪب آباد هوائي اڏي تي صبح جو ستين بجي کان ڪجهہ منٽ اڳ ئي پهتاسين. اتي هڪ هيليڪاپٽر اسان جو انتظار ڪري رهيو هئو. ڪمانڊنگ آفيسر آف پنجاب ريجمنٽ ليفٽيننٽ ڪرنل محمد صادق، ڀُٽي صاحب جو تابوت مون کان ورتو هيليڪاپٽر ۾ رکايو ۽ نئين ديري ڏانهن روانو ٿيو. مسٽر ڀُٽي کي ڳڙهي خدابخش ۾ دفن ڪيو ويو جتي قبر اڳ ۾ کوٽي ويئي هئي.

چوٿين اپريل 1979ع تي مس بينظير ڀٽو راولپنڊي جي ڊپٽي مارشل ائڊمنسٽريٽر کي خط لکيو تہ هوءَ پنهنجي ماءُ سان گڏجي 07_اپريل 1979ع تي ڳڙهي خدابخش ۾ ڀُٽو مرحوم جي رسم قل ۾ شرڪت ڪرڻ گهري ٿي. ڇهين اپريل تي ٻنهي ماءُ ۽ ڌيءُ کي ڪٽي هڪ جهاز اسلام آباد کان ڳڙهي خدابخش طرف روانو ٿيو ۽ ساڳي ڏينهن واپس راولپنڊي پهچي ويو.

ڀُٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ کان پوءِ ڪيس جي باقي چئن ملزمن ميان محمد

عباس، غلام مصطفيٰ، ارشد اقبال ۽ رانا افتخار جي رحم جون درخواستون، مسٽر ڀُٽي کي ڦاسي ڏيڻ کان هڪدم پوءِ وزارت داخلہ جي طرفان چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي آفيس ۾ پهچايون ويون. هنن چئني ڄڻن جو تعلق فيڊرل سيڪيورٽي فورس سان هئو. وزارت داخلہ هيءَ ڪونہ واضح ڪيو هئو تہ هنن چئني ڄڻن مان ڪو ڪنهن بہ ٻئي ڪيس ۾ بہ گهربل هئو. تنهنڪري سندن رحم جي درخواستن وارو فائيل وزارت داخلہ کي واپس موڪليو ويو. وزارت داخلہ ڏاڍي تڪڙ ڪئي پر تنهن هوندي بہ هنن درخواستن جي اڪلاءَ ۾ چند هفتا لڳي ويا.

انهيءَ دوران طرح طرح جا افواهہ اڀيا جن ۾ هيءُ بہ شامل هئو تہ هنن چئني ڄڻن کي معافي ڏني پئي وڃي. بدقسمتي سان هنن چئني ڄڻن جو تعلق پنجاب سان هئو جڏهن وزارت داخلہ هيءُ فائيل جولاءِ 1979ع ۾ واپس ڪيو هن نوٽ سان گڏ تہ هنن چئني ڄڻن مان ڪنهن جي بہ ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ ضرورت ناهي تہ ضياء الحق رحم جون درخواستون رد ڪري ڇڏيون. نتيجي طور 24_جولاءِ 1979ع تي ميان محمد عباس ۽ غلام مصطفيٰ کي راولپنڊي جيل ۾، ارشد اقبال ۽ رانا افتخار کي فيصل آباد ۽ لاهور جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي.

◈ ◈ ◈

# ٣٦ : • هڪ پر آشوب دور
# • مستقبل لاءِ اميد افزا ماحول

"منهنجا عزيز هم وطنو منهنجا پيارا دوستو منهنجا پيارا شاگردو مزدور ۽ هاري . . جيڪي پاڪستان لاءِ وڙهيا. . . اسان هينئر هن ملڪ جي زندگي جي بدترين بحران مان گذري رهيا آهيون. اسان کي ننڍا ننڍا ٽڪر گڏ ڪري هڪ نئون پاڪستان، هڪ پروگريسو پاڪستان تعمير ڪرڻو آهي."

هيءَ انهيءَ تقرير جا ٻه ٽي جملا آهن. جيڪي پاڪستان جي پهرئين چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀُٽي 20 ڊسمبر 1971ع تي پهرين صدر، ڪمانڊر انچيف ۽ پهرئين شهري چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر طور پنهنجي عهدي سنڀالڻ بعد ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان پنهنجي خطاب ۾ چيا. هيءَ تقرير ڀُٽي مرحوم پنهنجي انداز ۾ ڪئي، جنهن ۾ سندس ٻين تقريرن وانگيان ليڊرن وارو ولولو ۽ عزم ٻه هئو پر انهيءَ سان گڏوگڏ هڪ منتخب ليڊر جي حيثيت ۾ پنهنجو پورو منشور سمايل هئو.

هيءَ سمورو دؤر صدارت سنڀالڻ کان وٺي وري مارشل لا لڳڻ، پارليمينٽ جي معزولي ۽ 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ واري وعدي تي آيل فوجي سربراه جنرل ضياء الحق تائين يا اڃا ٻه اڳتي ڀُٽي صاحب جي ڦاسي وارو دؤر سچ پچ نهايت پر آشوب رهيو. اها ڳالهه تاريخ جي پارکن ۽ تجزيه نگارن لاءِ موضوع بحث رهندي ته ڀٽو جيڪو عوام جو وڏو چاهيندڙ جمهوريت جو حامي ۽ پروگريسو نظريو رکندڙ ليڊر هئو. جنهن جي پارٽي، پنهنجي سموري وجود دوران عوام جي حمايت ڪندي

گذري تي، انهيءَ کي جڏهن انهيءَ پروگرام تي عمل ڪرڻ جو موقعو مليو هو (ڪن حالتن ۾ گهٽي اڳيرائي به ڪئي). تنهن دور کي ڪهڙي نالي سان ياد ڪيو ويندو. هڪ اهڙي پارٽي جيڪا انفرادي آزادي ۽ انساني حقن جي عملبردار ٿي اُڀري ٿي سا اڻ ڏٺل ڏکايون ڏسي ٿي ۽ نيٺ ڪيس هڪ عام ڏوهاري وانگيان رات جي وڳڙي ۾ ڦاسي ڏني وڃي ٿي.

هن حقيقت تي سمورا مورخ متفق آهن ته ڀٽو هڪ جامع الصفات پرڪشش شخصيت جو مالڪ هئو. هن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ شهرن ۽ ٻهراڙين جا ماڻهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪن ٿا. جنهن دؤر ۾ پوليس هڙتال ڪري، پر پارٽي ورڪر نڪري سموري ڪاروبار کي سنڀالي وٺن ٿا. جنهن ملڪ کي ڀڳريون گهمرو ايٽمي ٽيڪنالاجي ۽ اسٽيل ملزم لڳرائي ڏني ۽ تيل جي ڳولا جو سلسلو شروع ڪيو.

ممڪن آهي ته سياسي مفڪرين وٽ انهيءَ سموري دؤر کي ڪنهن هڪ نظريي سان وابسته ڪرڻ جي لاءِ ڪو ٻيو فارمولا هجي پر سچ هيءُ آهي ته گهٽي عرصي تائين انهيءَ نڪتي تي بحث هلندو ته نيٺ پارٽي پنهنجي پروگرام تي مڪمل طور عمل ڇو نه ڪري سگهي. ڪال ڪوٺڙيءَ مان هن جيڪي خط پنهنجي پياري ڌيءَ بينظير ڀٽو کي لکيا يا جيڪي ٽڪرا ڪن ٻهانن سان جيل کان ٻاهر موڪليا، تن جي روشنيءَ ۾ ڪي ڪارڻ صاف طور نٽا ملن. جڏهن هو پنهنجي ڌيءَ کي لکي ٿو ته ان ۾ سندس ذاتي رشتو اچي ٿو ۽ ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ڀٽو اڪيلو آهي تنهنڪري هو پنهنجي ڌيءَ کي ذاتي وابستگيءَ جي ناتي مخاطب ٿو ٿئي. انهيءَ هوندي به ملڪ ۾ انهيءَ وقت جيڪي حالتون هيون يا پارٽي جي ليڊرن جون ڳالهيون ۽ سرگرميون سامهون اچن ٿيون سي ملائي ڏسجي ته هڪ گڏيل وچڙيل خاڪو سامهون اچي ٿو.

مجموعي طور هن دؤر کي ٻن زاوين کان ڏسي سگهجي ٿو هڪ: گهرو معاملا ۽ ٻيو بين الاقوامي سطح تي ايندڙ تبديليون ۽ واقعات جن جو اطلاق نه صرف پاڪستان تي ٿي رهيو هو پر ڪن عالمي ليڊرن کي يقين هئو ته پاڪستان جي اهڙن فيصلن ڪري عالمي حالتون متاثر ٿي سگهن ٿيون.

<u>ٻهرين گهرو حالتون</u>: پيپلز پارٽي 30 نومبر 1967ع تي وجود ۾ آئي ۽ اعلان وقت پُٽي جيڪي پارٽي لاءِ رهنما اصول مرتب ڪيا. سي پروگريسو هئا. انهن مطابق "اسلام اسان جو دين آهي، جمهوريت اسان جي پاليسي آهي ۽ سوشلزم

اسان جي معيشت آهي. سموري قوت جو سرچشمو عوام آهي.“

سڀ کان پهرين آئين جي تياري هئي. پاڪستان ۾ پهريون گھمرو ڪنهن پارٽي، سياسي ۽ جمهوري اصولن تي آئين ٺاهيو پر ان تي عمل ڪرڻ جو مظاهرو بہ ڪيو. حد هيءَ آهي تہ پارليمينٽ ۾ اڪثريت رکندي بہ هن آئين کي متنازعہ بنائڻ نہ گھريو ۽ رات ڏينهن هڪ ڪري، سمورن سياسي ليڊرن ۽ پارٽي اڳواڻن جي صلاح سان اتفاق راءِ پيدا ڪيو ۽ پوءِ ئي آئين جي نفاذ جو اعلان ڪيو. هن وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن کان ڏهہ لک ايڪڙ فاضل زمين حاصل ڪري بي زمين هارين ۾ ورهائي.

سياسي ميدان ۾ هن چاهيو تہ عوامي نيشنل پارٽي جي اڳواڻ خان عبدالولي خان ۽ بلوچ اڳواڻن سان ناهہ ٺئي ۽ انهيءَ جو مظاهرو انهيءَ طرح ٿيو تہ هن بلوچستان ۽ صوبہ سرحد ۾ حڪومتون ٺاهيون ۽ مخالفت جي اها فضا ختم ڪئي جيڪا ڪن سببن جي ڪري برپا ٿي پر وري پوءِ اهڙو ڦيرو آيو جو ٻنهي صوبائي حڪومتن کي ٽوڙي نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) تي بندش وجهي ٿو. اجا بہ ٿورو اڳتي تہ هو نعپ جو رفرنس ڪٽي سپريم ڪورٽ ۾ وڃي ٿو جنهن ۾ انهيءَ نڪتي تي زور ڏنل آهي تہ اها پارٽي ملڪ جي بنيادي نظريي جي خلاف ڪم ڪري رهي آهي، تنهنڪري ان کي غير قانوني قرار ڏنو وڃي.

غالباً انهن سمورين حقيقتن گڏجي ٻُني پارٽي کي عوام جي پارٽي واري حيثيت ۾ رهڻ نہ ڏنو. ۽ جيتوڻيڪ اها بہ حقيقت آهي تہ 1977ع وارين چونڊن ۾ ڪنهن ڊانڊلي وارن الزامن کي قبول ڪندي بہ ڏنو هجي. پيپلز پارٽي تہ ايتريون ئي سيٽون کٽي آئي جو حڪومت سولائي سان هلي پئي سگھي پر ٻُني نتي چاهيو تہ رستن تي هنگاما ٿين ۽ حڪومتي رٽ کي نافذ ڪرڻ لاءِ طاقت استعمال ڪرڻي پئي.

ويهين ڊسمبر 1971ع تي حڪومت جون واڳون سنڀالڻ کانپوءِ گھٽي عرصي تائين پارٽي جي مقبوليت ۾ ڪو فرق نہ آيو تنهنڪري پارٽي ليڊر شپ جي پارٽي معاملن تي گرفت مضبوط رهي. پر پوءِ آهستي آهستي اها ڍري ٿيڻ لڳي. ايستائين جو 1977ع واريون چونڊون ڪرائڻ وقت ڏاڍيون ڊگھيون ميٽنگون ڪرڻيون پيون ۽ هر طرح سان معلومات حاصل ڪري پوءِ ٽڪيٽن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

اها هڪ بنيادي خرابي هئي. دراصل، ڊسمبر 1970ع وارين چونڊن ۾ گھٽا

وڏا بت ڪري ڀيا، ۽ جڏهن نتيجا آيا تہ اهي جاگيردار ۽ زميندار پشيماني جا هٿ مهٽڻ لڳا تہ ڪاش هو انهيءَ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي چونڊ لڙن ها ۽ اقتدار جي ايوان ۾ ويٺا هجن ها. چونڊن کانپوءِ پتو تہ مختلف ڪمن ۾ مصروف تي ويو پر هن کانپوءِ بہ ليڊر شپ پارٽي معاملن کي حل ڪرڻ بدران اقتدار جي گهٽي ۾ جوڙ توڙ ۾ لڳي ويا. وڏيرا، خانزاده ۽ جاگيردار انهيءَ قطار ۾ پهچي ويا جتان هنن کي آسرو هئو تہ هو پٽي جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب تي ويندا. ۽ ٿيو بہ ائين، سوين پئسي وارا ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن ليڊر جي معرفت پارٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ لڳا. انهيءَ نئين آمد پراڻن ۽ مخلص ورڪرن ۽ ليڊرن کي مايوس ڪري وڌو. اهي ورڪر جن پارٽي ٺاهڻ کان پوءِ ايوب خان ۽ يحيٰ خان جي زماني کان وٺي عتاب ۽ جيلن ۾ گذاريو هئو سي پارٽي کان هٽندا ويا، بلڪ ائين چوڻ صحيح ٿيندو تہ نون آيلن پئسي جي ٻل تي پارٽي ۾ اينٽري حاصل ڪري ورتي هئي. خود پارٽي جي مٿاهين ليڊر شپ، جهڙوڪ خورشيد حسن مير، ڊاڪٽر مبشر حسن جهڙا ماڻهو پارٽيءَ کان ڌار تي ويا ۽ پارٽي آهستہ آهستہ مفاد پرست نون ليڊرن سان ڀرجي ويئي.

پارٽي ورڪر انهيءَ ڳالهہ تي دل برداشتہ هئو تہ عام ماڻهن کي موبيلائيز ڪرڻ ۾ هن کي ئي ڪم ڪرڻو هوندو آهي ۽ هنن انهيءَ جو مظاهرو ڪيو، پر جڏهن پارٽي معاملن تي فيصلو ڪرڻ جو وقت آيو تي تڏهن پارٽي نئين ليڊر شپ ڏانهن هلي تي ويئي. لوڪل پوليس جون ڏاڍايون، وڏيرن ۽ مفاد پرستن هٿان بي عزت ٿيڻ بعد بہ هنن سمجهيو تہ هن کي ٻڌو ويندو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن گهڙيءَ مٿاهين ليڊر شپ پارٽي ورڪر کي ساڳي اهميت ڏيندي جيڪا پارٽي ٺهڻ کان پوءِ بي سرو ساماني جي عالم ۾ ڏني ويئي. پر ائين نہ ٿيو. نئين ليڊر شپ جي ڪري، پارٽي جو شيرازو منتشر ٿيندو ويو.

هڪ اهم ڳالهہ جيڪا ايري سا هيءَ هئي تہ پارٽيءَ جي اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ پٽي سرڪاري ايجنسين کي ٻڌڻ شروع ڪيو. سرڪاري ڪم ڪار ۾ ائين ضرور ٿيندو آيو هئو پر پٽي جهڙي عوامي ليڊر کي انهيءَ چار ۾ ڦاسجڻ نہ گهربو هئو. هيءَ ڳالهہ 1977ع جي چونڊن دوران ظاهر تي جڏهن هن پارٽي ذريعن بدران ايجنسين جي رپورٽن تي انحصار ڪيو.

چونڊن کان اڳ پارٽي ليڊرن ۽ ورڪرن کان معلوم ڪرڻ ضروري هئو پر ائين ڪونہ ڪيو ويو. جنهن جو نتيجو پارٽي ٽڪين جي ورهاست ۾ نظر آيو. هر

حلقي ۾ اهي نالا نظر ايندا جيڪي نسلن کان وٺي هميشه برسر اقتدار پارٽي ۾ رهندا آهن. نتيجو عام ماڻهو ۽ پارٽي ليڊر شپ درميان Credibility gap جي صورت ۾ نمودار ٿيو ۽ 1977ع ۾ پي اين اي جي هلايل تحريڪ کي منهن ڏيڻ لاءِ پارٽي ۾ اها سگهه ڪانه رهي هئي، جيڪا رستن تي اچي. عوامي سطح تي منهن ڏئي. سرڪاري مشنري ضرور موجود هئي پر اها ته ڪنهن به حڪومت جي لاءِ ڪم ڪندي آهي، جيڪا اقتدار ۾ هجي. ٻهراڙين ۾ ته نهيو پر شهرن ۾ انهيءَ جي ضرورت هئي ته ڪا جوابي تحريڪ هلي. پر ائين ڪونه ٿيو ۽ پي اين اي جي جلسن/جلوسن، جزوي مارشل لا، گرفتارين نه صرف پاڪستان پر سڄي دنيا جو توجه ڇڪائي ورتو. اها بنيادي خامي هئي.

پٺتي زرعي سڌارا، هاري/مزدور پاليسي، تعليمي سڌارا کڻي آيو پر چاڪاڻ ته خانداني سياست ڪندڙ ۽ وڏيرا پارٽيءَ ۾ داخل ٿي ويا، تن هر هنڌ انهن سڌارن کي ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ ۾ زرعي سڌارا سڀ کان اڳ اچن ٿا. زميندارن انهيءَ جو طريقو اهو ڳولي لڌو ته پنهنجن هارين جي نالي زمين ته ڪرائي چڙهي پر ڪانئن اهو لکرائي ورتو ته هيءَ زمين ڪنهن به وقت واپس ڏئي سگهي ٿو. البته انهيءَ عوض هاري کي ٻج ۽ پاڻ جي خريداريءَ ۾ فائدو ٿيو.

ٺٽي مل مالڪن ۽ صنعتڪارن لاءِ ضروري بنايو هئو ته مزدورن جي ٻارن کي تعليم ڏياريندو يا ڪارخانن ۾ مزدورن کي پارٽنر بنائڻ وارو قانون به صرف ڪاغذ تي نظر آيو عملي طور ڪجهه نه ٿيو.

پارٽيءَ جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ هڪ وڏو ڪم ڪرڻو هئو سو هئو بيروزگاريءَ جو ۽ انهيءَ ۾ پارٽي ورڪر وڏيڪ مدد لاءِ پر اميد هئو. پر ائين ڪونه ٿيو. هن جون ٽي ڪيٽگريز هيون: اولاً ٽيڪنو ڪريٽس يعني اهي ماڻهو جيڪي مختلف ٽيڪنالاجيز ۾ ماهر هجن. ٻي ڪيٽيگري بيورو ڪريسي واري، انهيءَ جا پنهنجا قائدا قانون ٿين ٿا. ٽين ڪيٽيگري اها هئي جنهن ۾ عمومي لياقتن جي ضرورت پوندي آهي.

هنن ٽنهي ڪيٽيگرين مان جيڪڏهن پهرين ٻن کي انهن شعبن جي لاءِ ضوري لياقتون هئڻ ڪري چڙهي ڏجن ته به ٽين ڪيٽيگري اهڙي هئي جنهن ۾ گهٽ ماڻهن کي روزگار مهيا ڪري پيو سگهجي. هن ڪيٽيگري ۾ جنهن ۾ ٿورو گهڻو پڙهيل بنيادي لياقتون هيون، باقي ڪنهن وڏي شرط جي ضرورت ڪانه هئي، انهيءَ مان عام ماڻهوءَ کان وٺي پارٽي ورڪرن جي لاءِ گنجائش هئي پر پارٽي

ورڪر هتي بہ محروم رهجي ويو.

ٽيو ائين تہ پيپلز پليسمينٽ بيورو ناهيو ويو جنهن جي ذريعي سمورين درخواستن جو فيصلو ڪرڻو هئو پر انهيءَ ۾ بہ ائين ٿو جو متئين ليڊر شپ ايتريون سفارشون ڪرايون جو ورڪرن کي علائقي مطابق ۽ لياقتن مطابق نوڪريون نہ ملي سگهيون. بيورو جي ارباب اختيار کي چيو ويو تہ انصاف مطابق، ميرٽ تي نوڪريون ڏنيون وڃن پر ورڪرن کي شڪايت رهي تہ ائين نہ ٿي سگهيو جنهن ڪري اهي شڪايتون عام ٿيڻ لڳيون تہ پارٽي ورڪر نوڪريون ڏيارڻ جي بهاني عام ماڻهوءَ کان پيسا وصول ڪري رهيا هئا. ڇاڪاڻ تہ اهڙيون شڪايتون اعليٰ قيادت تائين نٿي پهچي سگهيون تنهنڪري پارٽي ورڪرن جي دل ۾ محروميءَ جو احساس پيدا ٿيڻ لڳو ۽ هو پارٽيءَ کان وڇڙڻ لڳو.

هن حقيقت جو مظاهرو ڀُٽي خلاف هلايل ڪيسن دوران ٿيو. لاهور ۾ جڏهن ڀُٽي خلاف ڪيس شروع ٿيو تہ وڏو موقعو پارٽي ورڪرن لاءِ هو. پارٽي پنهنجي ورڪرس فورس ذريعي اهو ڏيکاءُ وجهي ها تہ سندن ليڊر بيگناهہ آهي. دنيا ۾ ماڻهو سڀ کان وڏا منصف هوندا آهن. اهو بہ انهيءَ ڪري ٿيو جو نئين ليڊر شپ جيڪا 1970ع وارين چونڊن کانپوءِ پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي، تنهن کي بظاهر ڀُٽي جي گرفتاري ۽ ڪيس سان ڪو واسطو نہ هئو. فرض ڪريو تہ شنوائي تي ڀُٽي کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويندو هئو. انهيءَ کان اڳ ۾ يا ڀُڌٽي دوران جيڪڏهن 25000 ماڻهن جو مجموعو ڪورٽ جي اندر ۽ ٻاهر موجود رهي ها تہ ججمينٽ ٻي هجي ها. خود ريويو پٽيشن دوران بہ ساڳي قسم جو مظاهرو ٿي پئي سگهيو.

هن ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هر ملڪ وانگيان پاڪستان پڻ پنهنجي داخلي ۽ خارجہ پاليسي ۾ آزاد آهي. پر ايٽمي پروگرام جي اعلان ۽ ايٽمي قوت بنجڻ واري اعلان ۽ ڪيل اڳيرائي امريڪا ۽ سندس حوارين کي پريشان ڪري وڌو. ڀُٽو اُنهيءَ سلسلي ۾ پرعزم هئو خاص ڪري انهيءَ وقت جڏهن هن فرانس کي ري پروسيسنگ پلانٽ مهيا ڪرڻ لاءِ ٻہ ارب ڊالر ڏنا. امريڪا انهيءَ ڏينهن کان وٺي ڪوشش ۾ رهيو تہ ڪهڙي طريقي پاڪستان کي ايٽمي ٽيڪنالاجي حاصل نہ ٿئي. هن فرانس سان ڪيل معاهدو تہ ختم ڪرايو پر ڊاڪٽر عبدالقدير جي ذريعي جيڪا ڪوشش شروع ڪئي تنهن امريڪا کي ڏاڍو پريشان ڪيو ۽ انهيءَ پريشاني جي خاطري ان وقت ٿي جڏهن هنري ڪسنجر ڀُٽي کي چورائي موڪليو تہ اسان اوهان کي عبرت جو ذريعو بنائي ڇڏينداسين. انهيءَ ڏہاءُ کي صرف

اڪيلي ڇڏي برداشت ڪيو پر جيڪڏهن پارٽي هيئنئين سطح تي امريڪا کي پنهنجي اتحاد کان متاثر ڪري ها تہ ان جو نتيجو گهٽ ۾ گهٽ ڇڏي کي ڦاسي ڏيڻ تي نہ نڪري ها. هن ڪري تہ اها ڳالهہ بعد ۾ ظاهر ٿي تہ پي اين اي جي سموري تحريڪ امريڪا، جماعت اسلامي ذريعي هلائي.

هيءَ چند ڳالهيون هيون جن پيپلز پارٽيءَ جي قوت کي متاثر ڪيو. پيپلز پارٽي جو عام ورڪر پنهنجن ليڊرن کي هيئن چوندي ٻڌو ويو تہ ڇڏيو جلد اسان جي درميان هوندو. انهيءَ قسم جي ڳالهين بہ عام ورڪر کي بي ستو ڪري وڌو ۽ هو سمجهڻ لڳا تہ فوجي حڪومت سان ڪنهن ڳالهہ تي ٺاهہ ٿي رهيو آهي ۽ هو مقابلتاً خاموش رهيو.

ممڪن آهي تہ اهي چند حقيقتون اڳتي هلي پارٽيءَ کي نئين سر مضبوط بنيادن تي اڏڻ جو موقعو فراهم ڪن ۽ پارٽي کي اهڙا رهبر اصول ٺاهي جيڪي اڳتي هلي پارٽي ليڊرن کي اهڙي انجام کان بچائي سگهن.

◈ ◈ ◈

# ٣٧

- ڀُٽي کي مارڻ جو فيصلو ڪڏهن ٿيو؟
- سياستدانن جون منٿون

چوٿين اپريل 1979ع وارو ڏينهن بہ تاريخ ۾ وڏو هولناڪ تصور ڪيو ويندو. ضياء الحق، اوچين فوجي فصيلن اندر رهندي جيترو بار محسوس ڪيو سو لهي ويو جڏهن تہ لکين ماڻهن جو سُک ڦِٽي ويو. پنجين جولاءِ 1977ع تي هن پنهنجي محسن کي هٽائي پاڻ ۾ پنهنجن ساٿين کي مختلف عهدن تي نامزد تہ ڪري ڇڏيو پر هنن پنهنجي لاءِ اضطراب جي هڪ اهڙي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي جنهن کان جند ڇڏائڻ في الحال نظر ڪونہ پئي آيو.

چوويهين مارچ 1979ع جي صبح جو 11 بجي سپريم ڪورٽ ڀُٽي جي ريويو پٽيشن رد ڪري ڇڏي ۽ شام جو جنرل جي پٽ جو وليمو چيف آف دي آرمي هائوس ۾ هئو. ظاهر آهي تہ ان ۾ برسر اقتدار جا سمورا ڪارندا شريڪ ٿيا. ڀُٽي جي مستقبل بابت يا ڪيس جي مختلف پهلوئن تي ڪنهن بہ ڪا ڳالهہ ڪانہ ڪئي، البتہ چند اخبار وارا موجود هئا جيڪي موقعي جي تلاش ۾ هئا. هنن اهو پئي معلوم ڪرڻ چاهيو تہ ڀُٽي طرفان پاڻ يا هن جي ڪنهن ويجهي مائٽ رحم جي درخواست داخل ڪئي تہ ان جو ڇا ٿيندو.

”ڪيس جي هر پهلو جو جائزو ورتو ويو آهي، هاڻي صرف ڏسڻو آهي تہ ضابطي جي ڪارروائي تي ڪهڙيءَ طرح عمل ڪيو وڃي“ ضياء الحق هڪ ٻن

جملن ۾ جواب ڏنو ۽ پوءِ چاءِ ۽ ٿوري منائي ڪارايل مهمانن کي رخصت ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويو. انهن اخبار وارن جو چوڻ آهي تہ انهيءَ وقت هو وڏو مطمئن نظر اچي رهيو هئو. ڀُٽي کي هٽائڻ کان وٺي 4-اپريل وارو عرصو مختلف واقعن ۾ گذري ويو هئو انهيءَ شام ڏسجڻ وارو چهرو بظاهرو مطمئن هو پر ان جي پويان اضطراب ۽ بيچيني جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هئو.

پنجين جولاءِ 1977ع تي جنرل ضياء الحق اقتدار جون واڳون سنڀاليون. پنهنجي خطاب ۾ هن اعلان ڪيو تہ مارشل لا ضرور لڳايو ويو آهي پر آئين کي نہ ٽوڙيو ويو آهي، صرف ان جا ڪي حصا معطل ڪيا ويا اهن. هن اهو بہ اعلان ڪيو تہ تفصيلي پروگرام تہ بعد ۾ جاري ڪيو ويندو ۽ چونڊون اڪتوبر ۾ ڪرايون وينديون.*

ڇهين جولاءِ تي ضياء الحق وفاقي سيڪريٽرين جي هڪ ميٽنگ ڪوٺرائي اعلان ڪيو تہ نوي ڏينهن جي اندر چونڊون ڪرائي ملڪ کي ٻيهر جمهوريت جي پٽڙيءَ تي آندو ويجي.

هاڻي هن پنهنجي اندر وارن حڪومتي شرڪاء سان صلاح مشورا شروع ڪيا ۽ انهيءَ ڳالهہ جو خيال ڏنو تہ چاڪاڻ تہ پي اين اي جي سموري تحريڪ اسلامي نظام نافذ ڪرڻ ۽ ان جي چوڌاري ٻين مسئلن جي گرد هئي تنهنڪري هن انهيءَ طرح جي جذبات سان کيڏڻ جو فيصلو ڪيو. ظاهر آهي تہ ملڪ ۾ ڪير چوندو تہ اسلامي نظام نہ هجي، جنهن کي ضياء الحق رضامندي سمجهيو ۽ هر اعلان اهڙو ڪندو ويو جنهن ۾ اسلامي تعليمات جو ذڪر ڪيل هجي، جنهن ۾ اسلامي سزائون ڏيڻ بہ شامل هئو.

جنرل ضياء جو اڌ ڪم تہ ڀُٽو ڪري ويو هئو يعني آچر بدران جمعي ڏينهن هفتيوار موڪل ڪرڻ، تفريحي ڪلب ۽ نائيٽ ڪلبس جو بند ڪرڻ ۽ شراب نوشي تي پابندي وجهڻ. پي اين اي جي تحريڪ هلندي تہ انهن فيصلن جي ڪنهن کلئي طريقي ۾ مخالفت نہ ڪئي هئي پر ضياء الحق ڪجهہ اڳيان ٿي وڌڻ

---

* پنجين جولاءِ 1977ع جي ردعمل طور مختلف ايجنسين مختلف رپورٽون موڪليون هيون. پر احتياط طور فوجي حڪومت مختلف شهرن ۾ گشتي دستا موڪليا هئا. هڪ اهڙو دستو جڏهن ڪراچي شهر جي برنس روڊ واري علائقي مان لنگهيو تہ ڪن ماڻهن هڪ بڪتر بند گاڏي روڪي ان تي گلن جا هار پارايا.

جو فيصلو ڪيو.

سرڪاري آفيسن ۾ وڏي شش و پنج هئي. صرف اهو ڪم ڪار تي ٽيو جنهن جي اشد ضرورت هئي نہ تہ سڄو وقت صرف ڀُٽي جي موافقت يا مخالفت ۾ ڳالهيون ٿينديون هيون يا وري فوجي حڪومت ڪيئن هلندي، عام ماڻهن جو رويو ڪيئن هوندو، سياسي پارٽيون ڇا ڪنديون تنهن تي بحث ٿيندو هو.

سياسي فضا ۾ اهي ڳالهيون بہ گهمي رهيون هيون تہ جنرل ضياء ڀُٽي کي ڦاسي ڏيڻ جو فيصلو ڪيئن ڪيو. گهڻن آڏو اهي ڳالهيون گهمي رهيون هيون تہ ضياء الحق جي ڀُٽي سان ڪا ذاتي دلچسپي ڪانہ هئي پر هو هڪ خاص نظريي جو حامل ضرور هئو هو ذاتي لالچ ۾ اهڙو فيصلو ڪري وينو. گهڻن کي اها ميٽنگ ياد هئي جيڪا صادق حسين قريشي جي رهائشگاهہ وائيٽ هائوس ۾ ٿي ان ۾ ٻين سان گڏ ضياء الحق ۽ ذوالفقار علي ڀُٽو بہ شامل هئو. ڳالهين هلندي هڪ موقعو اهڙو آيو جو ضياء الحق قرآن شريف هٿ ۾ کڻي ڀُٽي صاحب کي چيو:

”سر، اوهان قوم جا ايڏا وڏا محسن آيو جو اوهان کان ڪنهن وڏي هيرو جو تصور نٿو ڪري سگهجي. آءٌ قرآن مجيد تي هٿ رکي چوان ٿو تہ آءٌ اوهان جو ۽ اوهان جي خاندان جو وفادار رهندس.“

جون 1977ع جي هڪ ميٽنگ کانپوءِ هن ڀُٽي صاحب کي يقين ڏياريو: ”آءٌ اوهان جو هميشہ شڪر گذار رهندس ۽ اوهان جي حڪم جو تابع رهندس.“

ضياء الحق، 5 جولاءِ کانپوءِ مارشل لا جا حڪم جاري ڪندو رهيو ۽ غير ملڪي حملن جا جواب ڏيڻ ۾ مصروف رهيو. پر ڪنهن جي مشوري تي هن هڪ اڏو گابرو اليڪشن سيل بنائي رکيو جنهن جو ڪم بيو ڪجهہ نہ هئو عام ڪاپي لاءِ هئو جنهن سان پاڪستان جي عوام ۽ فوجي حڪومت جي خلاف غير ملڪي طاقتن کي ڏيکارڻو هئو تہ هو جمهوريت کي واپس آڻڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو. انهيءَ خيال کان هن 8_اگست 1977ع تي هڪ اليڪشن سيل قائم ڪيو جنهن جو سربراهہ پنهنجي خاص دوست جنرل فيض علي چشتي کي مقرر ڪيو ۽ جنرل راؤ فرمان ۽ جنرل جمال سيد ميان ميمبر بنايا ويا. ڪاغذي ڪارروائي پوري ڪرڻ کانپوءِ 21_آگسٽ تي سيل پنهنجي پهرين ميٽنگ ڪئي جيڪا جنرل چشتي جي آفيس چڪلالہ ۾ ٿي. هن ميٽنگ ۾ غلام مصطفيٰ کر آيو جنهن کان سيل جي اراڪين چونڊن جي ممڪن انعقاد جي باري ۾ راءِ معلوم ڪئي، جنهن تي هن ميٽنگ دوران چيو:

”جيڪڏهن پيپلز پارٽيءَ کي بائيڪاٽ ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو تہ پارٽي ۾ موجود ساڃي ڌر وارن عناصر سان گڏجي غلام مصطفيٰ جتوئي جي قيادت ۾ شهري حڪومت ناهي سگهجي ٿي.“

هاڻي جتوئي سان ڪيئن ملاقات ٿئي، تنهن باري ۾ کر يقين ڏياريو تہ هو انهيءَ جو نہ صرف انتظام ڪندو بلڪ ڪيس انهيءَ سٽا ۾ شامل ٿيڻ تي بہ آماده ڪري وٺندو. هنن 25 آگسٽ تي مشورو ڏنو: ”پيپلز پارٽي ۽ قومي اتحاد جو هڪ گڏيل اجلاس گهرايو وڃي. هن اجلاس ۾ صرف وڏا ليڊر شامل هجن. انهيءَ ۾ هين ڳالهين کان علاوه اهو طئہ ڪيو وڃي تہ پاڪستان ۾ بہ ترڪي وانگيان فوج جو هڪ آئيني ڪردار هجي ۽ هيءَ تہ حڪومتي مشنري طرفان ڪنهن بہ قسم جي غير آئيني سرگرمي تي تہ فوج هڪدم مداخلت ڪري“ جتوئي تہ اها بہ صلاح ڏني تہ انهيءَ اجلاس ۾ پيپلز پارٽيءَ جي انهن ليڊرن کي گهرايو وڃي، جن تي پروسو ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ اڪيلي ڀُٽي صاحب تي پروسو نٿو ڪري سگهجي.

ڳالهيون هلنديون رهيون، ڪڏهن اشارن ۾ تہ ڪڏهن سڌيءَ طرح. نيٺ هڪ موقعي تي جتوئيءَ چيو:

”جناب، اوهان هڪ حقيقت وساري نٿا سگهو تہ پٽو اڃا موجود آهي، پر جيڪڏهن هن کي منظرعام تان هٽايو ويو تہ بہ آءٌ ۽ کر صاحب ملي پيپلز پارٽيءَ ۾ موجود ساڃي ڌر جي اڳواڻن سان ملي اوهان جو پورو ساٿ ڏينداسين.“ اها ڳالهہ ڪرڻ ڪانپوءِ جتوئي، کر کي اڪيلو ڇڏي ٻاهر هليو ويو تہ پويان کر چيو: ”جناب، اسان کي ڀُٽي صاحب کي آئوٽ ڪرڻ گهرجي، انهيءَ ڪانپوءِ پيپلز پارٽي، اين ڊي پي، جميعت علماءِ اسلام ۽ مسلم ليگ جو اتحاد ٿي سگهي ٿو. هن اتحاد جي مدد سان گڏجي جتوئي کي وزيراعظم بڻائي اوهان معاملن کي بهتر بنائي سگهو ٿا.“ اُٿندي اُٿندي کر مشڪندي چيو: ”جيڪڏهن ائين ٿئي تہ ڀُٽي صاحب کي ٻاهر موڪلي سگهجي ٿو.“

ٻاويهين اگسٽ تي سيل پروفيسر عبدالغفور، ايس ايم ظفر ۽ اصغر خان سان ملاقاتون ڪيون. اصغر خان سڀ کان پهرين مليو ۽ هن حالتن تي پنهنجو نڪتہ نظر پيش ڪيو ۽ قومي اتحاد جي مستقبل کي تمام پيانڪ قرار ڏنو. 16 _اڪٽوبر تي چونڊون ڪرائڻ واري فيصلي جي مخالفت ڪندي هن چيو:

”آخر اوهان جو چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر نوي ڏينهن اندر چونڊون

ڪرائڻ تي چو اڏيو بيٺو آهي، هن کي شايد ٻاهرين دنيا ۾ پنهنجي اميج قائم ڪرڻ جو فڪر آهي. آءُ چوان ٿو تہ اڪتوبر ۾ چونڊون ڪرائڻ واري اوهان جي سٺي ڦاسائڻ بدران اوهان پنهنجي سهولت مطابق هڪ تاريخ ڏيو اوهان کي پنهنجو قد ٻاهرين دنيا ۾ وڌائڻ بدران ملڪ جي اندروني حالتن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. پهرين تاريخ ملتوي ڪريو ان ڪانپوءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪريو جو پيپلز پارٽي بائيڪاٽ ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي. ان ڪانپوءِ جماعتي بنيادن تي نوان ڪاغذات نامزدگي گهرايو. اهڙيءَ طرح قومي اتحاد بہ ٽُٽي پوندا ۽ اوهان کي من گهريا نتيجا ملندا. جيڪڏهن اوهان موجوده حالتن ۾ چونڊون ڪرائيندؤ تہ حڪومت علائقائي پارٽين جي هٿن ۾ هلي ويندي ۽ قومي جماعتون هڪ ٻئي جو چهرو ڏسنديون رهنديون."


ساڳيءَ طرح ايس ايم ظفر بہ خيال ظاهر ڪيو. هن جي مطابق: "جن ليڊرن تي اوهان جو پروسو ڪونهي، انهن کي ايبڊو جي ذريعي چونڊن ۾ لڙڻ کان محروم ڪري ڇڏيو. هن سموري عمل ۾ صرف پنج هفتا لڳندا. جيتري قدر ڀٽي خلاف مقدمن جو تعلق آهي تہ هن کي مقدمن سان ختم نٿو ڪري سگهجي. اوهان جن حرڪتن ۾ مصروف آهيو انهيءَ سان ڀُٽي جي مقبوليت ۾ اضافو ايندو." اهڙيءَ طرح پروفيسر غفور آيو ۽ هن سيل جي آڏو پنهنجون، پنهنجي ووٽرن جون مشڪلاتون پيش ڪيون.

ٻين ليڊرن بہ سيل جي ميمبرن سان ملاقاتون ڪيون جن مان ڪي بنهہ غير مفيد ثابت ٿيون. لاڙڪاڻي جي سابق وزير دفاع محمد ايوب کهڙي سيل کي ٻڌايو تہ ڀُٽي کي گرفتار ڪيو ويو تہ سنڌ ۾ ڪوبہ ردعمل ڪونہ ٿيندو. هن اهو بہ چيو تہ ڀٽو وڏ ۾ وڏ جتوئي جي علائقي مان ڪَٽي سگهي ٿو. هن اهو تاثر ڏنو تہ ممتاز ڀٽو ايجٽيشن ڪرائي سگهي ٿو البتہ حفيظ پيرزادي جي ڪا حيثيت ڪانهي.

پس پرده ڇا ٿي رهيو هو ۽ ان کي پيپلز پارٽي وارا ڪيئن منهن ڏئي رهيا هئا. تنهن جو بظاهر ڪو اثر جنرل ضياء تي ڪونہ پيو پر هاڻي هنن کي اندازو ٿي ويو هئو تہ ڀُٽي کي گرفتار ڪرڻ جو فيصلو 4- جولاءِ 1977ع تي ڪونہ ڪيو ويو هئو. اهو گهڻو اڳي طئي ڪيو ويو هو انهيءَ ڪري هن هڪ ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پنهنجي بدران جنرل جمال سيد ميان کي موڪلي ڏنو هو.[×]

---

[×] اظهر سهيل، جنرل ضياء کي 11 سال، فيروز سنس، ڪراچي، لاهور، راولپنڊي، ص ص 43،44



معزولي بعد ذوالفقار علي ڀٽو چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جنرل ضياء الحق سان گڏ ڪوه مري ۾.

پنجين جولاءِ واري قدم کڻڻ کانپوءِ جنرل ضياء الحق ائين سمجهڻ لڳو ته هيءَ وقت آهي جنهن ۾ هو پنهنجو پاڻ کي حالات مٿان حاوي ڪري سگهي. انهيءَ لاءِ ڪيس پاڻ ۽ پنهنجي مشيرن ذريعي اهو احساس ڏيڻ لڳو ته جيستائين ڀُٽو زنده آهي ۽ ٻاهر آهي ته هو ڪيس ائين ڪرڻ نه ڏيندو. انهن مشيرن جي صلاح سان ئي هن 13 سيپٽمبر 1977ع تي سمورن سياسي رهنمائن جي هڪ ميٽنگ سڏائي. هيءَ ميٽنگ جي ايچ ڪيو ۾ ٿي ۽ ان ۾ ٻيا ته اهڙا قابل ذڪر ليڊر ڪونه هئا پر قومي اتحاد پاران مفتي محمود، مولانا شاه احمد نُوراني، خان محمد اشرف خان ۽ پروفيسر عبدالغفور شامل ٿيا. جڏهن ته پيپلز پارٽي طرفان بيگم نصرت ڀٽو، مولانا ڪوثر نيازي، عبدالحفيظ پيرزادو ۽ ڊاڪٽر غلام حسين شامل هئا. ٻين ڳالهين سان گڏ جڏهن چونڊن جي طريقن ۽ قائدن تي ڳالهه آئي ته حفيظ پيرزادي چيو ته هو چونڊ جي قائدن تي آئي ته حفيظ پيرزادي چيو ته هو چونڊ جي قائدن کي تيار ڪري ڪين ڏين هو انهن جو مطالعو ڪرڻ کانپوءِ پنهنجون تجويزون ڏيندا. قومي اتحاد وارا ٻين ڳالهين سان گڏ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندا رهيا ته ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي سمورين سياسي پارٽين کي اميدوارن جي تعداد مطابق وقت ڏنو وڃي. اجا ڳالهيون ڪنهن نتيجي تي ڪونه پهتيون هيون ته وچ ۾ جنرل ضياء جو پرائيويٽ سيڪريٽري هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو کڻي اندر آيو ۽ جنرل ضياء جي آڏو رکي ڇڏيائين. هن ۾ اها خبر لکيل هئي ته لاهور هاءِ ڪورٽ جي هڪ جج (جسٽس صمداني) ڀُٽي جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي.

هن اطلاع جنرل ضياء جي طبيعت ۾ مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو. جيئن تيئن ڪري ميٽنگ جي ڪارروائي پوري ٿي ته هن پنهنجن مشيرن خاص ڪري اليڪشن ڪميشن جي ميمبرن کي سڏايو. بلڪ پنجاب جي مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جنرل اقبال جي مصيبت ٿي وئي. ضياء پنهنجن قريبي ساٿين کي ائين به چيو ته جيڪڏهن عدالت ڪيس (ڀُٽي کي) ڇڏيو ته ڪوٽ لکپت جيل مان نڪرندي هن کي ٻيهر چونڊ گرفتار ڪيو ويو. اڳتي هلي جنرل ضياء کي انهيءَ ڳُڻتيءَ اچي ورايو ته جنرل اقبال ڪنهن به مرحلي تي ڀُٽي سان همدردي ڏيکاري هن جي مدد ڪري سگهي ٿو. انهيءَ خيال ڪان هن مورڳو جنرل اقبال کي هٽائي پروسي جوڳي ماڻهو جنرل سوار خان کي مقرر ڪري ڇڏيو.

ڪن حلقن ۾ اهو خيال عام آهي ته جنرل ضياء ڀُٽي کي پنهنجي راهه تان هٽائڻ جو پڪو فيصلو 8_آگسٽ، 1978ع تي انهيءَ وقت ڪيو جڏهن ڀُٽو

ڪراچيءَ کان هوائي جهاز رستي لاهور پهتو ته پابندين جي باوجود هوائي اڏي تي ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پيو. انهيءَ گهڙيءَ جنرل ضياء کي پنهنجو انجام نظر اچڻ لڳو. هن کي پي اين اي وارن اڳ ئي ٻڌايو هئو ته جيڪڏهن آزادانه چونڊون ٿيون تڏهن به ڀُٽو کَٽي ويندو. انهيءَ حالت ۾ ڀيو ته سڀ ڪجهه برداشت ٿي وڃي ها پر ضياء الحق کي آئين جي آرٽيڪل 6 هيٺ غداريءَ جي الزام جو جواب ڏيڻو پئي ها.

هڪ ٻي ڳالهه به هن نڪته نظر جي حمايت ڪري ٿي ته ضمانت ڪانپوءِ هن ڀُٽي تي قتل واري مقدمي هلائڻ واري بينچ جي ازسرنو تشڪيل ڪئي جنهن جو سربراهه جسٽس مولوي مشتاق حسين هئو جنهن جي ڀُٽي سان ذاتي عناد وارو معاملو سيني کي معلوم هئو.*

◈ ◈ ◈

* ڊاڪٽر رشيد احمد خان. وين ڊڊ ضياء ڊسائيڊ ٽو اسيسي نيٽ ڀُٽو؟ دي نيشن. 4 اپريل 2007ع



ذوالفقار علي ڀٽو لاهور جيل مان ڪورٽ طرف روانو ٿي رهيو آهي.

# ٣٨ • پُٺتي دور جا چند چهرا

پاڪستان جي سياسي تاريخ جهڙيءَ طرح لاها ۽ چاڙها ڏٺا آهن، اهڙيءَ طرح هن ۾ منظر عام تي ايندڙ چهرا پڻ آهن. سياسي حلقن ۾ عموماً اسٽيبليشمينٽ لفظ استعمال ٿيندو آهي، جنهن جي معنيٰ ڏاڍي وسيع آهي. هن جي لفظي معنيٰ ڪجهه به ٿي سگهي ٿي پر حقيقت هيءَ آهي ته هيءَ هڪ اهڙي گروپ جو نالو آهي، جنهن ۾ شهري، فوجي بيورو ڪريسي، مخصوص طبقن جي نمائندگي ڪندڙ بااثر افراد، نام نهاد ٿنڪ ٽينڪ جا ڪجهه افراد شامل هوندا آهن.

سياسي چهرا به وقتي طور منظر عام تي ايندا آهن ۽ انهن سان گڏ سياسي نظريا به مختلف حوالن سان نمودار ٿيندا آهن. هنن مان ڪجهه نظريا هنن چهرن جي غائب ٿيڻ سان معدوم ٿي ويندا آهن ته ڪي تاريخ تي پنهنجي گهري ڇاپ ڇڏي ويندا آهن. اهڙا چهرا هر دور ۾ منظر عام تي يا پس منظر ۾ هوندا آهن. پُٺتي مرحوم جو دور انهيءَ فارمولا کان مختلف ناهي. هن دؤر ۾ اهڙيون سياسي ۽ غير سياسي شخصيتون نمودار ٿيون، جن پارٽي، سياسي ۽ انتظامي امور تي پنهنجا نقش ڇڏيا ۽ ڪي هميشه لاءِ گم ٿي ويا. هتي انهن چند چهرن جو ذڪر ڪنداسين جن جو ذڪر بار بار پُٺتي دور ۾ ايندو رهيو آهي.

# حنيف رامي

پيپلز پارٽيءَ جا جيڪي ميمبر يا ائين ڪٺي چئجي تہ پُٽي جا شروع کان بانيڪار هئا تن ۾ حنيف رامي وڏو مشهور اڳواڻ ٿي گذريو آهي. هن جي هاڪ نہ صرف هن ملڪ ۾ رهي آهي، پر بحيثيت هڪ اخبار نويس، سٺي مصور ۽ دانشور هن جي شخصيت کي عالمي طور تسليم ڪيو ويو آهي.

شيخوپوره ۾ 1930ع ۾ جنم وٺندڙ حنيف رامي ملڪ جي ممتاز ڪاليج، گورنمينٽ ڪاليج لاهور مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ پنجاب يونيورسٽيءَ مان، فلسفي ۽ اقتصاديات ۾ ماسترس ڪرڻ کان پوءِ صحافت ۾ گهڙي پيو. پر سُتت ئي سياست ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. پُٽي جڏهن ايوب خان جي خلاف محاذ کڙو ڪيو تہ جيڪي چند ڪارڪن ساڻس گڏ ٿيا ۽ رهيا تن ۾ حنيف رامي صف اول ۾ هئو ۽ پُٽي صاحب جي اولين سپاهين مان هڪ هئو.

هن 1970ع وارين چونڊن ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي چونڊ وڙهي ۽ 73-1972ع ۾ پنجاب جي وزيرِ خزانہ طور ڪم ڪم ڪيو. ان کان پوءِ فيبروري 1973ع کان وٺي مارچ 1974ع تائين هو پنجاب جو گورنر رهيو. مارچ 1974ع کان 15 جولاءِ 1975ع تائين پنجاب جو وزيراعليٰ منتخب ڪيو ويو.

انهيءَ عرصي دوران هن پارٽيءَ طرفان هڪ روزاني اخبار "مساوات" جاري ڪئي. هيءَ اخبار پروگريسو خيالن جي حامي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ترجمان طور ڪم ڪندي هئي.

ضياء الحق جي اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ هو امريڪا روانو ٿي ويو. انهيءَ خيال کان تہ فوجي حڪومت جي خوامخواه جي ڇڪتاڻ کان بچيو رهندو. امريڪا ۾ هو ڪيليفورنيا يونيورسٽيءَ سان مسلڪ رهيو هن هڪ امريڪي خاتون سان شادي ۽ ساڻس گڏ ڪئين سالن تائين فورٽ ميٽرس ۾ رهيو. رامي ڪيترن ئي اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڪتابن جو مصنف رهيو.

لکڻ پڙهڻ ڪانسواءِ رامي کي مصوري ۽ آرٽ جي ٻين شعبن سان بہ گهري دلچسپي رهي. هو پاڻ هڪ معروف مصور هئو ۽ جيڪڏهن هو سياست ۾ حصو نہ وٺي ها تہ هڪ معروف مصور طور سڃاتو وڃي ها. مصوري کان علاوه هو مجسمہ سازي ۽ خطاطيءَ ۾ بہ وڏي مهارت رکندو هئو ۽ هن انهيءَ جو مظاهرو بہ ڪيو.

مصوريءَ ۾ هو پڪاسو کان متاثر هو، جنهن جو اظهار هن پيئنگز ۾ ڪيو آهي. هن جي تصويرن جون نمائشون پاڪستان کان علاوه سڄي دنيا ۾ ٿيون آهن.

هن جي ڪتابن ۾ ”پنجاب ڪا مقدمہ“ مشهور آهي، جنهن کي ادبي ۽ سياسي حلقن ڀنهي پسند ڪيو.

اوڻيهہ سو نوي ۾ هو ٻيهر سياسي ميدان ۾ لٿو ۽ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي لاهور مان لڙيو جنهن ۾ هو سوپارو ٿيو. ڪيس 1993ع ۾ پنجاب اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو ويو جنهن عهدي تي هو 1996ع تائين رهيو.

جنوري 1، 2006ع ۾ هو لاهور ۾ پنهنجي ئي گهر ۾ ڪري پيو جنهن ڪري ڪيس ڏاڍا ڌڪ رسيا ۽ نيٺ جنوري 1، 2006ع تي گذري ويو.

# ڊاڪٽر مبشر حسن

ڊاڪٽر مبشر حسن بہ پارٽيءَ جي انهن گهڻگهرن مان آهي، جن ڀُٽي کي پارٽي قائم ڪرڻ کان وٺي ساٿ ڏنو. پاڻيپت، هندستان ۾ 20 جنوري 1922ع تي جنم ورتائين. هن پاڻيپت جي حالي مسلم هاءِ اسڪول مان 1937ع ۾ مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ 1943ع ۾ پنجاب يونيورسٽي آف انجنيئرنگ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ پوءِ پنجاب جي ايريگيشن کاتي ۾ انجنيئر ٿي ويو. امريڪا مان پڙهڻ کان پوءِ 1952ع ۾ هو هائيڊرولڪس ۾ پنهنجي پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ وري امريڪا ويو 1961ع ۾ هو موٽي آيو ۽ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر طور ڪم ڪرڻ لڳو.

انهيءَ دوران هن کي سياست جي لوڙ لڳي وئي ۽ 1967ع ۾ جڏهن ڀُٽي صاحب پارٽي بنائڻ جو اعلان ڪيو تہ اهو مبشر ئي هو جنهن ڀُٽي صاحب کي پنهنجي گهر ۾ پهرين ڪنوينشن ڪرڻ جي دعوت ڏني، 30 نومبر/ڊسمبر 1967ع تي هي ڪنوينشن ٿيو ۽ ٻن سالن اندر پنجاب ۾ پارٽيءَ جون ايائي سو شاخون قائم ڪيون. 1968ع ۾ ڀٽو ۽ مشير ٻئي مبشر جي گهران گرفتار ڪيا ويا جتي هو ترسيل هئو.

1974ع ۾ وزير خزانہ جي حيثيت ۾ هن اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ۾ هڪ زبردست تقرير ڪئي.

ذاتي ۽ سياسي زندگي ۾ ڊاڪٽر مبشر تمام آزاد خيال پر ديانتدار ماڻهو رهيو. هن جو چوڻ هئو تہ ديانتداري کانسواءِ هي معاشرو ترقي نہ ڪري سگهندو ۽ سچ پچ تہ پنهنجي زندگيءَ جي مختلف ڪمن ۽ ڪارين ۾ انهيءَ جو مظاهرو ڪيو. هو هڪ سنو فوٽوگرافر بہ هئو.

سياسي ميدان ۾ بہ هو تمام ديانتدار ليڊر رهيو ۽ انهيءَ جي ڪري هن سموري زندگي تمام سادي انداز ۾ گذاري.

# جي اي رحيم

جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم تہ ڀُٽي صاحب جي پارٽيءَ ۾ بنياد وجهڻ وارو اعلان پهرين سيپٽمبر 1967ع تي ٿيو پر پارٽيءَ جي بنيادي ڍانچي کي تشڪيل ڏيڻ ۽ ان کي هڪ اصولي پروگرام هيٺ ظاهر ڪرڻ تہ ڏاڍو ڏکيو ڪم هئو. ڀُٽي صاحب جو اعلان ڪيل پروگرام، سماجي انصاف تي ايريو جيڪو ان وقت ماڻهن کي ڏاڍو عجيب تي لڳو پر سچ هيءَ آهي تہ پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ اهو تمام پرڪشش بہ هئو. شروع ۾ جيڪي ماڻهو هن پروگرام کي چڪي سگهيا تن ۾ جي اي رحيم بہ شامل هئو. حنيف رامي، ڊاڪٽر مبشر حسن، خورشيد حسن مير ڪانپوءِ مسٽر جي اي رحيم هئو جنهن پارٽيءَ کي فعال بنايو بلڪ ان ۾ نظرياتي فڪر جو روح ڦوڪيو.

جي اي رحيم پارٽيءَ جو منشور لکيو. جنهن مان ظاهر ٿي پيو تہ سوشلزم، ڪنهن بہ معاشري ۾ ڪنهن بہ نظريي سان ٽڪر ۾ ناهي. ٽڪر ۾ آهي تہ صرف اهو نظام جتي سماجي اڻبرابري آهي، پيداوار ۽ وسيلن تي چند هٿن يا ڪنهن هڪ گروهہ جو قبضو هجي، جنهن ڪري اڪثريت ۾ وسيلن جي پهچ ۾ ڏکيائي ٿيندي هجي.

جيتوڻيڪ 1972ع ۾ پارٽي اقتدار ۾ اچي ويئي پر پارٽي پنهنجي منشور ۾ تبديلي نہ آندي، حالانڪ ملڪي نظام ۾ ڪئين بنيادي نوعيت جون تبديليون اچي چڪيون هيون. انهيءَ ڪري عام ماڻهو ۽ پورهيت طبقو ڏاڍو مايوس ٿي پيو. نتيجي طور بيچيني پيدا ٿي پيئي. اهو ڏسي ڪئين نظرياتي ڪارڪن ۽ ليڊر پارٽي ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيا.

جڏهن ڪن بہ نظرياتي اصولن تي عمل نظر ڪونہ اچڻ لڳو ۽ نہ وري ڪا اهڙي متبادل ليڊر شپ اڳتي وڌڻ لڳي تہ پوءِ مذهبي جنون پرست ۽ استعماري قوتون 1977ع ۾ ليڊر شپ ۾ داخل ٿي ويون ۽ جيئن موقع پرست رستن تي نڪري آيا تہ عام ابوجهہ ماڻهو رستن تي نڪري آيا ۽ آخرڪار نظرياتي سوشلسٽ پروگرام رڪنڊڙ حڪومت کي ختم ڪري سک جو ساهہ کنيو.

# اجمل خٽڪ

عصري تاريخ ۾ هيءَ پهريون ليڊر آهي جيڪو نہ تہ ڪنهن زميندار يا اهڙي ٻئي رڪنڌڙ خاندان جو فرد آهي جيڪو سياست واري عياشي برداشت ڪري سگهي ۽ نہ وري ڪنهن سخت نظرياتي طبقي سان تعلق رکي ٿو. هو هڪ پشتو ۽ اردو زبانن جو اديب ۽ شاعر آهي، جنهن هڪ ڊزن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن ۽ ڪنهن بہ اهڙي ڳالهہ ۾ يقين نٿو رکي، جنهن ۾ سماجي انڻ برابري ڏسڻ ۾ اچي.

اڪوڙا خٽڪ جي هڪ وچولي گهر ۾ 15 سيپٽمبر، 1925ع تي اک کولڻ واري کان ماڻهو ان وقت معروف ٿيڻ لڳا جڏهن هن ننڍپڻ ۾ شاعري شروع ڪئي. پشتون ماڻهن جا ڏک ۽ سُور هن جي شاعري جا موضوع بنجي ويا ۽ سُتت ئي سياستدان بہ هن جي ڏسيل راهہ تي هلڻ لڳا.

”هندستان ڇڏيو“ ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ هو خان عبدالغفار خان جي خدائي خدمتگار تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. هو هڪ طرف پروگريسو نظريي جو حامي بنجي ويو تہ ٻئي طرف مقبول شاعر. شاعري ۽ ڪالم نگاري هن جو وسيلہ روزگار بنجي ويو. هن انجام، شهباز ۽ عدل ۾ ڪم ڪيو جنهن ۾ تحريرن ذريعي هن پشتون مسئلن کي بيان ڪيو.

نيشنل عوامي پارٽي جي ڪارڪن جي حيثيت ۾ هن سياست ۾ عملي حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ 1972ع ۾ صوبائي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجڻ بعد جڏهن نعپ ۽ جميعت علماءِ اسلام جي مخلوط حڪومت ٺهي تہ هو مفتي محمود سان گڏجي ويو. اهو انهيءَ حيثيت ۾ رهيو جڏهن ڳٽي مرحوم، بلوچستان ۾ عطاء الله مينگل جي حڪومت کي ڊسمس ڪيو تہ سرحد حڪومت بہ استعيفا ڏئي ڇڏي ستت ئي کيس نعپ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو.

ٽيويهين مارچ 1973ع تي جڏهن نعپ جي هڪ جلسي تي لياقت باغ راولپنڊي ۾ پوليس فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ ڪئين پارٽي ورڪر مارجي ويا تہ هو سياسيت کان ڏاڍو مايوس ٿي ويو. هو مجبوراً ڪابل هليو ويو جتان ويهي هو ڪارڪنن جي رهبري ڪندو هو. انهيءَ کانپوءِ ڳٽي صاحب، نعپ تي پابندي وجهي ان جو رفرنس سپريم ڪورٽ ۾ ڪٽي ويو. ولي خان ۽ 1974ع ۾ ٻين پارٽي ليڊرن کي گرفتار ڪيو ويو.

افغانستان ۾ ڪميونسٽ انقلاب جي دوران ۾ ان کان پوءِ هو ڪابل ۾ رهيو ۽ اتان ريڊيو ڪابل جي ذريعي پنهنجي نظريات کي ماڻهن تائين پهچائيندو رهيو.

اوڻيهه سؤ ستهتر ۾ ضياءِ الحق جي زوري قبضي اجمل خٽڪ کي ڏاڍو مايوس ڪيو. ضياءِ الحق جي آمرانہ روش، جمهوريت پسند اجمل خٽڪ کي ڏاڍو بيزار ڪيو پر هن خود عائد ڪرده ملڪ بدري ختم نہ ڪئي ۽ ڪابل ۾ ئي رهيو. 1988ع ۾ بهاولپور واري واقعي جنهن ۾ ضياءِ الحق ۽ سندس همنوا هڪ هوائي حادثي جو شڪار ٿي ويا ۽ غلام اسحاق خان جي نگراني ۾ چونڊن جو اعلان ڪيو ويو تہ هو ڪابل ۾ ئي رهيو ۽ نيٺ 1989ع ۾ واپس پاڪستان آيو.

9 اڪتوبر 1990ع تي جڏهن بينظير حڪومت ختم ٿيڻ کانپوءِ پيهر عام چونڊن جو اعلان ڪيو ويو تہ هن نواز شريف واري اسلامي جمهوري اتحاد سان ناهہ ڪيو ۽ پنهنجي تڪ مان چونڊجي ويو. چار سال پوءِ هن نواز شريف سان صوبہ سرحد جي نالي تبديل ڪرڻ تان معاهدو ختم ڪري ڇڏيو. اجمل خٽڪ انهيءَ کانپوءِ محروم قومن جي قومي تحريڪ (پونم) ۾ شامل ٿي ويو پر پوءِ دٻاءُ پوڻ کانپوءِ ان کي بہ ڇڏي ويو.

مئي 1999ع ۾ پرويز مشرف جي قبضي کانپوءِ هن سياست کان ڪناره ڪش ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ گهڻو وقت پنهنجي شاعري ۽ لکڻين ۾ گذارڻ لڳو. هن ڪئين ڪتاب بہ لکيا جن ۾ چند هي آهن: پشتون ادب کي تاريخ، پاڪستان ۾ جمهوري تاريخ، جلاوطن شاعري (شاعري)، دا غيرت چغا.

# سردار عطاءُ الله مينگل

بلوچستان جيڪي ليڊر پيدا ڪيا ۽ جن بلوچ حقن جي لاءِ جدوجهد ڪئي، تن ۾ عطاءُ الله مينگل هڪ اهم ۽ معتبر جاءِ والاري ٿو. هن اصولن تي ڪڏهن سوديبازي نہ ڪئي، جنهن جي ڪري هو جدوجهد ۽ قربانيءَ جو نمونو بڻجي ويو.

1939ع جي وچ ڌاري، عطاءُ الله، بلوچ قبائلي ماحول ۾ پيدا ٿيو پر تعليم هن ۾ هڪ نئين قسم جي سجاڳي پيدا ڪئي. نوجواني ۾ پير پائڻ کانپوءِ هن فيصلو ڪيو تہ هو بلوچ ماڻهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندو. سردار مينگل، شير باز مزاري، خير بخش مري ۽ غوث بخش بزنجو سيني جو نظريو هڪ هئو تہ بلوچ ماڻهن لاءِ ڪيئن انصاف پريو مقام حاصل ڪجي. هيءَ اهڙي منزل ڪانہ هئي. ان جي حصول لاءِ جدوجهد ۽ قرباني جي گهرج هئي.

جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو تڏهن بلوچ ليڊرن کي خاطري ڏني ويئي هئي تہ بلوچ ماڻهن جي حقن جو تحفظ ڪيو ويندو، پر اهو وعدو پورو نہ ٿيو. گهٽيئي بلوچ آواز اٿيا پر انهن کي خاموش ڪيو ويو. ايوب خان جي اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ اهو سلسلو بند نہ ٿيو. خان آف قلات، احمد يار خان کي گرفتار ڪري لاهور نيو ويو جتي نظربندي ۾ ٺي گذاري ويو. جڏهن 1950ع واري ڏهائي ۾ بلوچستان ۾ گيس لڌي تہ پوءِ تہ هيسائڻ وارو عمل تيز ٿي ويو. ايوب خان واري دؤر ۾ بہ بلوچ عوام کي دٻائڻ وارو سلسلو جاري رهيو جيڪو ڀٽو حڪومت دوران بہ جاري رهيو.

سردار مينگل هنن سيني سياسي تبديلين ۽ حڪومتن طرفان بلوچن خلاف ڪنيل اقدام جو گواهہ هئو. هن جي اکين آڏو اهي سموريون زيادتيون هيون، جن بلوچ قوم کي هڪ اهڙي احساس ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو جنهن مان ڪڍڻ لاءِ هڪ وڏي جدوجهد جي ضرورت هئي. ون يونٽ جي خاتمي کانپوءِ 1970ع ۾ ون يونٽ ٽٽڻ کانپوءِ صوبا بحال ڪيا ويا تڏهن بہ بلوچستان کي پنهنجا حق ڪونہ مليا. هو ولي خان سان نعپ ۾ شامل ٿي ويو. هن 1970ع وارين چونڊن ۾ حصو ورتو جنهن بلوچستان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي ۽ هو قائد ايوان چونڊجي ويو. انهيءَ حيثيت ۾ هو پهرين مئي، 1972ع تي بلوچستان جو وزيراعليٰ چونڊيو ويو جنهن منصب تي هو 13 فيبروري 1973ع تائين فائز رهيو. هن جي دؤر ۾ صوبي جي پهرين ميڊيڪل يونيورسٽي، حب ۾ صنعتي زون وغيره قائم ٿيا.

انهيءَ ڪانپوءِ بلوچ ليڊرن درميان بلوچن لاءِ هلندڙ جدوجهد جي نوعيت متعلق اختلاف راءِ پيدا ٿي پيو. نواب اڪبر بگٽي چاهيو ٿي تہ وسيع تر بلوچستان لاءِ جدوجهد هلائي وڃي. هن آڌار تي بلوچستان جي صوبائي حڪومت کي ڊسمس ڪيو ويو ۽ سردار مينگل، محمد اڪبر بگٽي ۽ خير بخش مري کي گرفتار ڪيو ويو. کين حيدرآباد جيل ۾ رکيو ويو. هن آپريشن دوران مينگل جو پٽ اسدالله مينگل مارجي ويو.

1977ع ۾ ڀُٽي جي حڪومت ختم ڪري اقتدار تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ ضياءَ الحق بلوچ اڳواڻن سان ڳالهيون ڪرڻ پئي چاهيون ۽ انهيءَ ڪري حيدرآباد مقدمو ختم ڪري ڇڏيو ۽ ڳالهيون شروع ڪيون. پر اهي بي نتيجہ ثابت ٿيون. ڇاڪاڻ جو هو حڪومتي نڪتہ نظر کان هٽڻ لاءِ تيار نہ هئو. نيشنل ڊيماڪريٽڪ پارٽي (اين ڊي پي) جي نهڻ ڪانپوءِ هڪ گهمرو وري بلوچ ماڻهن لاءِ جدوجهد هلائڻ ٿي چاهي، پر اها بہ ڪامياب نہ ٿي. ڇاڪاڻ تہ مري ۽ مينگل جهڙا جدوجهد جي طريقہ عمل بابت ڪنهن ٺاهہ تي پهچي نہ سگهيا. نيٺ مينگل پارٽي کان ڌار ٿي ويو ۽ ڪابل هليو ويو جتي هن روسي مدد حاصل ڪرڻ چاهي، نيٺ دل برداشتہ ٿي مينگل لنڊن هليو ويو.

جڏهن ضياء الحق روسي قبضي خلاف 'جهاد' هلائڻ چاهيو تہ مينگل ڌار رهيو. پر ايستائين خير بخش مري 1992ع ۾ ڪابل کان واپس موٽي آيو. مينگل بلوچن لاءِ تحريڪ شروع ڪئي پر ايستائين مسئلا تمام گهڻا وڌي ويا.

هن جي آڌو بلوچستان جي لاءِ سڀ کان وڏا مسئلا، ملازمتون، قدرتي وسيلن ۾ رائلٽي ۽ قابل تقسيم پول مان حصو ملڻ هئا. هن ڪوسٽل هاءِ وي يا گوادر بندرگاهہ تي ڪو اعتراض ڪونہ ڪيو پر چاهيائين ٿي تہ بلوچستان کي پورو حصو ملي. اهڙيءَ طرح هن بلوچستان ۾ ٿي ڪنٽومينٽس قائم ڪرڻ جي بہ مخالفت ڪئي جيڪي بلوچ عوام جي آواز کي دٻائڻ جي مترادف هئي. مينگل هٿياربند تحريڪ جو مخالف ۽ انهيءَ جي بدران ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ گهريا ٿي.

سردار عطاءُ الله مينگل تمام پروقار زندگي گذاري، هن دوست ٺاهيا ۽ ڪنهن اسڪينڊل ۾ ملوث ڪونہ رهيو.

# غلام مصطفيٰ جتوئي

غلام مصطفيٰ جتوئي نوابشاهہ جي انهن سياسي خاندانن مان آهي، جن سنڌ ۾ پاڪستان جي عصري تاريخ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو. نواب شاهہ ضلع جو زميندار ۽ سياستدان جي حيثيت ۾ پنهنجي 79 ـ سالہ زندگي جي دوران هو ڳچ اهم عهدن تي بہ رهيو ۽ جيتوڻيڪ آخري زندگيءَ ۾ هو سياست تان رٽائر ٿي ويو هئو تنهن هوندي بہ هو سمورن سياسي ليڊرن ۽ پارٽين طرفان وڏي عزت ماڻيندو هو. هن جي والد غلام رسول جتوئي کي انگريز حڪومت خانبهادر جو خطاب ڏنو ۽ بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ جو 1923، 1927 ۽ 1931ع ۾ ميمبر رهيو.

غلام مصطفيٰ 14 ـ آگسٽ 1931ع تي جنم ورتو. ڪراچي گرامر اسڪول مان سينيئر ڪيمبرج ڪرڻ کانپوءِ هن 1952ع ۾ بار پاس ڪئي.

هن پنهنجو سياسي سفر مقامي سياست سان شروع ڪيو. 1952ع ۾ هو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو صدر چونڊيو ويو. ان وقت لوڪل بورڊ ۽ ميونسپل ڪميٽيون مقامي آبادي جي حقن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ بنيادي ڪردار ادا ڪنديون هيون ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ نڪتہ آغاز هيون. سال 1958ع ۾ هن اولهہ پاڪستان اسيمبلي وارين چونڊن ۾ حصو ورتو.

اوڻيهہ سو اوڻهتر ۾ هو ڀٽي صاحب جي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو جنهن کي ان وقت هر تڪ ۾ مضبوط ۽ باڅر اميدوارن جي ضرورت هئي. 1970ع وارين چونڊن ۾ جتوئي قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ۽ پهريون پيرو وزير جي حيثيت ۾ کيس سياسي امور، بندرگاهون، جهاز راني، قُدرتي وسيلن ۽ مواصلات جا کاتا ڏنا ويا. بعد ۾ 1973ع ۾ کيس سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو.

جنرل ضياء الحق طرفان 1977ع ۾ ڀٽو حڪومت ختم ڪرڻ ۽ مارشل لڳائڻ کانپوءِ هو ٻين پارٽي ليڊرن ممتاز ڀٽو، حفيظ پيرزادي ۽ بيگم نصرت ڀٽو سان گڏجي معاملن کي هلائيندو رهيو. ڀُٽو ڪيس کي ڪيئن هينڊل ڪجي، ان تي ڪئين رايا ٿي سگهن ٿا. پر هڪ ڳالهہ بنهہ حقيقت آهي تہ هو پارٽيءَ جو وفادار رهيو.

هن 1983ع ۾ هلايل ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ حصو ورتو پر بعد ازان پيپلز پارٽي سنڌ جي چيئرمن واري عهدي تان هٽايو ويو. بعد ۾ هن نيشنل پيپلز

پارٽي جي نالي سان پيپلز پارٽيءَ جو هڪ ڌار گروپ ٺاهيو. غلام مصطفيٰ کر، حنيف رامي، ايس ايم ظفر، ڪمال اظفر، غوث بخش رئيساڻي، حامد رضا جيلاني ۽ پير آفتاب جيلاني جهڙا ماڻهو هن سان شامل ٿي ويا.

ضياء الحق واري 1988ع جي هوائي حادثي ۾ ضياء الحق جي موت سمورو سياسي منظر بدلائي ڇڏيو. انهيءَ زماني ۾ بينظير ڀٽو ميدان ۾ اچي ويئي، جنهن پُٽي مرحوم جي پاليسين تي عمل ڪرڻ جا وعدا ڪيا جنهن کيس غير معمولي مقبوليت ڏني. جتوئي، پاڪستان مسلم ليگ ۽ ٻين ست گروپن گڏجي اسلامي جمهوري اتحاد نالي هڪ ٻيو سياسي اتحاد ٺاهيو. سال 1988ع جي چونڊن ۾ جتوئي پنهنجي نواب شاهه واري سيٽ تان هارائي ويو پر پوءِ غلام مصطفيٰ کر هن کي ڪوٽ ادا تان سيٽ آڇي، جتان هو ايم اين اي چونڊيو ويو.

جڏهن 6_ آگسٽ 1990ع تي بينظير حڪومت کي 20 مهينا اقتدار ۾ رهڻ کانپوءِ ڊسمس ڪيو ويو تہ جتوئي کي قائم مقام وزيراعظم بنايو ويو جنهن پوزيشن تي هو چونڊن تائين ڪم ڪندو رهيو. 1990ع وارين چونڊن جي نتيجي ۾ اسلامي آءِ جي آءِ ۾ نواز شريف وزيراعظم بنجي ويو.

نواز شريف حڪومت 19_اپريل 1993ع ۾ ڊسمس ڪئي ويئي. جتوئي اڪتوبر 1993ع وارين چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر بنجي ويو.

سال 2002ع وارين چونڊن ۾ هن هڪ انتخابي اتحاد ٺاهيو ۽ ڪجهه سيٽون حاصل ڪيون.

هن جا چار پُٽ، مرتضيٰ جتوئي، منصور جتوئي، عارف جتوئي ۽ آصف جتوئي بہ سياست ۾ اچي ويا ۽ مختلف حڪومتن ۾ شامل رهيا آهن.

# خان غفار خان

برصغير جي سياست ۾ خان عبدالغفار خان وڏو نالو آهي. هڪ فرشته صفت انسان جي حيثيت ۾ هن جي شرافت، فراخدلي، سياسي بصيرت ۽ صاف گوئي کان هر پارٽي ۽ سياسي نظريي جو ماڻهو متعرف آهي.

پهرين جنگ دوران ۽ پوءِ ترڪي ۾ سلطنت عثمانيه جي خلاف جيڪي سازشون ٿيون، تن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ افغانستان ڏانهن هجرت جو سلسلو شروع ٿيو ته ان ۾ ڀرپور حصو ورتائين، بهرحال، گانڌي کان متاثر ٿي هن امن جي ذريعي پنهنجي تحريڪ هلائي. سڀ کان وڏي ڳالهه هن پٺاڻن ۾ فرسوده رسمن خلاف جدوجهد ڪئي، سو وڏو ڪارنامو هئو. بظاهر هو پئسي وارو هو پر هن غريبن سان اتحاد ظاهر ڪرڻ جي خيال کان هن ڪاڏي جا ڪپڙا پهرڻ شروع ڪيا.

جڏهن هن جي ڳالهه کي ماڻهن ٻڌو ته ڳاڙهي رنگ جا ڪپڙا پهرڻ شروع ڪيا جنهن مقبوليت اختيار ڪئي ۽ اها سرخ قميص واري تحريڪ سڏجڻ لڳي. هي تحريڪ بعد ۾ خدائي خدمتگار جي نالي سان سڏي ويئي. هيءَ تحريڪ آهستي آهستي وڌڻ لڳي، نتيجي طور سياسي مخالفين هزارين خدائي خدمتگار جيلن ۾ بند ڪري ڇڏيا. خود غفار خان کي ٽن سالن جي سزا ڏياري.

پاڪستان وجود ۾ آيو ته خان غفار خان ان ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هو پهرين قانون ساز اسيمبلي ۾ چونڊيو ۽ حڪومت تي تنقيد ڪندو رهيو. صوبه سرحد جي حڪومت جي برطرفي، قيوم خان جي نامزدگي ۽ بڙدي جي قتل عام تي احتجاج ڪيو ۽ جڏهن خان قيوم مسلم ليگ ۾ آيو هن خان غفار خان جي حمايتين سان جيل ڀري ڇڏيا. ان ڪانپوءِ به جڏهن هن خلاف ڪارروائي بند نه ٿي ته هو هندستان هليو ويو جتي هن جي زبردست پذيرائي ٿي. ڀُٽي مرحوم جي ڏينهن ۾ هو پنهنجي جلاوطني ختم ڪري پاڪستان موٽي آيو. غفار خان جي زندگي ۾ هي هڪ اهم موڙ هئو. سوشلزم جي نالي تي اقتدار ۾ ايندڙ پيپلز پارٽيءَ جي دور ۾ خان عبدالغفار خان اعلان ڪيو ته هو پختون ملڪ جي قيام واري مطالبي تان هٿ کڻي ٿو پر پوءِ ناطالع آزما سياستدانن وري اختلاف پيدا ڪيا جنهن ڪري هو افغانستان هليو ويو ۽ مارشل لا جي دوران واپس وريو.

ڀُٽي ڪانپوءِ ضياء الحق، خان غفار خان جو سڀ کان وڏو مخالف قرار ڏنو ويو

۾ اهڙيون ڪئين حرڪتون ڪيون جن خان غفار خان کي ڏاڍو آزاريو. 1984ع ۾ ڪافي عرصو بيمار رهڻ ڪانپوءِ هن هيءُ جهان ڇڏيو. هن وصيت ڪري ڇڏي ته کيس مرڻ ڪانپوءِ جلال آباد ۾ دفن ڪيو وڃي. سندس جناز نماز ۾ پاڪستان ۽ افغانستان جي لکين ماڻهن شرڪت ڪئي.

سندس اولاد ۾ ولي خان وڏو بااصول سياستدان هئو. جيتوڻيڪ سندس پيو پُٽ خان غني خان بہ وڏين صلاحيتن جو مالڪ آهي پر ولي خان سندس زال نسيم ولي خان سياست ۾ پوريءَ طرح سرگرم آهن. سندس پوٽو اسفند يار ولي خان بہ سياست ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

# خان عبدالولي خان

پنهنجي والد وانگيان خان عبدالولي خان بہ وڏو آئيڊيلسٽ ۽ حقيقت پسند سياستدان رهيو آهي. پاڪستان جي قيام جو مخالف رهيو ۽ اها مخالفت انهيءَ وقت ٿوري عرصي لاءِ موخر ڪئي جڏهن پاڪستان اڻ ٽر بنجي ويو.

هن پنهنجي زندگيءَ ۾ هميشہ مارشل لا جي مخالفت ڪئي پر ضياء الحق واري مارشل جي دوران هو ماٺ رهيو. هن جي خيال ۾ اسلام وڏو روشن خيال مذهب آهي. پر سچ هيءُ آهي تہ هو سامراج دشمن هئو. هن جو خيال هئو تہ انگريزن جي وڃڻ کانپوءِ سڀني مذهبن جي پوئلڳن کي هڪجهڙو سمجهڻ گهرجي ها. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن پاڪستان کان ڌار هڪ خودمختار قوم پرست حڪومت پختونستان قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

ولي خان جي سياسي عروج و زوال جو زمانو ڀٽي صاحب جي دور ۾ هئو. ولي خان حزب اختلاف جو ليڊر هئو تنهنڪري ايوان ۾ ڏي وٺ تہ ٿينديون هيون. انهيءَ تي ڀٽو ولي خان جو مخالف بنجي ويو. پهريائين هن ولي خان جي سياسي پارٽي نيشنل عوامي پارٽي خلاف قانون قرار ڏنو ويو ان کانپوءِ سپريم ڪورٽ ۾ ريفرنس پيش ڪيو جنهن پارٽيءَ تي پابندي جائز قرار ڏني. ان کانپوءِ ولي خان، پنهنجي اصل پارٽيءَ جي لفظن کي هيڏانهن هوڏانهن ڪري عوامي نيشنل پارٽي جو بنياد وڌو. ان کانپوءِ ولي خان جي خلاف بغاوت جو مقدمو داخل ڪري ڪيس حيدرآباد جيل ۾ بند ڪيو. انهيءَ ڪيس ۾ شنوائي دوران ولي خان، ڪورٽ کان پڇيو تہ نظريہ پاڪستان جي وصف بيان ڪري ڇاڪاڻ تہ پاڪستان ٺهڻ وقت اهڙي ڪا شيءِ ڪانہ هئي. اها تہ يحيٰ خان جي دؤر ۾ وزير اطلاعات جنرل شير علي خان جي دماغ جي ايجاد هئي.

ضياء الحق جي زماني ۾ ولي خان گهڻو عرصو ٻاهر گذاريو. جنهن وقت قومي اتحاد ڀٽي خلاف تحريڪ هلائي رهيو هو تہ ولي خان پنهنجي زال بيگم نسيم ولي خان کي اڳتي ڪري ڇڏيو.

ولي خان هڪ ڪتاب Facts are Facts لکي پاڪستان جي تاريخ کي حق گو جي نظر ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. هو هڪ ساده لوح ماڻهو آهي، جنهن جي وضع قطع، پنهنجي قول مطابق هئي.

# پير پاڳارو

پير صاحب پاڳارو پاڪستان جي حُر جماعت جي روحاني پيشوا سان گڏ سياسي دنيا ۾ هڪ عزت ڀريي حيثيت رکي ٿو. علم و فرقان جي صاحب سان گڏوگڏ هن خاندان سياسي ميدان ۾ جدوجهد ۽ قربانيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.

پير سڪندر علي شاه. جنهن کي شاه مردان شاه. دوم. راشديه خاندان جو ستون فرمانروا آهي. هو پير صبغت الله شاه. دوم. جنهن کي 38 سالن جي عمر ۾ انگريز حڪمرانن پنهنجي جدوجهد جي عيوض شهادت جي درجي تي فائز ڪري ڇڏيو. هن ئي خاندان جي جدامد پير صاحب اوڻيهين صدي ۾ برصغير جي تاريخ جي پهرين هٿياربند تحريڪ هلائي جنهن جي نتيجي ۾ بچو بادشاه ۽ پيرو وزير جي نالي سان هڪ متوازن حڪومت ٺاهي ويئي جيڪا هزارين جانين جي شهادت ڪانپوءِ ختم ٿي. پوري 35 سالن جي عرصي ڪانپوءِ هڪ ٻي هٿياربند تحريڪ پير صبغت الله دوم جي نگراني ۾ حر تحريڪ جي نالي سان هلي. پير صبغت الله شاه کي 30 مارچ. 1943ع تي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ شهيد ڪيو ويو. انهيءَ کان اڳ سورهيه بادشاه جي رهائش واقع پير جو ڳوٺ ۾ بم سان اُڏائي پٽ ڪيو ويو. ڪتبخاني جا نادر ڪتاب ڪيڏي لنڊن موڪليا ويا ۽ ٻئي پير صاحب پير شاه مردان شاه ۽ پير نادر شاه کي ننڍي هوندي لنڊن موڪليو ويو جتي ڪين ميجر سي ڊيوس جي اسڪول پيهر ۾ داخل ڪيو ويو. ٻنهي ڀائرن کي ننڍي عمر ۾ ٻه ڀين شاگردن سان گهڻو ملڻ جُلڻ کان روڪيو ويو. بعد ۾ ٻنهي آڪسفورڊ مان گريجوئيشن ڪئي.

آزاديءَ ڪانپوءِ پير صاحب بابت صورتحال کان سڀ واقف هئا پر جڏهن 1949ع ۾ هڪ ڊاڪٽر پاڪستان هاءِ ڪميشن کي آگاهه ڪيو ته پاڪستان حڪومت هوشيار ٿي پر انهيءَ ڳالهه کي ٽي سال گذري ويو ۽ نيٺ 1952ع ۾ ٻئي ڀائر پاڪستان موٽي آيا. تاجپوشي جي رسم 2_فيبروري 1952ع تي ٿي.

انهيءَ ڪانپوءِ نوجوان پير پاڳاري پنهنجن مريدن کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو ڇاڪاڻ ته 1942ع واري مارشل لا ۽ ان ڪانپوءِ جي حالتن هن جي معاشي ۽ سماجي زندگيءَ کي ڏاڍو متاثر ڪيو هو. لاتعداد اهڙا مريد هئا جيڪي اجا تائين جيلن ۾ گذري رهيا هئا. هن جماعت جي حالتن کي منظر عام تي پهچائڻ لاءِ هڪ

سنڌي اخبار 'مهراڻ' پڻ جاري ڪئي جيڪا تاحال ڇپجي ٿي.

1950ع جي آخر ڌاري پير صاحب خان عبدالقيوم واري مسلم ليگ ۾ ۽ ان کانپوءِ هو نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو ۽ آخرڪار جڏهن ايوب خان مسلم ليگ کي گروپن ۾ تقسيم ڪرڻ شروع ڪيو تہ پير صاحب پنهنجو گروپ مسلم ليگ فنڪشنل ٺاهيو جيڪو اڄ تائين قائم آهي. هن گروپ هيستائين ڪيترين ئي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ سيٽون حاصل ڪيون.

جڏهن ڀُٽو صاحب، سياست ۾ داخل ٿيو تہ هن جا پير صاحب سان ڪي سٺا تعلقات ڪونہ رهيا خاص ڪري ڀُٽي تي سانگهڙ ۾ فائرنگ کانپوءِ مارچ 1977ع جي چونڊن ۾ ڀٽو غلط فهمي ڏُور ڪرڻ لاءِ راولپنڊي جي هوٽل ۾ پير صاحب سان ملاقات ڪئي، پر پير صاحب اڳ ئي ضياء الحق جي حمايت سان قائم ڪيل پي اين اي ۾ شامل ٿي ويو هئو.

ڪتابن جو دلداده ۽ وڏي گهري سوچ رکندڙ پير صاحب گهڻيئي سياسي اڳڪٿيون ڪيون آهن. انهيءَ دوران پير صاحب جي ڪراچي واري رهائشگاه 'ڪنگري هائوس' ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ملڪي سياست جو مرڪز رهي آهي. اڄ تائين ڪو بہ نہ ٻڌائي سگهيو آهي تہ هو پاڻ کي سدائين جي ايڇ ڪيو جو ماڻهو چو سڏي ٿو پر هڪ ڳالهہ صاف رهي آهي تہ هن اسٽيبلشمينٽ سان سٺا لاڳاپا رکيا آهن.

1965ع واري پاڪ – ڀارت جنگ جي دوران ايوب خان کيس مدد ڪرڻ لاءِ چيو جنهن جي نتيجي ۾ پير صاحب پنهنجن مريدن کي حڪم ڪيو جن هڪ حر فورس قائم ڪيو جنهن ٿر رڻ پٽ ۾ وڏي علائقي تي قبضو ڪري ورتو ۽ اهو ئي علائقو هئو جنهن ايوب خان کي تاشقند ۾ ڳالهين ۾ فائدو ڏنو.

ڪرڪيٽ جو شوقين، پير صاحب پنهنجي نوجواني ۾ هڪ ڪرڪيٽ ڪلب قائم ڪيو جنهن ملڪي ڪرڪيٽ ۾ حصو ورتو پر بعد ازان غير فعال بنجي ويو.

طويل عرصي کان ڪراچيءَ ۾ سندس رهائشگاهہ ڪنگري هائوس سمورن سياستدانن ۽ سياسي پارٽين جي لاءِ صلاح مشوري جو مرڪز رهيو آهي. عام طور ماڻهو کيس King maker سڏيندا آهن.



ڏهين جنوري 1966ع تي تاشقند ناهه تي صحيحون ڪرڻ واري تقريب ۾ وزير خارجه ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان، ڀارتي وزيراعظم
شاستري، روسي وزيراعظم اليڪسي ۽ ٻين حڪومتي اراڪين سان گڏ.

# نواب اڪبر بگٽي

جن بلوچ رهنمائن قوم لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ نيٺ انهيءَ عيوض پنهنجي جان جي قرباني ڏني تن ۾ نواب محمد اڪبر بگٽي جو نالو تمام عزت سان ورتو ويندو.

نواب اڪبر خان، 12 جولاءِ 1927ع تي، بلوچستان جي هڪ ڏورانهين علائقي ڪيتران جي ڳوٺ برڪان ۾ جنم ورتو ۽ ابتدائي تعليم اُتي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ايچيسن ڪاليج ۽ اعليٰ تعليم آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي.

پنهنجي خاندان جي سياسي پس منظر رڪنڊڙ اڪبر بگٽي ننڍي هوندي ئي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو پهريون گهمرو مئي 1958ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو رُڪن چونڊيو. فيروز خان نون جي وزارت ۾ هن داخله ڪاتي جي وزير مملڪت طور ڪم ڪيو جنهن پوزيشن تي هن 20 سيپٽمبر 1958ع کان 7-اڪتوبر 1958ع تائين ڪم ڪيو.

سال 1960ع ۾ هن کي هڪ فوجي ٽربيونل سزا ڏني ۽ نيٺ سياسي زندگيءَ تان نااهل قرار ڏنو ويو. صوبي ۾ هلندڙ بلوچ تحريڪ جي نتيجي ۾ جيڪا لاقانونيت پيدا ٿي تنهن ڪري هن 1970ع جي چونڊن ۾ حصو نه ورتو. بهرحال، هن جو ننڍو ڀاءُ احمد نواز بگٽي نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو هئو.

جڏهن غوث بخش بزنجو گورنر ٿيو ته هن جا نعپ سان اختلاف ٿي پيا. عين انهيءَ وقت نام نهاد لندن پلان* جي ڳالهه پکڙي ۽ هن ذوالفقار علي ڀٽي کي انهيءَ

* پاڪستان جي عصري تاريخ ۾ لندن پلان جو ذڪر عام طور آيو آهي. لندن پلان ڇا آهي، تنهن بابت گهڻيئي اطلاعات ۽ قياس آرائيون آهن. هڪ هيءَ هئو ته ان وقت جو اطلاعات جو وزير مولانا ڪوثر نيازي لندن ويو جتي نعپ جو خان عبدالولي خان پنهنجي ڪجهه ساٿين سان گڏ موجود هئو. چيو وڃي ٿو ته هو اتي هڪ سازش ڪري رهيو هئا ته ڪهڙيءَ ريت ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت کي ڪمزور ڪيو وڃي. هيءُ ٻن طريقن سان ممڪن هئو هڪ ته ڀارت تي زور ڀريو وڃي ته هو شيخ مجيب الرحمان سان لنڊن ۽ جنيوا ۾ ملي ڀارت تي اهو زور ڀرين ته پاڪستان جنگي قيدين جي واپسي واري معاملي کي روڪي ڇڏي.

ٻيو طريقو اهو هو ته پاڪستان کي هڪ وفاق مان ٽوڙي چار نيم آزاد رياستون بنايون وڃن. هن چارج شيٽ جو هڪ بنياد ولي خان جا رمارڪس هئا جيڪي هن سيڪيولرزم ۽ ٻه قومي نظريه جي باري ۾ ڏنل هئا. مولانا نيازي اهي الزام قبول ڪيا ته هو انهيءَ جو ذميوار هئو ڇاڪاڻ ته لندن

ڪان آگاهه ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ وزيراعليٰ سردار عطاء الله مينگل ۽ سندس وزارت کي 14-فيبروري 1973ع تي ٻسمس ڪيو ويو. ٻئي ڏينهن وفاقي حڪومت بگٽي کي بلوچستان جو گورنر مقرر ڪيو ۽ فوج کي نيشنل عوامي پارٽيءَ خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

هن پهرين جنوري 1974ع تي انهيءَ طريقہ ڪار خلاف احتجاج ڪندي جيڪو بلوچستان ۾ تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ وفاقي حڪومت اختيار ڪري رهي هئي. هڪ لک فوجي بلوچستان ۾ لڳايا ويا ۽ ايراني فضائي فوج جي مدد سان ايف-14 جي ذريعي بلوچستان تي بمباري ڪئي وئي، چيو وڃي ٿو تہ پاڪستاني فوج انهيءَ ڪم ۾ 4000 کان وڌيڪ ماڻهن کي ماري ڇڏيو جن مان گهڻائي بگٽي قبيلي سان تعلق رکندا هئا. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ نواب اڪبر بگٽي فوجي ڪارروائيءَ جي حمايت ڪئي هئي.

سال 1978ع ۾ جڏهن جنرل رحيم الدين کي گورنر مقرر ڪيو ويو تہ مقابلتاً خاموشي رهي، خود بگٽي بہ خاموش رهيو. جنهن کي بلوچ سردارن خلاف هڪ سازش قرار ڏنو ويو. سال 1988ع ۾ هو بلوچستان نيشنل الائنس ۾ شامل ٿي ويو ۽ 4 فيبروري 1989ع تي صوبي جو وزيراعليٰ بڻايو ويو. انهيءَ سموري عرصي دوران هو بينظير جي وفاقي حڪومت سان اختلاف رکندو آيو.

آگسٽ 6، 1990ع تي بلوچستان جي گورنر جنرل محمد موسيٰ خان، صدر غلام اسحاق خان جي طرفان آئين جي نقري 58-ٽُو بي هيٺ بلوچستان اسيمبليءَ کي ختم ڪيو ويو تہ بگٽي بہ استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي. انهيءَ سال چونڊن ٿيڻ واريون هيون جنهن جي لاءِ بگٽي پنهنجي هڪ ڌار پارٽي جمهوري وطن پارٽي ناهي

---

جي اخبارن انهيءَ پلان کي ڊاڍي پبلسٽي ڏني هئي. بهرحال ولي خان جنهن جو ذڪر گهڻو ڪجهہ اڳي رهيو هئو تنهن بابت ڪا وڌي ڳالهہ ڪانہ آئي.

لنڊن ۾ ان وقت خان ولي خان، بلوچستان جو چيف منسٽر عطاء الله مينگل، ۽ سندس وزيرخزانہ احمد نواز بگٽي بہ هئا. بهرحال جڏهن سرڪاري ذرائع لنڊن پلان کي هوا ڏئي رهيا هئا تہ ان ۾ اپوزيشن ليڊرن جو جمع هجڻ بہ اعتراض جوڳو سمجهيو ويو هن مسئلي تي قومي اسيمبليءَ ۾ التوا جون تحريڪون پيش ٿيون پر انهيءَ کي نازڪ مسئلو قرار ڏئي بحث هيٺ نہ آندو ويو. پٺتي، بلوچستان جي گورنر غوث بخش بزنجي کي گهُرائي صورتحال معلوم ڪئي جنهن وضاحت ڪئي تہ انهيءَ ۾ ڪا صداقت ڪانهي. بهرحال اها ڳالهہ واضح ڪئي وئي تہ بلوچستان وڌيڪ اختيارات گهري رهيو هئو.

جيڪا بلوچستان جي واحد وڏي پارٽي بنجي ويئي. انهيءَ جي ٽڪيٽ تي هو صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو.

سال 1992ع ۾ هو جمهوري وطن پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبليءَ جو رڪن چونڊجي ويو. ساڳي سال بگٽي پاڪستان جي صدارتي چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪيو پر پوءِ ان تان هٿ کڻي ويو ۽ فاروق احمد لغاري جي حمايت جو اعلان ڪيو. 1997ع ۾ هو وري ساڳي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تان قومي اسيمبليءَ جو رڪن چونڊيو ويو.

ٻگٽي سدائين بلوچستان جي لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن تحريڪ جي حوالي سان ڳنڍيل رهيو جن مان ڪئين هٿياربند هيون. بلوچستان کي قومي حقن ۽ صوبائي خودمختاري ڏيڻ جي نالي ۾ هن جو نالو بلوچستان لبريشن آرمي سان بہ ڳنڍيو ويو. پاڪستان حڪومت جي مطابق هن ملاعمر جي اسٽائيل جي هٿياربند تحريڪ پڻ هلائي. سال 2007ع ۾ جنرل مشرف هن خلاف هوائي فوج استعمال ڪندي زبردست فوجي ايڪشن ڪيو. بلوچستان نيشنل پارٽي جي ليڊر سردار اختر مينگل انهيءَ ايڪشن جي مذمت ڪندي عالمي برادريءَ کي اپيل ڪئي تہ مدد ڪري.

سال 2007ع ۾ 26 آگسٽ تي آڌيءَ رات جو هڪڙي هوائي حملي ۾ سردار بگٽي مارجي ويو. هو هڪ غار ۾ ترسيل هئو تہ انهيءَ تي بم سان حملو ڪيو ويو. پاڪستان حڪومت جو چوڻ آهي تہ حملي جي وقت جڏهن بگٽي غار کان نڪرڻ تي مجبور ٿي ويو تہ هن پاڻ کي ماري ڇڏيو. هن حملي ۾ هڪ ڪرنل سميت ڇهہ فوجي بہ مارجي ويا.

ان وقت جي فوجي صدر پرويز مشرف بگٽي جي مرڻ کي پاڪستاني فوج لاءِ هڪ ڪاميابي قرار ڏنو ۽ پاڪستاني خفيہ اداري کي مبارڪباد ڏني. هڪ اخبار نويس حامد مير ڪانئس سيٽلائيٽ فون تي غارن مان آخري ڀيرو ڳالهايو جنهن ۾ هن چيو: ”مير گل خان نصير جو ڪتاب پڙهو. بلوچن سدائين غير آئيني اقدام جي مخالفت ڪئي آهي، اوهان آئين جو فقرو 7 پڙهو. انهيءَ حساب سان آءٌ غدار ناهيان. توهان جي ڪمانڊو جنرل کي مون کي شهيد ڪرڻ ڪانپوءِ آرام ملندو پر اهو ياد رکو تہ مون کان پوءِ هن کي ذميوار قرار ڏنو ويندو. فيصلو اوهان کي ڪرڻو آهي.“

جيئن ئي بگٽي جي مارجڻ جي خبر آئي تہ هزارين نوجوان رستن تي نڪري

آيا. حڪومت، ردعمل ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوئيٽا ۾ ڪرفيو نافذ ڪيو ۽ باقي علائقن ۾ رينجرس ۽ فوج جو پهرو سخت ڪيو ويو. پاڪستان جي اندر ۽ ٻاهر انهيءَ واقعي کي سخت ننديو ويو ۽ ان کي ڀُٽي جي مارجڻ ڪانپوءِ ٻي فاش غلطي سڏيو. ٻين انهيءَ کي بنگلہ ديش واري آپريشن سان ڳنڍيو. سيپٽمبر 1، 2006ع تي بگٽي کي ديره بگٽي ۾ دفن ڪيو ويو.

# اصغر خان

پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ اصغر خان (ايئر مارشل رٽائرڊ) جي شخصيت عجيب حقيقتن جي حامل آهي. برصغير ۾ پهريون غير انگريز فضائي فوج جو لڙاڪو هئو جنهن 36 سالن جي عمر ۾ ہي مهاڀاري جنگ ۾ حصو ورتو. پاڪستان فضائي فوج جو پهريون سربراهہ هئو جنهن کي رٽائرمينٽ کانپوءِ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينس جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو. جتي هن پنهنجن انتظامي صلاحيتن سان قومي اداري کي فعال بنايو.

هو هڪ ڪشميري فوجي برگيڊيئر رحمت الله خان جي گهر 17 جنوري 1921ع تي ڄائو. هن پرنس آف ويلس رائل انڊين ملٽري ڪالج، ديره دون (ڀارت) ۾ 1933ع کان 1939ع تائين پڙهيو هئو. انڊين ملٽري اڪيڊمي ۾ 1939ع تي شامل ٿيو ۽ رائل انڊين ايئر فورس ۾ 1942ع ۾ شامل ٿيو. هو برما ۾ جپان خلاف سال 1944ع ۽ 1945ع ۾ وڙهيو.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هن جو خاندان لڏي ائبٽ آباد آيو ۽ پهريون پاڪستاني ڪمانڊر هئو جنهن رائل پاڪستان ايئرفورس ڪاليج، رسالپور جي سربراهيءَ جي ذميواري سنڀالي. هن جي ڏينهن ۾ فائيٽر ليڊرس اسڪول، پي اي اين اسٽاف ڪاليج ۽ ڪاليج فار ايروناٽيڪل انجنيئرنگ قائم ڪيا ويا. هن اٺ سال، 1957ع کان 1965ع تائين ايئرچيف جو عهدو ماڻيو جنهن دوران پاڪستان جي فضائي فوج ۾ گهڻي وسعت آئي. 23 جولاءِ 1965ع تي کيس هٽائي فوج تان رٽائر ڪيو ويو. جنهن کانپوءِ هن کي پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين ۾ سربراهہ مقرر ڪيو ويو.

سال 1971ع ۾ هن بنگلہ ديش ۾ فوجي آپريشن جي مخالفت ڪئي. ڀٽي جي حڪومت دوران 1971ع کان 1977ع تائين هن ڀٽي جي مخالفت ڪئي. 1977ع واري پي اين اي جي تحريڪ دوران هن پنهنجي ناهيل تحريڪ استقلال کي ڀٽي خلاف قومي محاذ ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انهيءَ سال مارچ ۾ کيس ڪوٽ لکپت ۽ ساهيوال جي جيلن ۾ نظربند ڪيو ويو.

1977ع وارين چونڊن ۾ هن ڪراچي ۽ ايبٽ آباد جي ٻن سيٽن تي چونڊ وڙهي ۽ پيپلز پارٽي جي وڏي اثر رسوخ جي باوجود چونڊون کٽيون. قومي اتحاد

جي تحريڪ دوران هن پنهنجي سيٽ تان استعيفي ڏئي ڇڏي

پنهنجي نظربندي دوران هن فوجي سربراهن کي هڪ خط لکيو جنهن ۾ هن مٿن زور ڀريو تہ ٻئي حڪومت جا حڪم نہ مڃين ۽ مٿن زور ڀريو تہ قانوني ۽ غير قانوني حڪمن جي وچ ۾ فرق کي سمجهن. هيءُ خط ڏاڍو متنازعہ بنجي ويو. هن ڪري تہ آيا فوجي آفيسرن کي اهڙو خط لکي سگهجي ٿو يا اهو خط بغاوت تي آماده ڪرڻ جي هڪ ڪوشش هئي. بهرحال، 1977ع ۾ جڏهن جنرل ضياءالحق ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو تہ ڪيس وفاقي وزير جو عهدو آڇيو ويو پر هن انهيءَ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ان کانپوءِ جڏهن قومي اتحاد ۾ ٽوٽ پئجي وئي تہ هن اتحاد سان پنهنجي وابستگي ٽوڙي ڇڏي.

پنهنجي مختلف سياسي فيصلن جي نتيجي طور هن کي جيل بہ ڀوڳڻا پيا. ڀٽي جي دؤر ۾ مختصر نظربندي کانپوءِ ضياءالحق جي مارشل لا دوران 16_اڪٽوبر 1979ع کان وٺي 2_اڪٽوبر 1984ع تائين ڪيس گهر ۾ نظربند ڪيو ويو. سال 1986ع ۾ هن ايم آر ڊي کي ڇڏيو جنهن ۾ هو 1983ع کان وٺي شامل رهيو. هن ضياءالحق جي طرفان اعلان ڪيل 1985ع جي غير جماعتي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ 1988ع جي چونڊن ۾ پاڪستان عوامي اتحاد جي پليٽ فارم تان چونڊن ۾ حصو ورتو پر اتحاد کي شڪست ملي. سال 1990ع ۾ هن عارضي طور سياست کان ڪناره ڪشي جو اعلان ڪيو ان کانپوءِ اصغر خان غير فعال رهيو آهي.

جيتوڻيڪ 1965ع ۾ اصغر خان فضائي فوج تان رٽائر ڪري ويو پر ان کانپوءِ ٻين ڳالهين سان گڏ هن لکڻ تي بہ توجہ ڏنو پر هن جي لکڻين ۾ ذاتي عنصر وڌيڪ نمايان هئو. هن جو پهريون ڪتاب "فرسٽ رائونڊ" 1965ع واري جنگ جي پس منظر ۾ آهي. وري 1982ع ۾ هن "جنرلس ان پالٽڪس" لکيو. 1985ع ۾ هن ٻيو ڪتاب "دي پاڪستان ايڪسپريس، اسٽيٽ اينڊ رليجين" منظرعام تي آيو. هن پنهنجو پهريون اردو ڪتاب "اسلام، جمہوریت اور پاکستان" 1999ع ۾ لکيو. ساڳي طرح سال 2005ع ۾ هن ٻيو ڪتاب We have learnt nothing from history: Politics and military power" جيڪو هن جي چوڻ مطابق 1985ع ۾ لکيو ويو هو پر ضياءالحق جي دٻاءُ ۾ اچي نہ ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ هن اهو ظاهر ڪيو تہ 1988ع ۾ آءِ ايس آءِ اها ڪوشش ڪئي تہ پيپلز پارٽيءَ کي ڪاميابيءَ کان پري رکيو وڃي.

# مولانا شاه احمد نُوراني

مولانا نُوراني، جيتوڻيڪ ڪراچيءَ سان تعلق رکي ٿو ۽ جميعت علماء پاڪستان جو صدر رهيو آهي، پر هن جو نالو 1977ع ۾ قومي اتحاد جي تحريڪ دوران وڏي طمطراق سان منظرعام تي آيو. سال 1970ع وارين چونڊن ۾ هو قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو ۽ ان ڪانپوءِ ڀُٽي جي خلاف ڪم ڪندو رهيو.

ضياء الحق پارٽي سياست ختم ڪرائڻ لاءِ ويهن ننهن جو زور لڳايو جنهن ۾ ڪراچيءَ ۾ لساني ويڇو پيدا ڪرڻ بہ شامل هئو جنهن جو نتيجو هي نڪتو تہ مذهبي پارٽين جو سمورو ووٽ بينڪ، مهاجر قومي موومينٽ کي ملي ويو.

سال 1970ع وارين چونڊن ۾ عوامي ليگ واحد اڪثريتي پارٽي ٿي اُڀري پر اولهہ پاڪستان جا سياسي اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان کي ليڊر طور تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا جنهنڪري ملڪ جي سياست ۾ هڪ بحراني ڪيفيت پيدا ٿي پئي. ان وقت صدر يحيٰ خان سمجهيو تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي شيخ مجيب کي اها ڳالهہ مڃرائي وٺندو تہ ايندڙ حڪومتي جوڙجڪ ۾ اولهہ پاڪستان جي سياستدانن کي بہ شامل ڪري. شيخ مجيب، انهيءَ سلسلي کي سمجهي ۽ اڳتي قدم کڻڻ جي لاءِ سوچي رهيو هئو تہ يحيٰ خان جي جلدبازيءَ پنهنجو ڪم ڏيکاريو جنهن جي نتيجي ۾ شيخ مجيب ترت ڪو فيصلو نہ ڪري سگهيو. انهيءَ تگ و دو جي دوران اولهہ پاڪستان جي سياستدانن بہ ڪوشش ڪئي جنهن ۾ هڪ اها هئي تہ بنگلہ ديش وڃي شيخ مجيب کي انهيءَ ڳالهہ تي مجبور ڪيو وڃي تہ اولهہ پاڪستان جي سياستدانن کي تسليم ڪرڻ کانسواءِ هو حڪومت نہ ڪري سگهندو. انهيءَ ڪوشش ۾ مولانا نوراني بہ هتان ويو ۽ آخري دفعو جڏهن ڳالهيون ناڪام ٿيون تہ سمورا ليڊر واپس ڪراچي آيا ۽ هوائي اڏي تي ڪانئس اخبار وارن پڇيو تہ ڍاڪا ۾ ڇا ٿيو تہ هن ورائيو تہ پاڪستان کي بچايو ويو آهي. ان جو مطلب ڇا هئو تنهن باري ۾ اڃا ڪو حتمي فيصلو منظرعام تي ڪونہ آيو آهي.

هو ذاتي زندگي ۽ سياسي زندگيءَ ۾ ٻنهي ۾ تمام شريف ۽ نفيس ماڻهو هو. هن سياست مان مال دولت ڪانہ ناهي ۽ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي مذهبي ۽ مدرسي جي سرگرمين ۾ مصروف رهيو.

# حيات محمد شير پاؤ

ڀُٽي مرحوم جي قريبي دوستن مان هڪ حيات محمد شير پاؤ هئو. بلڪ هو پيپلز پارٽيءَ جي باڻين مان هڪ هئو. فيبروري 1، 1937ع تي جنم وٺندڙ مستقبل جي ليڊر، شير پاؤ وفاقي وزير، صوبائي وزير ۽ گورنر سان گڏ ڪيئي اهم منصب سنڀاليا. هن جي والد خان بهادر غلام حيدر شيرپاؤ تحريڪ پاڪستان ۾ حصو ورتو.

شير پاؤ خاندان صوبہ سرحد ۾ اهم سياسي خاندان تصور ڪيو وڃي ٿو تنهن هوندي بہ حيات محمد شير پاؤ عام ماڻهن ۾ ڏاڍو مقبول هئو. هن اسلاميہ ڪاليج پشاور مان گريجوئيشن ڪئي، جتي هن شاگردن جي تحريڪ لاءِ گهڻو ڪم ڪيو. ايوب خان جي دؤر ۾ صدارتي چونڊن دوران هن فاطمہ جناح جي حمايت ڪئي.

سال 1970ع وارين چونڊن دوران چونڊجڻ کانپوءِ ذوالفقار علي ڀُٽي کيس 25 ڊسمبر 1971ع تي سرحد جو گورنر مقرر ڪيو. 37 سالن جي عمر ۾ هو سرحد جو سڀني کان ڪم عمر گورنر مقرر ٿيو جيڪو منصب هن 30- اپريل 1972ع تائين سنڀاليو. ان کانپوءِ کيس وفاقي وزير بنايو ويو.

ٿوري عرصي ۾ هن جيڪا مقبوليت حاصل ڪئي سا گهڻن ماڻهن کي نہ وڻي ۽ سندس شهادت بہ انهيءَ جو نتيجو هئي. 8 فيبروري 1975ع تي پشاور يونيورسٽيءَ ۾ هڪ تقريب دوران بم ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ هو مارجي ويو. کيس خراج تحسين پيش ڪرڻ خاطر پشاور ۽ ٻين شهرن ۾ ڪئين يادگار قائم ڪيا ويا.

کانئس پوءِ سندس ننڍو ڀاءُ آفتاب احمد شير پاؤ سياسي ميدان ۾ پير رکيو.

# حفيظ پيرزادو

سکر جي پيرزادي، خاندان جي فرد ۽ سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ عبدالستار پيرزادي جي پٽ هئڻ جي حيثيت ۾ حفيظ پيرزادي ڪراچيءَ مان تعليم پرائي پوءِ وڪالت ۾ حصو ورتو جتي اڄ هو پاڪستان جي معروف وڪيلن ۾ شمار ٿئي ٿو. پارٽيءَ جي باني، ذوالفقار علي ڀُٽي جي ويجهي ساٿي هئڻ جي ناتي، هو پارٽي باني مان بنجي ويو. سال 1970ع وارين چونڊن ۾ حصو ورتائين ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبلي جو رڪن چونڊجي ويو. پارٽي گورنمينٽ ۾ وزير قانون جي حيثيت ۾ ۽ ڀُٽي مرحوم جي ويجهي ساٿي هئڻ جي ناتي هن 1973ع واري عبوري آئين ۽ پوءِ مستقل آئين ٺاهڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو.

ڀُٽي جي ڪابينہ ۾ سڀني کان خوبصورت ۽ سمارٽ وزير هئڻ جي ناتي هو 'سوهنا منڊا' جي نالي سان مشهور ٿيو.

سال 1977ع واري پي اين اي جي هلايل تحريڪ ۾ هو پيپلز پارٽيءَ جي انهيءَ ٽہ رڪني ٽيم جو رڪن هئو جنهن پي اين اي سان ڳالهيون ڪيون، جيڪي ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿينديون بہ جنرل ضياء پارٽي حڪومت کي ختم ڪري قبضو ڪري ورتو.

ڀُٽي جي وفات کانپوءِ هن جا پارٽي رهنمائن سان اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ هو لنڊن هليو ويو جتي هو سموري فوجي حڪومت دوران رهيو.

1980ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ هو موٽي آيو ۽ سياست کي هميشہ لاءِ خيرباد چوڻ کانپوءِ سمورو توجہ پنهنجي وڪالت تي ڏنو. اڄ هو ملڪ جي معروف ترين وڪيلن مان آهي. هن جي قانوني مشاورت واري فرم سالانہ ٻن کان ٽن ڪروڙ ڊالرن تائين ٽيڪس ادا ڪري ٿي.

# ممتاز علي ڀٽو

ڀٽي صاحب جو سؤٽ، سنڌ جي گورنر ۽ وزيراعليٰ، سنڌ نيشنل فرنٽ جي چيئرمين، ممتاز علي ڀٽي 29-نومبر 1933ع تي ڀٽي خاندان ۾ ڳوٺ پير بخش ڀٽي، ضلع لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ هن جو والد نواب نبي بخش خان ڀٽو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هئو.

هو سينٽ جارج مسوري (ڀارت) مان پڙهڻ کانپوءِ لارنس ڪاليج، مري ۾ پڙهيو. بيرسٽر جي ڊگري هن لنڪنز ان مان ۽ ماسٽرز آڪسفورڊ يونيورسٽي لنڊن مان 1959ع ۾ حاصل ڪئي.

ممتاز ڀٽي جي سياسي ڪيريئر جو آغاز 32 سالن جي عمر ۾ ٿيو جڏهن هو 5 مارچ 1965ع تي قومي اسيمبليءَ جي چونڊ وڙهيو ۽ کٽي ويو. جڏهن سندس سؤٽ، ذوالفقار علي ڀٽي 1967ع ۾ نئين پارٽيءَ جو بنياد وڌو تہ هو ان جو بنيادي ميمبر بنجي ويو. 17 مارچ 1970ع تي هو سنڌ جي هڪ اڳوڻي وزيراعليٰ قاضي فضل الله جي خلاف چونڊ وڙهيو جنهن ۾ هو وڏي اڪثريت سان کٽي ويو. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي حڪومت جون واڳون سنڀاليون تہ هو پهريائين سنڌ جو گورنر 24 ڊسمبر 1971ع تي ۽ پوءِ 1- مئي 1972ع تي وزيراعليٰ بنجي ويو. هن ئي سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي جي حيثيت ڏيڻ جو بل سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو. جنهن کي ڪن عناصر اهڙيءَ طرح استعمال ڪيو جو سنڌ ۾ ٻوليءَ وارا هنگاما ٿي پيا. 7 مارچ 1977ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. جنهن ڪري کيس وفاقي وزير مقرر ڪيو ويو. ساڳي سال کيس سنڌ پيپلز پارٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو.

جنرل ضياء الحق کيس ڀٽي جي گرفتاريءَ خلاف احتجاج ڪندي گرفتار ڪيو ۽ کيس ملڪ بدر ڪيو ويو. مارچ 31، 1985ع تي هن سنڌي بلوچ پختون محاذ نالي هڪ نئين سياسي پارٽيءَ جي قيام جو اعلان ڪيو. هن انهيءَ لاءِ هڪ نئين آئين ٺاهڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. هڪ گهمرو وري کيس گرفتار ڪيو ويو. مارچ 31، 1989ع تي هن حيدرآباد ۾ هڪ ڪنوينشن گهرايو جنهن ۾ هن هڪ نئين پارٽي سنڌ نيشنل فرنٽ قائم ڪئي. اڪتوبر 6، 1993ع تي هو صوبائي اسيمبليءَ جو رڪن چونڊيو ويو. نومبر 1996ع تي کيس عبوري حڪومت جو

وزيراعليٰ مقرر ڪيو ويو. سنڌ نيشنل فرنٽ جي صدارت دوران هن مطالبو ڪيو تہ پاڪستان کي ڪنفيڊريشن طور هڪ ملڪ قرار ڏنو وڃي ۽ انهيءَ بنياد تي نئون آئين جوڙيو وڃي، جن ۾ ننڍين قومن کي سنڌن حق ڏنا وڃن. سنڌس پُٽ امير بخش پُٽي سياسي دنيا ۾ پير رکيو آهي، پر اڃا ڪنهن اهڙي پوزيشن ۾ ناهي جنهن ۾ هن جو ڪردار نمايان ٿي سامهون اچي.

# مولوي مشتاق حسين

ڀٽي دؤر ۾ ۽ خود ڀٽي صاحب جي زندگيءَ ۾ جنهن ماڻهوءَ سڀ کان گهڻي شهرت ماڻي ۽ سيني کان گهڻو متنازعہ رهيو سو جسٽس مولوي مشتاق حسين هئو. ملڪي ۽ غير ملڪي قانوندانن جو خيال آهي تہ هن، ڀٽي صاحب سان ذاتي عداوت پاڙڻ لاءِ نواب محمد احمد رضا قصوري جي قتل جي ڪيس ۾ موت جي سزا ڏني. گهڻن جو خيال آهي تہ هو فوجي آمر جنرل ضياء الحق جو ماڻهو هئو جنهن کي ضياء الحق پروموشن انهيءَ ڪري ڏنو تہ هو ڀٽي کي موت جي سزا ڏيندو. هيءَ فل بينچ جسٽس مولوي مشتاق حسين، جسٽس ذڪي الدين پال، جسٽس آفتاب حسين، گل باز خان ۽ ايم ايس قريشي تي ٻڌل هئي.

ڀٽي صاحب خلاف جسٽس مشتاق حسين جي ذاتي عناد وارو مظاهرو انهيءَ وقت ٿيو جنهن ڏينهن جسٽس صمداني ڀٽي کي ضمانت تي آزاد ڪيو. انهيءَ ڏينهن مولوي مشتاق حسين هيٺئين ڪورٽ مان آيل اڻ پورو چالان ساڳي ڏينهن تي واپس ڪري ڇڏيو.

اهڙو هڪ ٻيو واقعو بہ مولوي مشتاق حسين جي جانبدارانہ روئيي کي ظاهر ڪري ٿو. سترهين ڊسمبر 1977ع تي ڀٽي پنهنجي هڪ وڪيل اعوان کي چيو تہ ڪلهہ منهنجي زال ۽ ڌيءَ کي قذافي اسٽيڊيم ۾ ميچ ڏسندي معمولي زخم آيا تنهنڪري ڪورٽ کي چيو وڃي تہ چاڪاڻ تہ ڀٽو صاحب هنن جي باري ۾ فڪرمند هئو ۽ گهڙي گهڙي فون اچي رهيا هئا تنهنڪري عدالتي وقت ۾ ٿوري ڦير گهير ڪئي وڃي. پر ڪيس هلندي وڪيل ڪورٽ کي اهو چئي نہ سگهيو. جڏهن شنوائي ختم ٿي تہ ڀٽي صاحب پنهنجي وڪيل کي ڪاوڙ ۾ وڏي واڪي چيو تہ تو ڇو نہ عدالت کي چيو. انگريزيءَ ۾ اهو جملو هن ريت هئو:

"Damn it why didn't you address the court?"

جسٽس مشتاق انهيءَ جو نوٽيس ورتو جنهن تي ڀٽي صاحب عدالت کان معذرت ورتي ۽ چيو تہ ڪلهہ واري واقعي جي ڪري هو نيڪ ناهي، هو پريشان آهي. انهيءَ تي جسٽس مشتاق چيو:

"اسان کي انهيءَ جي پروا ڪانهي."

"بس بس، مون گهڻو برداشت ڪيو آهي"، ڀٽي صاحب چيو.

انهيءَ تي مولوي مشتاق حسين سوال ڪيو:

"ڇا برداشت ڪيو آهي؟"

ڀُٽي صاحب انهيءَ تي ورائيو:

"اوهان جون بيعزتيون."

انهيءَ جواب تي مولوي مشتاق حسين ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن پوليس وارن کي چيو تہ "هن شخص کي هتان ٻاهر وٺي وڃو جيستائين هي هوش ۾ نہ اچي."

انهيءَ کان علاوه جيڪا ڳالهہ عام نظرن کان لڪل هئي ان جون پاڙون ماضيءَ ۾ کُتل هيون. ماٺهو چوندا هئا تہ مولوي صاحب پاڻ چوندو هئو تہ ڀُٽي صاحب جسٽس اسلم رياض حسين کي چيف جسٽس بنائي سانڊس حق تلفي ڪئي. خود ڀُٽي مرحوم جا مخالف اها ڳالهہ مڃيندا هئا تہ ڀُٽي صاحب هڪ جونيئر جج کي چيف جسٽس بنائي مولوي مشتاق جو حق ماريو هو.

خود بچاءَ جي وڪيلن کي شنوائي هلندي جسٽس مشتاق طرح طرح جون ٺوڪون ڪندو هئو. هئڻ تہ ائين گهربو هئو تہ مولوي مشتاق انهيءَ ڪيس هلڻ ۾ پاڻ نہ وهي ها. انهيءَ ڪانسواءِ ڪيس هلندي هو ڀُٽي صاحب کي ڪورٽ مان ڪڍي ڇڏيندو هو تہ ڀُٽو مرحوم وچ وچ ۾ مولوي مشتاق کي انهيءَ ٺوڪزني جو جواب ڏيندو هو. ڀُٽي صاحب جي غير موجودگيءَ ۾ ڪيس جي ڪارروائي هلندي رهندي هئي، جنهنڪري ڀٽو مرحوم هڪ انصاف ڀري ڪارروائي کان محروم رهجي ويو. ڀُٽي مرحوم اڳتي هلي مقدمي جي ڪارروائيءَ جو بائيڪاٽ ڪيو جنهن سبب بہ مولوي مشتاق جو جانبدارانہ رويو هئو.

خبر اها آهي تہ جڏهن مولوي مشتاق حسين جو انتقال ٿيو ۽ سندس ڏولي قبرستان نيئي پئي ويئي تہ قبر کان ٿورو پري ماکيءَ جي مکين جي هڪ وڏي تعداد هن جي ڏوليءَ تي حملو ڪري ڏنو جنهن ڪري ڪانڌي ڏولي کي ڇڏي پرپاسي ۾ لڪي ويا.

# شيخ عزيز



جنهن جي علم، دانش، وسيع مطالعي، مشاهدي، قلمي پورهئي، حلم ۽ بردباري، نياز ۽ نوڙت کان دنيا واقف هجي، تنهن بابت ڪجھ ٻڌائڻ ايئن آهي جيئن سج کي آئينو ڏيکارڻ. ها. پر هر انسان جي زندگيءَ جا ڪيترائي پهلو اهڙا بہ هوندا آهن، جن جي ويجهي کان ويجهي عزيز يا دوست کي بہ پوري ڄاڻ نہ هوندي آهي.

سائين شيخ عزيز سان زندگيءَ جو چڱو عرصو گڏ گذريو. سندس زندگي اسان آڏو هڪ کليل ڪتاب جيان رهي. اسان جي زندگيءَ تي ڪيترين ئي سندس وصفون اثر انداز رهيون. منجهائنس گهڻوئي ڪجھ پرايوسين ۽ اڃا بہ پيا سکون.

آتم ڪٿا سو اڃا تائين نہ لکي اٿس، باقي تاريخ، ادب، شاعري ۽ موسيقيءَ تي سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڍير سارا ڪتاب لکي لاٿا اٿس، اڃا بس نٿو ڪري.

حيدرآباد ۾ نائين ڊسمبر 1938ع تي جنم ورتائين. نُور محمد هاءِ اسڪول مان 1955ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري "ڪاروان" اخبار جي سب ايڊيٽريءَ کان عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين. 1958ع ۾ "عبرت" اخبار ۾ سب ايڊيٽريءَ کان وٺي جنگ، حريت، ڊان تائين سب ايڊيٽر، مئگزين ايڊيٽر ۽ نائيٽ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ وڏي سخت محنت سان ڪم ڪيائين. مختلف موضوعن تي اڻ ڳڻيا مضمون ۽ ڪالم لکيائين – سنڌ جو واحد اديب آهي جيڪو موسيقيءَ تي لکي ٿو. سندس ڪتاب 'دي اوريجن اينڊ اوولوشن آف سنڌي ميوزڪ' ڪراچي يونيورسٽيءَ ڇاپيو آهي، جنهن اهل دانش وٽ وڏي پذيرائي حاصل ڪئي آهي.

2008ع کان شيخ عزيز سائين سنڌي ادبي بورڊ جي وائيس چيئرمن جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ هن وقت تائين ايڪيهن ڪتابن جو تخليق ڪار رهيو آهي ۽ سندس هي ٻاويهون ڪتاب هاڻي اسان جي هٿن ۾ آهي.

___ عبدالغفار صديقي